# هدايت الانشاء

سنڌيڪار:

هدايت الله "مشتاق"

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# هدايت الانشاءِ

از:

هدايت الله "مشتاق"

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2007ع

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1956ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال 2007ع | تعداد پنج سؤ |

قيمت: هڪ سؤ پنجاهه رپيا
[ Price Rs. 150-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

ڪنهن خاص موضوع تي لکيل ڪتاب تمام گهٽ ملن ٿا. ڇو تہ اهڙي قسم جا نوس ۽ تُز ڪتاب تمام گهڻي دماغ سوزيءَ ۽ عرق ريزي ڪرڻ ڪان پوءِ ئي تيار ڪري سگهبا آهن. 'هدايت الانشاءَ' بہ اهڙي ئي نوعيت جو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ قابل ليکڪ طرفان سرڪاري، نيم سرڪاري، خانگي ۽ گهرو لکپڙهہ ۾ استعمال ٿيندڙ مضمون جي درجيبندي ۽ ورائٽي سمجهائي وئي آهي. خط و ڪتابت هڪ پورو آرٽ آهي. جيستائين انهيءَ آرٽ ڪان آگاهي نہ ٿي ملي، تيستائين هن مضمون سان انصاف ڪرڻ مشڪل آهي. هن ڪتاب جي اڀياس ڪان پوءِ هن مضمون سان دلچسپي رکندڙ اهو بنهہ سمجهي سگهي ٿو، تہ هڪ ننڍو ملازم پنهنجي وڏي آفيسر کي خط ڪيئن لکي سگهي ٿو ۽ ان جو متن ڪهڙو شامل ڪري سگهي ٿو. هڪ عورت پنهنجي خاوند کي خط ۾ ڪيئن مخاطب ٿي سگهي ٿي. دوست پنهنجي دوست کي خط لکڻ دوران ڪهڙو مضمون پيش ڪري سگهي ٿو وغيره وغيره.

سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي چواڻي تہ لائق مصنف هدايت الله "مشتاق" هن ڪتاب لکڻ ۾ جيڪا دماغ سوزي ڪئي آهي، انشاءَ پردازيءَ جا جيڪي جواهر چونڊي جمع ڪيا اٿس، تنهن جو مثال سنڌي زبان ۾ مشڪل ليندو. اسان بہ جويي صاحب جن جي ساڳي راءِ جو ورجاءُ ڪندي مسٽر هدايت الله "مشتاق" جي هن محنت کي داد ڏيڻ ڪان رهي نہ ٿا سگهون، جنهن هن نهايت محنت طلب موضوع کي نڀائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. اسان کي ڪپي تہ هن ڪتاب کي پوري ڌيان ۽ ويچار سان پڙهون ۽ ان کي هنئين سان هنڊايون ۽ ان مان لاڀ پرايون.

ڪنهن بہ قوم جو ڪردار پنهنجي افضل ۽ صالح مشاهيرن ۽ عالمن جي ڪارنامن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان ڏسندو آهي.

بالخصوص اسان جي نوجوان نسل لاءِ ضروري آهي، تہ ھن ڪتاب جو مطالعو ڪري ان مان لاڀ پرائين.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان ھن ڪتاب جي نئين ڇاپي جو پھريون ايڊيشن سال 1956ع ۾ ڇپيو ويو ھو. تقريباً 50-51 سالن ڪان پوءِ ھن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن ڇپائيندي اسان نہايت ئي خوشي محسوس ڪري رھيا آھيون. اميد تہ پڙھندڙن وٽ اسان جي ھيءَ ڪوشش قبول پوندي.

ڄامشورو، سنڌ
ڇنڇر، ٣- ربيع الثاني ١٤٢٨ھ
بمطابق 21- اپريل 2007ع

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست

| عنوان | صفحو |
|---|---|


پيش لفظ .................. 7
مصنف جا هٿ اکر ............ 9
مقدمو .................... 11

## باب پهريون (17-71)

فصل پهريون - پيرن جي ارشادنامن ۽ مريدن جي عريضن ۾ ....... 17
فصل ٻيو -- ساداتن جي نوازش نامن ۽ ان سان متعلق عريضن ۾ ... 30
فصل ٽيون - علمائن جي سرافراز نامن ۽ شاگردن ۽ ٻين جي عريضن ۾ ... 36
فصل چوٿون - ننڍن وڏن عزيزن ۽ مائٽن جي خطن ۾ ........... 65

## باب ٻيو (72-139)

فصل پهريون - ملاقات کان اڳي ۽ پوءِ دوستي کي ڄاڻائڻ جي خطن ۾ ... 72
فصل ٻيو - هڪ ٻئي ۾ خبرن ڏيڻ ۽ وٺڻ جي خطن ۾ ............ 76
فصل ٽيون - هدين ۽ تحفن موڪلڻ ۽ ان جي شڪرگذاريءَ جي خطن ۾ ... 100
فصل چوٿون - وعدن ياد ڏيارڻ ۽ ان جي وفا گهرڻ جي خطن ۾ .... 103
فصل پنجون - عتابن ۽ ان جي جوابن جي خطن ۾ ............ 106
فصل ڇهون - تقصير جي عذرن ۽ ان جي جوابن جي خطن ۾ ....... 117
فصل ستون - سفارش ڪرڻ ۽ ان جي قبوليت جي خطن ۾ ........ 126
فصل اٺون - نصيحت جي خطن ۾ .................... 132

## باب ٽيون (140-166)

فصل پهريون - موجارن ڪمن جي دعوت ڏيڻ جي خطن ۾ ......... 140
فصل ٻيو -- دلداريءَ ۽ دلاسي ڏيڻ جي خطن ۾ ............ 147
فصل ٽيون - مبارڪباديءَ جي خطن ۾ ............... 150
فصل چوٿون - تعزيت ۽ غمخواريءَ جي خطن ۾ ........... 157

# پيش لفظ

ڪتابي ادب جي حفاظت ۽ بقا جو دارو مدار ڪتابن جي عام موجودگيءَ تي آهي. ڪي ڪي مذهبي ڪتاب برزبان ياد ٻه ڪرايا ويندا آهن- ۽ انهن جي بروقت حفاظت جو اهو ٻه هڪ طريقو آهي- پر ڪتاب مذهبي هجن يا خالص علمي ۽ ادبي، هڪ دفعو جيڪڏهين ڇپيا ۽ پوءِ اڻين گم ٿي ويا جو عام پڙهندڙن کي وقت سر انهن جو ملڻ ناممڪن ٿي پوي، تہ چئبو تہ اهي ڪتاب ۽ منجهن جيڪو ادبي سرمايو موجود هو، سو هميشه لاءِ ڄڻ ننا ٿي ويو.

زنده ٻوليون پنهنجي ادبي سرمايي کي ڪڏهن ٻہ ائين بيدرديءَ سان فنا ٿيڻ نہ ڏينديون آهن - سندن ادبي شاهڪارن جا نوان نوان ڇاپا باقاعدگيءَ سان ۽ نهايت آب تاب سان هميشه نڪرندائي رهندا آهن. افسوس آهي، جو اسان جي سنڌي عالمن ۽ اديبن، ادبي جماعتن ۽ علمي ادارن ان طرف اڄ ڏينهن تائين ايترو ڌيان نہ ڏنو آهي، جيترو ڪين ڏيڻ گهربو هو: نتيجو هي نڪتو آهي، جو اڄ سوَن اهڙن بي مثل سنڌي ڪتابن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن ٻہ قيمت تي پڙهندڙن کي هٿ نٿا اچي سگهن، ۽ ائين پيو ڀانئجي، ڄڻ اهي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهين لکيائي ڪو نہ ويا هئا. ظاهر آهي تہ پنهنجي هن عظيم ادبي ورثي ڏانهن ايتري سرد مهري، ۽ ان کان ايتري غفلت ۽ لاپرواهي نہ ڪڏهن معافيءَ لائق ٿي سگهي ٿي، ۽ نہ وري ان جي ڪڏهن ڪا مناسب پورائي ئي اسان کان ٿي سگهندي. پنهنجن وڏن جي ميڙيل چونڊيل املهہ ماڻڪن کي ائين هٿن جي وِتين مان واريءَ وانگر جيڪڏهين هميشه وڃائيندا ئي رهنداسين، تہ آخر ۾ سواءِ خالي هٿن جي باقي اسان وٽ ڇا وڃي بچندو، سا ڳالهہ سڀ ڪو سمجهي سگهي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، انهن ڳالهين کي محسوس ڪندي، هڪ بنيادي مقصد پنهنجي سامهون هي ٻہ رکيو آهي، تہ پنهنجي ٻوليءَ جا پراڻا ڇپيل ڪتاب جنهن عزت ۽ احترام جي لائق آهن، تنهن عزت ۽ احترام سان ٻيهر ڇپائي شايع ڪيا وڃن، تہ جيئن سنڌي ادب ۾ انهن ڪتابن جي هڪ دائمي حيثيت باقي رهي سگهي. انهيءَ مقصد جي پوئواريءَ ۾ بورڊ طرفان نو ڪتاب - گل شڪر، حيات النبي، سير ڪوهستان، بلو ڪوکر، گل قل، جهان آرا، سون ورنيون دليون، راسيلاس ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ- اڳيئي ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن، هاڻي ساڳئي سلسلي جو هي "ڏهون" ڪتاب خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

هيءَ ڪتاب سنڌي جي هڪ قابل شاعر، اديب ۽ عالم مولانا هدايت الله "مشتاق" صاحب سن 1312 هه ۾ لکيو هو. وري هن محنتي مرد ان جي ڪتابت بہ پاڻ ئي ڪئي، ۽ مخدوم محمد عبيدالله صاحب جي "فيض سبحاني" ليٿو پريس ۾ ڇپيو- جو ان وقت تائين سنڌي ٽائيپ ۾ سنڌس ڇپائي عام ۽ آسان نہ هئي.

سنڌ جي ماڻهن جي پنهنجي علمي دولت کان بيپرواهيءَ جو نتيجو اهو ٿيو، جو هي ڪتاب انهيءَ پهرئين ڇاپي کان ٿورا ورهيہ پوءِ صفا ناياب ٿي ويو. وري 1950ع ۾ مرحوم مسٽر غلام محمد شاهواڻي، سيد باز محمد شاه، ۽ خان صاحب محمد اسماعيل ڪاڪيزئيءَ کي خيال آيو، تہ ناياب قديم ڪتاب ڇپائڻ گهرجن، تہ جيئن اهو ذخيرو ضايع ٿي نہ وڃي، تن "ينگمينس مسلم ائسوسئيشن" جي هٿان هن ڪتاب جو پهريون اڌ شايع ڪرايو. پر ڪجهہ عرصي بعد مسٽر شاهواڻي وفات ڪري ويو. ٻيو حصو تہ نہ ڇپجي سگهيو، پر اڳئين ڇپيل اهو پهريون حصو بہ ناياب ٿي ويو- ۽ ڳچ عرصي تائين ڪو بہ ادارو هن قديم ذخيري کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو.

انهيءَ ڪري سنڌي ادبي بورڊ هن اهم ادبي خدمت بجا آڻڻ لاءِ تيار ٿيو، ۽ ڪتاب جي جهونيءَ صورتختيءَ کي سڌاري، بيهڪ جي نشانين ۽ جديد طرز سان، جديد ٽائيپ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو اٿس. انهيءَ ڪم ۾ بورڊ کي جيڪا محنت، اهتمام ۽ خرچ ڪرڻو پيو آهي، تنهن جو اندازو اصل ڪاپيءَ ڏسڻ بعد ئي ٿي سگهندو.

لائق مصنف هن ڪتاب لکڻ ۾ جيڪا دماغ سوزي ڪئي آهي، انشا پردازيءَ جا جيڪي جواهر چونڊي جمع ڪيا اٿس، تنهن جو مثال سنڌي زبان ۾ مشڪل ليندو. اهڙوڪي زماني موجب سندس ڪجهہ حصو ڪارآمد نہ رهيو آهي، تڏهين بہ ادب جي هن حصي جي پرغور مطالعي کان سواءِ سنڌي ادب تي ڪامل عبور ڪري نہ سگهبو.

اسان جي نئينءَ ٽهيءَ لاءِ هن جي مطالعي کان محروم رهڻ هڪ افسوسناڪ ڪوتاهيءَ برابر هو: سنڌي ادبي بورڊ، انهيءَ ڪوتاهيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ انهن اڳيان هي ناياب ڪتاب آندو اٿي. اميد تہ رکي ٿو تہ هو سنڌي ادب جي هن شعبي جو بہ مطالعو ڪري، پنهنجي پياريءَ بوليءَ جا ماهر بڻبا.

حيدرآباد سنڌ — محمد ابراهيم جويو

10-8-1956ع — اڳوڻو سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

مصنف جا هٿ اکر - پهرين ۽ آخري صفحو

حمد ۽ صلات

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وڏو اوڙوڏو رب رحمان جاجنهن زبان کي ڳالهائڻ ۽ ٻيان جي سونهن سان
سينگاريو + ۽ انکي قلب کان ترجمان ٿيڻ جو سڀ دستور سيکاريو + ۽
انسان کي ٻڪڙ ۽ پڙهڻ جي اهڙي حڪمت عطا فرمايا ۽ جنهن وسيلي
هزار منزلن تي هڪڙي جي جي جو حال ٻين کي وڃي رسي ته ڪي پروبير نه
پڄي سگهي + ۽ ڪري تڪليف اُتي پيغام وڃي پهچي جتي لنگهڻ به نه ٿي سگهي
انهيءَ احسان بي پايان جو شڪر ڪهڙي زبان سان ادا ڪجي + ۽ ڪهڙي قلم
انشا ڪجي + ۽ آل جال پيلائون ۽ پيال حضرت حبيب اڪرم رسول المحتشم
شفيع اعظم صلي الله عليه وعلى آله وصحبه وسلم جا جنهن اسانجي آزادي
جو سرخط يعني دستاويز انجيان اڃ موجود نه هئا سون ته قضاء قدر جي منشي
کان لکايو + ۽ اڳوڻا علم سکي جيترو اسانجي سمجهه موافق ضرور سمجهيو شو
ته اسانکي سمجهايو + نال انجي آل ۽ اصحابن ۽ تابعين ۽ احبابن تي صلات
۽ سلام ۽ رحمت ۽ برڪت عام جا ڪڪر وسندا ۽ پالوت ڪندا رهجن +
ٻيا تيئي تاء علمن جا پور اهل ادب جي محفلين ۾ ۽ ادبن جا شماع اهل علم جي
مجلسن ۾ روشن ٿيندا ۽ چمڪندا رهجن + پيچاتان حمد ۽ صلات جي

بسم الله الرحمـٰـن الرحيم

# مقدمو

وڏا وڙ وڏي رب رحمان جا، جنهن زبان کي ڳالهائڻ ۽ بيان جي سونهن سان سينگاريو ۽ ان کي قلب کان ترجمان ٿيڻ جو سڀ دستور سيکاريو، ۽ انسان کي لکڻ ۽ پڙهڻ جي اهڙي حڪمت عطا فرمايائين، جنهن جي وسيلي هزار منزلن تي هڪڙي جي جيءَ جو حال ٻئي کي وڃي رسي، تہ ٽئين کي پرو بہ نہ پئي سگهي، ۽ ري تڪليف اتي پيغام وڃي پهچي، جتي لنگهڻ بہ نہ ٿي سگهي. انهيءَ احسان بي پايان جو شڪر ڪهڙي زبان سان ادا ڪجي، ۽ ڪهڙي قلم سان انشا ڪجي. آل جال پلايون ۽ ڀال حضرت حبيب اڪرم، رسول افخم، شفيع اعظم، صلي الله عليه وعليٰ آلہ و اصحابہ وسلم جا، جنهن اسان جي آزاديءَ جو سر خط يعني دستاويز، اجا اسين موجود نہ هئاسون، تڏهن، قضا ۽ قدرت جي منشيءَ کان لکايو، ۽ اڳوڻا علم سکي، جيترو اسان جي سمجهہ موافق ضرور سمجهيو، سو بہ اسان کي سمجهايو. شال اُن جي آل ۽ اصحابن ۽ تابعن ۽ احبابن تي صلات ۽ سلام ۽ برڪت علم جا ڪڪر وسندڙ ۽ پالوٽ ڪندڙ هجن. جيسين تائين علمن جا نور اهل ادب جي محفلن ۾، ۽ ادبن جا شعاع اهل علم جي مجلسن ۾ روشن ٿيندڙ ۽ چمڪندڙ هجن.

پڇاڙيءَ حمد ۽ صلات جي، معنائن جي جمال جي مشتاقن ۽ خوش بيانيءَ جي عروسن جي عشاقن تي پڌرو هجي، تہ اگرچ تقرير جي زلف کي ڦڻي ڏيڻ ۽ تحرير جي رخسار اڳيان آرسيَ رکڻ جو مايو ڪونہ رکان ٿو، پر ڪن محبن مهربانن ادب جي خونچي تي مهمانن وٽ ماحضر پيش ڪري، اُن جي خدمت ۾ حاضري، خصوصاً جناب مخدوم محمد عبيدالله صاحب جي امر جي بجا آوريءَ لاءِ، هن ڪتاب "هدايت الانشا" ۾ ڪي خطابي، ڪي جوابي - خطن جا نمونا، جي منهنجي ڪم حوصلي ۽ ڪم استعداد کان خبر ڏيندڙ آهن، پنجن بابن ۾ لکان ٿو. اميد تہ اونهيءَ نظر ۽ انصاف پرور فڪر وارا، حسن ۽ قبح تي متوجهہ ٿيڻ ڏاران انڪار جي تکي تلوار سان نہ ڪاٽيندا ۽ جيڪي ظاهري صورت ۽ لفظي ترڪيب ۾ مخالف هوندو، تہ خطا جي اثبات ۽ نقصان

جي تحقيق سواءِ، بي انصافيءَ جو ڏنگ ڏيئي، اعتراض جي وهـ سان نـ وهائيندا. شال حضرت ذوالجلال پنهنجي لطف سان مقبول فرمائي، ۽ ذي فهمن منصفن کي منجهانس چڱو نفعو ۽ موچارو فائدو رسائي.

لکـــي لايـــر ســـڳورو وقـــت پنهنجـــو،
جتينـــدس کيـــن آءُ، هونـــدو هـــي يـــاد.
الاهـــي! علـــم رحمـــت کـــج أنهـــن تـــي،
مـــرڻ پـــٺ جـــي کنـــدم الحمـــد ســـان شـــاد.

هاڻي هي کي فائدا لکجن ٿا، جن ۾ ضروري قاعدا تحرير کجن ٿا:

انشا جي بِنا روز مره جي محاوري آهي: جهڙيءَ طرح اميرن ۽ شريفن ۽ علمائن جي مجلسن ۾ مرتبن جي نگهبانيءَ جو لحاظ رهي ٿو ۽ کمال ۽ کلام جي نرمي ۽ کتابن جي موچارائي سان گفتگو ٿئي ٿي - جيئن تـ بزرگن کي چون تـ: "سائين منهنجا! جنهن امر جو عرض کيم، تنهن ۾ کهڙو ارشاد آهي؟ حکم عاليءَ جي تعميل واجب. سياڻي قدمبوسيءَ سان مشرف ٿيندس." ننڍن کي "ابا! جيکي چيو هوم، تنهن ۾ ڇا ٿو چوين؟ تنهنجي استدعا انجام کي رسندي. سياڻي ايندس." برابر مرتبي واري کي "مشفق منهنجا! جنهن باب ۾ چيو هوم، تنهن ۾ روشن فکر کهڙي تجويز ٿو فرمائي؟ مهربانيءَ جو اشارو بجاءِ آڻيندس. سياڻي حاضر ٿيندس." عليٰ هذا القياس - هن مان معلوم ٿيو تـ مرتبن جو تفاوت متاهينءَ ۽ هيناهينءَ ۽ برابريءَ تي آهي.

2 - انشا جي عبارت جا ٽي حال آهن:

(1) خطاب، يعني: جنهن ڏي خط لکجي ۽ ان کي مکتوب اليـه بـه چون، تنهن جو مذکور.

(2) غير جو ذکر، يعني کنهن ٻئي شخص يا شي جو بيان کرڻ.

(3) پنهنجو ذکر، يعني پنهنجي کمن ۽ پنهنجي ذات جو مذکور.

انهن سڀني صورتن ۾ جنهن ڏي خطاب هجي، اُن جي مرتبي موافق لکڻ گهرجي. مگر جي خبر طور کنهن ٻئي جو ذکر وچ ۾ پيو، تـ کاتب جي نسبت ۽ اُن جي مرتبن جو خيال واجب آهي ۽ اُتي مکتوب اليـه جي مرتبن جي لحاظ جو ضرور کونهي.

3 - جڏهن انشا جو اصل، محفل جي ادبن ۽ روز مره جي محاوري تي قائم ٿيو، تڏهن خيال کرڻ گهرجي تـ جي خبر ڏجي ونجي ٿي، تـ پوءِ ٻيون

ڳالهيون ٽين ٿيون - سو خط ۾ بہ خطاب جي بجاءِ القاب يعني تعريف جا اهڙا كلما، جي مكتوب اليہ جي مرتبن سان موافق هجن ۽ اُن جي صفتن كي پڌرو كن، ۽ سلام جي بجاءِ ادب، يعني اُهي كلما ۽ فقرا، جن مان تعظيمون ۽ نياز لين، يا دعا يا شوق جا مضمون ۽ سلام جا لفظ پروڙجن، ۽ كيكار جي بجاءِ طرفين جي خير عافيت ۽ كي لفظ يا فقرا لكجن، پوءِ بہ دعا جا لفظ لكڻ گهرجن. پر جي دعا يا شوق يا كنهن ٻئي مطلب سان موافق مضمون ۾ كو بيت خط جي اول يا آخر يا وچ ۾ لكبو، تہ ڳالهہ جو زيب ٻيو ٿيندو، ۽ نظم نثر كي پوريءَ زينت جو دل وٺندڙ وڳو ڍكائيندو: اگرچ نثر جمال جي منهن كان سون وانگر آهي ۽ نظم حسن ۾ گوهر وانگر، ۽ سون ۽ گوهر ذار بہ زينت كن ٿا، پر جڏهن پاڻ ۾ گڏبا، تڏهن كهڙو نہ جنسار كندا!

4 - هي جيكي ذكر ٿيو، تنهن مان كي ڇڏجي ويو تہ ٻيو كونهي. مگر سلام، جو اسلام جي سنت آهي، اُهو كڏهن بہ نہ ڇڏبو. كن وڏن ڏي عريضن ۾ رڳن ادبن تي اكتفا كئي آهي، تنهن جو كو دليل نظر نہ آيو. هائو، جي وڏن جي محفلن ۾ رڳن ادبن تي اكتفا ٿيندي هجي ۽ سلام جي رسم ادا ٿيندي هجي، تہ بيشك انهن ڏي عريضن ۾ بہ سلام ڇڏي. فقط ادبن كي لكجي. ٻيو خلفائن جي وقت ۾ جيكي ٻاهريان كاغذ وٽن ايندا هئا، سي سڀ لقبن كان پوءِ سلامن سان شروع ٿيل هوندا هئا- تنهن كري كنهن بہ صورت ۾ سلامن جي ڇڏڻ جي واٽ كانهي.

5 - جڏهن مطلب خط جو اصل آهي، تڏهن گهڻو كري ان جي شروع ۾ مكتوب اليہ جي مرتبي سان مناسب لقب آڻجن ٿا، تہ مخاطب جو پورو توجهہ حاصل ٿئي.

6 - نندي كي لائق نہ آهي، تہ كنهن وڏي تي حكم كري، مگر ضرورت جي وقت حتي المقدور مجهول جو صيغو لكڻ بهتر آهي. جهڙو فلاڻي شي عنايت فرمائي ٿئي، يا فلاڻي امر ۾ توجهہ كيو ٿئي.

7 - استعمال جي حكم موجب مخاطب كي جمع جي صيغي سان ياد كرڻ گهرجي، مگر جو وڏو، نندي ڏي واحد جو صيغو لكي، تہ عيب نہ چئبو.

8- عبارت،توڙي مطلب جي لفظن ۾ وڌيك ۽ بيكار فقري جو بار بار تكرار نہ كرڻ گهرجي. بلك نہ اهڙي ڊيگهہ هجي، جنهن كان طبيعت بيزار ٿئي، نہ اهڙي كوتاهي ۽ اختصار هجي، جنهن مان مطلب سمجهڻ دشوار ٿئي.

9 - جيڪڏهن خطن ۾ مثلاً شڪايت جي لفظن ۽ مخاطب جي تحقير جي فقرن يا سخت ڪلمن يا طعن جي مضمونن لکڻ جي ضرورت ٿئي، تہ ان کي ڪمال احتياط ۽ نرميءَ سان ادا ڪرڻ گهرجي. خصوصاً جتي وڏن جي نسبت هجي، تتي نهايت ادبن ۽ تعظيم جو خيال رکڻ گهرجي، ڇا لاءِ، جو ڪڏهن ڪنهن جي بنسبت سخت ڪلمو ۽ حقارت جا مضمون جائز نہ آهن. بلڪ سخت ڪلامي انشا جي ادبن جي اُبتڙ آهي، تنهن ڪري ضرورت جي حالت ۾ فقط ڪنايي ۽ اشاري جي طرح اهڙو مضمون تحرير ڪرڻ گهرجي.

مثلاً وڏي کي لکجي تہ: "منهنجي ناقص عقل ۾ مصلحت آهي، تہ حضورجن اهڙن نالائقن ڪلمن تي توجهہ نہ فرمائيندا." يا "شانِ عاليءَ جي برخلاف اڪثر ڪلما ٻڌجن ٿا، مگر تعجب آهي ۽ يقين نٿو ٿئي - رهيل طلب جي عنايت فرمائڻ ۾ سائينءَ جن جي ڪم التفاتيءَ کان نياز مند جي زبان شڪايت جهڙي ذڪر کان بندِ آهي." نندي کي تہ : "جو ڪم في الحال اختيار ڪيو اٿوَ پلو نہ آهي،" سعادتمنديءَ جي اُبتڙ آهي." برابر کي تہ: "جيڪي روشن فڪر جي تجويز ۾ آيو، سو اڳائيءَ مهرباني کان بعيد آهي،" يا "مخلص نوازيءَ جي واٽ کان ٻي منهن تي آهي" - اهڙيءَ طرح طلب جا مضمون بہ ڪنايي ۽ موچاري اشاري سان ادا ڪرڻ گهرجي. سڀ ڪنهن فن جي عبارت جو شان جدا اهي، جيسين تائين ان جا اصطلاح ۽ متعلق نہ ڄاڻبا، تيسين تائين موچاري ڳالهہ چئي نہ سگهبي.

10- انسان تي واجب آهي تہ لازمي احتياط هٿان نہ ڇڏي، ۽ شرع ۽ عرف جي ممنوعن اکرن سان عيب ۽ طعن ۾ قائل نہ رهي. شرع جا ممنوع، جهڙو ٻڌرو يا ڪنايو خدا تعاليٰ سان شرڪ ڪرڻ يا الاهي تعظيم ڏنلن ڏي نسبت ڪرڻ. جا ان جي شان جي برخلاف هجي، يا انهيءَ شي جي تحقير ۽ هلڪائي ڪرڻ. جا دين ۾ وڻيل ۽ سگوري ٿيل آهي، يا حرامن کي حلال ڪرڻ، يا ان جي ابتڙ. جهڙو "تو ڏاران منهنجو ڪونهي،" يا "فلاڻو حضرت عيسيٰ عليه السلام کي ريس ٿياريندڙ آهي" - ٻيا اهڙا مثال، توڻي انهن کي، مجاز مان ڳڻيو اٿن. عرف جا ممنوع، جهڙو مخاطب جي شان سان مخالف ڪلمو اکرن. يا لفظ نہ ڇٽا هليل چليل يا مطلب سان ناموافق يا ٻيجا خوشامد يا صريح سوال يا ٻي ڊپو. فحش ۽ بي وقتو لعن طعن يا ترڙن ۽ ڪميڻن جا اصطلاح ۽ ان جا مثال.

11- وڏائي، يا قرابت جي سببان آهي يا ڪمال جي سببان، يا دولت ۽ اقبال جي سببان: تنهن ۾ قرابت جي وصف اضافي خاص قريبن لاءِ معتبر آهي، جهڙو پيءُ - پيءُ، پٽ تي بزرگ آهي، جيڪر اصلي بزرگي هجيس ها، ته سڀني جي نسبت بزرگ ٿئي ها- ۽ ڪمال جي وصف لازمي آهي، انهيءَ وصف واري کي به گهٽ ڄڻي نه سگهبو، مگر جي شاگرد هوندو. دولت يا اقبال جي وصف متعدي آهي، ڇا لاڳاپي وارن ۽ نه لاڳاپي وارن لاءِ ثابت ٿئي ٿي.

12 - متاهينءَ ۽ هيٺاهين جا به ٽي درجا آهن:

(1) تمام متاهينءَ - جهڙوڪ مرشد ڪامل ۽ پيءُ ماءُ ۽ دين جي علمن جو استاد ۽ حاڪم .

(2) وچولو متاهون- جهڙوڪ وڏو ڀاءُ ۽ وڏا مائٽ ۽ قرابت ۾ پرانهان، ۽ هنرن جو استاد، امير ۽ حاڪم جو نائب.

(3) ٿورو متاهون، جو برابريءَ جي درجي کي ويجهو آهي. جهڙوڪ سوٽ ماسات ۽ ٻيا اهڙا، جي ڄمار ۾ وڏا هجن، ۽ اهل ڪمال جا مشهور سڳورا ۽ عام مالدار.

هيٺاهينءَ جا مرتبا به انهن جي مقابل آهن، ٿوري خيال ڪرڻ سان معلوم ٿيندا. انهن مڙيني جو تفاوت رکڻ، ڪاتب جي فهم جي مناسبت تي موقف آهي: وقت پسندن ۽ ادب شناسن، ڪڏهن عبارت جي شان سان، ڪڏهن بليغ لفظن جي بيان سان، اهڙيون موشگافيون ڪيون آهن.

13- انشا ۾ زور مشڪل اهي صحيفا آهن، جي بادشاهن جي پاران بادشاهن ڏي لکجن، پوءِ اهي، جن ۾ ڪاتب ۽ مڪتوب اليه جا مرتبا هڪ ٻئي سرتا هجن، يا مرتبن ۾ هڪڙي کي هڪڙي قسم جي زيادتي ۽ ٻئي کي ٻئي قسم جي وڏڪ هجي، پوءِ شاهي فرمان ۽ عريضا، پوءِ رواجي مراسلا. پر سڀني ۾ زور سولا دوستن جا مڪتوب آهن، جن ۾ رمزن ۽ صنعتن ۽ شاعرن وارن تڪلفن جي گنجايش نٿي ٿئي. ٻين ۾ بلاغت وارن نڪتن ۽ زور سهڻن ڪناين ۽ چٽن لفظن ڌارن کي به خوش نٿو لڳي. هن ڪتاب ۾ ڪن مصلحتن سببان ڪيترن قسمن کان منهن موڙڻ واجب سمجهيو ويو، ڇا لاءِ جو بادشاهي صحيفا ۽ فرمان ۽ ٻيا، علم جي ڪماليت ۽ فهم جي تيزي ۽ سونهائيءَ سوا ڪنهن ڪان برابر نه ايندا. هن زماني ۾ انهن جو احتياج به ٿورو ٿي رهيو آهي، ۽ پڻ سڀ ڪو سڪندڙ ان جي ادا ڪان قاصر ۽ متوسط، اڳوڻن ڪتابن جي

وسيلي ان جي حقيقت سان ماهر آهي. مرتبن جو تعارض يعني برابري بہ انهيءَ قسم کان آهي ۽ نفعو بہ ٿورو اٿس. ان جي ٿوري وقوع ۽ هلڪي حسن سبباَن کنهن ان جي بحث ڏي التفات نہ فرمايو آهي، تنهن ڪري ان جو مختصر قانون لکجي ٿو. ۽ مثالن کان، جي طوالت جو نتيجو ڏين، قمر ڪي روڪيل رکجي ٿو. عريضن ۽ قبضن جي قاعدن کان ليسن بردار زور واقف آهن ۽ اڪثر اهي ٿا لکن، تنهن ڪري فقط رواجي ڪاغذن، گهٽي استعمال وارن ڪي، تقرير جي ماڳ ۾ قاعدن ۽ مثالن سميت تفصيل سان پڌرو ڪجي ٿو- انشاءَ الله تعاليٰ.

14- جڏهن بہ مرتبا مخالف هڪ ٻئي کي آڏا اچن ۽ ٻنهي ۾ هڪڙي وات کان ننڍائي ۽ ٻي وات کان وڏائي هجي - جهڙو ڪاتب استاد ۽ نوڪر، ۽ مڪتوب اليہ شاگرد ۽ رئيس - تڏهن مرتبن جي ضعف ۽ قوت تي عمل ڪبو. ڪاتب جي جنهن درجي جي وڏائي ۽ ننڍائي هوندي، تنهن جي رعايت سان مضمون لکبو - مثلاً ڪو شخص پنهنجي پائنئي وٽان دين جو علم پڙهي ٿو، تہ ٻئي هڪ ٻئي جي تعظيم ڪندا. جيڪڏهن ننڍي پاءُ جو شاگرد آهي، تہ استاد جي عظمت زياده ٿيندي - غرض تہ جيڪڏهن مخاطب هڪڙو درجو گهٽ هوندو تہ رڳي شرافت ۽ تڪريم تي اڪتفا ڪجي، ۽ جي تعظيم جي مرتبن ۾ برابر هوندو تہ پنهنجو انڪسار بس آهي، ۽ زور مٿاهين کي عزت ڏيڻ پنهنجي گهٽي هيٺائيءَ سان واجب آهي.

15 - دولت جي ڪمال جي مٿاهينءَ جو هيٺاهون درجو تعارض آهي، تنهن بحث ۾ ڪو اعتبار نہ رکي. مرشد ڪامل ۽ دين جي علمن جو استاد ۽ ماءُ پيءُ ۽ بادشاه، اهڙي درجي سڳورا آهن، جن جي مقابل ڪو بہ ٿي نہ سگهندو. جڏهن اهي پاڻ ۾ مقابل ٿين، تڏهن هڪ ٻئي جو ملاحظو ضرور آهي. امير پنهنجي مرتبي جي رعايت سيت رکندو، اها ڳالهہ ٻين کي نہ رسندي، ڇا لاءِ، جو انهن جي اميرائي شان ظاهر ڪرڻ ڏاران نہ آهي - بخلاف علمائن جي، جن جي لاءِ نياز ۽ انڪسار جو هر آهي. عاشق جي نسبت معشوق ڪير بہ هجي، اهڙو مٿاهون مرتبو رکي ٿو، جنهن جهڙو هن وٽ ٻئي ڪنهن جو مرتبو نہ آهي. اڪثر خود پرست، طبع جا اڏا، عقل جا ڪوتاه، بي قدر، عشق جي مذهب کان بي خبر، بہ پڙ ڇٽ، باوجود وصف عاشقيءَ جي بہ انهيءَ ادب جي رعايت نٿا رکن - انشا جي ضروري ادبن ۽ قاعدن جو اهو بيان آهي، باقي هن فن ۾ ڪاملن جو وڏو شان آهي.

**هدايت الله**

# باب پهريون

## فصل پهريون

### پيرن جي ارشاد نامن ۽ مريدن جي عريضن ۾

هن قسم جي نمونن کي اهي پير ۽ مريد چاڻن، جن تي سيني شرطن سان پيريءَ ۽ مريديءَ جو نالو برابر اچي - پر هتي اڳوڻن جي برڪت واري ڪلام مان ڪجهه انتخاب ڪري ٿو لکجي:

### 1- عريضو

مريدن جو نپائيندڙ، سالڪن کي مقصود جي منزل تي پهچائيندڙ، طريقت ۽ معرفت جي گودڙيءَ جو سينگار، ايمان ۽ ايقان جي دستار جو جنسار، فيض جو سمنڊ ناپيدا ڪنار، مخلص جو قبلو ۽ مدار - شال ان جي هدايت جو سج مڙن سچارن اعتقاد وارن تي چمڪندڙ هجي، ۽ خدا جي ڳولينـدڙن جي واٽ مان آڏن ورن ڪٽي پاسي ڪندڙ هجي!

سلام ساهه بخشيندڙ، روح پاليندڙ، مشڪ پيهندڙ، عطر ڇٽيندڙ، انهيءَ مجلس شريف ۽ محفل منيف، علم ۽ عرفان جي انوارن چوندڻ ۽ هدايت ۽ فيض جي هٽ ڪرڻ جي جاءِ تان گهوريو. دعا جي وازمن سان، جنهن جي اِجابت جا نشان زماني جي صفحن تي ڏٺل، ۽ قبوليت جا اثر ورهن ۽ مهينن جي ورقن تي ثابت ٿيل هجن- ان عالي خدمت، متعالي منزلن ۾ گذارش ڪرڻ بعد، پاڻ کي ان آستان فيض نشان جي خادمن مان ڳڻيو، ان خاطر عاطر تي هنيل دل جي غرض جو عرض ٿو ڪجي، تہ ضمير منير آفتاب تنوير تي، جو غيبي انوارن جي لمعن ۽ لاريبي اسرارن جي لمحن کان مستنيَر آهي، اوهان جي ذات با برڪات لاءِ هن ڪميني جو دعائن جي وظيفن تي دائم رهڻ ۽ ثنائن جي عادتن تي قائم رهڻ پوريءَ طرح معلوم آهي، تڏهن ان معنيٰ جي طوالت سببان ۽ ملامت جي خوف کان قلم جي گهوڙي جي واڳ کي ٿو موڙجي-

"ڪرڻ بيان صفت شوق جي جيئي حاجت ناهي،
زبان حال جي مون کان چڱي ڪندي تقرير".

جنابا!هن نامراد جي مراد، هن نياز جي رسالي جي ارسال مان هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن ڪرم واريءَ خاص توجهه سان هن اَيري ٿوريءَ موڙيءَ واري

ڪي ڪا ساعت خلوت باسعادت ۾ جاءِ ڏيندا، تہ مٿي مان پير ڪري، خدمت فيض موهبت ڏي ڊوڙي ايندو، ۽ جيڪو هن نابود جي وجود تي وهي واپري ٿو ۽ لکڻ ۾ سيئي برابر ڪين اچي ٿو، سو تفصيل سان ان سج آسمانِ ڪرامت جي خدمت ۾ عرض رکندو-

"جي اچي هٿ مون ڪي اسرارن جو واقف مثلِ گل،
دل منجهان غم جا ڪڍي سڀ پهر اُجليان خار خار".

زياده ولايت جو پير هن. جنهن جي هڪڙي تند سان ٠٠ارين سڪندري ۽ دارائي خلعتون نہ پڄن، قيام قيامت تائين اُن قامت باڪرامت تي سونهندڙ هجي!

نوٽ: هن جو جواب بسر جي مرضيءَ تي موقوف آهي، تنهن ڪري اُن جي ڪا صورت نہ ڏيکاري ويئي آهي.

## 2- عريضو

شريعت جو مدار، طريقت جو سينگار، حقيقت جو جنسار، معرفت جو مهندار، سالڪن جو سردار، عارفن جو سالار، الاهي اسرارن جو واقف، ڳجهين حڪمتن جو عارف، هدايت جي دائري جو نقطو، ڪرامت جي ڪتاب جو نڪتو- شال قيامت تائين مخلص ۽ مريد اُن جي ارشاد کان مستفيد هجن!

"جهان تنهنجي صفتن کان پُرنور هوءِ،
مڙئي فيض تنهنجي مان مخمور هوءِ:
ڪريان وصف ڪهڙي، جو برسر زمين
سنڌ در سدا بيت معمور هوءِ!"

اعتقاد جي پيشاني اُن آستان فلڪ نشان تي گهيو، مجلس حضور جي بساط چمڻ سان سعادت جا نور چونديو، نيازن ۽ بندگي ۽ ادبن ۽ سرافگنديءَ جي سلامن عرض رکڻ بعد، عرض ٿو گذاري -

"تنهنجي تعظيم جي تي عالي جا.
ذڪر ڪونين جو تنهنجي دعا.
آهي عرفانَ جي ڪنجي تو هٿ.
اهي تڪ هيٺ تنهنجي ملڪ هدا!"

عالم جا قبلا، منهنجو قلب ۽ روح اوهان تان فدا هجي! مدت مديد کان حسن ۽ عشق جي حقيقت پروڙڻ ۾ عقل ۽ شعور گم اٿم. ۽ ان جي کماحقه تعريف کي فهم ۽ ادراک کنهن وقت کين رسيم-

”تيو محو ان فکر ۾ منهنجو جسم،
حقيقت جو هٿ کو نہ آيوم اسم.“

کئين مرتبا حضور فيض گنجور ۾ ان جي ماهيت پڇڻ جي آرزو کيم، پر زبان تارونيءَ ۾ بند رهيم. ڪجهہ جي طاقت کا نہ تيم:

”ڳنهي ڳجهہ ڳالهيون آيس اوهان ڏي،
چيم، ’چوندس سي چيتاري سڀيئي‘،
تيس جان روبرو، تان دل نہ سا ڳي:
اها ڳت ڳالهہ مت وسري مون ويئي!“

هاڻي، جڏهن اها تمنا سانديي وجي پاندي پيئي، ۽ وس کان نکري ويئي، تڏهن دل ۽ زبان تي پلتجي پيئي. قلم جي نوڪ مان کي قطرا ڪريا، سي بہ سڀ جي هوند جمع کيم، تہ دفتر پريا، پر ا: ۽ خوف کان، تہ متان ان طومار طويل جي مطالع جناب جي خاطر شريف تي ثقيل ٿئي، ۽ ان جي سببان حضور جي وقتن سڳورن کي حق جي مشغوليءَ کان تعطيل ٿئي، هي ٿورڙا اکر عرض رکيا ويا. رجا واثق ۽ اميد صادق، تہ ان جي جواب جي ارشاد سان سعادت ابدي ۽ فيض سرمدي کي پهچائيندا-

”اي سڳورا رهنما راهِ هدا!
دين ۽ دنيا سندو تون مقتدا.
تنهنجي هٿ کنجيون حقيقت جون همہ،
مون تي کج کا مهرباني لڳ خدا!“

زياده، ارشاد ۽ هدايت جا ستارا وجود جي عالم تي عام روشني کندڙ ۽ ولايت جا نشان شهود جي مقام سيني متاهان تيندڙ هجن - فقط.

## جواب

مخلص صادق، محب واثق، فقيرن سان دوستي کندڙ، اهل الله سان محبت رکندڙ، صفا وارن يائرن وٽ وٽيل، وفادارن دوستن وٽ ڏٺل، صفتن ساراهيل، اخلاقن واکاٽيل، ميان ( فلاڻا ) سلمه الله تعاليٰ - آمين.

سلام سنت اسلام ۽ دعا خيريت انجام بعد مطالعو ڪجو. تہ اخلاص ڀريل خط موچاري وقت ۾ رسيو: شوق ۽ محبت جو واڌارو ٿيو. محبا! اوهان حسن ۽ عشق جي ماهيت پڇي هئي، سو انهيءَ دريا جي ڀرينءَ ڪنڌيءَ جو ڀرو ڪونهي، انهيءَ اونهي ڪن جو ترو ڪونهي. انهن جي صفتن ۾ عقل اجهن ٿا ۽ متيون منجهن ٿيون. سڀ ڪجهہ پنهنجي پروڙ موجب سندين وصف ڪئي، پر جيئن جڳائي تيئن هر طرح تام نہ ٿي. ڇا چئجي، ڪهڙي تعريف ڪجي! حسن ۽ عشق، ٻئي ٻڪي آهن وحدت جي آڪيري مان اڏامي آيل، ۽ جڳهائي مظهرن جي ٽاريءَ تي آراميل. جي معشوقي عزت جو هوڪو ٻڌي ٿو، يا عاشقي محبت جو آواز ٿئي ٿو، تہ ٻئي اتان آهن. هن اجمال جو تفصيل آهي تہ "جنهن خلوت ۾ هستي بي نشان هئي ۽ عالم نيستيءَ جي ڪنڊ ۾ پنهان هو، تنهن ۾ هڪڙو وجود، بيانيءَ جي نقش ۽ "آءُ" ۽ "تون" جي گفتگو کان پاڪ، موجود ۽ عيان هو. اهو جمال، مظهرن جي قيد سان نہ لڳندڙ، پنهنجي نور جو پاڻ تي ظهور ڪندڙ هو. غيب جي ڏملي ۾ هڪڙو محبوب هو، جنهن جي دامن عيب ۽ تهمت جي لڳڻ کان مبرا، ۽ ذات بي شبهي ۽ بي مثلي ۾ يڪتا: نہ منهن اڳيان آرسي هيس، نہ زلفن ۾ ڪا ڦڻي پيس، نہ صبا ان جي طري مان ڪا تار هٽ لاٿي، تہ ان جي اک ڪي سرمي جي لٽ ڏسڻ ۾ آئي، نہ ان جو گل سنبل سان ڀاڙوسي ٿيو، نہ ان جي سبزي گل وانگر ڪو جنسار ڪيو، نہ ان جي منهن ۾ ڪو خط ۽ خال هو، نہ ڪنهن جي اک جو ڏنل ان جو جمال هو. دلبريءَ جو هوڪو پاڻ ڪي ٿي ڏنائين، عاشقيءَ جي راند پاڻ سان ئي ٿي ڪيڏيائين- پر نيٺ خوبروئيءَ لاءِ پردي ۾ هميشہ تنگ خوئي ۽ لاچاري آهي، تقدس جي اقليم کان ٻاهر خيمو کوڙيائين ۽ آفاق ۽ انفس کي نور جي تجلي سان نهوڙيائين-

"سدا ڪم حسن جو پردہ دريءَ سان،
بندين در، تان ڪڍي سو سر دريءَ کان:
نظر ڪر، پس تون لالا کي جبل ۾،
تہ ڪنهن پر سو بهاريءَ جي عمل ۾-
ڪندن تي پير هن چيري تو اُجلاءِ،
جمال کي پنهنجي پسڌري ڪرڻ لاءِ!
نہ دل سڀ ڪنهن جي منجهہ معنيٰ اها پوءِ،
جہ معنائن جي دفتر ۾ عجب هوءِ،

خيال ۾ تنگ هي مضمون ٿيندو،
نہ منجهہ تقرير ۽ تحرير ايندو-
تقاضا حسن جي ايءَ آهہ هر جا:
اَزل جي حسن کان پهرين ٿي پيدا."

غرض تہ پوءِ سڀ ڪنهن آرسيءَ مان پنهنجو منهن پسايائين ۽ هر جا پنهنجي عشق جي گفتگو هلايائين: ملڪ ۽ ملڪوت تي ان مان هڪڙو لمعو چمڪيو، ملڪن، فلڪ جيئن. پاڻ کي سرگردان معلوم ڪيو. سبوحي سبوح چوندڙ بي خوديءَ جي صبوح جا ڳولا ٿيا، ۽ انهيءَ بحر ۾، فلڪ ۽ جنهن جو هڪڙو ڦوڙو آهي، ٽوپيارن جا "سبحان ذي الملڪ و الملڪوت" جا غلغا پيا! گل تي ان جي سونهن جو ڪو پر تو پيو، جنهن جو بلبل جي دل ۾ شور پئجي ويو. شمع جي منهن کي انهيءَ آتش مان روشني ملي، جنهن تي هر جا هزارين پتنگن جي جان جلي! سج تي ان جي نور جو ڪو تاب پيو، جنهن لاءِ نيلوفر پاڻيءَ مان مٿو ٻاهر ڪيو. ليليٰ جي منهن کي ٻہ ان جي منهن وٽان ڪو عڪسي پرتوو پڙ پيو، جنهن جي هڪڙيءَ ديد هزار جهڙپ سان مجنون جي دل کي جهڙپيو: شيرين جو شڪر ريز چپ اُپٽيائين، فرهاد جي جان ۽ پرويز جي دل پٽيائين، ماه ڪنعانيءَ جي جيب مان مٿو ٻاهر ڪڍيائين، ري هٿيار زليخا جي دل وڍيائين. انهيءَ جي جمال هر جا جلوا ڪيا، ۽ عالم جا معشوق سندس پردا ٿيا. انهيءَ جي عشق کان دل کي زندگاني آهي، انهيءَ جي شوق کان جان کي ڪامراني آهي. توڙي ڪا دل سهڻن جي عشق ۾ ڦاسي ٿي، تہ يقين ڄاڻي تہ ان جي عشق ۾ ان جي حسن کي ڏسي وائسي ٿي، بلڪ هيئن چئجي، تہ اهو پنهنجي ذات جي ظاهر ڪرڻ لاءِ پنهنجي صفتن کي عاشقيءَ ۽ معشوقيءَ جي آرسي ۾ پيد اٿو ڪري.

"اهو آهي عاشق مٿي حسن پنهنجي،
ڪري پاڻ سان حسن پنهنجو تماشا."

حضرت خواجہ احرار قدس سره فرمايو تہ: جي تعمق سان نظر ڪندين تہ حق تعالي جل و علا. مڙني مرتبن جي سڀ ڪنهن مرتبي ۾، پنهنجي غير کي دوست ڪين رکيو آهي، ڇا ڪان، جو جمال واري جي آرسيء سان دوستي سبٻان آرسي نہ اهي، بلڪ ان ۾ پنهنجي جمال ڏسڻ لاءِ آهي، تڏهين حقيقت ۾ پاڻ کي ئي رکيو اٿس.

"يُحبِهُم وَ يُحبُونه" ۾ اقرار آهـ،
حجاب هيٺ اهو پانهنجو خريدار آهـ."

عزيز! حقيقت ۾ نهاريندين، تـ عاشق ۽ معشوق پاڻ آهي، پاڻي ۽ مٽيءَ تي بهاني ڪان واڏو ڪينهي. هتي پروڙڻ ۽ پساه گهٽڻ ڏاران علاج بـ ڪونهي. ظاهر کي باطن ڏيکاريائين، عاشقيءَ جو آواز پيدا ڪيائين، باطن کي ظاهر لاءِ سينگاريائين، معشوقيءَ جو نالو رکيئين. "يفعَلُ اللهُ مَايَشَاءُ وَ يَحكُم مَا يُرِيدُ" بيو نـ ڪو هو، نـ ڪنهن کي ڪيو- حسن ۽ عشق جي ماهيت جو اهو مختصر بيان آهي، زياده شال توفيق رفيق هجيوَ.

## 3 - عريضو

محققن جو مهندار، مقربن جو سردار، عارفن جو قبلو، واصلن جو ڪعبو، شريعت ۽ طريقت جو جامع، حقيقت ۽ معرفت جو نور الامع، هدايت جي بيان کي تازو رکندڙ، ۽ ان جي ڍنلن اثرن ۽ محو ٿيلن نشانن کي نئون ڪندڙ، ارشاد جي بنياد کي محڪم فرمائيندڙ، علو جي درجن ۽ قرب جي مقامن سان پهچائيندڙ، واردن الاهين ۾ يد بيضا ۽ قوت قويءَ جو صاحب، حقيقتن جي ڪشفن ۽ هلندڙن تصرفن ۾ ٻانهن ڏگهيءَ جو صاحب - شال هميشه زهد شعار رهيس، مخفي ٿيل اسرار ان اڳيان پيدا هجن، ۽ لڪيل حقيقتون ان وٽ هويدا هجن:

"سر لاهوت، همنشين سندوءِ،
فيض الهام حق قرين سندوءِ.
ڳجهـ ڳجها جائي تنهنجي روشن دل،
آه پيو در تي دل حزين سدوءِ."

سلام ۽ تحيت اخلاص جي بنياد تي اڏيل بنا ٿيل، ۽ تعظيم ۽ تڪريم قلب جي محبت جي خبر ڏيندڙ، ۽ ان جي نائب هئل، ۽ دعا ۽ ثنا اُن ذات بابرڪات لاءِ سدا قبول پيل، ۽ بندگي ۽ سرافگندگي ان خدمت باعظمت سان مناسب ۽ وٺيل حضور پر نور وافر السرور ۾ ادبن سان ادا ڪريو، عرض کي تو سينگارجي:

"خدا ري ڪو نـ رتبو تنهنجو جائي،
تو ڪي جنهن خلقيو سو تو سجائي،
سندءِ در، جڳ جي لاءِ جاءِ سجدي،
عرض عالم وٺئي ان لاءِ اتي."

مڪتوب، بهجت اسلوب، معتقدن جي قلبن جو محبوب، مخلصن جي دلين جو مرغوب، شرف جي آسمان کان وحيءَ وانگر نازل ٿيو. غلام، تراب الاقدام، سچي ويساهه ۽ اخلاص جي ارڪانن جي محڪميءَ جو سبب سمجهي، ۽ موچاري اعتقاد ۽ خالص مراد جي بنياد جي پڪائيءَ جو وسيلو ڀجهي، ان کي چمي، سيني سان لائي، اکين تي رکي، اتاهون شرف ۽ مٿاهون فخر حاصل ڪيو: پڙهيءَ عيسوي ڪرامت سان مئل قلب کي جياريائين، ۽ پنهنجي نعمتن جي باغيچي سان دل تان اندوهه جو عذاب ٽاريائين. مطالع بعد سيني کي سرور ۽ قلب کي قرار ڏنائين، ۽ وهم ۽ غم جي ول کي چڪ ڏيئي چنائين.

## غزل

رسيو رسول[1] ڏنائين اچي ڪتاب پيام،
نيازمند کي بخشيو جنهن مٿاهون مقام.

1 - ان جو هر هڪ جملو تي وحيءَ جي آيت،
سچئي خطاب سو روح الامين جو پيغام.

2 - ڪلام سبع مثاني جو چٽڪ ثاني سو،
سماءَ فضل جي کان نازل اچي ٿيو الهام.

3 - رسي ان جي منجهان حرف حرف راحت روح،
ٿيو ان جي منجهان لفظ لفظ مقصد تام.

4 - سري سعادت تي مشڪلن جي آساني،
پني اميد، تي دل جي سڀ مراد تمام.

5 - نه آءٌ لائق ان لطف جو هنڌه آهيان،
ڪري گذر جو مٿي دل اوهان جي منهنجو نان.

6 - "فدا" فقير جو ان تان هجي هي ساهه پساهه،
علو جنهن کي عنايت ڪري ٿو ان جو سلام.

7 - سلام هيڪ رسي اهنجو تان چوان آءٌ:
هزار بار عَلَيْڪُمْ السَّلاَمْ وَ الاڪرام.

جنابا! جڏهن اوهان جي توجهه عاليءَ سان حسن ۽ عشق جي حقيقت جي معرفت آشڪار ٿي، تڏهن مهربانيءَ جي گستاخ ڪيل دل. عاشق ۽ معشوق جي صفتن

[1] "رسول" جي معني قاصد.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

معلوم ڪرڻ لاءِ موتي ٻيهر عرض گذار تي: هزار اداس سان قوي آس آهي تہ ٻنهي جي حقيقي ۽ مجازي وصف کان آگاهہ فرمائيندا. ۽ هن نيازمند جي نياز جہ چوٽيءَ کي خاڪ تان کڻي افلاڪ سان پهچائيندا. زياده. ارشاد جي دوام ۽ فيض جي عام هجڻ جي دعا ۽ ثنا ڏاران، ڪهڙو عرض ڪري:

"ڪيا اسرار تو تي رب روشن،
ڪيئين آن پيشوا سڀ علم ڏيئي.
تڏهن تو در اچن دم دم منگڻ فيض،
حقيقت معرفت وارا مڙيئي،
بقا باقي هجئي ارشاد دائم.
سين تو کان سَرَن مقصد سيئي."

## جواب

ياءُ ديني، دوست يقيني، مخلص خاص، سچي اخلاص ۽ خالص اختصاص وارو، سدا مقصدن سان سوڀارو. ميان (فلاڻو) - سلمہ المنان!

سنت اسلام جي سلامن ۽ اشتياق جي پيامن ۽ مڙنن مدعائن لاءِ قبول پيل دعائن، بعد، ظاهر ڪجي ٿو تہ محبت نامو رسيو، وقت خوش ڪيائين. تنهن جي جواب ۾ لکجي ٿو تہ عاشق ۽ معشوق جي حقيقت جي پوري صفت ڪڏهن ڪنهن تي ظاهر نہ ٿي رهي، ڪو ئي حال سوا قال سان ان جي پروڙ ڏي رستو نٿو لهي، مگر اوهان جي خاطر راضي رکڻ لاءِ، جيڪي ناقص علم ۾ اچي ٿو، سو پڌرو ڪجي ٿو-

"ان جي پيچان زلف جي آهي ڳالهہ،
منهنجي چپ مان سچي ادا نہ ٿئي،
جنهن بہ صورت ۽ شڪل ۾ تو چوان،
وات ۾ وتجي، چپ صفا نہ ٿئي."

عزيز! عاشقي، معشوق جي رغبت ڌاران ڪنهن کي حاصل نہ ٿيندي، جي اهو پاڻ عنايت نہ ڪندو، تہ ڪنهن کي هٿ نہ ايندي. سلاجي يار طلبگار نہ ٿئي، تہ خاڪ جي مٺ کي ڪهڙي طاقت، جہ پاڻهي ان جي عشق ۾ گرفتار ٿئي؟ موسيٰ عليہ السلام کي "و القيت عليک محبة مني" جي دولت

سان مخصوص ٿو ڪري، تڏهن "رَبِ اَرِنِي" جو دم ڀلي ڀري- "يحبهم و يحبونه" ۾ جا سنديس محبت ٻانهن سان ۽ ٻانهن جي ساڻس فرمائي اٿس، تنهن ۾ پنهنجي پاران محبت جي ابتدا ڄاڻائي اٿس:

"يحبهم و يحبونه" ۾ فرمائي،
شروع حب جو اول اسان وٽان آهي."

اها ٻانهي سان الله تعاليٰ جي محبت رکڻ، تنهن مان مراد اها ورونهن آهي، جا ٻانهي کي ان جي پاڪ جناب ڏي جذب ڪرڻ ۽ ڇڪڻ جي گهرندڙ ٿئي، ۽ ان کي غير سان مشغول ٿيڻ نه ڇڏي: تڏهن ٻانهي جي محبت، ڌڻيءَ جي محبت جو فرع ٿي. تنهن جو دليل هيءُ، جو ان ٻانهي جي محبت کان پهرين پنهنجي محبت ذڪر ڪئي. هيءَ محض ازلي بخشش آهي، نه ته ٻانهو ان جي لائقي ئي ڪا نه ٿو رکي.

"رياضت مان رضا ڪانهي، نه هوءِ جي لطف بخشايش:
ان مان عيش دلداري، ان مان اَمن آسايش."

حقيقي حسن جو عاشق نه ڪونين جو طلبگار هجي. نه اڄ سيان جي غم ۾ گرفتار هجي: طلب جي اُڃ تار هجيس، حسن جي شمع تي سڙڻ جي سودا ۾ پرواني واري ڪار هجيس، عشق جي درد ۽ آزار ۾ صبر جهلڻ ۽ ماٺ ۾ اهو رتبو ۽ مرتبو حاصل ڪري، جو ڪنهن کي ڪنهن رياضت مان نه سري:

"عشق جو قيدي سدا آزاد هوءِ،
سؤ غمن سيني ۾ تن سان شاد هوءِ.
ري سڙڻ سودا نه پرواني مثال،
سر ويو تان سپ ٿيو سودو بحال.
اِي سڙڻ ناهي، سڙڻ آهي سچي،
اِي سڙڻ آهي ٿيڻ پختو پچي.
اِي سڙڻ سڪندن جي لاءِ آهي سونهن.
اِي سڙڻ واڌوڙئن ڪرڻ ورونهن.
اِي سڙڻ آهي صداقت جو دليل.
اِن سڙڻ جي قدر کي ڄاڻي خليل.
عشق ڇا آهي؟ وڃائڻ هي وجود،

خاڪ ۾ تي خاڪ، پوءِ آڻڻ سجود.
تي وڏي نعمت سان هر شي اي عزيز
منجهہ بلا محنت هجي نقصان چيز.
عشق نعمت سان ٿئي نقصان پذير،
منجهہ بلا محنت هجي سو جلوه گير.
عشق جو احوال عاشق تي عيان،
هو سڻي سمجهي اهو چاڻي بيان.
ناهي ان کي کو ڪنن ڇپ جو ضرور،
منجهہ ڇئي، منجهين سڻي، منجهہ سانديي سور.
هجن عشاقن تي دائم رحمتون،
عشق ۾ جن ترڪ ڪيون سڀ نعمتون.
هوءِ همت عاشقن جي تي آفرين،
عشق جي آزار ۾ ڪٽکن جي ڪين.
توءِ ناهن کو ڪتي ياور ۽ يار،
صبر سان سڀ ٿا سهن برسر سي بار.
آهہ بيشڪ عشق جي دولت عجيب،
اُو چڱا جي عشق پاڙهي ڪيا اديب.
توڻي سوَ ڪار آزمائي ڪو ڪري،
عشق ري ڪنهن مان نہ نابودي سري.
عشق نعمت آهہ توڻي سو مجاز،
جو حقيقت جو هميشه ڪاُر ساز."

عزيزا! مجاز، مطلق جمال جي مظهرن جو عشق آهي، تنهنڪري سڀ ڪو سالم طبع وارو ان کي تو ساراهي- ضرور آهي تہ پهرين ان جي آتش سازي قلهيار بنائيس، ۽ ان مان دل جي اک جو سرمو پائيس، تہ سا منور ٿئيس، ۽ پيو غيبي نور نظر اچيس، غيبي حسن جا تماشا پسائيس، ۽ اهو پاڻ ۾ محو فرمايس:

"ڪيو اک سين مثي جي مون نظر منجهہ صورت،
معنيٰ جو تيو جيئن تہ اثر منجهہ صورت-
"هي عالم صورت جو، اسين پڻ صوري،
معني کي ڏسون ڪين مگر منجهہ صورت."

غرض تہ انهيءَ جي جوش ۽ خروش جي حصول بعد، اطلاق جي مرتبي ڏي کو عبور واقعي ٿيو تہ کھڙو نہ سٺائو پُکو پيو! ڇا کان جو، هيءُ حقيقت جي پُل آهي، تنهن ۾ يقين تي پل تہ اِيي رهڻ مقصود جي منزل تي پهچڻ کان ٿو راهي. انهيءَ مجاز ۾ بہ جي بوالعجبيون آهن، سي بہ انهيءَ حال وارا سمجهن، قيل ۽ قال ۾ اچيو نٿيون سگهن. اهو مجاز بہ فقط ڪنهن سونهن يا صباحت يا مَنيءَ يا چڱيءَ عادت سان ٻڌل ۽ لڳل نٿو رهي، بلڪ ان جي پيوند جي حقيقت کي بہ ڪوئي پروڙ وارو نٿو لهي. انهيءَ ۾ بہ عاشق کي سڪڻ پهرين معشوق سيکاري، جو اول نت نت نوان ناز ساز ان کي ڏيکاري ڳٽن ساڻ ڳهيس، محبت ساڻ مهيس. جنهن وقت عاشق ۾ محبت جي باهہ جا شعلا اُٿين، ۽ شوق جا مچ ساهہ ساڙيندڙ پيدا ٿين، تنهن وقت ٻي رمز ذاري: ڪڏهن گڏ گهاري، ڪڏهن گوش گذاري، ڪڏهن ٻول پاري، ڪڏهن وساري، ڪڏهن منٿ مڃيس، ڪڏهين عذر پڇيس، ڪڏهن اجهائيس، ڪڏهن ٻاريس، ڪڏهن ڏنييس، ڪڏهين ناريس! توڻي انگ انگ وڍيس، تہ بہ دل مان ڪين ڪڍيس: دل گڏي توڻي نہ گڏي، تہ بہ هر گز ساڻس ڇني نہ ڇڏي، ڇا لاءِ جو اهڙو عاشق ڪٿي ڪو نہ هوندو، جنهن جي محبت جو پر توو سگهو سڌو معشوق جي دل تي نہ پوندو. عاشق کي جيتري قدر سوز ۽ گداز زياده سري، معشوق جي دل ۾ تيتري قدر سرايت ڪري - پر، هن جي عشق ۾ ڏمڇر ۽ غوغا آهي، تنهن ڪري آهہ ۽ زاريءَ سان مبتلا آهي ۽ هن جي عشق تي پردو ۽ حيا آهي، تنهنڪري ظاهر ۾ بي پرواهہ آهي. هن کي عشق ڪلر ڪندو ۽ ساڙيندو پچائيندو، هن کي معجون ٿيندو ۽ مچائيندو، انهيءَ سببان هو دل جو نظر هن تي ڏري ۽ منهن ٻي پاسي ڪري. جي ڪن ڳالهہ ۾ هٽي، تہ اکيون ڳَهَر مان پري. جي اکيون سامهيون ڪٽي، تہ ڪن ڳالهہ ڏي نہ وري، هر حال ۾ رسڻ جو اڻ سجاتو پرچڻ کان پري، توڻي سچو هنيل هجي، تہ بہ اقرار جو دم نہ پري. عاشق جي هٿڻ وڃائڻ لاءِ وس ڪري، جڏهن هو نابود ٿئي، تڏهن سندس دل نري! انهيءَ حالت ۾ پنهنجي هٿان لڪ ڇپ ۾ مارڻ کي ثواب سڃاڻي، ۽ غير جي ٻچ ڪرڻ ۽ عشق جو مشهور ٿيڻ، خطا ڄاڻي - غرض تہ هميشہ هن کي عتاب جي خطاب هيٺ ڇڏي، ۽ حال جي مقال سان هي هوڪو ڏي:

جدائيءَ جي پرسوز جل ۾ پچيس، تو ٽي اڻ پڏل اڻ ڏٺل سور سهي، تہ بہ ڪڏهن پچار ڪان بيڪار ويهي نہ رهي. توڙي نااميديءَ ۾ اڇي اميد جي ڪا واٽ نہ لهي، تہ بہ ڪڏهن دل ڪان آزردگيءَ جو قول نہ ڪهي! هميشه ادب سان وڪ ڪڍي، ڪا خطا يار تي نہ هڻي، پنهنجي بخت تي ڏوهہ ڌري، ۽ حال جي زبان سان هيءَ مقال ڪري:

## غزل

هـــاءِ ان وٽ نـــہ آشـــنائي آهــــ،
مـــون ڪـــي مشـــڪل ســـهڻ جدائـــي آهـــ!

1 - شـــوق گهٽيـــو نـــہ ســـاڻ جـــور جفـــا-
عشـــق جـــي اِيءَ وڏي وڏائـــي آهـــ.

2 - قـــرب ڪـــرڻ مـــان تـــو تئـــي واڏو،
ايئـــن طبيعـــت مـــون آزمـــائي آهـــ.

3 - ڪيـــنَ ظـــالم چـــوان، معـــاذ الله!
جـــان ظلمـــن توڻـــي جلائـــي آهـــ.

4 - حاســـدن ســـان هلـــي جـــي هـــٿ هـــٿ ۾،
ڪيئـــن چـــوان هـــيءَ بيوفـــائي آهـــ.

5 - هـــو رقيبـــن جـــي پـــڻ رضـــا تـــو رکـــي،
منهنجـــي قسمت جـــي ڪـــا برائـــي آهـــ!

6 - جـــي نـــہ ڪيـــو التفـــات ان مـــون ڏي،
تـــان ســـا طـــالع جـــي نارســـائي آهـــ.

7 - ان دهـــن تنـــگ مـــان نـــہ نڱيـــو حـــرف،
مـــون جڪـــس ڪـــي منـــت اجـــائي آهـــ.

8 - آب حيـــوان جنهـــن ڪـــي ڇـــاتو هـــوم،
زهـــر جـــي شـــڪل تنهـــن پســـائي آهـــ.

9 - آســـري ڪنهـــن جـــي هـــاڻي ســـاهہ تڳـــي؟
هـــي جيئـــڻ ســـخت بـــي حيـــائي آهـــ!

10 - موت ڪيئن دير ڪي، سو ڇا سمجهي،
عمر دنيا ۾ تنگ آئي آهه.
11 - ناهه ڪو دل جي درد جو پڇندڙ،
درد هي دل تڏهن دبائي آهه.
12 - منجهه گهٽيءَ ان جي مثل نقش قدم،
خاڪ ۾ جاءِ مون بنائي آهه.
13 - جي پشي مون تي ڪا پٽي پيرن،
تان به تنهنجي پلي پلائي آهه.
14 - آس موجب مراد جنهن ڪي سري،
منجهه ازل تنهنجي ڪا سٽائي آهه.
15 - هت تيو محو منجهه مثيءَ "مشتاق"
هُت اهو ناز خود نمائي آهه!

محبا! شال ڪا دل عشقبازيءَ- توڙي حقيقي توڙي مجازيءَ- ڪان خالي نه هجي، ڇا ڪان جو عالم جي خلقت عشق لاءِ هئي، ۽ عشق سان قائم آهي: جڏهن عالم مان عشق اتي ويندو، تڏهن فنا قبوليندو. جنهن دل کي عشق جو درد حاصل نه آهي، سا هستيءَ جي ڏاڳي ۾ ڳنڊ آهي، دل نه آهي! زياده دعا-

"نه سو خير دنيا ۾، جنهن ۾ نه عشق،
نه سا آهه نعمت، نه جنهن ۾ حبيب."

# فصل ٻيو

## ساداتن جي نوازش نامن ۽ ان سان مـعلقن جي عريضن ۾

سيادت جو اهڙو مٿاهون درجو آهي، جنهن جي اڳيان سڀ ڪو ڪيڏي اتاهين شان وارو هجي، ته به نمن ۽ نياز ڪرن، ڪامل ايمان جي نور سان ٻان تي واجب ٿو ڏسي، ڇا ڪان، جو جڏهن مشائخن جي اولاد اڳين ان جي گذريلن ڀلارن مائٽن جي مهابي سببان- نه خاص سندن سببان- سڀ ڪو تعظيم سان پيش ٿو اچي، تڏهن ساداتن جي اڳيان ( جن جي مائٽن سڳورن جهڙا ڪنهن جا مائٽ دنيا ۾ نه آهن، ۽ وري انهن جا مڙيني مومنن تي هر طرح جا حق ثابت ته رهن) سڀ

ڪنهن ايمان واري کي تعظيم ۽ تڪريم سان پيش اچڻ ۽ ان جي قولن ۽ فعلن تي نظر نہ ڪرڻ، ڇو نہ فرض ڄڻجي ۽ ابدي سعادت سمجهجي؟ هيو سڀ کو مرتبو جي سٺائي گهر آهي تہ ڪسب ۽ ڪمائي ۽ محنت ۽ مشقت سان هٿ ڪريو ٿو سگهجي، مگر سيادت، جا ڪنهن جي وس ۾ نہ آهي، خدا جي خاص ڪيلن ذاران بئي ڪنهن کي ڪڏهن بہ هٿ نٿي اچي. تنهنڪري، سڀ ڪنهن ڪامل ايمان واري کي توٽي روبرو جي ڪلامن توٽي پريٽ جي نيازنامن ۾ - انهن اڳيان پنهنجي هيٺائي ڪرڻ، نص قرآن ۽ چٽين حديثن تي هلڻ ۽ ازل جي نيڪ بختيءَ جو سبب ٿو سمجهجي: بلڪ جي بنهي طرفن سيد هجن، تہ انهن کي بہ هڪ ٻئي جي تعظيم رکڻ واجب ۽ هڪ ٻئي اڳيان پنهنجي پنهنجي هيٺائي ڪرڻ مناسب آهي، ڇا لاءِ، جو تعظيم جو حڪم وارد ٿيل سيني لاءِ عام ٿو سمجهجي ۽ ڪنهن جماعت سان خاص ڇيو نٿو سگهجي.

## 4 - عريضو

سيد عالم ۽ صوفيءَ ڏانهن، ڪن موڙهيلن جي ايذائن جي شڪايت ۾

سيادت جي سر سبز باغ جو گل، سعادت جي صفا پرور سونگيءَ جو ماڻڪ اَمل، نقابت جي مٿاهين قدر واريءَ مسند جو سينگار، نجات جي اُتاهين شان واري تخت جو جنسار، ڏٽي تعاليٰ جي ڏوئلن ۾ ڏوئل، پيغمبرن جي پيارن ۾ پيارو ٿيل، حضرت حيدر ۽ بيبي بتول جو جان ۽ جگر، حسنين ڪريمن جي سڀوري اولاد جو سرور، حسب ۽ نسب جي بنهي شرفن کي فخر ڏيندڙ، ظاهري ۽ باطني نبوي وراثت ۾ مڙن جو مهندار تيندڙ، علم ۽ ادب جي خلعت سان سينگاريل، شريعت ۽ طريقت جي حقيقت جي معرفت سان سنواريل، عيسوي پساهن ۽ موسوي ڪمالاتن جو صاحب، فخر وارن مقامن ۽ پڌرين ڪراماتن جو صاحب، ملڪوتي اسرارن جو واقف، لاهوتي انوارن جو عارف، اوچي ارشاد وارو، محڪم بنياد وارو، مرشدن جو مهندار، سونهائيندڙن جو سالار، دين جو پيشوا، متقين جو مقتدا - شال ابدالا باد تائين ان جي سڀورائيءَ جو جهنڊو اتاهون ۽ شرف جو نشان مٿاهون هجي - آمين.

”هجئي تخت ارشاد جو تڪيہ گاه،
سنئين دڳ جو سونهان، سندءِ سڀ سپاه.
هجي ڇانئٺ تو قبلو روحانين،
جنين منهن مٿيو تو ڪان سي ٿيا تباهہ.“

يا نيل جي دريا وانگر. جو سبطين لاءِ پاڻي ۽ قبطين لاءِ رت ۽ گهاٽي آهي. دل قوي رکو، چاڪ پيا چکو:خدا تعاليٰ اوهان کي صبر ڏيندو. ۽ انهيءَ محبت جو چڱو نتيجو اوهان تي قبر ۽ قيامت ۾ ظاهر ٿيندو- زياده دعا.

## 5 - عريضو

سيد امير ڏي - بي روزگاريءَ جي شڪايت ۽ نوڪريءَ جي استدعا ۾

زماني جي صحيفي جي زينت، زمين جي بساط جو زيور، عالم جي شرف جي برج جو روشن ستارو، جهان جي سڳورائيءَ جي سونگيءَ جو جوهر، سعادت جي ايوان جو تخت سينگاريندڙ، سيادت جي ديوان کي سعادت بخشيندڙ، مصطفوي جرات، حيدري همت، متاهين حسب وارو، پاڪ نسب وارو، نوڙت ڪندڙن تي نوازش فرمائيندڙ، نيازمندن تي نعمت وڌائيندڙ - شال هميشه عز دائم ۽ فضل قائم سان محفوظ هجي! دعا، مکر ۽ شڪ کان صافي - جنهن جي قبوليت جا اَنوار ان جي اول کان پيدا، ۽ سلام، ريا جي گڏجڻ کان پاڪ - جنهن جي اجابت جا آثار ان جي شروع کان هويدا هجن، محفل عدن منزل جو تحفو ڪريو. ان قلب حلب جي آئيني کي رسڪ ڏيندڙ تي ظاهر تو ڪجي، تہ خدمت وافر المسرت جي آرزو ايتريءَ حد نہ آهي، جو قلم کان تحرير ۾ اچي، ۽ صحبت وافي البرڪت جو اشتياق ايتري اندازي نہ آهي، جو زبان کان تقرير ۾ اچي: پر بي روزگاري ۽ بيڪاري ۽ عيال اطفال جي بسياريءَ کان ڪنلاٽيءَ جي گهيري ۾ گهيرجڻ ڪري، پيرن ۾ دوال پيل ۽ سي وس ويل اٿم! اهڙي گذران گهڻا رنج اٿاريا، ۽ ڏاڍا ڏک ڏيکاريا، جن جو تفصيل بيجا آهي، روشن ضميرن تي هويدا آهي: زائد تقرير جي طول کان سٹندڙ ملول ٿئي ٿو، ۽ ڊگهو ڪلام فضول ٿئي ٿو.

الحاصل - امير نامدار، خصوصاً اهلبيت، امت جا آذار! الله تعاليٰ، محتاجن جي حاجتن جا وسيلا ۽ مطلبن جا واسطا ڪيا آهن: علي الخصوص ذات بابرڪات، جا ناڪاميءَ جي گهٽين گهمندڙن لاءِ اميد جي جاءِ ۽ مددگار ۽ حامي آهي. هن بيتابيءَ جي ستايل ء گهنگهرن جي گهايل کي دولت جي دامن تي هٿ آئي، ۽ سرگردانيءِ مان طالع جي مدد سان اتي آئي منزل وجهائي! هاڻي اميد قوي تہ غريب نوازيءَ ۽ بيڪس جي چاره سازيءَ جي صفت ظهور سان. حضور عالي مان ڪنهن خدمت تي مامور ٿي، انهيءَ آستان گردون نشان جي خاڪ، بينائيءَ جي اک جو سرمون

ڪري، "مردان" جي گلن مان دامن پري، باقي حياتي دولت ابد مدت جي دعا ۾ ڪٽيندس، ۽ ناڪاميءَ جي شام کي سعادت جي صبح سان مٽيندس! توڙي لياقت نہ هجڻ جو داغ لڳل بہ اٿم ۽ علم ۽ فضيلت کان هٿ ڪوتاهہ ۽ پڳل بہ اٿم. مگر حضور جي ذره پروري ۽ فيض گستري، اوکن پيچن اکوليندڙ ۽ مشڪل جي ڳنڍين کوليندڙ جو بهرحال پر سير ٿو رهي!

جاٽان ٿو تہ اهو تير ڪين گسندو، پوري نشان تي رسندو، ڇا کان جو بيءَ ڪمان مان اجل ٿو لهي- زياده، دولت ۽ حشمت جو آفتاب، اقبال جي آسمان ۾ سدا روشن هجي.

## جواب

عقيدتمند، اخلاص پيوند، مخلص خاص، سراپا اخلاص، دوست صادق، محبت واثق -- سدا سلامت رهي! سلامن سنت اسلام حضرت خيرالانام عليه و علي آله واصحابه الصلاة والسلام کان پوءِ معلوم هجي تہ اوهان جو ڪاغذ موڪليل، سچائيءَ ۽ اخلاص مان پريل، رسيو. تنهن جي جواب ۾ لکجي ٿو تہ هڪڙي هفتي بعد سهي سنپري اچي حاضر رهج. دل جي تمنا موجب موچاري وڻندڙ مراد لهج فقط والسلام.

## 6 - خط

سيد جو، سيد سخيءَ ڏي -- ڪنهن حاجتمند جي سفارش ۾

صفوت ۽ صفا جو سينگار. عزت ۽ علا جي مرڪب جو شهسوار. سيادت جي شرف جو جنسار، سڳورن سلفن جو سڳورو خلف نامدار. پيغمبري پيروي جيارينڊڙ. حيدري عطا وارا ڏان ڏيارينڊڙ. حاتم جي همت، متاهين منزلت، حضرت شاهہ صاحب -- دام الله اقباله!

سڪ جي سلامن ۽ شوق جي پيامن ادا ڪرڻ ۽ طرفين جي خيريت گهرڻ بعد، اميد ۽ حجت جي وات کان ظاهر ڪجي ٿو تہ جڏهن "فستبقوا الخيرات" جي حڪم موافق، احسان جي بنٽن جي محڪمي ۾ جلدي ڪرڻ، بنهي جهانن جي دولت جي زيادتيءَ جو سبب آهي، ۽ جناب جي مهربانين جا ڪڪر هميشہ حاجتمندن لاءِ وسندڙ آهن، ۽ ان جي حال جا نهال، لطف جي گڻ جي ڪناري تي پيا پوڄهن، تڏهين التماس ٿو ڪجي تہ "فلاڻو" - جنهن جي اميدواريءَ جي

"فرمساءِ اشسارت، جسو سسدا آهسہ سسين وٹ،
مقبسول سسندءِ قسول، ۽ فرمسان تسو جساري.
تسو امسر انهسيءِ سسان ڪيسم قسدر اتساهون،
احسسان جي ساري نسہ سگهان شسڪر گذاري!"

واڌو شوق ۽ نياز.

# فصل ٽيون

## علمائن جي سرفرازنامن ۽ شاگردن ۽ پين جي عريضن ۾

جڏهين علمائن جا ڪيترائي مرتبا آهن - ڪي مدرس ۽ استاد، ڪي بليغ ۽ اديب، ڪي قاضي ۽ مفتي، ۽ ٻيا ان ڪان سواءِ - تڏهين هتي اختصار جي طرح ڪيترن ڏي عريضن لکڻ ۽ ان ڪان جوابن ملڻ جا جدا جدا نمونا ڏيکارجن ٿا:

## 7 - عريضو

علمائن راسخن جو افتخار، مدرسن محققن جو مهندار، عقلين ۽ نقلين علمن کي ڄاڻندڙ، اصلن ۽ فرعن مسئلن کي سڃاڻندڙ، دين جي مجلسن کي سينگاريندڙ، علم جي مدرسن کي جياريندڙ، جناب حضرت مولوي صاحب - دامت فيوضاته!

دعا ۽ ثنا ۽ سلام - اخلاص تمام سان سينگاريل، ڪڏهين قلمن جي قدمن جا پامال نہ ٿيل، ۽ ڪنهن جي بہ چڱي خطري ۽ موچاري فڪر جي هٿ نہ چڙهيل - هر وقت ان حضرت جي خدمت ۾ گذارش ڪرڻ بعد عرض ٿو ڪري تہ جڏهن ان روشن ضمير تي - جا حڪمت ۽ فراست جي نورن جي شمع، ۽ فهمن ۽ علمن جي دروازن جي ڪنجي آهي - هن خادم جي اخلاص جا لوازم ۽ نيازمند جي خدمتگاريءَ جا آداب ۽ مراسم، سڄ جي انوارن ۽ چنڊ جي اثارن وانگر ظاهر ۽ عيان آهن، تڏهن برڪت وارن وقتن تي تشويش ڏين ناپسند رکيو. سارو احوال اوهان جي معنوي شهود کي ٿو سپاري:

"شسوق خدمسٽ جسي تسو ، نسہ ڪريسان وصسف،
منهنجي دل نسزد اوهسان جسي، تنهسن ڪسان پڇسو!"

جنابا! جڏهين هميشه اوهان جي درسن سان مسجديون ۽ مدرسا روشن آهن، ۽ منطوق ۽ مفهوم جي تصريح لاءِ مؤثي مذاڪر ۽ مدرس اوهان ڏي احتياج تا رکن، ۽ مدرسن جا درس اوهان جي نظر اڪسير اثر سان تا جيئن، ۽ علم جون مؤثي مجلسون اوهان جي وجود عاقبت مسعود سان فخر واريون ٿيون ٿين، تڏهين فرزند عزيز (فلاڻو) علم جي طلب لاءِ خدمت شريف ۾ روانو ٿو ڪجي، ۽ اميد ٿي رکجي تہ اوهان جي تلقين ۽ افادت، ۽ تعليم ۽ افاضت سان علمن جا دقيقا مشڪل، ۽ فهمن جا عقدا حل نہ ٿيل، ان تي پڌرا ۽ پيدا، ۽ روشن ۽ هويدا ٿيندا - زياده، شال فاضلن پاليندڙ، مڪتب ۽ پلاين پکيڙيندڙ محفلون، اوهان جي ذات ملڪي ملڪات سان هميشه مرشح ۽ مزين هجن!

## جواب

فضيلت پناهہ، ڪمالات دستگاهہ، ميان (فلاڻا)- سلمہ المنان!

سلام خيريت انجام ۽ دعا عافيت دوام پهچاڻا، پڌرو هجي تہ اوهان جو فرزند عزيز، سراپا تميز (فلاڻو)، اوهان جي مڪتوب خوش اسلوب سميت، اچ اچي پهتو. اوهان جي چڱائيءَ تي جناب باري تعاليٰ جي شڪر گذاري ڪئي ويئي، ۽ اوهان جيٰ امر عالي قدر موجب ان جي سبق جي تياري ڪئي ويئي- شال توفيق رفيق رهيس، ۽ هن موچاريءَ طلب کان ڪو مانع ڪير راهيس! فقط والسلام.

## 8 - عريضو

شاگرد جو استاد ڏي

جناب عالي القاب، خاص ۽ عام کي واٽ ڏيکاريندڙ، دين اسلام جا آداب سيکاريندڙ، علمائن جو ڏئل، فضلائن جو مهندار، محققن جو پيشوا، مدققن جو سالار، زماني جو افتخار، وقت جو سينگار، مائٽن کان زياده مشفق ۽ مهربان، فيض بخش فيض رسان، جناب حضرت استاد صاحب- شال هميشه ان جو پاڇو فائدي وٺندڙن تي ڊگهو ٿيندڙ هجي!

اخلاص وارن سلامن ري نهايت. ۽ برڪت بخشيندڙ خدمت جي آرزو بي عنايت ظاهر ڪرڻ، ۽ حضور موفو رالسرور جي ملازمن جي آستان آفتاب نشان تان فيضن ۽ فائدن جي انوارن چوندڻ بعد، ضمير عقيدت پذير جي نهايت ضروري مقصدن جو عرض تہ جناب، فيض انتساب کان رخصتياب ٿي، وطن ۾

رسيس، عزيزن ۽ دوستن کي عافيت ۾ ڏسي خوش ٿيس. ارشاد عالي موجب ڪم معلوم ۾ سعيو ڪيو ويو. عنقريب خاطر خواه مقصد منهن ڪيوندو، جيئن اهو حال تفصيلوار نياز نامو آئينده خدمت ۾ عرض رکندو. جيسين تائين قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ٿئي، تيسين تائين نوازش نامن، فيض شمائن سان سرفراز ۽ ممتاز فرمائيندا رهندا - زياده نياز.

## جواب

تلميذ عزيز، وافر التميز، خوش ڪردار، سعادت آثار، صلاحيت جي مدرسي جو سبق پڙهندڙ، تربيت جي مدرسي جو سبق وٺندڙ(فلاڻو) زاد توفيقه. پڇاڻا سلامن ۽ دعا ترقيءَ علم ۽ توفيق عمل جي واضح هجي تہ تنهنجو هڪڙو ڪاغذ رسيو. خيريت طلب تنهنجي جلد اچڻ جي انتظار ۾، جواب موڪلڻ کان ٿي ترسيو: ٿان مدت مديد گذري ويئي. جنهن ۾ نہ ڪتابت رسي، نہ اچڻ جي سڌ پيئي! جي ڪنهن لاچاري سوا اها غفلت ڪئي اٿئي، تہ تمام ناپسند هلت ڪئي اٿئي، تنهن ۾ تہ ڪي جلد اچڻ جڳائي، متان اهو لاڳيتو ناغو وڏو نقصان پهچائي! زياده خير والسلام.

## 9 - عريضو

منهندين ۽ پوين جون فضيلتون ميڙي وٺندڙ، شرعين ۽ اديبن جي علمن کي گڏ ڪندڙ، فرعن ۽ اصلين کي سينگاريندڙ، معقولن ۽ منقولن جو رستو ڏيکاريندڙ، قس جي بلاغت، سحبان جي فصاحت، موتين جي هار وانگر نظم کي زيب ڏيندڙ، قلم جي زبان سان بيان جو جادو بنائيندڙ، زبان جي قلم سان معنائن جا طلسم پسائيندڙ، سخن سنج، سخندان، جناب ميان ( فلاڻو ) - سلمه المنان!

صافن، تحيتن، عنبر جي هٻڪارن، ۽ سترن سلامن، عطرن جي چنڪارن، ۽ ڪٿوري جي ڦن بيشمارن، ۽ اخلاص جي نيازن اپارن بعد: مقصد اصلي ۽ مطلب دلي هي آهي، تہ جڏهن ڏسجي ٿو تہ هن زماني ۾ ڪيترن نون سکيلن، علم جي فن کان ناواقفن، سنڌي زبان تي تعديءَ جو هٿ دراز ڪيو آهي ۽ نظم ۽ نثر جي ميدان ۾ اُبتو پير کنيو آهي، ۽ بي مهل هجوم آڻي بيجا تصرف ۽ تداخل ڪيو اٿن. بي واجبي استعمال سان ان کي ڪمال جي درجي کان لاهي نقصان جي اوڙاهہ ۾ نيو اٿن. فصاحت کي وساريو اٿن. اِنشا جي ادبن

۽ ڳالهہ جي حسابن کي ڪاريو اٿن- توڻي انهيءَ بلا کي نعمت سمجهيو مرڪن تا. پر 'الم راءِ وارا ان بيجا هلت کان وڏا افسوس ڪن ٿا - تنهن ڪري عرض تہ هن فن شريف ۽ زبان لطيف جي ڪجهہ قواعدن بيان ڪرڻ سان، هن نيازمند تي احسان رکندا، ۽ فائدو عام فرمائي، نقصان جي مرمت، بلڪ ان ۾ ڪجهہ زيادت ڪندا، تہ ناقصن جي تعليم ۽ رب ڪريم وٽ اجر عظيم جو سبب ٿيندو. واڌو حد ادب - والسلام.

## جواب

سُخندانيءَ جي شهر جو سينگار، معنائن جي باغ جو بهار، خوش ڪلاميءَ ۾ يڪتا، شيرين بيانيءَ ۾ بي همتا - سلمہ الله تعاليٰ: امين!

تحيتن جي هدين، سلامن جي سوکڙين ۽ دعائن جي تحفن موڪلڻ بعد: اڄاڻن جي احوالن ۽ بي پروڙن جنجالن کان دل آب ۽ جگر ڪباب ٿيو! اوهان جي محبت نامي موڪليل جو جواب تو لکجي: دوستا! هي فن ڪيترن علمن حاصل ڪرڻ تي ٻڌل تو رهي، ڪنهن اڻ ڄاڻ غبيءَ کي ڇا جرات، جو ان جي پروڙ ڏي واٽ لهي! توڻي ڪنهن جو جاهلن ۾ هو ڪو پڇجي ويندو، تہ جيسين تائين اڳوڻن استادن جي قدم بر قدم نہ هلندو، تيسين تائين ڪنهن اهل علم ۽ ادب واري واٽ پسند نہ ٿيندو. جن جي پسنديءَ تي اعتبار آهي، انهن جد عدولين کي ڪهڙو وقار آهي؟ عوام انهيءَ چاشنيءَ مان ڇا سڃاڻن، جي گهوڙو گڏهہ ڪن برابر تا ڄاڻن؟ هاڻي ڄاڻو تہ لفظن جي معنائن جا ٻہ حال آهن: (1) حقيقت - جنهن جي معنيٰ لاءِ اهو لفظ نهرايل آهي، (2) مجاز - جا ٻي معنيٰ، حقيقت سان مناسب مراد ونجي - جهڙو گڏهہ حيوان هينگ ڏيندڙ ۾ "حقيقت" آهي، ۽ ٻيو بيوقوف پوڪ جي معنيٰ ۾ "مجاز". پر مجاز جي معنائن معين ڪرڻ جو ڪليو قاعدو صفتجي هيڪڙائي آهي، يعني جا صفت حقيقت ۾ هجي، سا مجاز ۾ بہ هجي - جهڙو بهادر کي شجاعت جي وجهہ سان شينهن، ۽ سخيءَ کي دريا چون ٿا. مجاز جو استعمال قرينو ء عبارت جي ڪاهہ آهي، ڇا لاءِ، جو حقيقت جو استعمال مجاز کان قوي ٿئي ٿو. تنهن ۾ وجهہ ڌاران ضعيف کي قويءَ تي ترجيح نہ ٿي سگهندي. مجاز مان نفع يا تعظيم آهي، يا تحقير يا اختصار - ان جا گهڻا قسم آهن: ڪڏهين سبب مان مسبب مراد ونن ٿا. "جهڙو اهو منهنجي هٿ هيٺ آهي" - تہ هٿ قدرت

قابوءَ جو سبب آهي. ڪڏهين ان جي اُبتڙ، "اُن وسيو" - تہ ان مان مراد مينهن آهي، جو ان جو سبب آهي. ڪڏهين ظرف مان مظروف، جهڙو "واهہ وهيو" - تہ ان مان مظروف يعني پاڻي آهي - عليٰ هذا القياس، بيا ڪئين قسم اٿس.

استعارو، جو مجاز جي عمدن قسمن مان آهي، تشبيہ کان وڌيڪ اثر رکي ٿو. ڇا ڪان جو تشبيہ ۾ مشبہ بہ جهڙو هوندو، ۽ استعاري ۾ استعارو مستعارلہ عبارت. يعني عبارت جي موچارائي هيءَ آهي، جو چٽا لفظ هليل چليل اهل زبان جي محاوري سان موافق هجن - توڙي ترڪيب جي شوخي ۽ نون مضمونن جو پيدا ڪرڻ. مثال ۽ استعارن جو آڻڻ وٺيل آهي، پر نہ ائين تہ اڳوڻن استادن جي واٽ ۾ مخالفت جو پير پرجي، بلڪ پراڻي قالب کي تازيءَ جان، ۽ تازيءَ جان کي پراڻو قالب ڏيڻ گهرجي: يعني پراڻا مضمون نين عبارتن ۾ ۽ نيون عبارتون هليل چليل مضمونن ۾ هجن، خالص اجنبي نہ هجن - ڇا لاءِ جو نئين نموني جو زيب، پيروي ڪرڻ جي زيور سان آهي ۽ ترڪيب جي فصاحت، ٻڌڻ جي موافقت سان.

ذوق وارا موچاريءَ طرح ڄاڻن ٿا تہ ڪلام جا ٽي حال آهن: (1) صحيح - جنهن جا لفظ پنهنجن معنائن تي نحو جي ٺوريءَ مناسبت سان هجن، (2) فصيح - جنهن جا لفظ چٽا، زبان تي هلڪا، فهم سان مناسب، عرف سان موافق، هڪ ٻئي کان ٿهڻ ۽ زبان تي ڳري ٿيڻ ۽ غير مستعمل هجڻ کان پاڪ هجن، ۽ ان جي ترڪيب نحو جي ڪمال ۽ ادب جي موچارائيءَ کي رسيل هجي، ۽ مقام جي مناسبت ۽ احوال جي قرينن جي گهر زور موچاري وجهہ سان رعايت رکيل هجي: آدمين جي عضون وانگر، جن ۾ ڪنهن عضوي جو گهٽجڻ يا وڌڻ يا مٽجڻ يا ڦرڻ وٽندڙ نہ آهي. بلڪ جڳائيندڙ، تيئن آهي جيئن آهي، (3) مڪلف - جنهن کي صنايع ۽ بدايع چون ٿا. اهو ٽن صفتن تي آهي: (1) منع ڪيل - جنهن ۾ تڪلف جي چڪتاڻ ۽ مضمون جي تنگيءَ ۽ ناهہ نوهہ ڳالهہ کي صحيحائيءَ جي چوٽيءَ تان ڪيرائي وڌو هجي، (2) ضعيف - جنهن ۾ صناعت جي ڳولا ڦولا ۾ بلاغت ۽ فصاحت جو لحاظ ڇڏي ڏنو ويو هجي. (3) وٽيل - جنهن ۾ ڳالهہ جي محبوب کي پنهنجي ذاتي حسن سوڌو نئون جنسار ڪرائي، نهايت دلفريبيءَ سان جلوو ڏياريو ويو هجي. جيڪي صنعتن ۽ موزون ٿيڻ ۽ ٻين سببن لاءِ عذر رکيا اٿن، ۽ جواز جا

دروازا کوليا اٿن، سي سڀ، ڪجهہ نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ جيڪو ڪو زائد حسن هجي ۽ ذاتي حسن کي گهٽائي، سو قبح آهي حسن جي صورت ۾. ۽ ديو آهي پريءَ جي نقاب ۾، جو ٿيڏن ۽ آڏي ڏسندڙن کي نڳي ٿو.

سڀ ڪنهن سالم راءِ واري کي معلوم آهي تہ بلاغت ذاتي حسن آهي، ۽ ٻيو مڙئي وڌيڪ. انهيءَ ڪلام مڪلف وٽيل جا ٽوٽي گهڻيئي قسم آهن، پر سڀني جو خلاصو هي آهي تہ جنهن کي شاعر جوڙڻ کان اڳي پاڻ تي لازم ڪري ورتو، صنعت سا آهي ۽ ان کان پوءِ ٻين نڪتن جو وچ ۾ اچي پوڻ، طبع جي ذڪاءَ جو نتيجو ۽ ڳالهہ جي پلٽ ۽ مشق جو ڪمال آهي، نہ صنعت ڪرڻ، ڇا ڪان، جو صنعت آندل هجي نہ آيل. پوءِ سڀ ڪنهن صنعت لاءِ ان جي موافق نالو رکيو اٿن ۽ حڪم ڏنو اٿن، پر ان جي حد ٻڌڻ توري اوک ڏوک ڪان آهي. هن ڳالهہ کي سڀ ڪو مڃيندو، تہ جيڪي پاڻ تي لازم ڪري ورتو سو سڀ صنعت آهي، توٽي مقدار ۾ گهٽ ۽ رعايت رکڻ ۾ زور آسان هجي.
عبارت جا ٻہ قسم تين تا: (1) ڏکهي(2) ڇوٽي. ڏکهي اها عبارت آهي، جا استعارن ۽ مثالن جي وڳي سان سينگارجي، ۽ گهڻو ڪري مدعا جي مضمونن کي بيانن ۽ سببين، حرفن ۽ معترفن جملن سان جنسار جي. سڀ ڪنهن دعويٰ تي دليل، سڀ ڪنهن ڳالهہ تي تمثيل ثابت ڪجي، ۽ مرادفن لفظن ۽ مخالفن مضمونن کي قافيي ۽ ٻين صنعتن جي لحاظ کان شرح ۽ بسط جي واٽ سان آڻجي، پر نہ هيئن جو زائدن ۽ بيڪارن لفن کي استعمال ڪجي، ۽ نہ هيئن جو جيڪو لفظ وٽي سو ڪٽجي ۽ جيڪو فقرو وٽي سو ڇڏجي.

ڇوٽيءَ جا ڪيترائي قسم آهن: (1) اکرن ۾ ڇوٽي، يعني لفظ پنهنجي مراد کان اکر ۾ گهٽ هجي - جهڙو ڏمر ۽ ڪاوڙ ۽ گنج ۽ خزانو. (2) عبارت ۾ ڇوٽي. ڏکهي عبارت جو مثال: "جيڪو شخص نماز نتو پڙهي، ان جي صحبت کان پرهيز ڪرڻ، ۽ گڏجڻ کان گوشي ٿيڻ زور موچارو آهي." ڇوٽي عبارت جو مثال: "بي نمازيءَ کان پرهيز ۽ گوشو يلو." - مطلب ۾ ڏکهي عبارت جو مثال: "انشاءَ الله تعاليٰ صبح جو سوير اٿي، فلاڻي جي گهر وڃي، سفر جو سبب، راهہ جو روداد ۽ ٻي سڀ ڪا سرگذشت معلوم ڪري، اشراق جي وقت کان اڳ خدمت ۾ رسي، تفصيلوار عرض رکندس." ڇوٽيءَ جو مثال: "سياڻي فلاڻي کان سفر جو سبب ۽ ٻي سر گذشت پروڙي، اشراق کان

دعا ۾ هٿن ڏگهي ڪرڻ ۽ ثنا ۾ دفترن پرڻ ۽ نياز جي پيشانيءَ کي محڪم اعتقاد جي چائنن تي رسائڻ ۽ سلامن سنت نبويءَ جي هديي آڻڻ بعد، گهڻي انڪساريءَ ۽ ڪمال اميدواريءَ سان عرض، تہ جڏهن هن طرف جا معتقد هميشہ اوهان جي حڪم جا مقلد ٿا رهن، تڏهن استدعا ٿي ڪجي تہ عيدالفطر جي ڏينهن جي معين ٿيڻ بابت. جيڪو شرع قانون سان اوهان وٽ حڪم ثابت ٿئي، تنهن جو اطلاع ڏيڻ فرمائيندا. تہ ان موجب هلجي-

"تون تخت شرع جي تي آهين مالڪ الرقاب،
وڏ اهل علم تي، جيئن تارن تي آفتاب ."

# جواب

حمد ۽ صلوات کان پوءِ، مڙن مسلمانن کي عام ۽ دينـدارن شهر (فلاڻي) جي کي خاص اطلاع ڏجي ٿو، تہ مون (فلاڻي) شريعت جي خادم وٽ، اڄ (فلاڻي)[1] هنڌ، (فلاڻي) وقت، قضا جي محڪمي ۾ ڏهہ مرد نمازي، جن جا هي نالا آهن، شاهدي ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيا . ان جي احوال جي ڳجهي پڇري پڇا ڪيم، تان سچار، دينذار، نيڪو ڪار ۽ پرهيز گار نڪتا. پوءِ سڀ ڪنهن، ڌار ڌار، مصحف شريف جي روبرو، الله تعاليٰ جل و عليٰ جي قسم سان، هڪڙي لفظ هڪڙيءَ معنيٰ ۾ ، هيءَ شاهدي ادا ڪئي تہ (فلاڻي) ڏينهن جي سج لهڻ کان پوءِ، سانجهي نماز کان اڳي، (فلاڻيءَ) رات، غبار جي حالت ۾ ، ٻن ڪڪرن وچان، (فلاڻي) سال جي مهيني شوال جي پهرينءَ تاريخ جو چنڊ، تحقيق ۽ يقين سان ڏٺوسون.

مذڪورن جي انهيءَ شاهديءَ کي معتبر رکيم، ۽ (فلاڻيءَ) رات کان، مهيني شوال(فلاڻي) سال جي پهرينءَ تاريخ جي شروع جي ثبوت جو پنهنجي قضا جي مجلسن ۾ حڪم ڪيم: انهيءَ منهنجي حڪم ڪيل ۽ مون وٽ ثابت ٿيل تي جيڪو ڇٽي دليل شرعي موجب. سڀاڻي ( فلاڻي) ڏينهن، روزو ڇوڙي. عيدالفطر جي نماز پڙهي، تہ ڀلي ائين ڪري - والسلام عليٰ من اتبع الهدي[1] .

---

[1] جيڪڏهن واقعي جي صورت ٻيءَ طرح هوندي، تہ ڪاغذ بہ انهيءَ ڊول سان لکبو. مگر سڀني صورتن ۾ شاهدي وٺڻ ۽ ڪاغذ لکڻ ۾ شرطن جو لحاظ رکبو. ۽ اهو بہ شرط تہ ڪاغذ قضا جي مجلس ۾ لکجي ۽ ان تي ٻہ شاهد بہ هجن.

# 11 - عريضو

## مفتيءَ ڏانهن

علمائن جو شرف ۽ جنسار، فضلائن جو فخر ۽ سينگار، آيتن ۽ حديثن جي اسرارن جو واقف، الاهي حڪمن جي حقيقتن ۽ حڪمن جو عارف، زماني جو مجتهد، عالم جو مستند، دين جي حقائقن جو محقق، شرع متين جي دقائقن جو مدقق، اسلام ۽ مسلمانن جو شيخ ڪامل، ماڻهن جو مفتي عادل، ري ريا دارالقضا جو فرمان هلائيندڙ، سڀ ڪنهن اصل ۽ فرع کي پنهنجي حد تي پهچائيندڙ، دين جو ٿنڀ پختي پاڙ وارو، ايرن جو اجهو، سدا سوڀارو، جناب مفتي صاحب - شال الله تعاليٰ ان جي امانت ۽ ديانت کي زيادت بخشي: آمين!

محڪم اعتقاد ۽ سچو ارادو رکندڙ، عَلَي لدوام انعام عام مان وانئا وننڌڙ (فلاڻو)، عجز ۽ نياز ۽ شوق بي انداز جي سلامن بعد، ذات ڪريم الصفات جي فضل ۽ ڪمال ۽ جلال جي ترقيءَ، ۽ دولت ۽ صولت جي زيادتيءَ جي دعائن کي هر دم زبان جو ورد ڪريو، عرض ٿو رسائي، تہ جڏهن "تنزيل" جي امر جليل "فَاسئلُوا اَهلَ الذِكرِ اِن كُنتُم لاَ تَعلَمُونَ" موجب ڪنهن بہ شرعي حڪم جي صورت ۽ حڪمت نہ سمجهڻ وقت، اوهان شريعت جي علمن کوليندڙن ۽ حڪمتن جي فنن ڦوليندڙن جي حدمت بابرڪت ۾ حال جي صورت جو سوال عرض رکڻ، پاڻ تي لازم يقين ٿو ڪجي، تڏهن انهيءَ امر جي بجاءِ آڻڻ ۽ سچي سچي شرعي حڪم جي علم حاصل ڪرڻ لاءِ، هي هينيون سوال عرضو رکجي - جناب جي احسانن عظيمن ۽ لطفن عميمن ۾ اميد قوي آهي تہ ان جي جواب باثواب سان سرفراز ۽ ممتاز فرمائيندا، ۽ نيازمند جي نياز جي چوٽيءَ کي فلڪ جي اوج تائين پهچائيندا، زياده، شرع جي مسند اوهان جي وجود مسعود جي بقا سان سدا سينگاريل هجي.

# استفتا زڪوات جي باب ۾

"ڇا ٿا فرمائين عالم دين جا، ۽ مفتي شرع متين جا، انهيءَ شخص جي حق ۾، جو ڪنهن بہ حيلي سان پاڻ تان زڪوات ڪيرايو ڇڏي؟ هن طرح سان، جو ورهيہ پوري ٿيڻ کان اڳي پنهنجو مڙيئي مال پنهنجي اڻ بالغ اولاد کي

بخشيو ڏي، ۽ وري انهيءَ مان اڳوڻي وانگر پنهنجن خلاصن ڪمن ۾ پاڻ بہ خرچي ۽ وڃائي ٿو. ۽ ٻين تي بہ اِحائون ڪري ٿو. يا زڪوات جو حصو ظاهر ۾ ڪڍي ٿو. پر جنهن فقير کي ڏئي ٿو. تنهن کي اهو اطلاع بہ ڪو نہ ٿو ڪري، تہ هي تو کي زڪوات مان ڏنم: پاڻ ان کي آمر ڪري ٿو تہ فلاڻي مسجد جي مرمت يا فلاڻي سيد کي وڃي ڏي، ۽ فقير هن جي هاج سمجهيو ڏيو ٿو اڃي. يا فقير کي زڪوات جو ڄاڻ بہ ڪري ٿو. پر ان تي مسجد ۾ يا سيد کي ڏيڻ جو بار رکي ٿو. ۽ ڏيندڙ اهڙو پڌرو سمجهي ٿو تہ جي فقير ان جي چيل هنڌ نہ وڃي ڏيندو تہ هو گهڻو رنج ٿيندو. ۽ وري ڪڏهن بہ فقير کي زڪوات نہ ڏيندو. يا زڪوات جو مال ڪنهن جنس - جهڙو اَن - ۾ اهڙو لڪايو ڏئي ٿو. جو فقير فقط ايترو سمجهي ٿو تہ هي اَن مون کي زڪوات مان ڏنو اٿس.پوءِ ورايو فقير کي انهيءَ اَن جو لهندي ڪان وڌ ملهہ ڏيو خريد ڪري ٿو. هو فقير( جنهن کي اَن جي اندر لڪيل مال جي خبر ڪانهي) وڏيءَ خوشيءَ مان اوتري تي وڪڻيو وڃي ٿو. انهن سڀني هاجن ڪان جيڪڏهن ڪو جهليس ٿو. تہ جواب ڏئي ٿو تہ "الله تعاليٰ وٽ مون تان زڪوات جو حق ادا ٿيو وڃي ٿو. ۽ حيلا بہ رب تعاليٰ آيت "وخذ بيدک ضغثا فاضرب بہ ولا تحنث" ۾ سيکاريا آهن!

"هاڻي اتي ڪيترا سوال ٿين ٿا: (1) زڪوات جي سور ۾ اڻ بالغ اولاد کي مال مڙئي بخشڻ، ڪيئن آهي؟(2) قبض ۽ قبول ڌاران، اڻ بالغ اولاد کي ڪي بہ بخشڻ، صحيح ٿي ويندو يا نہ؟(3) اڻ بالغ کي، مال بخشيل مان، پنهنجن خلاصن ڪمن ۾ وڃائڻ ۽ خرچڻ، ڪيئن آهي؟ (4) اڻ بالغ جي مال مان ٻين ڌرين تي اِحا ڪرڻ، ماءُ پيءُ کي جائز آهي يا نہ؟ (5) اڻ بالغ اولاد کي ڪي بخشي، پوءِ عذر ۽ ضرورت ۽ احتياج ڌاران بخش ڪان رجوع ڪرڻ، ڪيئن آهي؟(6) زڪوات جي مال پڌري ڏيڻ ۽ فقير کي ان جي ڄاڻائڻ ۾ بہ ڪا ڀلائي آهي يا نہ؟ (7) جڏهن امر ڪيائين تہ فلاڻي سيد کي يا فلاڻيءَ مسجد جي مرمت ۾ وڃي ڏي، ۽ فقير کي ڄاڻايو بہ ڪين اٿس تہ هي تو کي زڪوات مان ڏنم. تڏهن چئي سگهبو تہ مال فقير جي ملڪيت ڪيائين، يا نہ؟(8) انهيءَ صورت ۾ ڪي چئي سگهبو. تہ زڪوات جو مال مسجد ۾ يا سيد ڏي موڪليائين يا نہ؟ (9) مسجد جي مرمت ۾ زڪوات جو مال خرچڻ ڪيئن آهي؟(10) رڳي زڪوات جي مال يا زڪوات جي حيلي ڪيل مال مان

جا مسجد نهي، يا مرمت ٿئيس، تنهن ۾ نماز پڙهڻ جو ڪهڙو حڪم آهي؟(11) جو شخص مالدار، زڪوات جو صاحب، حتياج واريءَ مسجد جو پاڙيسري، مسجد ۾ رڳو زڪوات جي حيلي وارو مال يا پدرو زڪوات جو خبيث مال خرچائي، يا خرچي ٿو، ۽ ٻئي مال مان ان ۾ ڪين ڏئي ٿو، سو ثواب جي اميد رکي، يا گناه پر ڊجي؟(12) سيد کي زڪوات جو مال حيلي سان يا حيلي ڌاران ڏيڻ ڪيئن آهي؟ ۽ جو متولين ۾ "هاشميءَ" کي زڪوات ڏيڻ جي منع لکندا ويا آهن، سو انهيءَ سببان ته هي "اوساخ الناس" (يعني ماڻهن جيئن مرون) آهن، يا هن سببان ته اڳي خمس تي ملين، ان جي نه ملڻ وقت منع به هلي ويئي، يا انهن تي زڪوات جي مال حرام ٿيڻ جا هي ٻئي سبب آهن. جن مان هڪڙو اجا به موجود آهي؟(13) سيدن کي بين نفلاتي خيرن ۽ هدين ڏيڻ جو به ڪو تاڪيد آهي، يا رڳي زڪوات حيلا ڪري ڏبي؟ (14) جنهن صورت ۾ فقير کي اطلاع ڏئي ٿو ۽ متس بار رکي ٿو ته فلاڻيءَ مسجد جي مرمت ۾ يا فلاڻي سيد کي ڏج، تنهن صورت ۾ فقير تي هن جو چيو ڪرڻ لازم آهي يا نه؟ (15) جنهن صورت ۾ فقير هن جو چيو نٿو ڪري ۽ هو رنج ٿو رهي، وري هن کي زڪوات نٿو ڏئي، تنهن صورت ۾ ڪي چئي سگهبو ته فقير کي زڪوات جي مال جو مالڪ ڪيو هئائين، يا نه؟ (16) مسجد ۾ ۽ سيدن کي، خير ڏيڻ فقير کي حق آهي، جو زڪوات وٺڻ جو مستحق آهي، يا دنيادار تي، جنهن تي زڪوات تي لڳي؟ (17) دنيادار تي فقط زڪوات ڏيڻ جو حق آهي ۽ ٻيا خير فقيرن تي لازم آهن، يا اهي به دنيادارن تي لڳن؟(18) زڪوات جو مال ڪنهن جنس(جهڙو اَن) ۾ لڪ ئي ڏيڻ زڪوات جي ادا لاءِ ڪافي ٿئي ٿو يا نه؟ (19) ڪا شي خيرات ڏيئي، وراڻي سا ڳيو ملهه ڏيئي وٺڻ ڪيئن آهي؟ (20) ڪنهن شخص جي سامان ۾ جيڪڏهين قيمتي شي هجي، جنهن جي مالڪ کي سڌ نه هجي، ۽ ٻيو جيڪو ان ڪان اهو سامان خريد ڪندو هجي، تنهن کي ان لڪيل قيمتي شي جي به پوري واقفيت هجي، ته پوءِ اها قيمت واري شي مالڪ کي نامعلوم - سسوري سامان جي وڪري هيٺ داخل ٿي وجي ٿي، يا نه؟ (21) اهڙيءَ طرح ڪنهن ڪان ڪي به خريد ڪرڻ غصب ۾ داخل چئبو يا نه؟(22) جو امر ظاهر شرع ۾ ناجائز آهي تنهن ۾ حيلو ڪري، پوءِ سمجهڻ ته جيئن ڪيم، الله تعاليٰ وٽ حق به تيئن آهي، سا ڳالهه

وليتوصل بها الي حلال فهي حسنة" - ۽ هن صورت ۾ مسڪين جو حق باطل ڪجي ٿو، تنهن ڪري ڪراهت تحريم آهي، ۽ فتوي بہ هن تي آهي تہ "زڪوات ڪيرائڻ لاءِ حيلو ناجائز آهي!" اهو امام محمد رحمت الله تعاليٰ جو قول آهي ۽ انهيءَ تي آهي، جيئن تہ "حمويءَ" لکيو آهي: الفتوي عليٰ عدم جواز الحيلة لاسقاط الزڪوات وهوَ قول محمد و هو المعتمد ڪمافي الدور والغرر".

سڀ ڪو سالم طبع وارو ڄاڻي ٿو تہ زڪوات عبادت آهي، تنهن ۾ حيلو ڪرڻ بيجڙيءَ جي ڇوٽي آهي، ڇا لاءِ جو ان ۾ بخل اختيار ڪرڻو آهي ۽ فقيرن جو حق وڍڻو آهي، جو الله تعاليٰ دنيادارن جي مالن ۾ مقرر ڪيو آهي، ۽ انهيءَ جماعت ۾ داخل ٿيڻو آهي، جنهن جي ذڪر هن آيت شريف ۾ آهي: "والذين يكنزون الذهب والفضة ولا ينفقونها في سبيل الله فبشر هم بعذاب اليم يوم يحميٰ عليها في نار جهنم فتكويٰ بها جباههم وجنوبهم وظهورهم هذاما كنزتم لانفسكم فذ وقواما كنتم تكنزون" - يعني: جي شخص ميڙي رکن ٿا سون ۽ ربي کي، نہ خرچ ڪن ٿا ان کي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ (يعني زڪوات ۽ قرض ۽ حقدار جي حق جي بلي)، پوءِ خوشخبري ڏي انهن کي عذاب ڏکوئيندڙ جي، جنهن ڏينهن گرم ڪبو (يعني ڦوڪبو) انهيءَ مال تي دوزخ جي باه مان، پوءِ ڏنيبو ان سان ان جي پيشانين ۽ ان جي پاسن ۽ ان جي پٺن کي: هي سو آهي، جو اوهان ميڙي سٿو ڪري رکيو هو، پنهنجن نفسن لاءِ، پوءِ چکو سو، جنهن کي ميڙي اوهان سٿو ٿي ڪيو! سو يقين ڄاڻو تہ زڪوات جي ڪيرائڻ لاءِ حيلي ڪرڻ سان انهيءَ آيت سڳوريءَ واري وعدي ڪيل عذاب ۽ پلڪار جو لائق ٿيڻو آهي - نعوذ بالله من ذالک! (2) "قبض ۽ قبول ڏاران اڻ بالغ اولاد کي ڪجهہ بہ بخشڻ، صحيح ٿي ويندو، توڻي سو پيءُ جي هٿن ۾ رهندڙ هوندو." "قنيٰ" جي باب الهبة ۾ آهي: "ويتم الهبة للولد الصغير بكون الاشياءِ في يد الاب"- انهيءَ صورت ۾، جيڪڏهن پنهنجو مڙئي مال ننڍي پٽ کي بخشيندو، تہ باوجود درستيءَ جي پوءِ گنهگار بہ ٿيندو- "درمختار" ۾ آهي: ولو وهب في صحته كل المال للولد الصغير جازواثم ". (3) "اڻ بالغ کي مال بخشيل مان، پنهنجن خلاصن ڪمن ۾ پيءُ کي وجائڻ ۽ خرچڻ حرام آهي، بلڪ ڏاڍي لاچار ڪان سواءِ، ان جي مال مان پيءُ ۽ ماءُ کي کائڻ ۽ پيئڻ بہ حلال نہ آهي"! "حمويءَ" لکيو آهي:" ولايحل لهما الوالدين الاكل والشرب من

ماله الصغير لغير حاجة". (4) "جڏهن اڻ بالغ جي مال مان، ماءُ پيءُ کي پاڻ لاءِ بہ خرچڻ حرام ٿيو، تڏهن ان مان ٻين تي اِحا ڪرڻ تہ بطريق اوليٰ حرام ٿيو، پر جي ان مان ٻئي کي عيوض سان ڏجي، تہ بہ اهڙيءَ طرح "- "فتاويٰ خانيءَ" ۾ آهي: "ولا يجوز للاب ان يهب شيئا من مال ولده الصغير بعوض وغير عوض لانها تبرع ابتداءً". پر جي ننڍي ڇوڪر يا شاگرد لاءِ ڪپڙا ورتائين، تہ سي بہ وري ٻئي کي ڏيئي نہ سگهندو: مگر جي خريدڻ وقت پڌرو ڪيو اٿس تہ هي ڇوڪر لاءِ مڱيا آهن"- "در مختار" ۾ آهي: "اتخذ لولده الصغير والتلميذه ثيابا ثم اراد دفعها لغيره ليس له ذالک مالم يبين وقت الاتخاذ انها عارية". (5) "نسب جي مائٽ محرم کي، توڙي ذمي هجي يا مستامن، کي بخشبو تہ سڀ ڪنهن صورت ۾ بخش کان رجوع ڪرڻ حرام آهي"- "درمختار" ۾ آهي: ولو وهب لذي رحم محرم منه نسبا ولو ذميا اومستامنا لايرجع، " ۽ ؟"بخاري شريف" ۾ ٻين ۾ حديث آهي: "العائد في هبته کالکلب يعود في قيه" - يعني موٽنڊڙ بخش ۾ ڪتي جهڙو آهي، جو قي ڪري موٽي پنهنجي قي تي اچي، يعني ڪائي ڇڏيس، "شاميءَ"، "درمختيار" جي حاشيہ ۾ ( هن صورت ۾، جو ورهيہ پوري ٿيڻ کان اڳي پنهنجي ننڍي ڇوڪر کي مال بخشي ڏي) هيئن لکيو آهي تہ پراڻهين بخشش ۾ رجوع ممڪن نہ ٿيندس، ڇا ڪان جو بخشش مائٽ محرم لاءِ آهي: هائو جيڪڏهن احتياج ۽ ضرورت ٿئيس تہ موچاريءَ طرح سان پاڻ تي خرچڻ جائز اٿس. ان جي عبارت هيءَ آهي: "لکن لايمکنه الرجوع في هذه الهبة لکو نهالذي رحم محرم نعم ان احتاج اليه فله الانفاق منه عليٰ نفسه بالمعروف والله اعلم"- هن مان معلوم ٿيو تہ ننڍي پٽ کي مال بخشيل ان جي ملڪيت ٿي ويو، ۽ ان کان رجوع بہ نہ ٿي سگهندو. پوءِ پيءُ ماءُ ضرورت ڌران ان مان کي خرچيو تہ غاصب ڇئبا- ۽ غصب حرام آهي! (6) "سيني فرضن ۾ جهڙو روزو، نماز، زڪوات ۽ ٻيا- پڌرائي ڪرڻ افضل آهي، جنهن سببان تهمت هيٺ نہ اچبو، ۽ نفلاتي ڪمن ۾ جيڪڏهن ارادو هوندو تہ ٻلي کي پيروي ڪن، تہ ظاهر ڪرڻ افضل آهي، ۽ جي نہ، تہ لڪائڻ ڀلو - جيئن تہ "تفسير احمدي" ۽ ٻين مان پروڙجي ٿو - علي الخصوص زڪوات جو پڌرو ڏيڻ، ابتڙ نفلاتي صدقي جي، زور ڀلو آهي، جو ان ۾ لڪائڻ چڱو" - "بحرزائق" ۾ آهي: "الا فضل في الزکواة الاعلان بخلاف صدقة

التطوع". ۽ "تفسير احمديءَ" ۾ حضرت عبدالله بن عبس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي اٿس: "صدقة السرفي التطوع تفضل علي علانيته بسبعين ضعفا و صدقة والفريضة علانيتها افضل من سرها بخمسة و عشرين ضعفا" - يعني ڳجهو صدقو نفلي، پڌري صديق نفلي تي ستر ڀاڱا وڌيڪ ٿئي ٿو. ۽ صدقو فرضي پڌرو. ڳجهي فرضي صدقي کان پنجويهہ ڀاڱا زور ڀلو آهي - هن مان معلوم ٿيو ته زڪوات پڌري ڏيڻ ۽ فقير کي ان جي ڄاڻائڻ ۾ ڀلائي زياده آهي، جو تهمت هيٺ به ڪين اچبو ۽ اجر پنجويهوڻو لکبو. (7) جڏهن فقير کي امر ڪيائين ته فلاڻي سيد کي يا فلاڻي مسجد جي مرمت ۾ وجي ڏي، ۽ ان کي ائين به ڪين چيو اٿس ته هيءَ زڪوات مان تو کي ڏنم، تڏهن بيشڪ چئي سگهبو ته مال فقير جي ملڪيت ڪين ڪيائين: فقير کي، مسجد، ڏي، يا سيد ڏي، مال موڪلڻ لاءِ وڪيل نهرايائين - ڇا کان جو زڪوات شارع جي معين ڪيل مال جو ڀاڱو، ملڪيت ڪري ڏيڻو آهي. مسلمان فقير کي، جو نڪي هاشمي هجي، نه ان جو آجو ڪيل، ۽ ان ۾ هي به شرط آهي ته خالص خدا تعاليٰ جي لاءِ، انهيءَ مال مان پنهنجا هر طرح جا نفعا وڃڻ وڍي ڇڏجن - جيئن ته "تنوير الابصار" ۾ آهي: "هي الزكواة تمليک جزء مال عينه الشارع من مسلم فقير غير هاشمي ولامولاه مع قطع المنفعة من كل وجه الله تعاليٰ". ۽ هن صورت ۾ جو فقير کي سڏ به ڪا نه ڏني اٿس، ته هيءَ زڪوات مان توکي ڏنم، بلڪ ان کي مسجد ۾ يا سيد کي ڏيڻ جو امر ڪيو اٿس - ڪير موچاري مت ۽ پوري پروڙ وارو چوندو ته اهو مال فقير جي ملڪيت ڪيائين؟ هرگز ڪو نه چوندو؛ هائو، البت ائين سڀ ڪو چئي سگهندو ته فقير کي مسجد ۾ يا سيد کي پهچائي ڏيڻ لاءِ وڪيل ڪيائين. (8) مٿين تحقيق مان معلوم ٿيو ته انهيءَ صورت ۾ فقير مال جو مالڪ نه ٿيو، بلڪ پهچائي ڏيڻ لاءِ وڪيل ٿيو. پوءِ ائين نه ٿيو ته زڪوات جو مال مسجد ۾ يا سيد ڏي موڪليائين، بلڪ هيئن ٿيو ته جيئن مسجد ۽ سيد زڪوات جي خرچڻ جو هنڌ نه آهن، تنهن ڪري ٻي زڪوات ڏيڻ مٿس واجب ٿي - سڄي جي خزاني ۾ به کوٽ پيئي ۽ زڪوات به مٿانس ڪين لٿي: هڙ هلاڪ. پئسا پٽيءَ ۾! (9) "مسجد جي مرمت ۾ زڪوات جو مال خرچڻ ناجائز آهي" - "در مختار" ۾ آهي: "ولا يصرفالي بناء نحو مسجد". سو هن سببان جو ان ۾ تمليک (يعني مال فقير

جي ملڪيت ڪرڻ زڪوات جي ادا جو رڪن آهي) نٿو ليي. "بحر رائق" ۾ آهي:- "وذالک لعدم االتمليک الذي هوالرکن" - پوءِ جي زڪوات جي نيت سان مسجد جي اڏاوت يا مرمت ۾ مال خرچيائين، تہ زڪوات نہ لهندي ۽ ٻي ڏيڻي پوندي! "فتاويٰ خاني" ۾ آهي: "ولو بنيٰ مسجدا بنية الزکواة لايجوز اي لا يجوزالزکواة انهيءَ صورت ۾ ائين نہ چئبو تہ زڪوات جي مال مان مسجد نهي، بلڪ انهيءَ مسجد جو حڪم شرعي مسجد جهڙو آهي.(10)· زڪوات جي مال مان مسجد نهيل جو حڪم معلوم ٿيو تہ زڪوات ڪين لٿي: مسجد جو حڪم شرعي مسجد جهڙوآهي، ۽ زڪوات جي حيلي ڪيل مال مان جيڪڏهن مسجد نهي، هن طرح سان، جو زڪوات جو فقير کي ڇاڻائي ڏنائين ۽ ان کي مسجد نهرائڻ جو حڪم ڪيائين، تہ نظر ڪبو تہ جي فقير چيو ڪري يا نہ ڪري، تہ ٻئي زڪوات ڏيندڙ وٽ برابر آهن ۽ انهيءَ زڪوات ڏيندڙ مسجد جي مرمت ۾ ڪجهہ مال ڏيڻ جو، ڳجهو يا پڌرو. ڪنهن مسجد جي متوليءَ يا ٻئي ڪنهن سان وعدو بہ ڪو نہ ڪيو آهي، ۽ وعدو ڪيو اٿس تہ پوءِ هي مال جوفقيرکي ڏنو اٿس، سو انهيءَ ڪيل وعدي ۾ پاڙيو بہ نٿو ڏي - تہ انهن سيني شرطن ليڻ وقت، انهيءَ زڪوات جي اهڙي حيلي ڪيل مال مان، مسجد نهيل جو حڪم، ري شڪ ۽ تردد، شرعي مسجد جهڙو ئي آهي، ۽ ٻئي ثواب ۾ داخل چئبا. زڪوات ڏيندڙ زڪوات ڏيڻ ۽ خير جي آڇ ڪرڻ ۽ ان تي مدد ڏيڻ جي ثواب ۾ ۽ فقير خير جي ڪم ڪرڻ جي ثواب ۾ . "مجمع الانهر" ۾ آهي: "وان أريد الصرف اليٰ هذه الوجوہ صرف الي الفقير ثم يامرو بالصرف اليها فيثاب السز کي والفقير" ۽ "در مختار" ۾ آهي: "وحيلة التکفين باالتصدق عليٰ فقير ثم هو يکفن فيلون الثواب لهما وکذافي تعمير المسجد". "طحطاوي" جي حاشيہ ۾ آهي: "قوله فيکون الثواب لهما اي ثواب الزکواة للمز کي وثواب التکفين للفقير وقد يقال ان ثواب التکفين يثبت للمز کي ايضالان الدال علي الخير کفاعله وان اختلف الثواب کماو کيفا. ۽ "امام سيوطي". "جامع صغير" ۾ حديث آندي آهي تہ صدقو جي ٿي، سوجي هٿن مان لنگهندو تہ مڙني کي پهرئين جي اجر جهڙو اجر ٿيندو. هن کان سواءِ جو ان جي اجر مان ڪي گهٽجي پوي. حديث جا لفظ هي آهن: "لومرت الصدفة عليٰ يدي مائة لکان لهم من الاجر مثلاجر المبتديٰ من غير ان ينقص من اجره شيئا" - هن مان معلوم ٿيو

تہ انهيءَ مسجد جو حڪم بہ ان مسجد جهڙو ٿيو، جا نہ حيلي ڪيل پاڪ مال مان نهي، ۽ ٻنهي ۾ ڪنهن وجهہ جو فرق ڪونهي: مگر جي زڪوات ڏيندڙ جو اهو مقصد آهي تہ فقير هرويرو اهو مال مسجد ۾ ڏئي، ۽ جي نہ ڏيندو تہ مٿس ڇيني بہ ڪندو، يا مسجد ۾ ڪجهہ مال ڏيڻ جو واعدو ڪيو اٿس، تنهن ۾ پاڙي ڏيندو، تہ ڪنهن تاويل سان ڪين چئي سگهبو تہ مال کي فقير جي ملڪيت ڪرڻ جو ارادو هوس، بلڪ چئبو تہ پنهنجي وعدي پنيان، يا وعدي سواءِ، مال مسجد ۾ موڪلڻو هوس، ۽ فقير، وڪيل کان واڌو نہ هو، سو زڪوات جو مال مسجد ۾ زڪوات ٿي نہ پڙندو، ٻي زڪوات ڏيڻي پوندي! جنهن مال مان زڪوات نہ نڪتي، سو مسجد جي عمارت ۾خرچ ڪيو ويو، تہ ان مسجد ۾ نماز پڙهڻ ڪراهت تحريم ٿيندي، ڇا ڪان جو مال شبهي وارو ٿيو. "حموي" آندو آهي: "اذا منع صدقاته وزكاته و عشره صارماله ذاشبهة". ۽ اهو شبهو حقيقت سان لڳيس ٿو، تنهنڪري خبيث مال چئبس، ۽ مال خبيث يا جنهن مال جا بہ سبب هجن - هڪڙو پاڪ ٻيو خبيث - مسجد ۾ خرچڻ ڪراهت آهي، ڇا ڪان جو الله تعالىٰ، پاڪ ڏاران ٻئي کي نٿو قبولي، تڏهن ان جي بيت کي ان وٿ نہ قبول پيل شي سان آلودو ڪرڻ ۽ پرڻ ڪراهت ٿو ٿئي - جيئن تہ "شامي"، "شرنبلالي" کان "تاج الشريعة" جو قول نقل ڪري ٿو: "قال تاج الشريعة لو انفق في عمارة لامسجد مالا خبيثا اومالا سببه الخبيث والطيب فيكره لان الله تعالىٰ لا يقبل الا الطيب فيكره تلويث بيته بمالا يقبله". ۽ "تفسير احمدي" ۾ "مدارڪ" کان نقل آڻي ٿو تہ سڀ ڪا مسجد، جا وڏاءِ ۽ رياءَ ۽ سڻ سڻ ٿيڻ يا خدا تعالىٰ جي راضپي ڳولڻ ڌاران ٻي ڪنهن غرض لاءِ يا ناپاڪ مال مان نهي، سا حڪم ۾ "مسجد الضرار" سان لڳندڙ آهي، ۽ ان جي عبارت هيءَ آهي: "كل مسجد بني مباهاة او رياء اوسمعة اولغرض سوي انتعاءِ وجه الله تعالىٰ اوبمال غير طيب فهو لاهق بمسجد الضرار". ۽ "تفسير كشاف" واري بہ اهڙيءَ طرح فرمايو آهي - "مسجد الضرار" جو قصو هئن آهي، جو جڏهن انصارن - عمرو بن عوف جي پوٽن - مسجد قبا بنائي، تڏهن انهن جا ڀائر غنم پوٽا (جن ۾ ڪي منافق، آبو عامر، نصراني راهب، فاسق، خدا ۽ رسول جي عدو جا ٻول ٻڌل بہ هئا) سي هن سان گار پئي چوڻ لڳا تہ پلا اسين گڏهہ ٻڌڻ جي هنڌ بہ ڪا نماز پڙهنداسون؟ (ڇا

ڪان جو مسجد قبا جي اڏجڻ ڪان اڳي ان جاءِ تي هڪڙي عورت پنهنجو ڳڏهہ ٻڌندي هئي) پوءِ ان راهب ملعون جي آچ سان ( جو ان چين تہ منهنجي لاءِ مسجد بنايو ۽ مون ڪان سڀ ڪا مدد ونو. آءٌ قيصر روم وٽ وڃان ٿو. تنهن وٽان ڪٽڪ آڻيندس. پوءِ محمد صلي الله عليه وسلم ۽ ان جي اصحابن کي مديني مان ڪڍي ڇڏينداسون). بارهن منافقن مسجد قبا جي سامهون هڪڙي جاءِ ظاهر ۾ مسجد - ۽ حقيقت ۾ ديول - جوڙي ۽ ان ۾ راهب ملعون جي اعتڪاف لاءِ بہ مڪان ناهيايون. ۽ قبا وارن تي فخر ڪرڻ لڳا تہ اسان جي مسجد ۾ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم ۽ ابو عامر راهب ٻئي نماز پڙهندا. ۽ اسان کي شرف ۾ قبا وارن کان وڌيڪ ملندو! ان جي تياريءَ بعد حضرت جن ڏانهن، ان ۾ اچي قبا وانگر نماز پڙهڻ لاءِ، ماڻهو موڪليائون. پاڻ تبوڪ ڏي سانباهي ۾ هئا ۽ ڪين آيا. پوءِ هو منافق، ماڻهن کي مسجد قبا کان ٽاهڻ ۽ پنهنجي عمارت راهب ملعون جي خواهش تي اڏيل ڏي آڻڻ لڳا. تنهنڪري مسجد قبا جي جماعت متفرق تي ويئي. ۽ هنن منافقن عادت ڪري ورتي جو پاڻ ۾، انهيءَ پنهنجي اڏيل مسجد ۾ ڳڏجي، سڀڳورن تان چٽرون ڪندا هئا. حضرت جن جڏهن تبوڪ کان موٽيا ۽ اجا مديني شريف جي شهر ۾ داخل نہ ٿيا، تہ ٻارهن منافقن جا ماڻهو، سڀڳورن کي پنهنجي عمارت ۾ وٺي وڃڻ لاءِ آيا تہ پاڻ پهرين اتي هلن ۽ پوءِ شهر ۾ داخل ٿين. حضرت جن اجا انهن وٽ وڃڻ لاءِ سوار نہ ٿيا نہ جبريل امين، حضرت رب العالمين جي فرمودي سان، سوره التوبہ جون - "والذين اتخذوا مسجدا ضرارا" کان "والله عليم حڪيم" تائين - چار آيتون، قلب اطهر محمدي صلي الله عليه وسلم جي لوح محفوظ تي آڻي ثابت ڪيون- انهن آيتن جو خلاصو هي آهي تہ "جن منافقن ضد ڪرڻ، ضرر پهچائڻ ۽ ڪفر ۾ پوڻ ۽ مسلمانن ۾ ويڇي وجهڻ جي قصد تي، خدا ۽ رسول سان اڳ ۾ وڙهيل، راهب معلون جي ويڙهہ جي گهٽ بنائڻ لاءِ مسجد جوڙي ۽ قسم ڪائين تا تہ چڱي ڳالهہ جو ارادو ڪيو اٿئون[1] . سو الله تعاليٰ شاهدي ڏئي ٿو.تہ اهي ڪوڙ ڪندڙ آهن، تون، اي دوست منهنجا، ڪڏهن هرگز منجهس نہ وڃج! جنهن مسجد جو پهرئين ڏينهن کان پرهيزگاري

[1] يعني مينهن جهڙ ۽ بين ڏکين وقتن ۾ ري تڪليف آسانيءَ سان ان ۾ نماز پڙهي سگهنداسون.

اهڙيءَ طرح، شرعي ۽ جائز حيلي ذاران پڌرو زڪوات جو مال، سيد کي ڏيڻ ناجائز آهي - ۽ هاشمين کي زڪوات ڏيڻ جي منع انهيءَ سببان آهي، جو هو اوساخ الناس آهي، نہ هن سببان تہ اڳي خمس تي ملين، تنهن جي نہ ملڻ وقت منع هلي ويئي. هتي پهرين "اوساخ الناس" جي معنيٰ لکجي ٿي، ۽ ان ۾ منع وارين حديثن مان بہ ڪي آڻجن ٿيون: "امام شعرانيءَ" "بحرالمورود" ۾، "امام مناويءَ " "جامع صغير" جي شرح ۾ آندو آهي تہ ڪن لغت جي عالمن چيو تہ "وسخ" ميرائيءَ کي چون، ۽ "اوساخ" ان جو جمع آهي: يعني زڪواتون ۽ صدقا، ماڻهن جون ميرايون ۽ گندگيون ۽ پليتيون، ۽ گندگيءَ پليتيءَ جي ڏوپ جي پاڻيءَ مثال آهن، جن جي ڏني سندن نفس ۽ مال صفا ٿين ٿا ۽ مٿان ميرايون لهن ٿيون - جيئن تہ قرآن شريف ۾ آهي: "خذ من اموالهم صدقة تطهرهم وتن کيهم بها". ۽ ڪي چون ٿا تہ وسخ "ڪرفتيءَ" کي شامل آهي - پوءِ جيڪي انهيءَ کان گهٽ هوندو، تنهن کي بہ "وسخ" چئبو- پر حضرت جن صلي الله عليه وسلم، جيتري قدر تي سگهندو هو تہ ڪنايو ڪندا هئا. تنهن ۾ وسخ، صدقي ڏيندڙ جي ڪسب موافق، قباحت ۾ گهٽ وڌ ڄاڻڻ گهرجي. لاپ ڪائيندڙ ۽ ڪوٽ ڪندڙ ۽ سوداگرن کان ظلم سان وٺندڙ ۽ رشوت ڪائيندڙ جي صدقي جو حڪم، ڪرفتيءَ ۽ پُونءِ جهڙو، ۽ معاملي ۾ سنائي رکندڙ، پر بيان ڪيلن ڪمن ڪندڙن ۽ ظالمن سان واپار ڪندڙ جي صدقي جو حڪم، پيشاب ۽ رت جهڙو آهي، ۽ بيون صورتون بہ ان تي قياس ڪبيون، ۽ تمام گهٽ مرتبو ٿُڪ جهڙو آهي - تنهن ڪري هاشمين تي ڪنهن ڪم جي عيوض ۾ يا ان ذاران حرام ڪيل آهي: جنهن اها صورت جدا پائني، سو حق کان پري ٿيو!

"امام مناوي"، "جامع صغير" جي شرح ۾ لکي ٿو تہ اهلبيتن مان ڪنهن شخص، امير عمر يا ٻئي ڪنهن کان صدقي جي مال مان اٺ گهريو هو، تنهن چيس تہ جيڪڏهن ڪو ٿلهو مڙس گرم ڏينهن ۾ هن يعني سٿڻ هيٺ جيڪي آهي، سو ڌوئي، تہ اهو ڏوپ پيئڻ ڪي وٺيئي ٿو؟ تڏهن هن ڏمرجي چيو تہ تون مون کي ائين ٿو چوين؟ تڏهن چيائين تہ هي بہ ماڻهن جون ميرايون آهن، جي ڌويو ڇڏين ٿا! ۽ "بحر المورود" ۾ آهي تہ جڏهن حضرت فضل حضرت عباس جي فرزند، حضرت جن کان صدقن تي ڪامورو ٿيڻ گهريو هو، تڏهن چيائينس تہ خدا پناهہ ۾ رکي، جو آءٌ توکي ماڻهن جي گناهن جي ڏوپ

تي ڪامورو ڪريان! ۽ "ڪشف الغمة" ۾ حضرت عبدالله بن عباس کان روايت آهي تہ ابو رافع، سڳورن جو آجو ڪيل، حضور شريف ۾ اچي چون لڳو تہ يا رسول الله فلاڻو جو اوهان جي پاران صدقن تي ڪامورو هي، مون کي تو سڏي تہ همراهہ ٿيانس، ۽ مون کي ان مان حصو ڏيندو. پاڻ فرمايائون تہ صدقو اسان لاءِ حلال نٿو ٿئي، ۽ تحقيق آجو ڪيل بہ اچي ڪنڌڙن جي قوم مان آهي - ۽ پڻ حضرت ابن عباس کان روايت آهي تہ پاڻ گهڻو ڪري صدقن بابت فرمائيندا هئا: "انما هي اوساخ الناس وانها لا تحل لمحمد و لا آل محمد" يعني اهي پيو ڪي ڪين آهن، رڳيون ماڻهن جون ميرايون آهن: تحقيق اهي نہ حلال ٿيندا محمد لاءِ، ۽ نہ اولاد محمد ( صلي الله عليہ وسلم ) جي لاءِ!- ۽ حضرت انس کان روايت آهي تہ حضرت امام حسن عليہ السلام هڪڙي ڏينهن صدقي جي ڪارڪن مان هڪڙي ڪتي وات ۾ وڌي، تڏهن پاڻ فرمايائون: "ڪخ ڪخ ارم بها امام علمت انا لانا ڪل الصدقه" يعني تُــو تُــو! اڇلائي ڇڏينس: تو ڪي سڌ ڪانهي تہ اسين صدقو ڪين کائيندا آهيون! هاڻي خيال ڪرڻ گهرجي تہ جنهن حضرت امام حسن عليہ السلام جي محب ڪي سڳورن پنهنجو محب، ۽ ان جي رضا کي پنهنجي رضا، ۽ ان جي رنج کي پنهنجو رنج فرمايو، ۽ هر حال ۾ هميشہ سندس رضا تي رکيائون - تان تہ ڪئين پيرا نماز جي سجدي ۾ ڪلهن مبارڪن تي اچيو وهندو هو، تہ گهڻي مدت گذرڻ ساڻ، ان جي پاڻيهي لهڻ ڏاران، سجدي مان مٿو مٿي نٿي ڪنيائون - تنهن پيار ي، ننڍپڻ جي حالت ۾، صدقي جي هڪڙي ڪارڪ وات ۾ وڌي. سا بہ ان کي ٿڪائي ڇڏيائون، ۽ اهو ان جو رنج ٿيڻ، انهيءَ ڪارڪ کائڻ کان هلڪو پروڙيائون، تڏهن ان مان زڪوات ۽ صدقي جي مال کائڻ ۾ اهلبيتن لاءِ ڪيڏي منع ۽ ڪهڙي نہ چڱائي سمجهڻ گهرجي! ظاهر مذهب جي مطلق منع آهي، جنهن زماني ۾ هجي: توڙي ڪو هاشمي، هاشميءَ کي يا ڪو پيو، هاشميءَ کي زڪوات ڏئي، تہ منع ۾ سڀئي برابر آهي - "در مختار" ۾ لکي ٿو: "ثم ظاهر المذهب اطلاق المنع"، ۽ "رَدِ المختار" ۾ آهي: "يعني سواء "في ڪل الا زمان و سواء في ذالڪ دفع بعضهہ بعض ودفع غير هم لهم"، ۽ جيڪا "ابو عصمة" "جواز" ۾ امام کان روايت ڪئي، سا مرجوع ۽ ان کان رجوع ڪيل آهي، جيئن "رَدِ المختار" ۾ بين ۾ آهي: "فتعلم ان ماروي ابو عصمة عن الامام انہ يجوز الدفع الي بني هاشم في زمانہ لان عوضها و هو خمس الخمس لم يصل اليهم الخ مرجوع و

مرجوع عنه". ۽ فاضل محمود هالائيءَ چيو تہ جو ڪن هن زماني ۾ احتياجيءَ ۽ خمس نہ ملڻ جو دليل ونئي، هاشمين کي زڪوات ڏيڻ جائز چئي، سو نص جي مقابلي ۾ غير مقبول سبب بيان ڪرڻو آهي -رزق رب تي آهي: مٿن چرڻ سان. توڙي بيت المال مان حق نٿو ملين، ۽ حرام جي کائڻ لاءِ نصن کي باطل ڪرڻ، دين جي ڦيرائڻ ڏي پهچائي ٿو! "امام شافعي" جو مذهب بہ ناجواز آهي، ۽ ان جي عبارت هيءَ آهي: "وماقال بعض الناس من جواز الدفع اليهم في هذا لزمان و تمسكوا بفقرهم وعدم وصول خمس الخمس اليهم فهو تعليل في مقابلة النص غير مقبول انما الرزق علي الله والعشيهم الحركة ان لم يصل حقهم من بيت المال اليهم وابطال النصوص لاكل الحرام يؤدي اليٰ تحريف الدين و مذهب الشافعي ايضا عدم الجواز" - عقل واري کي هي ڪفايت آهي: ڪم نہ ايندو اڻ ڄاڻ کي دفتر. (13) غير شرعي حيلا ڪري سيدن کي زڪوات کين ڏبي. شرعي حيلي سان درست چئبي، پر جنهن کي الله تعاليٰ نصاب وارو ڪيو، تنهن کي خدا جل جلاله ۽ رسول صلي الله عليہ وسلم جو حيا بہ گهرجي، تہ خدا جل جلاله ۽ رسول صلي الله عليہ وسلم جو انهن لاءِ حرام ڪيل مال، انهن کي حيلي سان ڪيئن ٿو ڏي، ڇو پنهنجي ٻئي مال مان انهن کي ڪين ٿو بخشي؟ اگرچ مناسب هيئن آهي تہ نفلاتي خير مان ساداتن کي نہ آڇي، ۽ ٻئي خالص مال مان هديي طرح ان کي ڏي، ڇاڪاڻ جو ڪن محققن ان جي جواز ۾ بہ اختلاف ڪيو آهي - جيئن تہ "طحطاوي" جي هن عبارت مان ٿو پروڙجي: "الذي حققه في الفتح يقتضي حرمة النافلة والوقف الخ فلنتكلم علي النافلة ثم نعطي مثلها الوقف ففي شرح الكنز لافرق بين صدقة الواجب والتطوع ثم قال و قال بعضهم يحل لهم التطوع فقد اثبت الخلاف عليٰ وجه يشعر بحرمة النافلة وهو الموافق للعمومات فوجب اعتباره فلاتدفع اليهم النافلة الا عليٰ وجه الهبة مع الادب وخفض الجناح تكرمة لاهل بيت رسول الله صلي الله عليه وسلم و اقرب الاشياءِ اليک حديث بريرة الذي تصدق به عليها لم يا كله حتي اعتبره هدية منها فقال هو عليها صدقة ولنا منها هدية والظاهر انها كانت صدقة نافلة لانه لا تخصيص للعمومات الا بدليل فهذا من الكمال تصريح بحرمة النافلة والوقف" پر گهڻن محققن نفلي صدقو انهن لاءِ جائز بہ چيو آهي - جيئن تہ "بحر" واري، "نهايه" ۽ بين مان ان تي اجماع نقل ڪري، هيئن چيو آهي: "وجازت التطوعات اي صدقة النافلة و في النهاية عن العتابي

الاجماع عليٰ جواز ذالک لهم و تبعه صاحب المعراج و احتاره في المحيط مقتصرا عليه و عزاه للنواد رومشيٰ عليه الا قطع في شرح القدوري و اختاره في غاية البيان ولم ينقل غيره صاحب المجمع فکان هو المذهب" - باوجود انهيءَ جواز جي، جڳائيندڙ هيئن آهي تہ پيغمبري قرابت نظر رکي، گهڻي نياز، ججهيءَ تعظيم سان، سين کان اڳي، ان مان بني هاشمين کي ڏيڻ گهرجي! جيئن تہ قاضي ثناءُ الله پاڻيپتي "مالا بد منه" ۾ تو لکي: "اول از صدقہ نافلہ بہ بني هاشم بدهد کہ زکوات برانها حرام ست و بتواضع و احترام نظر برقرابت رسول الله صلي الله عليه بگذ راند" - اهلبيتن سان احسان ڪرڻ جي تاڪيد، ۽ ان جي پلائيءَ ۾ جيڪي حديثون آيون، سي جمع ڪجن تہ گهڻي طوالت ٿئي، تنهنڪري ڪن حديثن، ڪتاب "شرف المؤبد"، "شيخ يوسف بيروتي" جي ۾ تصحيح ۽ تحقيق سان نقل ڪيلن جي فقط معنيٰ جو خلاصو لکجي * تو تہ "ڪوئي شخص، عبدالمطلب جي اولاد تي احسان جو هٿ رکندڙ ۽ اهلبيتن کي تعظيم ڏيندڙ ۽ ان جون حاجتون پوريون ڪندڙ ۽ ضرورت وقت ان جي ڪمن ۾ ڪوشش ڪندڙ ۽ انهن سان ڳنڍيندڙ ۽ انهن جي خوش ٿيڻ جهڙا ڪم ڪري، انهن کي خوش رکندڙ ۽ سيني انهن لاءِ موچارو ٿيندڙ ۽ قلب ۽ زبان سان محبت رکندڙ - ماڻهن ۾ زور پلو ۽ شفاعت خاص ۾ وڏي پڪي اُميد وارو آهي، ۽ ان جو احسان حضرت صلي الله عليه وسلم تي ثابت، ۽ پاڻ ان احسان جي ساٽس قيامت جي ميدان ۾ مڪافات ڪندا.

هاڻي ڏسو: جڏهين هيڏو تاڪيد، هيڏي پلائي، تڏهين اهلبيتن سان ڇو نہ واڪاڻيل طرح احسان ڪجي؟ سواءِ حيلي، خالص هديي ڏيڻ ۾ جا خاصيت ليندي، سا هن ۾ نہ، پر جي تي شرعي ٿيو، تہ بہ ثواب فقير کي سريو. اتي بہ دنيادار، جي سالم نيت وارو نہ هوندو، تہ ثواب ڪان رهيو، تنهن ۾ يقين تہ جو مال پيغمبري قرابت تي نظر رکي، گهڻي نياز ۽ ججهيءَ تعظيم سان، خاص سيد سان احسان ڪرڻ جي نيت سان، ان جي خدمت ۾ هديو ڪري رکبو، ۽ اُن ۾ ڪنهن خيرات يا صدقي يعني فطري جي صدقي، روزي ۽ قسم جي ڪفارت يا ڪنهن نفلي صدقي جو غرض نہ ڪبو، تہ اُن جي موچارائي هن جي موچارائيءَ

---

* مخفي نہ رهي تہ هن گهڻن حديثن جو مضمون گڏيل آهي، ۽ هڪڙيءَ حديث جو نہ آهي. جڏهن ڪو تعمق جو نظر ڪندو تڏهن معلوم ٿيندس. هي اطلاع انهي لاءِ ڪيو ويو آهي. تہ متن کو تکرار تي جهٽ پٽ اعتراض ڪري.

ڪان زور واڌو چئبي: ۽ جنهن وقت احتياج وارو سيد ڪي گهرندو ۽ ان ڪي متئين لحاظ ڪان ڪجهہ ڏبو، تہ ان جو درجو زور اعليٰ آهي- جن ان ڳالهہ ڪي نہ سڄاتو، سي گهٽا ڪاپار جي دين ۽ دنيا ۾ خراب ٿي ويا! حديث شريف ۾ آهي: "لا يومن عبد حتي اکرن احب اليه من نفسه و تکون عترتي احب اليه من عترته واهلي احب اليه من اهله" يعني ڪو ٻانهو ڪامل مومن نٿو ٿئي تان تہ آءُ پيارو ۽ وڻيل ٿيان ان وٽ، ان جي نفس ڪان، ۽ منهنجو اولاد زور پيارو ٿئي وٽس، سندس اولاد ڪان، ۽ منهنجو اهل زور پيارو ٿئي وٽس، سندس اهل ڪان! شال الله تعاليٰ پسڻ جي اک ڪولائي ۽ خلق ڪي آنڌ ۽ ورن سرن ۽ هٿرادو حيلن ڪان ڇڏائي:آمين!(14) جنهن صورت ۾ فقير ڪي زڪوات جو اطلاع ڏنو اٿس، ۽ ان تي مسجد ۾ يا سيد ڪي ڏيڻ جو بار رکيو اٿس، تنهن صورت ۾ فقير تي ان جو چيو ڪرڻ لازم نہ آهي، ڇا لاءِ جو مال فقير جي ملڪيت تي ويو - ۽ هيءُ شرط فاسد آهي: سو بخشش ۽ صدقو فاسد شرط سان فاسد نہ ٿيندا. "در مختار" ۾ آهي: "وهل له الفقر ان يخالف امره المزکي لم اره والظاهر نعم" ۽ شامي ان جي هيٺان لکيو آهي: الحبث لصاحب النهر واقال لانہ مقتضيٰ صحتہ التمليک قال الرحمتي والظاهر انه لاشبهة فيه لانه ملکه اياه عن زکاة ماله و شرط عليہ شرطا فاسدا والهبة ولصدقة لايفسدان بالشرط الفاسد".(15) فقير جي ٻي چيائي ڪرڻ ڪان رنج ٿي، موٽي اُن ڪي زڪوات نہ ڏيڻ مان ائين ڪين ڇئبو، تہ زڪوات جي مال جو مالڪ ڪين ڪيو هئائينس، ڇا لاءِ جو هو ونڻ سان مالڪ ٿي ويو - ۽ حڪم ظاهر تي ڪبو، ۽ رنج بيهودو سمجهبو. مسجد ۾ يا سيد ڪي ڏيڻ مالدار ڪي گهربو هو، نہ فقير جي نہ ڏيڻ تان رنج ٿيڻ: ڏنائون ڪين رنائون گهٽو!(16)فقير جنهن صورت ۾ عيالدار يا مسڪين مائٽن وارو يا قرضي يا مسافر يا ڪنهن ٻئي احتياج وارو آهي، تنهن صورت ۾ پهرين حق ضرورتن ۾ خرچڻ اٿس، نہ خير ڏيڻ ۾، جو سندس صدقو آهي - جيئن تہ ڪتاب "الترغيب والترهيب" ۾ انهيءَ باب ۾ "حافظ عبدالعظيم منذريءَ" ڪيتريون حديثون آنديون آهن - ۽ تڪليف بہ مالدار ۽ وسعت واري تي ٿئي ٿي: "لايکلف الله نفسا الا وسعها". (17) دنيادار تي زڪوات، فطرو، اُضحي ۽ ذوي الارحام جو "لقطو"، الله تعاليٰ جي واجب ڪرڻ سان واجب آهن، ۽ نذر، ۽ سواءِ ان جي سندس مڃڻ ۽ واجب ڪرڻ سان، ۽ ٻيا چڱا ڪم، جهڙو: سيد ۽ عالمن جي خدمت ڪرڻ، مسجديون نهرائڻ، کوھ کٽائڻ، ڪي ٻيا، مستحب اٿس. پر هوندي ۽ پهچ سان

انهن ڪمن ڪرڻ جو لائق پهرين دنيادار آهي، نہ فقير، جنهن جي لاءِ عيال جو خرچ بہ وڏو خير آهي. (18) ظاهر ۾ معلوم ٿئي ٿو تہ زڪوات جو ڪنهن جنس - جهڙو اَن - ۾ لڪائي ڏيڻ، زڪوات جي ادا لاءِ ڪافي ٿئي ٿو، ڇا ڪان جو ان ۾ شرط آهي ملڪيت ڪرڻ، سو حاصل ٿي ويو. (19) ڪنهن کي ڪا شي خيرات ڏيئي، وراڻي سا ڳئي ملهہ سان وٺڻ، ڪراهت تحريم آهي. "صحيح بخاري" ۾ حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ ڪنهن کي خدا ڪارڻ گهوڙو ڏنائين، ان وٽ گهوڙو ڏکيو ٿيو. تنهن ڪري گهوڙي تي ڪهل ڪري، ملهہ ڏيئي موٽائي وٺڻ جو ارادو ڪري، سڳورن کان پڇيائين. پاڻ فرمايائون "لاتعد في صدقتک و ان اعطاک بد رهم فان ألعائد في صدقته کالعائد قيئه" يعني پنهنجي صدقي ۾ رجوع مَ ڪر، توڙي هڪڙي دم سان ڏيئي - پوءِ تحقيق پنهنجي صدقي ۾ موٽندڙ پنهنجي قي ۾ موٽندڙ جهڙو آهي! (20) مخدوم محمد هاشم عليه رحمت جي تحرير ۾ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن گنهگار ڪٽڪ يا جوَ ورتا، تن مان سون ياروپو نڪري، يا ڪي پيو نڪري پيو، تہ اهو موٽائي وڪڻندڙ کي ڏبو، ۽ جي انڪار ڪيائين تہ لقطي * جو حڪم اٿس. غرض تہ وٺندڙ جي ملڪيت نہ ٿيندو، ۽ هن صورت ۾ سامان ۾ قيمتي شي لڪل - وٺندڙ کي معلوم، ۽ وڪڻندڙ کي نامعلوم - وڪري هيٺ داخل نہ ٿيندي، ۽ وڪڻندڙ جي انڪار تي اعتبار ڪونهي.(21) وڪڻندڙ کي جيڪڏهن اها سامان ۾ قيمتي شي لڪيل معلوم هجي، تہ ان کي موٽائي ڏيڻ گهرجي، جيئن تہ "درمختار" جي عبارت مان ( جا باب "المرابحة والتولية" ۾ آهي) ثو پروڙجي - ۽ هن صورت ۾ شي وڪڻندڙ کي معلوم نہ آهي، تنهنڪري غصب ثابت ٿيو. ۽ غصب جو گناهہ شي موٽائي ڏيڻ ۽ توبهہ ڪرڻ ڌاران نہ لهندو، جيئن فقه جي ڪتابن ۾ چٽو لکيل آهي. (22) ظاهر شرع ۾ ناجائز امر ۾ حيلو ڪري، پوءِ سمجهڻ تہ جيئن ڪيم الله تعاليٰ وٽ حق بہ تيئن آهي، يهودين جي رسم آهي - جن جي حق ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو (وان منهم لفريقا يلوون السنتهم بالکتب لتحسبوه من الکتب وماهو من الکتب ويقولون هومن عند الله وما هو من عندالله ويقولون علی الله الکذب وهم يعلمون". يعني تحقيق اهل ڪتاب جي مان ڪ جماعت آهي، جي موڙين ٿا

---

* "لقطو" اها شي آهي، جا ڪنهن کي هٿ اچي مالڪ نامعلوم هجي.

زبانون پنهنجون ڪتاب سان، تان اوهين پاڻيو ان ڪي تہ ڪتاب مان آهي- نہ آهي اهو ڪتاب مان ! چون ٿا تہ هيءُ آهي الله وٽان - ۽ نہ آهي هيءُ الله وٽان! چون ٿا الله تي ڪوڙ - ۽ پاڻ ڄاڻن ٿا! (23) ظاهر شرع سان مخالف پنهنجي ناهيل حيلي کي الاهي حڪم جهڙو سمجهڻ، ۽ ان جي ڪرڻ ۾ پوءِ نہ پائڻ، پاٽان ثواب جو اعتقاد رکڻ - ڪفر کي ويجهو ٿيڻ آهي، ۽حرام کي حلال ڪرڻ آهي. سو، حرامائي ۽ حلالائي، الله تعاليٰ جي حڪم سان ثابت ٿيندي، نہ ڪنهن جي زبان جي ڳالهين ۽ ورن سان.. الله تعاليٰ فرمايو آهي:"ولا تقولوا لما تصف السنتكم الكذاب هذا حلال وهذا حرام لتفتروا علي الله الكذب ان لدين يفترون علي الله الكذب لايفلحون". يعني مَ چئو تنهن شي کي، جنهن کي بيان ڪري زبان اوهان جي ڪوڙ سان، تہ هو حلال آهي ۽ هي حرام آهي، تان ڪ بڌي رکو الله تعاليٰ تي ڪوڙ کي - تحقيق جي بڌي رکن ٿا الله تعاليٰ تي ڪوڙ کي، سي ڇوٽڪارو نٿا لهن! (24) مٿي ذڪر ڪيو ويو تہ ڪنهن جي حق باطل ڪرڻ، يا ان ۾ شبهي وجهڻ لاءِ حيلو ڪرڻ، ڪراهت تحريم آهي، ۽ حرام ڪان بچڻ ۽ حلال کي پهچڻ لاءِ چڱو، يعني نڪي فرض، نڪي واجب. ۽ "اشباه" ۾ آٽي ٿو تہ زماني شريف ۾، هڪڙي شخص تمر جا ٻہ ٽويا ڏيئي، هڪڙو ٽويو تمر جو ورتو هو، تڏهن پاڻ فرمايائونس تہ "اربيت هلا بعث تمرک بالسلمة ثم ابتعت بسلعتک تمرا". يعني ريا ڪيئي: ڇو نہ پنهنجي تمر وٽ تي وڪيئي، پوءِ پنهنجي وٽ تي تمر ورتئي؟ "اشباه" ۾ انهيءَ هينان لکي ٿو "وهذا كلهاذالم يوءَ دالضرر باحد" يعني هي سڀ تڏهن، جڏهن ڪنهن هڪڙي کي ضرر نہ پهچائي. انهيءَ ۾ پڻ آهي تہ "بيبي ساره ۽ بيبي هاجره رضي الله تعاليٰ عنها وچ ڪو ڏمر ڏوٽ ٿيو. تڏهن بيبي ساره قسم ڪنيو تہ جي ڪا هٿ پهچ ٿيم تہ انهيءَ جو ڪو انگڙو وڍيندس. پوءِ الله تعاليٰ حضرت ابراهيم ڏي جبريل، ٻنهي جي پرچائڻ لاءِ موڪليو. تڏهن بيبي ساره قسم جو حيلو پڇيو. انهيءَ تي وحي آيو تہ بيبي ساره، بيبي هاجره جي ڪنن ۾ سوراخ ڪيائي- انهيءَ ڏينهن کان ڪنن جو ٽوبڻ هليو"- حضرت ايوب عليہ السلام جو قصو شيخ "محمد نووي جاوي" جي تفسير "مراح لبيد" ۾ بين ۾ هيئن آهي تہ "اهو جڏهن بيماريءَ جي گهٽائيءَ، ۽ شهر وارن جي ان کان سوگ ڪرڻ سببان جهنگ ۾ رهندو هو، تڏهن هڪڙي ڏينهن شيطان ان جي بيبيءَ وٽ اچي چوڻ لڳو تہ "جي تنهنجو مرد مون کان مدد گهري تہ انهيءَ بلا مان ڇڏايانس."

بيبيءَ. حضرت ايوب سان اچي ذڪر ڪيو - ۽ شيطان ڪي ڪين سجاتو هئائين - حضرت ايوب کي الله تعاليٰ پروڙايو هو. تنهن قسم کنئي چيو تہ "جي خدا مون کي عافيت ڏني تہ بيبيءَ کي سؤ لڪڻ هڻندس!" جڏهن عافيت ٿيس. تڏهن هيءُ وحي آيس: "وخذ بيدک ضغثافاضرب بـه ولا تحنث". يعني وٺ پنهنجي هٿ ۾ موڙهي. جنهن ۾ سؤ سنگن هجي. پوءِ اها هڻ بيبيءَ کي. ۽ سُنهن جي ابتڙ نہ ڪر": هاڻي هڪڙا مفسر. بيبيءَ لاءِ خصوصيت ۽ رحمت سمجهن ٿا. ۽ ٻيا اها رخصت باقي چون ٿا. پر هن شرط سان تہ سڀ بدن تي لڳن. ۽ ايذاءُ بہ ٿئي: اهڙي قسم جي واقعي ۾. جتي ساهہ جو نقصان ٿئي. انهيءَ آيت مان حڪم وٺڻ جائز ٿئي ٿو - دنيا جي محبت ۾ مال ميڙڻ ۽ حقن دٻائڻ لاءِ ڪهڙي عقل واري وٽ انهيءَ آيت مان دليل وٺڻ موافق ٿيندو؟ پر اڪين جي انڌن لاءِ پروڙائڻ جي وات آهي. ۽ دل جي انڌن لاءِ ڪا وات ڪانهي- مگر جي الله تعاليٰ سوائو ڪرين. ۽ ساجاهہ ڏين. (25) زماني جا هلندڙ ۽ متيان ذڪر ڪيل حيلا. بيشڪ حضرت ايوب عليه السلام جي ذڪر سان مخالف. ۽ اصحاب السبت واري قصي سان موافق آهن. انهيءَ قصي کي تفسير "فتح العزيز" ۾ ٻين ۾ هيئن ٿو ڏسجي تہ اها هڪڙي جماعت. ايليا جي شهر ۾ درياءَ جي ڪناري. بني اسرائيلن مان. حضرت دائود کان ڳچ ورهيہ اڳ هئي. ۽ "تورات" ۾ ڇنڇر جي ڏينهن مڇي مارڻ. جي منع هين. ڇا ڪان جو اهو عبادت جو ڏينهن هون. نہ ڪنهن دنيا جي ڪم ڪار جو. پوءِ الله تعاليٰ انهن لاءِ پرک ڪئي. جو ڇنڇر جي ڏينهن پاڻيءَ جي منهن تي گهڻيون مڇيون ظاهر ٿينديون هيون. انهيءَ ڏينهن. حرام هجڻ سبب. ان جو شڪار ڪري نہ سگهندا هئا. ۽ ڇنڇر کان سواءِ بلڪل لڪي وينديون هيون. ڪي ٿوريون. ڪنهن ڪي شڪار ۾ هٿ اينديون يا نہ اينديون هيون. انهيءَ افسوس کان بيتاب ٿي پاڻ ۾ پڇ پڇائڻ لڳا تہ ڪو حيلو ڪجي. جنهن ۾ حرام بہ نہ ٿئي. ۽ شڪار کان بہ وانجيل نہ رهجي. انهن جي ڏاهن ور ڪڍيو تہ دريا جي ڪناري سان حوض کٽجن. ۽ جمعي جي پوڄاڙيءَ جو انهن ۾ پاڻي ڇوڙي ڇڏجي. ۽ ڇنڇر جي پوڄاڙيءَ جو انهن جو منهن بند ڪري ڇڏجي. پوءِ آچر جي ڏينهن شڪار ڪجي!. سٺر هزارن جيترا ماڻهو انهي قصد ۾ شامل ٿيا. ۽ ڇنڇر ڏينهن آيلن مڇين کي آچر جي ڏينهن شڪار ڪرڻ لڳا- ۽ ٻارهن هزارن جيترا انهن کي روڪڻ ۽ نصيحت ڪرڻ لڳا. نيٺ هنن جي ٻي ڇيائيءَ کان تنگ ٿي. پنهنجن گهرن کي ڪوٽ

ڏيئي، هر طرح جا لاڳاپا هنن کان ڇني ويهي رهيا - ۽ ٿيان نہ ان ڪار ۾ هئا، ۽ نہ انهيءَ ڪم ۾ هئا. الله تعاليٰ في الحال انهيءَ مني ڪم ڪندڙن سان مواخذو نہ ڪيو. تنهنڪري، چاليهہ ورهيہ يا ستر ورهيہ انهي حالت سان ورسجي رهيا، ۽ ڇوڻ ٿي لڳا تہ هي شڪار ڇنڇر جو، الله تعاليٰ اسان جن مائٽن تي حرام ڪيو هو، ۽ اسان لاءِ حلال ڪيو آهي، جو هن ڪم پنيان اسان تي هيڏيءَ مدت ۾ ڪو عذاب بہ نہ لٿو! پيو تہ اسين ڇنڇر جي ڏينهن مڇي ماريون بہ ڪين ٿا، بلڪ آچر جي ڏينهن ماريون ٿا- اهڙيءَ طرح ورسيل هئا، تان تہ مٿان حضرت دائود عليه السلام جي نبوت ۽ خلافت جو زمانو آيو، سو انهن جي مني ڪم کان واقف ٿي، انهن کي منائيءَ کان ٽارڻ ۽ عذاب کان ڊيڄارڻ لڳو. تنهن کي چيائون تہ اسين ورهن ۽ زمانن کان هن حيلي شڪار پيا ڪريون، ۽ سڀيئي تمام سُکيا ۽ مڏيءَ وارا ٿيا آهيون. اڳي بہ عذاب ڪونہ لٿو، سو ڪو هاڻ لهندو ڇا؟ انهيءَ سببان، هن ڪم ۾ الله تعاليٰ جي رضا، ۽ پاڻ لاءِ حلال سمجهون ٿا! حضرت دائود لعنت ڪين، ۽ عذاب نازل ٿيو: ڪل ڦري، اڱوٺا وار ڪري، رنگ مٽجي، پٺ ڏنگي ٿي، ڳالهائڻ بندجي، پولڙي جي صورت کان بڇڙي، گهٽي بدبوءِ واري گندي شڪل ٿين، رڳي انساني پروڙ باقي رهين! پريان ماٺهو، انهن کي ڏسڻ ۽ عبرت وٺڻ ۽ لعن طعن ڪرڻ آيا. هنن، ماٺهن جي جنين ڦنين کي مڃيو- ڪنڌ ڇوريا ٿي ۽ نهاريائون ٿي ۽ اکين مان زار زار پاڻي هاريائون ٿي! ٽن ڏينهن کان پوءِ مڙيئي مري هلاڪ ٿي ويا، ۽ منجهائن ڪو باقي نہ بچيو! هاڻ غور ڪريو تہ ذڪر ڪيلن، ۽ هن زماني ۾ هلندڙن حيلن سان، هنن جو حيلو مشابهہ آهي، يا حضرت ايوب عليه السلام وارو؟ حضرت ايوب عليه السلام کي الله تعاليٰ جو ڏسيل هو، ۽ هنن جو پاڻان ناهيل - هاڻي ڇئو تہ هي حيلا غير شرعي، الله تعاليٰ جا فرمايل آهن، يا ڪنهن دنيا جي دوست، قارون جي سچي شاگرد مال ميڙڻ واري جا ناهيل؟ افسوس! افسوس! هي ابليس جا سيکاريل شايد سمجهن ٿا تہ جيئن ماٺهن سان مڪر ۽ وَر سر ڪريون ٿا، تيئن الله تعاليٰ اڳيان بہ ڪري سگهنداسون! جي ڪو علم وارو انهن جو يار ۽ مددگار ٿيندو، تہ سو دنيا جو عالم چئبو، يا دين جو عالم سڏبو؟ دين جو علم اهو نہ آهي، جو نڳيءَ ۽ غصب ۽ مڪر ۽ حرام ڪم سان مال گهر ۾ آڻجي ۽ ڪنهن شرعي حق- مستحب، واجب، توڙي فرض- ۾ بہ گهرڪان پائي نہ ڪيجي! اهل ڪتاب

جا. يعني يهودي ۽ نصاريٰ بہ عالم هئا. پر وڏاء ۽ هٺ ۽ دنيا جي علم کو فائدون کين ۽ خراب تي ويا - جن جي لاءِ الله تعاليٰ تو فرمائي: "قليا اهل الكتب لا تغلوا في دينكم غير الحق ولا تتبعوا اهواء قوم قد ضلوا من قبل يا واضلوا كثيرا وضلواعن سواءِ السبيل". يعني چئو تہ اي اهل كتاب جا! حد كان نہ لنگهو دين پنهنجي ۾ ناحق سان. ۽ تابع نہ ٿيو نفساني سڌن انهيءَ قوم جي جا. جي گمراهہ ٿيا آهن. هن كان اڳي، ۽ گمراهہ كيو اٽن گهڻن كي، ۽ ٿڙي ويا سڌي رستي كان - (نعوذ بک اللهم من شرو رهم)" !

عزيزا! شرف ۽ ڀلائي انهيءَ علم ۾ پنيان آهي، جو الله تعاليٰ ۽ دين لاءِ هجي، نہ انهيءَ پڙهڻ پنيان جنهن ۾ حق جو غرض ڇڏي، اهل دنيا جي راءِ تي فتويٰ ڏجي(لاحول ولا قوت الا بالله) . يقين تہ جنهن جي سالم قلب ۾ اسلام جو ننگ ۽ دين جو پار ثابت ۽ برقرار رهندو، سو انهيءَ يهودين واري رسم بد كي عيب ۽ عار ڄاڻندو- "يشترون بايات الله ثمنا قليلا" جن جي صفت مشهور آهي، ۽ "لم يكن الذين كفروامن اهل الكتب" ۾ ان جي ابتيءَ سمجهہ جو مذكور آهي.

## بيت

"پڙهيا آهن اُهي ئي، جن كي پاڙهي پاڻ،
بيا كوڙين كتابن ساڻ گهڻيئي گمراهہ ٿيا".

پڙهڻ، پروڙڻ، پوءِ نہ پارڻ، وري پاڻ پلو پائڻ - سراسر سمجهہ ضعيف آهي. "العلم حجاب الله الاكبر" اهڙي علم جي تعريف آهي: ڀلا جي نلهو علم فائدي ۽ ڀلائيءَ ۽ شرف وارو هجي ها، تہ ابليس بہ نہ ٽڙجي ها!

"اكر پڙهي اپڳيا قاضي ٿئين كاءِ،
پير پين ۽ پانئين ايڏانهن هنڌ م آءُ،
ورق وارين وترا ملا منهي ماءُ،
انهيءَ سركي ساءُ، پڇج عزرائيل كي."
"جي مون پڙهيا پاڻ لئي، سي ئي سيلهہ ٿيام،
واڳو ٿي وريام. اكر اهي ئي اڳيان!"

"اللهم اني اعوذبک من علم لا ينفع و قلب لايخشع و بطن لا يشبع و دعاءِ لا يسمع و من هولاءِ الاربع": فقط - والسلام عليٰ من اتبع الهدي.

# فصل چوٿون

## ننڍن وڏن عزيزن ۽ مائٽن جي خطن ۾

مائٽن ۾ زور مٿاهين مرتبي وارو پيءُ، ڏاڏو، نانو، چاچو، مامو. ۽ پوءِ وڏو ڀاءُ، وڏو سوٽ ۽ ماسات آهي، ۽ هيٺاهون مرتبو ٻـ ان جي مقابل سمجهڻ گهرجي - هتي ڪن قسمن جا نمونا ڏيکارجن ٿا. ۽ باقي اُن تي قياس ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏجن ٿا.

## 12 - خط، پٽ جو پيءُ ڏي

مقصود جو قبلو، بهبود جو ڪعبو، پٽن جي مٿي جو ڇٽ، نيازمندن جي ڏکن جو ڀاڙ پٽ، بيڪسن جو پرجهلو، وڏو وسيلو، حضرت والد صاحب - دام لطفه!

ٻانهو وفا ڪيش، ارادات انديش(فلاڻو)، نياز جي سلامن ۽ بندگين ۽ تعظيمن ۽ سرافگندگين بعد ادب جي چانئٺ چميو، سعادت جا نور چونديو، عرض ٿو رکي تہ خدمت سڳوريءَ مان علم جي طلب لاءِ رخصت وٺي هتي رسيس. جناب استاد صاحب جي شفقت ۽ رفيقن طالب علمن جي موافقت ڪان گهڻو خوش ٿيس. سبق جو تاڪيد تمام، ۽ پاڻ ۾ بحث ڪرڻ جو اهتمام. ۽ طالبن جي پرداخت جو پورو انتظام، آهي. دعا ڪندا تہ الله تعاليٰ عاقبت محمود ۽ مقصد موجود فرمائي ۽ توفيق رفيق ڏيئي، مڙيني مرادن جي نهايت کي پهچائي!

ٻيو عرض تہ گهڻي دير گذري ويئي آهي جنهن ۾ مهربانيءَ جي خط، نيازمند ڏي التفات جو منهن نہ ڪيو، تنهنڪري هي گهڻي تردد ۽ ججهي انتظار ڪان لاچار ٿي رهيو. پري پوڻ جي ڏينهن جي ڊگهائيءَ انهيءَ تي آندو تہ حضور جي در دولت حاصل ڪري، پر ضروري ڪمن يعني ٺن سبقن جي پڙهڻ ۽ دورين جي نہ ترسڻ جي مجبوريءَ نہ ڇڏيو. لاچار ملازمت جي تمنا جي سبب، احتياط جي ڏور هٿ مان ڇني، گستاخيءَ جي گهڻيءَ ڏي منهن رکيائين، ۽ اميد ڪيائين تہ اوهان جي اچڻ سڳوري جي شرف سان فخر حاصل ڪندو. ۽ پنهنجي قدر ڪان واڌو مرتبو لهي مرڪندو. وڏن جي موچارن اخلاقن جي ڪشادائيءَ ۾ هر طرح جي ڪنجائش آهي - واڌو حد ادب!

سلامن ۽ دعا کان پوءِ، مدعا هيءُ آهي تہ ديدار جو شوق حد کان بيشمار آهي، مگر آسمان کج رفتار بي مهريءَ تي تيار آهي. هتي جي حالت لکڻ، خط جي طوالت آهي: نورچشمي(فلاڻي) جي علالت سبب طبع ۾ ملالت آهي، تنهنکري اجا اچڻ کو نہ ٿو ڏسجي، مگر جڏهن صحت سريس، تڏهن ضرور بلا مهلت اچيو ٿو سگهجي. اسان کي معلوم ٿيو تہ تنهنجي دل سير ۽ تماشي ۾ مصروف آهي، لکڻ ۽ پڙهڻ، ۽ علم جي طلب ڪرڻ موقوف آهي! جي ڌيان ڪرين تہ سکڻ جو وقت اهو آهي، ۽ راند لاءِ ساري عمر: اهو ويل وقت قضا ڪين ٿيندو!

علم هٿ جو هيرائل باز آهي: ايتري غفلت سان ڪنهن جي آشنائي نہ قبوليندو، بلڪ هڪڙي ڏينهن جي ناغي سان بہ طبع کان اڻ سڄاڻو ٿي ويندو- تو هيڏا وقت وڃائي ڇڏيا، سي نہ ڄاڻان تہ ڪيئن تدارڪ قبوليندا؟ تو کي پنهنجو سعيو نہ هوندو، تہ رڳا منهنجا سعيا ڪهڙو فائدو بخشيندا؟ هتي هي ضعيف صبح جي ڏئي وانگر پساهہ پيو ڳڻي: يقين تہ حياتي جو سج غروب کي ويجهو رسيو آهي! خدا ڄاڻي تہ باقي ڪيتري مدت بچي! آرزو آهي تہ الله تعاليٰ علم ۽ ادب جو پورو بخرو ۽ معاش ۽ معاد جو ڪامل بهرو تو کي نصيب ڪري، سو اکين سان ڏسان ۽ وهسان! تنهن ۾ جي هن طرف جوملال ۽ پنهنجي ابتري منظور آهي تہ مختيار آهيو، جي نہ تہ غفلت جي ننڊ کان هوشيار رهو، تہ نيٺ ڪو چڱو نتيجو لهو.

"دين دنيا سندي سعادت علم،
آهہ الله جي عبادت علم.
علم ڏاران ڏٺي سڄاپي ڪين،
آهہ ايمان جي زيادت علم.
علم ۾ صرف عمر سڀ گهرجسي،
موت مان تان ڪري شهادت علم.
ان کي هردم هجي بشارت، جنهن
ڪئي غذا پنهنجي علم، عادت علم.

شال الله تعاليٰ موچاري توفيق رفيق ڏئي - فقط والسلام.

جناب استاد صاحب جي حدمت شريف مان رخصت گهريم، پر نہ مليم، ڇا کان جو ڪتاب (فلاڻو) تماميت کي ويجهو آهي، ۽ هر- سبق ان جي درس معطل ڪرڻ ۾ راضي نہ رهن- تنهن ۾ ان جي پوري ٿيڻ تائين عذر قبول رکندا، ۽ انهيءَ وچ ۾ پنهنجي ۽ پنهنجن عزيزن ۽ دوستن جي سڀ ڪا خبر چار لکندا .انشا الله تعاليٰ فرصت جي وقت رخصت لهي، خدمت سڳوريءَ ۾اچي حاضري ڏيندس- زياده، نياز والسلام.

## 15- خط ڀاڻيجي جو مامي ڏي

سراپا شفقت، سراسر رحمت، نيازمند جو قبلو، حاجت وارن جو ڪعبو، جناب ماما صاحب - دامت افضالہ!

سنت اسلام جي سلامن، ۽ فرمانبرداريءَ جي لوازمن، ۽ خدمتگاريءَ جي رسمن ادا ڪرڻ بعد، نياز جي عرض سان تمنا پرداز آهي تہ منهنجو حال، حضرت ذوالجلال جي افضال سان لڳل، ۽ مزاج جي صحت جو هميشہ سوال گهربل آهي- مطلب تہ مدت ٿي جو لاڳيتن عريضن موڪلڻ سان بہ جواب جي سرافرازي نہ سري، دل ۾ تردد، هنئين ۾ حيرت آهي! وڏو عجب جو ڪيترن ڏينهن کان ميان (فلاڻي) جي هٿان، مبلغ معلوم جي طلب، ۽ هتي جي قرضخواهن جي تنگ طلبيءَ ۽ حال جي خرابيءَ بابت، خدمت شريف ۾ عريضو روانو ڪيم- پلي ٽپال وارا خط تلف ٿي ويا هجن، هٿو هٿ جي عريضي ڪي ڪهڙي بلا آڏي آئي، جنهن جي نڪا خبر نڪو جواب رسيو، نہ بي التفاتي جي ماڳ پيو؟ تهيدستيءَ جون پريشانيون، جن جو هٿ گريبان ۾ آهي، نہ سٽائڻ جهڙيون نہ لڪائڻ جهڙيون ۽ قرضخواهن جي گهر گهر جون پشيمانيون جي ساهہ سان لڳيون آهن، نہ ڳنڍڻ جهڙيون نہ گذارڻ جهڙيون!- ايتري سان بہ ادب جي پاس ۽ فدويت جو لحاظ نٿو ڇڏي تہ ڪو پساهہ ڀر ڪڍي، يا جيڪا ڳالهہ مزاج عالي تي ڳري ٿئي، سا زبان کي سپاري! اوهان مشفقن کي پاڻهي خيال هوندو. جي نہ تہ پريشان حال جي صورت جي ملاحظي کان پوءِ مراد جو نقش، ڪرسيءَ تي رهٿو هوندو- شال هميشہ التفات عالي، نيازمندن جو پاليندڙ هجي! فقط والسلام.

## جواب

سعادت پيوند، بخت بلند، نور بصر، جان جگر- سلمه الله تعاليٰ!

سلام خيريت انجام ۽ صلاح جي دعا ۽ فلاح جي تمنا کان پوءِ واضح هجي تہ خط رسيو. تکڙ جي ڏاڍائيءَ ۽ تقاضا جي تاڪيد کان حيرت آئي! نامعلوم تہ دعويٰ استحقاق جي بنا تي آهي، يا ضرورت ۽ اتفاق جي حڪم سان؟ تنهن جو اطلاع ڏيڻ گهرجي: جي اڳوڻي بقايا بابت ڪو اجا خيال باقي آهي، تہ حساب وارو دفتر موڪلجي ٿو، سو ڪافي آهي، ۽ جي احتياج جي سببان سوال آهي، تہ عبارت جي طرز ان سان مخالف منافي آهي، جي فرزندي استحقاق ۽ ناز ۾ ڳالهہ آهي تہ آءٌ ۽ جيڪي منهنجو، سو سڀ تنهنجو آهي! مگر اي پٽ پيارا! سڀ ڪنهن حال ۽ سڀ ڪنهن ڳالهہ ۾ انهيءَ حال ۽ ڳالهہ جي رعايت واجب آهي، جو سڀ ڪنهن مضمون جي عبارت ٻي آهي، سڀ ڪنهن مفهوم جي اشارات ٻي آهي. تيز زباني ۽ گرم بياني ڪهڙي قياس تي آهي؟ شال سالم راءِ ۽ ڪامل عقل ميسر هجيوَ! والسلام.

## 16 - خط وڏي ڀاءُ جو ننڍي ڀاءُ ڏي

ڀاءُ پلارو، ساهہ کان پيارو، سعادتمند سوڀارو، بلند بخت وارو، ٻانهن جو زور، دل جي قوت، روح جي راحت ۽ هنئين جي همت - شال سدا سلامت هجي!

شوق جي سلامن کان پوءِ مقصد ظاهر ٿو ڪجي تہ ڪيترن ڏينهن کان خط موڪليم ۽ ان ۾ ٿورو ڪم رکيم، جواب سان خوش نہ ٿيس- خاطر معلق آهي ۽ دل متردد! وجهہ وقت، اوهان کي چيو هوم تہ سگها موٽي "فلاڻي" تي دعوا اچي داخل ڪجو. اوهان غفلت اختيار ڪئي: ڳالهہ هٿان ڔيئي، معياد گذريو، دعويٰ جي مجال نہ رهي! هاڻي پنهنجي راءِ تي ۽ اعتماد تي افسوس ڪائڻ ڏاران، ٻيو حاصل ڪينهي- تو ۾دوربيني ۽ خير انديشيءَ جون هزارين بلڪ لکين اميدون هيم. نہ هي جي ڏٺيم! آفرين هجيو. سعادتمندي اها آهي! فقط والسلام.

## جواب

ڀاءُ صاحب عالي جناب، فيض انتساب، ايرن تي احسان ڪندڙ، هيٺين تي هٿ رکندڙ، دريا جي سخا ۽ ڪڪرن جي عطا- عم احسانہ!

نوڙت ۽ نياز ۽ شوق بي انداز جي سلامن کان پوءِ، عبوديت جا لوازم ۽ رسوخيت جا دستور پڌرا ڪريو، ارادت جا نشان عقيدت جو ميدان ۾ کوڙيو، فدويت جي پيشانيءَ تي بندگيءَ جون آيتون لکيو، احوال عرض ٿو رکي ته جناب جو نوازش نامون، والا خطاب، پر عتاب، سراسر سَوَنت ۽ صواب سان پريل، موچاري وقت ۾ رسيو. ارشاد سڀ بجا آهي، ۽ جواب ڏيڻ نسوري بي ادبي ۽ بيجا، مگر معذرت جي رسم سان، نه شوخيءَ جي گذارش سان.

جنابا! حضور کان دور ٿيس، ۽ اجا پنهنجي مڪان رسيس ته "فلاڻي" جي شاهديءَ بابت ڪورٽ جو سمن مليو، لاچار وڃڻو پيم. اتفاق سان حاڪم گشت ۾ هو، ۽ رد انڪار ۾ طرفين جي ڏکهي تقرير ٿي. نصيبن سان، منزل به منزل رلندي، منهنجي شاهدي پڇاڙيءَ ۾ پيجي ويئي: دل جي نيت دل ۾، مدان پيئي چٽي، سوَمان هڪ نه اپٽي! الحاصل، انهيءَ حالت ۽ مقدمي جي طوالت ۾ به مهينا گذريا. اتان ڇٽس، وقت نه هو، معياد گذرڻ ڪري، ڪنهن تدبير مان فائدو نه سمجهيو ٿيو- نه ته مون ۽ ويسر يا گيسر ڇا لڳي! ۽ اوهان جي عقل روشن ۾ اهو گمان ڪيئن جاءِ ڪري؟ شايد ڪن ڪوتاهه فڪرن وجهه لهي زبان دراز ڪئي، ۽ طبع سڳوري، حلم پري، ڪانذيري، نيازمند جي گوشماليءَ لاءِ سنيرائي- اها آڏو ڏيکاريندڙ آرسي جي حضور ۾ آهي، ته هي غلام انهيءَ پاسي پير ڪيئن پائي؟ بي وقتي لات ڪندڙ ڪڪڙ جو ڪنڌ ڪپڻ جڳائي-
زياده نياز.

جڏهن هن وقت ۾ وفا ۽ صفا وارو، سچن ۾ سچارو، ميان (فلاڻو)، جنهن دير کان پوءِ صحبت شريف جي شرف سان درويشن کي مشرف ڪيو، ۽ آڳاٽو هن طرف جي دل جي صفحي ۽ خاطر جي صحيفي تي، اوهان جي ڪاملن صفتن جي اکرن ۽ پلن وصفن جي نقشن کي تي لکيو- انهيءَ آستان سعادت نشان جو قصد ڪري، انهيءَ دولت خاني جي بساط چمڻ ڏي توجه جو منهن آندو، تڏهن "اذا احب احدكم آخاه فليعلم" جي حڪم سان، خالص عقيدي ۽ اتحاد جا ڪي لفظ، محبت ۽ وداد جي دروازن کولڻ جا ڪي ڪلما، اخلاص جي قلم سان، اختصاص جي ورق تي لکيا ويا- قوي اميد تہ خوشنوديءَ ۽ رضا جي اک سان نهاريل، ۽ ملحوظ ۽ موچاري سٽڻ سان سنواريل ۽ محظوظ ٿيندا، ۽ حضرت ذوالجلال جي افضال سان صورت جي مانعن جا وچان پردا سگها کڄي ويندا- والسلام والاڪرام!

# جواب

ساراهيلن اخلاقن جو سينگار، پسند پيلن احوالن جو جنسار، مروت جي محفل جو زيور، فتوت جي مجلسن جي زينت، وفا جي اصل، صفا جي طينت - شال هميشہ ان جي زندگانيءَ جو صحيفو ڪامرانيءَ جي چٽن، ۽ شادمانيءَ جي نقشن سان مزين هجي: آمين!

سلامن جا مراتب، جن جي مطالع جي هڳاءَ مان ڪمال مودت جون خوشبويون دوستن جي دماغ کي معطر ڪن، ۽ دعائن جا لوازم، جن جي گذارش جي مشاهدي کان صفائي عقيدت جون روشنيون پڌريون ۽ چمڪندڙ رهن - آناءَ الليل و اطراف النهار، ان شفقت شعار جي مجلس جو هديو ڪريو، مقصد ظاهر تو ڪري تہ صحيفو روحاني - سجاڻپ ياد ڏياريندڙ، ۽ جسماني الفت ۽ سازش جو شوق وڌائيندڙ، جنهن جو عنوان محبت جي قاعدن سان سنواريل، ۽ مضمون مودت جي شاهدن سان سينگاريل هو - موچارن وقتن ۽ مبارڪن ساعتن ۾ رسيو: قسمين قسمين خوشيون پيدا ڪيائين، ۽ هن طرف جي قلب کي پنهنجي اعجب شڪل جو شيدا ڪيائين. سچ تہ سارو مرادن ۽ اميدن جو نقش نگيل هو: ان قلم جي منهن کي آفرين، جنهن جو اهو نقش ڪڍيل هو! جان تفڪر ڪيم، تان منهنجي قلم کي سا سگهہ ڪانهي جو ان جي مقابلي ۾ ڪو حرف لکي، تنهنڪري انهيءَ متي کان قلم موڙيو، ۽ انهيءَ

منهن کان خط ويڙهيو. دعا جي وظيفي ادا ڪرڻ تي ڪوتاهي ٿي ڪجي. توقع ۽ طمع، تہ جمال وصال جي مشاهدي کان پرانهينءَ جي حجابن کڻڻ تائين، وداد جي واسطي، اتحاد جي قاعدي کي محڪم رکندا - دولت دوجهاني ۽ سعادت جاوداني شال هميشه حاصل هجيو! والسلام.

## 2 - اڻ ڏٺل کي دوستيءَ جي ڄاڻائڻ جو خط

دلين جو مقبول ۽ پيارو، سونهارين صفتن ۽ موچارين وصفن وارو، صدق ۽ صفا جو افتخار، محبت ۽ وفا جو جنسار، سڳورائين سان موصوف، ڀلائين سان معروف - سدا سلامت هجي!

"اڻ ڏٺل ان دوست دل جي کي رسائي ڪير اچ: منهنجي پاران لک نياز، لک دعائن، لک سلام ؟ توڻي اک ديدار ان جي سان مشرف ڪين ٿي! واڻ ڪن جي کان گهڙي دل ۾ سنديس صورت تمام!"

توڻي صورت پٽاندر، ملاقات سڳوريءَ جو شرف ۽ مجلس مبارڪ جي تشريف ميسر نہ آهي، پر "الارواح جنود مجندة" جي مضمون موجب، هن اکين جي وَنِن جي ٿوري ٿين ۽ عبارتن جي وچ ۾ پوڻ کان سواءِ هميشه معنيٰ جي اک جمال خيال جي مشاهدي سان مسرور آهي، ۽ آسرو رکندڙ دل بي غل، هاتف غيبي کان "يحبهم ويحبونه "جي ندا سڻڻ ڪري، خيال وصال جي هجڻ کان مجبور آهي:

"وصف تنهنجي خُلق جي پر پٺ سيم،
ساهہ دل سان دوستي تنهنجي ڏيم.
اينءَ ڪئي تو منهنجي دل جي اک ۾ جاءِ،
جئڪ تو سان سال کي صحبت ڏيم!"

اميد تہ ارواحن جي آشنائي، جسمن جي ويجهڙائيءَ جو وسيلو، ۽ معنوي اتصال، صوري وصال جو واسطو ٿيندو. جڏهن جبلي اختصاص ۽ دوستيءَ ۽ اخلاص جو عرض ڪرڻو هو، تڏهن واڌو ذڪر. ادبن مان نہ سمجهي، دعا جي ٻن ڪلمن تي اڪتفا ڪئي ويئي: "يسر الله لكم خير والسلام."

## جواب

شرف ۽ ڀلائيءَ ۾ مشهور، زماني جو صدر الصدور، توصيف کان اعليٰ، تعريف کان بالا، ميان (فلاڻو) — سلمہ الله تعاليٰ.

اخلاص جا سلام ۽ اختصاص جا پيام عرض رکيو، غرض ته لکي ته هت عالم ۾ اڪثر هڪڙا ٻين کي ڏسڻ سان دوست رکن ٿا. مگر هڪڙو آءٌ اوهان جو آرزومند، گهڻيءَ مدت کان، اوهان جي نوازشنامي جي اچڻ کان اڳاٿو. فقط اوهان جي چڱين صفتن سببان، اوهان جي محبت ۽ دوستيءَ ۾بيتاب رهان ٿو، ۽ قسمت جي قيد سبب جدائيءَ جا سور ۽ صدما سهان ٿو. يانيم ٿي ته ان جي چاڻائڻ ۾ پيشدستي ڪندس، پر اها سعادت اوهان لاءِ هئي، مون کي حاصل نه ٿي ته ملاقات جي آرزو ٿيندي! زياده خيروالسلام.

## جواب جو جواب

دوستن جي اميد جي جاءِ، لفظن ۽ احسانن جو درياءُ، ڳڻڻ سان گهندڙ، محبت سان مهندڙ - زادت اشفاقهٗ!

سلامن کان پوءِ، صداقت جا لوازم ۽ رسوخيت جا دستور پڌرا ڪريو، عرض ته سينگاري ته صحيفي سونهاري، اوهان مشفقن واري، جا مندرج مضمون پڌرا ۽ روشن ٿيا. احسان ابديءَ ۽ لطف سرمديءَ جو ممنون فرمايائون ۽ اميد جا فال مراد موجب پيا.

"سري تنهنجي خط مان نوازش جي بوءِ،
رسين ڪنهن ڪم جي ڪي شايد ڳجهو."

ڪيتريءَ مدت کان اهڙي دوست جي ڳولا کان (جو محبت جي پاس رکي سگهي) اک سبي هيم، جا کان جو نظر نٿي آيم، گمان ڪيم ٿي ته اهڙو خلقيوئي ڪو نه اٿن. اوچتو اوهان جي چڱي خُلق جي ساراهه سڻڻ ۾ آئي، وري اوهان جي نوازشنامي به ساڳي صورت پسائي، تڏهن چيم ته پراڻي آرزو خط کي سپاريم، تنهن جي جواب، سئل وصف ڏنل ڪري ڏيکاريم! تنهنڪري هاڻي اُداسيل دل ڪنهن عهد انجام تي نٿي وندري، ۽ پوريءَ سچائيءَ کان پوءِ ملڻ جي دلاسي تي صبر نٿي ڪري: تنهن ۾ عرض ته يا وڪون مهند وڌايو، يا مون کي اچڻ جي موڪل فرمايو! فقط.

## جواب

دوستدار، صداقت آثار، يڪدليءَ جو جنسار، يڪجهتيءَ جو سينگار - سلامت!

هينئر بدن هتي، ۽ ساھ اُتي آهي - شال رب تعالي وڃون ريچ جلد لاهي! تنهن ۾ وصال جي دولت ۽ ميلاپ جي نعمت سرن تائين، "نصف الملاقات" کان فراموش نہ فرمائيندا. ۽ پنهنجي سيپ کا حبر بهجت اثر لکي هلائيندا. تہ هي هوا خواه احسان جو ڳهيل رهندو، ۽ بي آرام دل ۾ کو آرام گهندو - فقط. والسلام.

## جواب

گهڻي اُداس، جنهي پياس سان مطلب تحرير ۽ غرض تقرير ڪجي تو:

"رسيو دلدار دل جي يار جو خط.
جياري جيء سونهن سينگار جو خط.
ڳڙو اُپ کان ڳڙيو، يا وحيء وانگر،
چيو دل "آئيو دلدار جو خط"!
اندر دم انتظاريء بي قراريء،
جڙيو ان جوت جي جنسار جو خط.
هئي جا مثل مکڙيء بوئيل دل،
کُلي گل جيئن، پڙهي گل - يار جو حط!
جڳائي کيئن چوڻ نصف الملاقات؟
يقيناً هي سچو "ديدار" جو خط!
کنان ديدار جيکي آهي حاصل،
ملائي سو مڙئي منثار جو خط.
کيو رب ساڻ رحمت دوستن لئي،
سبب دلذير دلبر يار جو خط.
"ملڻ هي معنوي". آهي چيو روح:
"سوا شک اڄ هي پرين پار جو خط."
مَڏي مُوڙي نہ منهنجيَ بي سوا ساهه.
کيم صدقي سبي سردار جو خط
کريان قاصد اڳيان آء نذر جا،
جڙيم جنهن کان هنئين جي هار جو خط؟
الاهي! رک سدا تنهن کي سلامت.
وڏو ڏي دل جو جنهن دلدار جو خط."

دوستا! اوهان جي ملڻ جي آرزوءَ ڏاران، هتي جي سڀ حالت خيريت سان لڳل، ۽ حمد ۽ شڪر ڪي واجب ڪندڙ آهي. تنهنڪري، اداسيل دل هر حال حضرت ذوالجلال ڪان اوهان جي وصال جو سوال گهرندڙ آهي.

## غزل

"سڄڻ! تنهنجي سِکهي رب واڳ واري،
جدائيءَ جا هي ڏکيا ڏينهن تاري!
مسافر آهيان آءُ وطن ۾،
جڏهانڪر سانگ تي تون وئين سڌاري!
ايندين پرڏيهه مان، تيندس تہ ڏيهي،
سوا تو ڏيهه منهنجو ڏيل ڏاري!
الاهي، وار سي سانگي وطن تي،
سوا جنهن جان بت گوندر ۾ گهاري!
متي "مشتاق" من ويجها ورن سي،
جنِي جي شوق ۾ پلپل پڪاري!"

## 4 - خط مسافر جو

مقصد تہ آءُ اتان روانو تيس - ڏينهن جوانيءَ ڪان هٽيل، ۽ سج پوڙهائيءَ سبب زردي لباس ڍڪيل هو. ڏٺيءَ ڪي ساراهي واڳ چڪيم، "في الحرڪة برڪة "۾ اميد ڪيم. واٽ سٺائي هئي، ۽ سنگت جي سچائي هئي: پنڌ سهنجو ۽ زمين هموار هئي. هوا وڻندڙ ۽ خوشبودار هئي. ري تڪليف هليس تي، راحت ۾ ويس تي -- تان تہ غرب پنهنجي ديناَر سج جي موتائي وڻڻ جي طلب ڏيڪاري، ۽ زمين تي زعفراني چادر ڍارڍ . آخر سورج حجاب ۾ غائب ٿيو، ۽ آسمان جي ڪنار تنهن جي فراق ۾ ڪارو لباس ڍڪڻ رتيو. تان جو چوڏهينءَ جي چنڊ جو روشن منهن نڪتو، ۽ هٿين پٿين سندس سوجهرو پهتو. خيال ڪيم تہ زمين تي پگهاريل ربوٽپندڙ آهي، يا پاري جو چشمو وهندڙ آهي! هير هِنئين سيبائيندڙ، ۽ زمين جي رونق ساهہ سهائيندڙ هئي، ۽ چنڊ جي روشني، وڻن وچ، چٽڪ حسن واري صورت پڄري پٺيان پاڻ پسائيندڙ هئي! ساري رات هلندي، ڏينهن جو منهن اچي پيدا ٿيو، ۽ صبح جي نسيم، وڻن جي

عروسن کي چوري شيدا ڪيو. توڙي رات پنهنجو عنبر موتائي نيو، پر صبح پنهنجو ڪافور هديو ڪيو! فجر نماز کان پوءِ سمنڊ جي ڪناري تي آياسون، تنهن عجيب تماشا پَسايا‌سون: موجن جا طبل وڄائيندڙ، جھٽڪ اسان جي اچڻ تي نوبت هڻندڙ هو، ۽ پنهنجي گوڙ ۽ گاج جو ڪريهه آواز اسان اڳيان تحفو رکندڙ هو. ان جي ناخوش آواز کان ڪن ٻوڙا تي پيا. ۽ نه وڻندڙ ٻوءِ کان، سيني، خماريلن وانگر ڪنڌ هيٺ ڪيا. ۽ مون تي اوجهراٽي اهڙو غلبو ڪيو، جو آءٌ گهوڙي جيئن عبادت يعني رڪوع ۾ پيس، ۽ هُو سجدي ۾ پيو. آخر ڪاهيندي، ان جي منهن ڏسڻ ۽ آواز ٻڌڻ کان ڇوٽڪو لهي اڳتي وياسون، ۽ جبلن ۾ وڃي پياسون. ان وقت جي گرميءَ جي حالت لکڻ کان دل سرد تي ٿئي، ۽ پريل درد تي ٿئي: ڪجهه ذڪر ڪجي تو نه زبان ۾ ڇالا تا پون، ۽ ڳالهه ڪندي ڄڀ کي ڳنڍيون ٿيون اچن! اجا سوا پهر کي ويجهو آفتاب هو، تان جيڪو پکي اُڏاڻو، سو ڪباب هو! اهڙو ٽڪرن جو ويڙهه، جنهن ۾ ڏينهن جو بي مهريءَ سان سج ساڙي، ۽ رات جو تارن تي اُلن، ۽ چنڊ تي سج جو شبهو پوي! ڏٺوسون ته پر پاسي جا ماڻهو جھٽڪ باهه جا سمندر هئا، پکي، شمع جي صورت ماٺ ۾ جلندڙ، بي هوش، ۽ بي پر هئا. گهرن ۾ بـ اهڙي سخت گرم هوا تي لڳي، جو چيو تي ته گهر هئا يا باهه تي ڏڳي! حرارت پنهنجي نوبت اِتي اَٽي رسائي، جو طوطي کي "حق الله" ياد نه رهيو، زبان تي "پاڻي - پاڻي "! هن کان واڌو جي اُن جو ذڪر تو هلي، ته قلم جي زبان تي جلي - غرض ته اڳتي هلڻ جي سگهه نه ساري، هڪڙي گهر ۾ لهي پياسون. انهيءَ تنگ ۽ جهوني مڪان، گلخن جي رشڪ، زندان جي غيرت، ۾ قضا سان اچي تاني تياسون. گهر نه هو، ان ۾ رهندڙن لاءِ اژدر هو، جنهن جون پڳليون پتيون ۽ ٽتل در هو: اڱڻ جو طول، سخت نامعقول، ڇت مان آسمان ڏسڻ ۽ سج پسڻ ۽ مينهن وسڻ جا پرڻ وانگر سوراخ، پر ڪشادا ۽ اڻ ڳڻيل، آرهڙ ۽ سياري منجهس اُس جو سڪار، ۽ ساوڻ ۾ پاڻيءَ جا مزا لذڙي جي دل وڻيل! قضا سان بادل پرچي آيا، ۽ پاڙي اوڙي جي پاڻيءَ اچي وِيني ويني نئن جا تماشا پسيا. اَڏاوت جي گپ ۾ غوطن ڪائڻ ۽ غرق ٿيڻ جو وهم تي پيو! اڱڻ جو ته اجا نرالو رنگ ٿيو: اسباب وهڻ لڳو ۽ هٿن کان تهڻ لڳو! سيڪو بدحواس تي پيو. منهنجي بدن تي پاڻيءَ جو لباس تي ويو. گهر جو چلهو جو گرميءَ ۾ جلندو هو، تنهن ۾ "فارالتنور" جو عالم نظر آيو، ۽ هيٺان مٿان پاڻيءَ طوفان جو نمونو پَسايو!

هن غم جي ذڪر لکڻ کان قلم عذر تو ڪري، ۽ وڏيڪ پير نٿو پري، تنهنڪري خط کي تمام تو ڪجي ۽ طرفين جي مدعا پوري ٿيڻ جي دعا تي گهرجي - فقط.

## 5 - خط شهر واري جو حج تي ويل ڏي

بنهي حرمن جي حاجبن ۾ ڏئل، بنهي قبلن جي زائرن ۾ سڳورو هئل، حجر جي استلام سان تعظيم ڪيل، بيت الحرام جي طواف سان تڪريم ڪيل، حرم محترم ۾ مقيم ۽ قائم، رڪن ۽ ملتزم جو ملازم، مروت ۽ صفا جي قدمن سان مقربن جي مطاف جو طائف، الاهي عطا ڪيلن عملن سان منا ۽ عرفات جي اسرارن جو عارف، مٿاهين مرتبي وارو، منهنجو دوست پيارو - سلمہ الله تعاليٰ!

”حرم ڪان آهہ جنهن جي صاف تي دل،
رسيو رحمت جي هنڌ ڪعبي جي منزل.
حرم عرفان جي ڪي رب رسائيس،
پنهن جي نور جو لمعسو پسائيس.
هجي جت، تت رهي دائم سلامت:
سلامت با ڪرامت، سنئين قيامت.“

سلامتن جا سات، حرم آمن جي قصد ڪندڙن جيئن بيشمار، ۽ دعائن جا قافلا عرفات ۾ واقفن وانگر اپار، ڪمال اخلاص ۽ نهايت اختصاص کان هديو هلايو، هن طرف جي رشتيدارن ۽ يارن جي خيريت جي خبر پهچايو، ۽ جدائيءَ جي آزار جي پچار کان زبان تي صبر جي مهر هٽايو، ظاهر ڪجي تو تہ قسمت جو ڪم آهي، جنهن امن جي حرم ڏي اوهان جي واڳ واري، ۽ رفاقت ۾ موافقت نہ ٿيڻ جي حسرت ۽ ڏک ۾ منهنجي جان ڏاري!

هي جي قضا ياري ڪري ها، ۽ هيءَ آرزومند اوهان سان گڏ انهيءَ پلي پار ڏي پير پري ها، تہ ڪهڙي جا دين ۽ دنيا جي سعادت هجي ها: هڪڙو دوستن جو دائمي واصل، ٻي الله تعاليٰ جي عبادت هجي ها!

”قطاري قافلو جن ڪيچ مٺيو،
سعادت تن سندي هينئڙي سين هٺيو.
تين لڳ لوڻ ۽ ڏلُ مان ڳرن ڳچ،
مٿي من مونجهہ سيني تي ٻرن ٻچ!

آياڳائي مون کي آئي جا آڌي،
تيس لڏ ڪيچ جي سان ڪين لاڏي!

ڇڏي هت هيڪلو ساٿي سداريا،
بهاريءَ ڪيچ جي سان سي بهاريا.

"حرم" ۾ هو، مرم هت مون کي ماري:
حجر هت هو چمن، هت هجر ڏاري!

ملازم ملتزم ۽ رکن جا هون،
عرض کن باب رحمت تي، أيا رون.

مقام ۾ مغفرت جا جوش تا تين،
حطيم ۾ فضل جو نارو وسائين.

پيئن پُر دلَسو."زمزم" جا وجيو زود،
تين حاصل شفا، مليا سي مقصود.

ڪيون جان سعي سعيو تان پسائي،
"صفا" "مروه" مروت ۽ صفائي.

"منيٰ" کان سي منيٰ ان لاءِ آسان،
رسي "عرفات" ۾ رسيا سي عرفان.

مليو تن "مُزدلف" ۾ مزدغفران،
ڪيائون "رميءَ" سان سي رمي عصيان.

بجا "وانحر" جو آندو حڪم ات جن،
تيو آسان تن کي نحر نفسن.

ڦٽن سک هي تئي ڪيئن حج مبرور،
نه ڏي جيسين سفارش نبي نور؟

ڪره ڪاهي پڏي سندرا منجهان سک،
جبل جهاڳي ڪيائون هوت ڏي چڪ.

يقيناً ڪيچ - مالڪ جي ڪرامت:
رسيا "باب السلام" آيا سلامت.

تحيت جا ادب ساري سنياري،
هنجون هاري أيا پچري جي ڏاري.

خماريل اک جو هن اک کي ڏيئي نوش،
نهوڙي نام نرگس تنهن جو کس هوش،

تجلي "طور" واري کر، سچو ساڙ،
هنئين کي چاڪ پائي چير ۽ ڦاڙ!

جيئن توڙي مرڻ منجهه تنهنجي پاڙي -
نظر ۾ تنهنجي محشر جي ڏيهاڙي!"

دوستا! اوهان جي شفقت اَپار ۽ عاطفت بي شمار ۾ اميدوار آهيان، ته انهيءَ پار جي گلزار هميشه بهار جي سرهي خبرچار سان، سڪايلن جي دماغ کي سرهو ڪندا، ۽ بخت جي ياڳي ۾ اچڻ لاءِ، اتي اچي پهچڻ لاءِ، مڙيني متبرڪن قبوليت وارن مڪانن ۾ دعا جي سخا سان ياد ۽ شاد رکندا، ۽ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي حضور پر نور ۾ منهنجي پاران ليلائيندا، ۽ سلامن رسائڻ بعد منهنجو ڪيل عرض پهچائيندا- شال مڙيني مرادن سان شاداب ۽ ڪامياب هجو! فقط.

## 6 - جواب حاجيءَ ڏي

بعد هديي هلائڻ لکين لکين سلامن جي، جن جي خلوص جا آثار، مشتاقن جي جان کي انتظار جي فڪرن کان نجات ڏين، ۽ تحفي پدمن پدمن دعائن جي، جن جي خصوص جا انوار، فراق جي واديءَ ۾ گم ٿيلن کي وڇوڙي جي ڪارونيار کان وصال جي منزل تي پهچائين - هن سفر خيريت اثر جي سرگذشت ظاهر ٿي ڪجي ته عزيزن ۽ دوستن کان رخصتياب ٿي، مقصود جي منزل جو قصد رکي نڪتس. طالع جي ياريءَ ۽ قسمت جي مددگاريءَ سان، فلاڻي بندر تي اچي پهتس. واٽ جي خضر سونهپ ڪئي، ۽ منهنجو نختو دريا تي پيو: الاهي امن سان، لهرين ۽ لوڏن کان لنگهي، جزيري "قمران قرنطين" جي مڪان ۾ پهچڻ ٿيو- جيئن ته بهشت ۾ داخل ٿيڻ کان اڳي، حساب ڪتاب لاءِ عرصات جي ميدان ۾ ايو رهڻ ضروري آهي. هت به، هن حرم بهشت جي رشڪ ۾ پهچڻ کان پهرين، ڏهه ڏينهن انتظار ۽ جدائيءَ جي بند ۾ ٻاندي ٿيڻ، ۽ پنهنجي ڪمن جي شامت کان غرامت ۾ ڪجهه ڏيڻ، مجبوري آهي - نهرايل وقت گذرڻ بعد، ان بند کان خلاصي لهي، رفيقن سميت نڪتس، ۽ انهيءَ اسيريءَ ۽ غريبيءَ تي ڏتيءَ جي ٻاجهه ٿيڻ ڪري، "ميقات" يعني احرام جي حد تي پهتس. سفر جي رنج ۽ واٽ جي تشويش جا ڏکويل، نوح گريءَ ۽ جامه دريءَ ۾ آيا: هٿ ڪوتاه، گردن دراز ٿين، سينو آتش

جي زمين تي متو ڍاريو. ان گلروءَ جي سرهيءَ بوءِ کان دين جي دل کي قوت آئي، ۽ ان باجمال جي مشڪين خال کان (جو نُونَ اُين جي دائري جو نقطو آهي) اسلام جي اک روشني پاتي - توڙي ڪاري لباس ۾ ڏيکائو ڏيندڙ آهي، پر چنڊ جي پيشانيءَ کي سهائو بخشيندڙ آهي! ازل کان مشڪ جهڙو وڳو، سندس هن اشارات لاءِ آهي ته "آب حيات ظلمات ۾ جاءِ آهي". رضوان کي ان طواف مان سرور، ۽ حور جي زلفن کي ان جي در جي خاڪ مان نور: ان جي هر طرف قنديلن جي ترتيب مان ساهه جي ستاري جو بيت الشرف ۾ هجڻ معلوم. ۽ ان جي اُس پاس ملڪن جي صفت، ڪبوترن جي اڏامن ۽ واءِ وانگر ان کي ڦرڻ، ۽ پرواني جيئن ان ساهن جي شمع تي سڙڻ جو هجوم. فردوس جي ايوان وانگر حرم جي ڪشادائي، سدرة المنتهيٰ جيئن منارن جي ڊگهائي، حوض ڪوثر کان زياده زمزم جي صفائي ۽ سرهائي ۽ منائي، ان جا نار عاشق بيقرار جي هنجن جي هار مثل هردم اڏمندڙ. ۽ ان جا ٿورا قطرا وصال جي اڃايلن لاءِ دوريءَ جي درد ۽ مجهوريءَ جي مرض وڃائڻ ۾ مسيحا جي ڪار ڪندڙ. زمزم جي ويجهو منبر، ڄڻڪ ڪوثر جي پر تي طوبيٰ جو شجر!

"ڪري سگهان نه سيپئي تنهين سندي سارهه.
نه دفترن ۾ پڇي هي، نه داستان به تنگ!"

غرض ته مطاف ۾ داخل ٿي، ان محبوب جو بيحد ڪرم ڏسي، سندس خال يعني ِحجر اَسود ِ تي چپ رکي، تازي جان بخشيندڙ چاشني ورتي، آسمان جي دوڙي جيئن چرخ کائي، ان نوراني شمع جو پروانو ٿي، عقل وڃايو ويو، ۽ مجنون جي صفت پيدا ٿي. دائري جا ست چڪر ڪيئي ۽ مرڪز ڏانهن منهن رکي، ملتزم کي بغل ۾ جهلي، تعظيم جو هٿ پردن ۾ هٽي، ڏٺيءَ جي ڪرم تي تڪيو ڪري، دعا جا هٿ ڊگها ڪيا ويا. هجر جي رات جي غم مان، وصال جي صبح جي روشني هويدا ٿي. جڏهن ملڪن جي عرش کي طواف ڪرڻ واري سعادت حاصل ٿي، تڏهن انهن جيئن، ِمقام ۽ ۾ قيام ۽ رڪوع ۽ سجود ۽ قعود ڪرڻ سان، انهن جي نماز ۽ نياز جي صورت جي دولت به هن خاڪ جي مٺ سان واصل ٿي! زم زم جو پاڪ پاڻي پيئڻ ميسر ٿيو، ۽ قلب. شفا جي نورن سان منور ٿيو - بوءِ ِباب الصفاءِ کان نڪري ِصفاءِ تي پهچي، ان جي طاق رواق فلڪ جي رشڪ ۾، علو جي مرتبن جي چاڙهن تي اُيي، ڪرم سرمديءَ جي ڪوهه ڏي پٺ ڪري، ملڪ ۽ ملڪوت جي قبلي کي سامهون ٿي، ۽ دل سان دعا گهري، پيغمبرن پيارن ۽ وليـن پـلارن جـي

تبعيت ۾ بـي سروپا ان واديءَ ۾ ڊوڙڻ پيـس، ۽ ست دفعا ءِصفاءَ ۽ ءِمروهءَ وچ ڊوڙي، مروت ۽ صفا جو اميدوار ٿيس.

حج جي وقت ويجهي هجڻ کان، جڏهن رڳو حج جو احرام بدل هو، تڏهن ان جوکولڻ منع ٿيل هو. فرصت کي غنيمت سمجهي، متبرڪن مڪانن جي زيارت تيڪمر بڌيم .ءِسوق ليلءَ مان (جو جهان روشـــن ڪندڙ سج مطلع آهي) رضوان جي باغيچي جي هڳاءَ کي شرمائيندڙ خوشبوءِ لڌيم، اصحابن ڪرامن جي سڪونت جي مقامن ۾ نياز جي پيشاني زمين تي گنيم، ۽ معليٰ جي خاڪ پاڪ مان دل جي اک جو سرمون ڪري، ههڙي حقيقت ڏنيم تہ متان متيءَ جي پردي جو نقاب آهي، ۽ اندر هر هڪ، هر طرف ماهتاب ۽ آفتاب آهي! ان سڳورن جي خاڪ مان مسيحائي بوءِ اچي ٿي، ۽ ان جي پاڪ دل جي روشني عرش سين پهچي ٿي - شال انهيءَ خاڪدان تي هميشه زور زياده حق جي رحمت هجي، جنهن ۾ سجن ۽ چندن جو لڪل گنج ٿو پسجي جبل ءِنورءَ، جنهن جي گوهر ڪان بدخشان جي لعل ۾ حسرت سببان جگر جي رت جو جوش، ۽ ان جي واريءَ جي جهلڪ کان طور جي تجلي فراموش! ڇا، جي بدخشان ۾ لعل اقامت ڪئي؟ هن ۾ دريتيمر جي اعتڪاف جي جاءِ ٿي، ۽ جبل ءِثورءَ جنهن جو مٿاهينءَ کان مٿو آسمان سان لڳل، ۽ سڀ ڪنهن اتاهينءَ جو اڳيانس ڪنڌ پڳل، تنهن جي غار ۾ مديني جي سج منزل وڌي: تنهنڪري ان اتاهين شان واري عزت لڌي- بنهي جي زيارت مان اشارت معلوم ٿي، تہ هتي بہ ان ساڳيءَ جاءِ تي ڪئي، جنهن کي وڏن نشانن ڏيکارڻ لاءِ عرش اعظم تي ڪوٺ ٿي هئي: پر ذاتي شهود بنهي هنڌن هڪڙو ئي ٿيو هو، ۽ ان ۾ ڪو فرق ۽ تفاوت نہ پيو هو.

"غـــار ۾ پـــڻ شـــهود ســـو ســـاڳي،
عـــرش اعظـــم تـــي جنهـــن تجلـــي ڪـــي."

الحاصل، حج جي موسم آئي، غم جي رات مان سعادت جي صبح ڏني ڏيکائي. قافلن جي ڪاهيندڙ زبان جو ساز ٿي ڪيو، ۽ اُنن رقص ۾ اچيو پرواز ٿي ڪيو. مهلت جا پهر ۽ فرصت جا پـَل گذري ويا، انتظار جا الم ۽ تانگهہ جا غم وسري ويا. ذوالحج جي ستين تاريخ ظهر نماز کان پوءِ حرم شريف ۾ خطيب خطبو ادا ڪيو، بيت الحرام ۾ خوشيءَ جو علغلو وجهي، حرم جي ٽنين جا پير ڪدي، زمين جي فرش کي برپا ڪيو. انڙن حيرانيءَ ۽ شوق کان چرڻ بند ڪيا. ۽ مٿلن

خاڪ جي جيب مان مٿا ٻاهر ڪڍيا. انهيءَ جي صبح جو مڙيئي بي سروپا واٽ تي پيا: مجنون جي صفت ٿيا، ۽ مجنون کان ڪسر هئا. تڏهن ڇيم تہ ڪهڙي مي جو هي قطرو ہر جو مَٽ ۾ وڌائين، سيني جي دلين ۾ عجب مستي جو شور جهٽ پٽ ۾ وڌائين! توڙي گدا توڙي شاهہ هن بزمگاه مان اتندا پڄندا وڃن، سيئي هڪڙي ڏس تي رخ رکيو ڪاهيندا هلندا وڃن: متان ڪا ليليٰ جي محمل وچ ۾ اچي پيئي، ماڻهو مڙيئي سندس مجنون ٿيا. ۽ انهن کي سمجهہ سار ڇڏي ويئي! جان خيال ڪيم تان ميدان مجنونن مان پريل، ۽ ليليٰ پنهنجي ماڳ ۾ آهي: سڀيئي سندس تمثال تي حيران ۽ پريشان ڪاهيندڙ، مگر ليليٰ جو هٿ هن جي واڳ ۾ آهي!

قصو ڪوتاهہ، ڪاهي "منا" ۾ آيا، نائينءَ جي صبح تائين ڪنهن ديدار جي دلاسي ترسايا. پرهہ ڦٽي، اتر هير لڳي، وصال جي ويجهڙائيءَ کان شوق جي باهہ واڌو ڌڳي. سج اپرئي بار بڌائون، جو فرصت نہ رهي، قافلن ۽ رڪبن کي تڪو ڪاهيائون، جو مهلت نہ رهي. سيئي سجايا سير ٿيا - "مسجد النمرة" ۾ اچي پير پيا، جنهن ۾ خلق جي هجوم کان پاسن سان پاسا گسندڙ، ۽ پاڻ ۾ محبت ۽ ورونهہ سبب مٿن رحمت جا ڪڪر وسندڙ. مڙيئي ظهر ۽ عصر جي جمع جي ويچار ۾، زوال ٿيڻ ۽ خطيب اچڻ جي انتظار ۾. آخر سج لڙهيو، ۽ ظهر جي بانگ ۽ سنت بعد، خطيب منبر تي چڙهيو، شجر عندليب جي سوڌي شاخ وانگر، خطبي کي سنئون اپياريائين، اندر جي سوز سان اک ۽ دل کي خون ڪري، خون جي گٺ ۾ تاريائين. نمازن جي جمع پڄاڻا ڪنهن کا سٽ نہ ساري، فراغت ۽ فرصت گم ڪري، "عرفات" ڏي منهن رکي، "جبل الرحمت" ڏي واڳ واري. سبحان الله! ڇا عرفات، جنهن جي فراخي حجاجن جي سينن کان واڌو ڪشادي هُيل: ملڪ ۾ ماڻهو سندس دامن جي هڪڙي پاسي ۾، ۽ ساري دامن خاص خدائي رحمت مان پريل! جبل الرحمت تي خطيب، وصال جي خوشخبري سڻائڻ سان، خلق جي دل عاشق بيدل جيئن شيدا ڪئي: قلبن ۾ سج واري گرمي، ۽ بدنن تي بيد واري ڏٻاٽي پيدا ڪئي. "لبيڪ ۽ يارب" جو نعرو فلڪ تي ويو، ۽ آهن جي تيرن کان آسمان زخمن جي جاءِ ٿيو. الاهي رحمت جو وسڪار ٿيو، ۽ فضل جي درياءَ جو ڌڌڪار ٿيو- پلا جڏهن هڪڙي نندي نينگر جو روئڻ بہ ڪرم ۽ سخا جي بحر کي جوش ۾ تو آڻي، تڏهن هڙي ڏينهن، هيترن لکن دلين جي باهہ، پنهنجو دونهون فلڪ تي ڇو نہ

رسائي؟ ۽ هن اڪسير جي سونگي، جبل جي گرميءَ سان، وجود جي نقد کي ڪيئن نہ سون ڪري؟ ۽ دل جي ميرائي وڃائي، قلب جي قدح کي سڀ ڪنهن آلودگيءَ کان بيشڪ صاف ۽ پاڪ ڌري، ۽ دل جي آئيني تان يقيناً ظلمت جو زنگ لهي، ۽ پراڻي محنت کان ري خلاف آسائش رهي؟

توري ڳالهہ تہ سچ لتو ۽ چنڊ روشني ڪئي، ۽ خلق گناهن جي بار کيرائڻ ڪري هلڪي ٿي. اهو سانجهيءَ جو وقت ٿيو، جنهن جي نسبت سببان دوست جا گيسو مشڪ- بُو رهن، اقبال جو ستارو ان مان پيدا ٿئي، ۽ زهرو ۽ مشتري ان کان روشني لهن. موڪل ملي - مڙيئي مڪڙن وانگر پڪڙي پيا ۽ اتي پهتا. ڪمال خوشيءَ کان ڪنهن جا پير پٽ تي نٿي لڳا. "مزدلفي" جي سونهاريءَ زمين ۾ رسيا. مغرب ۽ عشا جو جمع ڪري، تسبيح چونڊڻ، پهڻين جي ميڙڻ ۽ مغرفت جي فرمان ملڻ سان وهسيا. توفيق جي ياريءَ سان، مناجات ۾ رات گذري. صبح روشن ٿيو. ان وقت اميدن جي مکڙين مان کلي، مرادن جو گلشن ٿيو. "وقوف" کان پوءِ، ڪنهن نہ ڪنهن جو انتظار ڪيو: "منيٰ" جي شوق، قلبن مان قرار نيو. "جمري عقبيٰ" وٽ "غزا" جي ميدان واري صف جوڙڻ جو ارشاد ٿين. فنا ڪنڌ تڪبير جي نعري سان، سَتن پهڻين جا سَت فَير ڪيائون - حقيقت ۽ معنيٰ ۾ جهاد ٿين - پوءِ "قربانيءَ" تي آيا، ۽ ابراهيمي تعليم ان کي سڀ ادب سمجهايا. وفا جي تلوار، جان جي نڙگهٽ تي هلايائون، ۽ "ذبيح" جي متابعت ۾، فرمان جي اڏيءَ تي، مجڻ جو ڪنڌ رکي، عجز آڻي، علائقن جي قيد مان مٿو ڪڍي، دنيا جي زينت تي پاڪي وهايائون: ٻيهر زندگيءَ جو آغاز ٿين، ۽ بدن تازي حياتيءَ جي وڳي سان ممتاز ٿين! تعجيل ۽ اضطراب سان حرم ڏي شتابي ڪيائون، ۽ دل وٽندڙ، طوبيٰ کان ڪمال ۾ واڌو قامت، جي هوس ۾ بيتابي ڪيائون. پتنگ وانگر پر هڻي، ان ساهن جي شمع کي وڃي ويجها پيا. مٿي مان پير ڪري، ان جي آس پاس ڦرندڙ ۽ شيدا ٿيا. هُن دلين جي محبوب جي بُردباري ڇڻجي، ۽ ڪمال تلطف جي کهڙي ڳالهہ ڪجي! خال تي چمي ڏنائونس، حال نہ مٽايائين، دامن ۾ هٿ وڌائونس، ڪنهن کان ڪين ڇڏايائين، تضرع جي پيشاني سندس در جي خاڪ تي رکيائون، ڪنهن کان منهن نہ ڦيرايائين! رضا جي اڪ ڪوليائين، ۽ حسن جي

خاصيت - ناز ۽ غرور - تي پاڻ نہ هيراياڻين! انهيءَ شفقت، عاشقن جي قلبن کي پڪا پيوند پايا: مڙين ملتزم کي بغل ۾ جهلي، ڪلهن ڪان ڪنڌ نايا!

الله الله ! ڪعبو شريف جلوه گريءَ ۾ دلربا آهي، پر نہ رخسار جي وجهہ ڪان، نہ دوتا زلف جي سببان آهي - جي منهن اٿس، تہ نہ ان يار جو، نہ لائق سيڪنهن پسڻ جي ديدار جو: مٿي جي اکين جو حوصلو تنگ آهي، تہ محبوبن جو منهن بي رنگ، ۽ هي بي رنگ آهي! يقين آهي تہ هن رت ۽ پوڻ ڏيل اک کي پڌرو ديدار نہ ڪرائيندو، ۽ هن فاني جهان ۾ پنهنجي عاشق کي منهن نہ ڏيکاريندو! جنهن وقت حاجين جي مٿن جي وارن مان ڪاڪل چيلهہ تائين رسندڙ، ڦٽي ڏنل ۽ ڳتيل هوندس، ۽ ان جي هنجن جي گوهرن، سندس دامن تي پيلن مان زيور پيل هوندس، تنهن وقت اهو محبوب، سج چنڊ ڪان روشن جو مسجود، عزت جي دامن کولي، دامن ۾ ڇهڻن کي ان ۾ ويڙهيندو، ۽ پاڻ سان گڏ، پنهنجي فردوس واري مڪان ڏي، ڪمال محبت سان وٺي ويندو - توڻي انهن ۾ ڪو ڪندو هوندو، تہ گل جي دامن کي ان ڪان ڪهڙو غم ٿيندو؟ المختصر، خلق واري "منيٰ" ڏي منهن ڪيو، ۽ اتي سيڪنهن مني جو حصول ٿيو. "مسجد خنيف" ۾ گهڻي نياز سان نمازون پڙهيائون، ۽ غار "مرسلات" جي زيارت سان دل جي غار جي ڪارونيار ڇڙهيائون، ۽ يارهينءَ ۽ ٻارهينءَ تاريخ "جمرن" کي مارياڻون، ۽ پوءِ نهايت حرر ڏي واڳ واريائون. تاريخ چوڏهينءَ "عُمري" جا احڪام پاريائون، ۽ طبيعت جي سڪ جا من تي مچ ٻاريائون، پاڻ ۾ پنڌن ۽ پيچرن بابت پڇاريائون، ۽ فراق جي اُجايل جيان وصال جو زلال نهاريائون: سڪڻ ۽ سوز جو سمر سنواريائون، برهہ جو بار ٻڌائون، رحمت الاهيءَ جي حڪم سان روانگيءَ جي رخصت لڌائون!

سياڻي سات نڪرڻ جي تياري آهي، ۽ هنجن جي نئن اڱواٽ جاري آهي - شال ذوالجلال پنهنجي ڪرم سان مقصود جي منزل کي سلامت ملائي، ۽ دوست جي ديدار سان روئندڙ اک کي کلائي!

اوهان جو خط، فرحت نمط، تنگ وقت ۾ رسيو، تنهنڪري سستت سندس جواب نہ لکيو ٿيو. اهو تاخير معاف رکجو ۽ زيارت جو ذڪر ٻئي خط مان معلوم ڪجو: دعا سان هردم ياد آڻجو، ۽ هن مخلص کي بہ پنهنجي دعاگوئي ڄاڻجو - فقط والسلام!

ڪيو گوش توڏي اچ گل تون ڇڏ خروش ڪي،
ڪڍ خوف، لاهہ خار جو خطرو خبيث خام.
جيڪي اندر جدائيءَ ڪٽيا تو سور سال،
سي سڀ وسار جيئن اچ آهي وصال عام.
موڪل ملڻ جي بعد ڪرڻ دير نا درست،
عاشق جي لاءِ عشق ڪيو صبر ڪي حرام.
اي دل! م درد ڪاءِ تون، هن حال تو ٿئي،
سڪ ساڙيل رميم منجهان تن جڙي تمام
بس رمز آهہ روشن "يحيي العظام" جي،
روح القدس جو مثل مسيحا جو ناهہ ڪام
آهي عتيق هي هند تون هنج عقيق هار،
ٿي پاڪ پاڪ سين تون پس پاڪ جو مقام.
رادي القدس آهہ، اجهو سلع خلع ڪر،
هن جسم جا علائق، پر روح ساڻ گام!
هو ذي سلم سڄاڻ! اجهو بان هو علَم:
جنات عدن، خلد ۽ فردوس ۽ سلام
دربان در تي وينل "روح الامين" ڏس!
چوکيءَ جي ڪاڻ "ملاءُ الاعليٰ" جو ازدهام.
دربان فيض بار انهيءَ شاهہ جي اجها،
جنهن جي سبب ٿيو سڀ عالم جو انتظام.
سي در اهو ٿي آهي جو "بيت الحرام" پڻ،
"لبيڪ" ري نہ مُور ڪري ات بيو ڪلام.
ظاهر ٿيا قباب قبا جا، قَبا ٿي تنگ،
هن جان تي بدن جي ڪيو جان انهزام!
هذي بيوت طيبہ، هذي قُبابها-
پسجي چٽو پيارل محبوب جو مقام

ڪيائون. اقبال جو تارو مسعود هون، ڪم جي عاقبت ۾ انجام محمود هون: مقصود جي محبوب منهن پسائين، ۽ دولت جو در ڪليل نظر آين. جناب "شيخين" ۽ "اُم السبطين" جو وسيلو وٺي، دعا گهريائون، آرزو منديءَ جي دامن مرادن جي گلن مان پريائون.

## قصيدو

"روشنيءَ تنهنجي ڪان روشن دين دنيا ٿيا-
توتي صلواتون خدا جون هون، يا بدرالدجا!

ماءُ زماني جي نہ ڄائو تو جهڙو فرزند ٻيو،
اڪ نہ عالم جي ڏٺو ڪو مثل تو حسن اللقا!

ڪيئن ڪيو ملڪن تي سجدو آدم خاڪي اڳيان:
نور تو ان ۾، امانت، جي نہ هو، نور الهدا!

نوح طوفانان نڱيو، ڪنهن پر نہ جي تنهن سين هجين،
نار نمرودي ڪئي، تنهنجي نور، باغ بي بها!

تو دران ٿيو دان ابراهيم اسماعيل ڪي،
ذبح سڀ ضد تو سندا، اي ٻن ذبيحن جا ويا.

سونهن تنهنجي ڪان سچڻ! ڪي حسن، يوسف هٿ ڪيو،
ڪو ذرو دولت سليماني، سچا، تنهنجي سخا!

فيض تو فياض جي ڪان معجزا موسيٰ مڱيا،
تنهنجي غيرت غرق ڪيو فرعون ۽ فاجر ٻيا.

ڪيئن ٿئي مُردن ۾ داخل ٿوڪسين، في الفور روح!
آهہ عيسيٰ ڪي سري ڪجهہ قدر تنهنجي ڪيميا!

ماڻءُ تو ڪان ماٺيو جن، سي سمانان سڀ طرح،
جي ڏڪيا تنهنجي دران، تن دان ڪٽ ناهن ڪيا.

مور منزل تي رسيو هوند ڪو نہ ڪو حق اليقين،
ذات تنهنجي، جي نہ ٿي ان راهہ اندر مقتدا.

جـود تنهنجـي كـان ٿيـو ايجـاد كـل عـالم سـندو-
ناهـ ٻيـو مقصـود ان ۾ كـو سـچا تنهنجـي سـوا!

تـو بهـاريءَ لطـف سـين كونيـن جـو كيـو سـبز بـاغ،
تـو نسـيم فيـض سـين شـاداب كيـو روض الصفـا.

ملـك ۽ ملكـوت جـو هـو كـو نـه هڏ جنهـن دم وجـود،
تهـر تـو ري كـو نـه هـو محـرم حريـم كبريـا.

ڇـا زمينـون ڇـا زمـن ڇـا اپ ڇـا جنـات عـدن،
عـرش اعظـم كـي بـه حـاصل تـو وٽـان عـزت عـلا.

كيئـن نـه در تنهنجـي اسـين - دام خجـالت جـا اَسـيرَ-
روز شـب پـل پـل بـه پـل آٿيـون عـرض ۽ التجـا؟

آسـرو احسـان تنهنجـي ۾ شـفاعت جـو ركـي،
بـار ڏوهـن جـا پـري آياسـين بـا پشـت ڏُوتـا.

ناهـ دعـويٰ تـان ڪ تنهنجـي واٽ ۾ لنگهياسـون سـال:
سـاڳيا گمراهـ سـي اڄ واٽ تـي آهيـون پيـا!

عجـز، بيخويشـي ۽ دلريشـي ۽ درويشـي ۽ درد -
عشـق تنهنجـي تـي اسـان آنـدا اي سـپ شـاهد سَـچا.

ري خطا ٻي كا نـه كنهـن دم كـٿ اسـان كـان كـار تـي،
تـون پلائـي پـاڻ كـر پنهنجـي وڙون بخشـش عطـا.

نفـس جـي بيجـڙي هـوا كـان منتشـر ٿيـا سـپ حـواس،
انتشـاريءَ تنهـن كـان كـر، پـالن پـلا! پـر جهـل بچـا.

نفـس ۽ شـيطان ڇـاري ٿيـا ٻـڌي خيـسرن جـي واٽ،
لطـف جـي پـاڇي پنـاه ڏيئـي تـي رهبـر رهنمـا.

جي كرم سان تـون كنديـن شـافع شفاعت يـوم حشـر،
تـان كنـدو رحمـت اسـان تـي رحـم سـان رب الـورا.

تنهنجـو درد داتـا جهليـو تـو ڏي وسـيلو سـي وٺـون،
صدق سان سپ عمر كٽي جن صرف منجهـ تنهنجي وفا.

تنهنجـي پـاڙي قـرب جـي ۾ اڄ اهـي آرام ۾:
تنهنجـا تـابع سـپ سـچا اصحـاب ۽ آل عبـا.

واٽ تنهنجي تي انهن آندو کواٽن کي چکي،
نا تہ ڪيئن تنهن ضلالت کان ڇٽي خلق خدا؟

رب رحمت جي منجهان سيراب اُن جي خاڪ پاڪ،
هوءِ هر دم هر زمان هر ويل تان روز جزا!

ڪر عنايت ڪارڻي اُن جي مهابي سر سين،
تان لهن هت هُت مڙئي مقصود موجب مدعا.

هارکو قطرو ڪکر مان جود جي، ۽ جام فيض،
اڄ اسان جي جان تن تي، جي گناهن کيا گندا.

اکِ اسان جي کي عطا ڪر هن دران ڪحل البصر،
هن هوَس جنهن جي وَنيَ کيو خون جيري کان جدا.

آهه دائم تنهنجي در مدعا "مشتاق" جي،
وصل جي وٽ ڏي وٺي تنهن کي پرين پنهنجي هٽا."

الله الله! هن شهر سڳوري جي خاڪ پاڪ جي وصف کي پروردگار سوا ڪير پهچي! ڪجھ ٿوري ذڪر ڪرڻ سان، ڪمال شرمندگي کان زبان تي بند ٿو اچي. جنهن جي بقيع جي زمين مان، ڪرسي جي تارن کان روشن نور چمڪن ٿا، توڙي سج جي شعاع سببان نقاب ۾ آهن، تان بہ آسماني سورج کان سرس جهرڪن ٿا. سبحان الله! سيئي جيئرن دلين ۽ وجود کان فاني رهيل آهن، عدم جي گريبان ۾ مٿو لڪائيندڙ ۽ مخفي هئل آهن: جيڪر پنهنجي رخسار تان حجاب جو نقاب لاهين ها، تہ هن سج ۽ چنڊ جو تاب گهٽو گهٽائين ها! عزيزا! الحمدلله والمنة لہ، جو انهن سڳورن سين تي سلام چوڻ جي دولت ملي، ۽ سعادت جي مکڙي کلي: مڙني مسجدن ۽ مشهدن جي زيارت ۾ پليءَ بشارت منهن پسايو، قُبا ۾، ڪمال حيرت کان، دل جان جي پير کي قَبا بنايو، ڪوثر کي ريس ڏياريندڙ بير آريس جي پاڻيءَ آب حيات جو هوَس وڃايو، جناب سيد الشهدا ۽ بين شهيدن جي مزارن پُر انوارن هوش ڪَسايو. انهن سڳورن تان سهسين ساھ فدا هجن، جن جي رت جي سرخيءَ جي اثر کان گردون جي دامن شفق گون آهي، ۽ انهن جو داغ دل تي رکي باغ ۾ لالا خونين ڪفن ۽ محزون آهي. اتي حيرت، گريبان ۾ هٿ هٽي چيو تہ اهو عقل ڪٿان آڻيندين، جنهن جي وسيلي هن هنڌ جي توصيف، جيئن جڳائي تيئن ڪمال کي

رستيندين؟ هن زمين جي خاڪ پاڪ محبت ۽ وف سان ڳوهيل آهي، جنهن
ڪان بطحا کي صفا حاصل ٿيل آهي: سر بسر ، وجب بروجب، عجب در عجب
آهي، تنهن جي تعريف ۾ دم نه هڻڻ ۽ عاجزي مچن ادب آهي! تڏهن طوطي
وانگر آرسيءَ اڳيان حيران ۽ بي زبان ٿي پيس، ۽ عجز مجي بيخود ٿي ويس.
دهشت ۾ عقل ۽ شعور گمنام رهيو ۽ زبان تي هي ڪلام رهيو:

"مون کي ناهي مجال سارھ جي،
جا ڪيم وصف تنهن کان آيم شرم."

عزيزا! اجا ڪو وقت آرزو اٿم ته هن حرم اَقدس ۽ شهر مقدس
جو پاڙوسي ٿيندس. جي محض ڪرم سان پنهنجي پاڙي ۾ مدامي رهڻ جو
ماڳ عطا فرمايائون، ته ڪهڙي جا خوش نصيبي! نه ته نهرايل قسمت
موجب موٽڻ جو پوء اطلاع ڏيندس. جيئن اوهان کي دعا سان ياد ڪندڙ
آهيان. تيئن مون کي به ياد ڪجو - شال مڙيني مقصدن ملڻ سان دلشاد
هجو! فقط والسلام.

## 7 - خط موٽندڙ حاجيءَ جو وطن وارن ڏي

سلام، جن جي سرهيءَ بوءِ مان محبت جو خوشبويون دوستن وفادارن
جي دماغ کي اچن، ۽ دعائون، جن جي دفترن کولڻ مان، مودت جا آواز صدق
۽ صفا وارن جي هوش جي گوش کي پهچن! هديو هلايو ظاهر ٿو ڪجي ته

"جتي جيتريون لکيون قلم لوح تي،
تتي تيتريون گهڙيون گهارڻ پيون."

عزيزا، ڪهڙي خوش قسمتيءَ سان الله تعالیٰ عرب جو ڏيهه
ڏکاريو، ۽ ڪو دم ان امن جي پاڙي ۾ وهاريو! پر وري داتي پاتيءَ جي
قسمت جي چڪ، پنتي پير هٽايو، ۽ هو وصال فراق سان مٽايو: دل جدائيءَ
تي راضي نٿي رهي، پر خدائي قضا جي ڪاني اڳ ۾ ئي انهيءَ پر هُئي وهي-

اجا عطشان کي هت جام آيو،
نه پيتائين قضا تنهن کان کسايو!
اجا بلبل جي گل تي نرت پيئي،
ته قاسي ڪٽڪ ۾ ويچاري ويئي!

اجا صُحبت سجڻ سان تي نہ دلخواہ،
تہ اک ڇنپ ۾ ويٺي ڪسجي سانا ڳاھہ!
اجا مليو نہ ڳجهہ ڳرھڻ جو وارو،
تہ ناگهہ هجر هي آيو هچارو!
ڪڏهن ڪنهن جي فلڪ ڪي ڪا نہ پوري،
ڪري جو آس عاشق جي اڌوري!
ڏسان سيڪنهن ڪي دل جي دل ۾ رهجي،
ڪجي ڇا سور ايءَ لاچار سهجي!"

دوستا، اڄ "فلاڻي" هنڌ رسياسون ۽ توهان جي اڳواٽ اچڻ جي آسري تي ترسياسون، تہ بين شهر وارن کان اڳي، اوهان پيارن جي ملاقات سري ۽ اشتياق جي آڙاھہ تي ڇندو لڳي، سو وجي نري. باقي، احوال ملڻ تي موقوف تو رکجي ۽ هن تنگ وقت ۾ هن ٻن حرفن سان اطلاع تو ڏجي - فقط والسلام.

## جواب

شوق جي سلامن ۽ سڪ جي پيامن کان پوءِ، عرض تہ حق جو قسم، جو "قدوم بهجت لزوم" جي مبارڪباديءَ کان، اميدن ۽ مرادن جي منهن تي فرحت ۽ شادمانيءَ جا دروازا اپنجي ويا ۽ ويجهڙائيءَ وصال جي خوشخبريءَ کان روح جو پکي استقبال جي رسم سان خوشيءَ ۽ پرواز ۾ آيو!

"مئل هئس، پيغام تنهنجي پرين،
وري جسم کي جان بخشي نوين."

"الحمد لله الذي اذ هب عنا الحزن" جڏهن هي ديدار جو آرزو مند جلد زور قاصد جي پنيان استقبال ۾ تو پهچي، تڏهين واڌو لکيو نتو اچي!

"م رک احسان مون تي ان اچڻ تنهنجي جا" اي ساڄن! نتيجو آهہ اي منهنجي سڪڻ ۽ انتظاريءَ جو."

شال هميشہ سعادت ابدي ۽ عزت سرمدي حاصل هجيوَ. فقط والسلام.

نوٽ: اگرچ پاڻ ۾ خبرن ڏيڻ ۽ وٺڻ جا نمونا سڀ ڪنهن قسم جا گهڻا تا ڏسجن، پر ڪتاب جي طوالت ۽ پڙهندڙن جي ملالت جي خوف کان هيتري تي اِڪتفا تي ڪجي.

# فصل ٽيون

## هدين ۽ تحفن موڪلڻ ۽ ان جي شڪر گذاري جي خطن ۾

محبت جي واڌاري لاءِ، هدين ۽ تحفن جهڙو ڪو عمدو سبب نٿو ڏسجي - جيئن تہ حديث شريف "تهاد و اتحابوا" مان بہ تو سمجهجي - اهو بہ، ڪڏهن عام ڪڏهن خاص طرح سان، ننڍن ۽ وڏن ۽ هڪ جيڏن جي وچ ۾ ٿئي ٿو. تنهنڪري القابن کان منهن موڙي ان جو مختصر نمونو ڏيکارجي ٿو.

## 8 - خط حاجيءَ پاران تبرڪن موڪلڻ بابت

دوستا، هن طرف جي دل تو دد منزل ۾ اها آرزو رهندي هئي، تہ ڪنهن پاسي، خصوصاً حرمين شريفن ڏي، سفر ۾ اوهان جو همرڪاب هجان، پر اوچتي قسمت سان هيڪلوئي وڃڻ ٿيو، ۽ تمنا اجا بہ ساڳي آهي، من پروردگار پوري ڪري آمين. بيو تہ انهيءَ پار جا تبرڪ سڳورا مشفق "فلاڻي" جي هٿان خدمت شريف ۾ موڪلجن ٿا. خواهش اها هئي تہ اوهان کي هٿي اچڻ جي تصديع ڏجي، پر ڳري تڪليف سمجهي اتي ٿا موڪلجن - واڌو ڇا لکجي.

## 9 - خط انبن موڪلڻ جي ذڪر ۾

"قدر مسڪينيءَ جي موجب، مون هي هديو موڪليو،
ناهہ مسڪينن جو هديو جوڙ، آهنجي شان سان."

اڳاٽي هليل چليل رسم آهي جو هيٺاهان، اپرن ٽولن موڪلڻ سان گستاخي ڪندا آهن، ۽ مٿاهان لطف ۽ عاطفت جي حڪم سان ان کي قبوليت جي شرف سان مشرف رکندا آهن. تنهنڪري گستاخيءَ جي قدم سان انهيءَ دليريءَ جو رستو ماپيو ويو، باوجود حقارت جي بہ قبوليت جو شرف اميد رکيو ويو - هڪڙو سؤ انبن جو، جي هن نيازمند جي باغيچي جا آهن، روانو ٿو ڪجي. شال روح جي راحت هجي! جيڪڏهن ذائقو پسند اچي تہ بيو بہ موڪلي ڏجي. هديو توڙي حقير آهي، پر جڏهن سندس موڪليندڙ مرد فقير آهي، تڏهن توقع، ۽ طمع تہ قبول رکندا ۽ رد نہ ڪندا! زياده نياز والسلام.

جي گهران تان مٿانءِ ڪي گهوريان
تو اڳيان ڪهڙو تحفو زيبا هوءِ؟

ڪلام بلاغت انجام، ان زماني جي سحبان جو رسيو. هن بي پروبال ڪي ڇا مجال جو ان تي آگر ذري، جنهن جي اشعارن جي موتين موچارن، آبدارن جي پوتلن هارن ڪان ڪتين جي عقد جي بازار پڳل، ۽ نثر جي الفاظن، پر انوارن جي جواهرن زواهرن ڪان بلاغت جي جوهرين جي دڪانن جي درن جا طاق هڪ ٻئي تي لڳل - ان جي ڪهڙي تعريف ڪجي ۽ توصيف ڇا چئجي!

"اول ڳالهه اپ ڪان لتي سر زمين،
سا هاٺي رسائين تو تون اپ تي.
ڍڪايئي بلاغت ڪي خلعت نئين،
تيو شان تنهنجو سرس سڀ تي."

جيڪي ان ۾ مستجاب دعا جو التفات فرمايل هو، تنهن کي قلب جو تعويذ جان جي پناهه سمجهي، اُن سان جديد مودت جو رابطو ۽ تازيءَ محبت جو قاعدو محڪم ڪيو ويو. هن طرف جي يارن جون اکيون، انهيءَ ڪحل الجواهر سان منور ٿيون، ۽ هوادارن جي فڪرن جون آرسيون، شبهي ۽ پاڻ، پائڻ جي غبار ڪان صفائيءَ کي رسيون.

"زبان بند تي شرم نئڙو شرم،
نه مون کي اچي شڪر تنهنجي جو هوش،
چڏڻ شڪر ۾ عذر ناهم بيو.
مگر جيئن مجي عجز ٿيئڙس خموش."

## فصل چوٿون

وعدن ياد ڏيارڻ ۽ ان جي وفا گهرڻ جي خطن ۾

جڏهن آيت شريف "واوفوابالعهد ان العهد ڪان مسئولا" جي حڪم موجب، عهد ۽ انجام جي پچا ٿيندي، تڏهن ان جي وفا گهرڻ، خاص محبت ۽ سچائيءَ ۽ شفقت ڪان سمجهجي ٿي. هتي ان جي ٿورن نمونن جو بيان ڏجي ٿو ۽ وعدن جي ذڪر ڪي وقت جي مناسبت تي موقوف ڇڏجي ٿو.

### خط - 12

اخلاق نهاد، شفقت بنياد، صادق الوداد، راسخ الاتحاد، صين عين الشرو الفساد، بحرمت النون والصاد، سنت اسلام جي سلامن ۽ شوق لاڪلام

## جواب

مخلص ميٺ رکندڙ، مشفق قرب ڪندڙ، دوست دليون پرکيندڙ، سچ سچائي لکيندڙ- سدا سلامت هجي!

وداد جا سلام، اتحاد جا پيام ۽ دعا خيريت انجام عرض رکيو، عرض تو گذاري تہ سچي مضمون "الڪريم اذا وعد وفا" جي تمهيد ڪان پوءِ، خاطر فاطر ۾ گذريو تہ جيڪڏهن صادر ٿيل وعدي ۾ هن ناقص ڪان ڪو خلاف وقوف لهندو، تہ پاڻ کي ڪرم ۽ آزادگيءَ جي صفت سان (جنهن مان دنيا جو شرف حاصل ۽ دين جي سعادت ساڻس لڳل آهي) هرگز موصوف نہ سمجهندو.

"آهيان وعدي انهيءَ تي جو ڪيم،
ناهہ وعدو منهنجو حيلو ۽ خلاف."

## خط - 14

سدا سنياريندڙ، ڪڏهن نہ وساريندڙ، دوستيءَ جو سچار، سچائيءَ جو سينگار- شال سلامت هجي!

خالص نياز جا سلام اول ڪلام ۾ آڻيو، دوام ۽ بقا ۽ صحت عافيت جي دعا پاڻ تي فرض ڄاڻيو، عرض تو ڪجي تہ ڪمال مهربانين جي وچ ۾ جيڪو وعدو ڪري، ان جي پارڻ جو تاڪيد ۽ پڪائي فرمائي هيوَ، تنهن ۾ جيڪڏهن "الجزالحرما وعد" جي معنيٰ موجب، چڱيءَ صفت ۽ موجاريءَ طرح سان ان جي وفا ۾ ڪوشش ڪندؤ، تہ محبت جي اثرن جي واڌارن جو سبب ٿيندو-

"اتم آس ٿيندو سو بيشڪ وفا،
ڪيئي ٻول جيڪو، نہ پسندس جفا."

## جواب

قدر ڄاڻندڙ، دليون سجاڻندڙ، سچائين سان سوگهو ڪندڙ، احسانن سان دل وٺندڙ، ڳڻن سان ڳهندڙ، مهربانين سان موهيندڙ- شال مڙيني مقصدن سان شاداب، ۽ مڙيني مرادن سان ڪامياب هجي!

نياز جي سلامن ۽ بندگين ۽ ادبن ۽ تعظيمن ۽ سرافگندگين بعد، عرض تہ

"جي سچي يار سان ڪجن وعدا،
ڪيئن وري تن ۾ پوءِ دير خلاف؟"

محبا! خاطر مبارڪ جمع فرمائجو، ۽ وفا جي اميد ڏاران ٻئي ڪنهن پاسي مَ موڙائجو! انشاءَ الله تعاليٰ العزيز، مروت جي ذمي ڪي، امانتن جي بارن ڪڻڻ ۽ انجامن جي قرضن لاهڻ ڪان، "العدة دين" جي مقتضا موجب، جلد هلڪو ۽ آجو ڪندس، ۽ همت جي ديباچي ڪي، ڪڌن جي سيرت ۽ ڪوڙن جي صفت ڪان- جا "خلاف المعياد ومن الا خلاف من اخلاق الاعداءِ" آهي- پناه ۾ رکندس!

"وفا وعدي هميشه منهنجي عادت -
انهيءَ عادت ڪي سمجهان ٿو سعادت."

# فصل پنجون

## عتابن ۽ ان جي جوابن جي خطن ۾

جڏهن عتاب جو جواب، دوستن جي دلين مان ڪجهي ناسازش جي ميرائي ڌوئي صاف ڪندڙ، ۽ محبت ۽ مودت جي اصل ڪي ثابت رکندڙ آهي، تڏهن دوستن تي دوستن جو عتاب ڪرڻ، واڪاٽيل ۽ وٽندڙ آهي. انهيءَ سببان چوندا آهن تہ عتاب جي باقي هجڻ تائين دوستيءَ جي بقا ۽ جڻ آهي: جي ڪنهن واجبي عتاب ظاهر نہ ڪيو ۽ دل ۾ رکيو، يا ڪنهن ٻئي جو واجبي توڙي ڪُواجبي عتاب نہ سڻو ۽ نہ ڪنيو، تہ نہ دوستي آهي، نہ وفا آهي، بلڪ دشمني ۽ بي وفائي، ۽ ڪڌائي ۽ دغا آهي. عتاب محبت وارن جي پَرُ، ۽ صحبت وارن جي رسم، ۽ اخلاقيءَ جو اصل اصيل آهي! عتاب اخلاص ۽ اختصاص جو پلو برهان، ۽ سچائيءَ ۽ صفائيءَ جو پڌرو دليل آهي- اگرچ ان جون طرحيون ۽ صورتون گهڻيون ٿيون ڏسجن، پر هتي نموني لاءِ ڪي ٿوريون بيان ٿيون ڪجن.

### 15 - خط خبر چار نہ موڪلڻ جي عتاب ۾ - وڏي ڏانهن

سائين منهنجا! هيڏي دراز مدت گذري ويئي، جنهن ۾ باوجود ٿوريءَ فرصت ۽ گهڻيءَ مشغولي جي، ڪيترا لاڳيتا عريضا خدمت عاليءَ ۾ موڪليا ويا

آهن. يقين تہ ملاحظي شريف ۾ آيا هوندا. حيف صد حيف مون کي، جو هڪڙي جي جواب سان بہ معزز ۽ ممتاز نہ ٿيو آهيان! ايلاٽي ٻانهي جي طالع جي سڳورائي آهي، يا ڪنهن چغل جي چغلي ڪار گر ٿي آهي، جو هن ضعيف کان خاطر عاطر ۾ ميرائي واڻ لڌي آهي. جيتوڻي، فدويءَ کان اهڙي ڪم التفاتيءَ ۽ ڪم توجهيءَ جوڳو ڦهو وقوع ۾ آيو هجي تہ الرحم الراحمين، لک تقصيرن جا عفو ڪندڙ آهي، ۽ جناب جي بنده نوازيءَ ۾ بہ ٻانهي جي انهيءَ قصور جو عفو گنجائش ٿو رکي. اوهين پاڻ ڄاڻو ٿا تہ هميشه جي مهربانين تي هريل کي، دل فيض منزل مان محو ۽ فراموش فرمائڻ سببان، هن ڪمترين کي ڪيتري قدر بي قراري ۽دوستن ۽ دشمنن وٽ شرمساري حاصل ٿيندي! زياده حد ادب.

## جواب

منهنجي اکين جا نور، تنهنجو خط مسرت نمط هن طرف جي جواب نہ رسڻ جي شڪايت ۾ رسيو. سو اي پيارا! ضروريءَ مشغوليءَ فرصت نہ ڏني ۽ قلب ان ڪم ۾ راضي نہ رهيو. ٻيو ڪو خيال دل ۾ نہ آڻجو ۽ هن طرف کي دعاگوئي ڄاڻجو. فقط و السلام.

## 16 - خط ننڍي ڏي

پيارا! عجب صد عجب آهي جو هن ٿوري پنڌ تي، هيتريءَ مدت ۾، پنهنجي خوشنوديءَ جي خوشخبريءَ سان هڪ مرتبو بہ ياد نہ ڪيئي! انتظار ۽ نگراني رکان ٿو، ۽ تنهنجي ڳري هٺ کان بدگماني رکان ٿو: دل ۾ اهڙي سگهہ نہ ٿو ساريان، تہ زبان تارونءَ ۾ وهاريان، لاچار گلا تي ٿو اچان. ڇو نہ اچان؟ جو تنهنجي بوءِ سان ٿو جيان، سا نہ مون کي ٿي پهچي، ۽ نہ ان کي ٿو پهچان. رڳو تنهنجي جدائيءَ کان جو رنج ٿو رسي، سو شال مَ ڪنهن تي پوي، ۽ مَ ڪو پسي! روزوشب الحفيظ ۽ الامان ورد زبان آهي - معاذ الله. جيڪڏهن خطن جا دروازا بہ بندبا تہ ڪهڙو حال ٿيندو، ۽ ڪٿي رسندو؟جنهن هاج جي ٿو ۾ اميد ڪا نہ هئي. سا هرگز مَ ڪج، ۽ قلم جي چپ کي سادي منهن ڪاغذ جي چمڻ کان جهليل مَ رکج، ۽ نازڪ مزاجي ڇڏي قلم کڻڻ جي تڪليف سهج! جي اڄ خط جا بہ حرف دشوار آهن، تہ سڀاڻي قبر تي اچي فاتح پڙهڻ جي تصديع تہ تمام لاچار ٿيندي! شال هر جاءِ خيريت سان هجين-زياده دعا.

## جواب

حضور عالي! عنايت نامون فيض شمامون، هن يار جي خط ۽ خبرچار نہ رسڻ جي گوشماليءَ ۾ ورود سان مشرف ٿيو. تنبيھہ مناسبي ۽ چينيپ واجبي آهي، پر بانهون اتان رخصتياب ٿي، هتي اچڻ سان، هن زمين جي آب ۽ هوا جي نامواقفت سببان، تپ جي بيماريءَ ۾ گرفتار رهيو. بيو اجان عافيت منهن ڪديو، تہ جناب مستطاب فلاڻي جي امر عاليقدر سببان، واڻ ڦريندڙن چورن جي ڳولا ۾، ڪيترا ڏينهن بيابان ۽ ڪوهستان ۾ سرگردان ٿيو ۽ خط موڪلڻ ڪان لاچار رهيو. ٿيون، دل ۾ چيم ٿي تہ ڪو وجهہ ملي تہ پاڻ وڃي، روبرو قدمبوسيءَ سان ڪامل ملاقاتِ جو شرف حاصل ڪريان، ۽ پر پٺ جي اڌ ملاقات تي ڪهڙي دل ڌريان.چوڻون، جناب جي خاطر مبارڪ تي هن طرف جي نيازنامي جي مطالعي ڪرڻ، وري ان جي جواب لکڻ ۽ موڪلڻ جي تصديع ڳري سمجهي بہ، انهيءَ ڪم ڪي ترڪ ڪيو ويو هو، ڇاڪان جو آڳاٽو هڪ عريضو هلايو ويو هو، تنهنجي جواب سان نيازمند سرافراز نہ ٿيو هو. پنجون تہ موڪليل عريض جي جواب ۾ بي شمار انتظار ڪان تنگ ٿي، خاطر جي پريشانيءَ ڪان خيال ۾ مضمون تراشي ۽ عبارت نويسيءَ جو نقش صورت نہ ٻڌندڙ سمجهي، خطن جي تحرير مصلحةً ڇڏي ويئي هئي، تہ من شڪايت جهڙي مضمون سان هي مهجور ياد بہ اچي! سو انهيءَ ڊگهي اميد جي فڪر، دل گهربل نتيجو ڏيکاريو. هاڻي جي هن طرف جو طومار خاطر شريف تي بار نہ آهي، تہ جواب اچي يا نہ اچي، غلام ڪي خط موڪلڻ ڪان عار نہ آهي. اڳ ۾ جيڪي گذريو سو ڪجهہ مجبوريءَ ۽ ڪجهہ بي پروڙيءَ سببان هو. اڳتي اهڙو ڪم نہ ٿيندو. هي قصور معاف ٿئي! واڌو حد ادب.

## 17 - خط هڪ جيڏي ڏي

مشفق منهنجا! مدت مديد گذري، جنهن ۾ نہ سلام، نہ ڪلام، نہ خط، نہ پيغام! هتان لاڳيتا خط موڪليا ويا، هڪڙي جي جواب سان بہ خوش نہ ڪيوَ ۽ ڪڏهن ويسر سان بہ خبر نہ ورتوَ، تہ ڪهڙو حال آهي، راحت آهي يا ملال آهي؟ روبرو پاڻ ڪي دوستيءَ ۾ سچو قرار ٿي ڏنوَ. پوءِ هيءَ ويسر ڇا لاءِ؟ بار بار هن مخلص ڪان خطن موڪلڻ جو اقرار ٿي ورتوَ، پوءِ هيءَ ڳيسر ڇا لاءِ؟ هائو،

دعويٰ ڪرڻ بي ڳالهہ آهي ۽ دعويٰ ۾ پورو اچڻ بي ڳالهہ آهي! هن عاجز، ان مشفق کي دوست بي ريا ٿي ڄاتو. ۽ ٻنهي ڪين جهڙو ڪري نٿي سڃاتو. پر پروڙ غلط هئي: هن بہ رنگي زماني ۾ حال ٻيو آهي ۽ قال ٻيو آهي. اڃا تہ وڇان گهڻو پرانهون پنڌ بہ ڪونهي، جنهن ۾ خط جو پهچڻ مشڪل ڏيکاري- شال ذوالجلال اوهان جي دل کي سچائيءَ ڏي واري! واڌو ڇا لکجي؟ فقط والسلام.

# جواب

مهربان منهنجا! اتحاد نامون، سلام ۽ پيام نہ رسڻ جي شڪايت ۾ آيو. هي مخلص هن جدائيءَ ۾ ايتري قدر پريشان آهي، جو پنهنجي خبر بہ ڪا نہ اٿس، پوءِ مضمون گهڙڻ ۽ عبارت لکڻ جو حال ڪيئن معلوم هوندس؟ واهب الجود جي وجود جو قسم، تہ ان اهليت جي چمن سينگاريندڙ ۽ وفا جي تازي نهال وهائيندڙ جي خدمت لازم المسرت ۾، ٿورا مراسلا لکڻ ۽ موڪلڻ، ٿوري دوستي ۽ محبت ڪان نہ آهن، بلڪ هن سببان، جو هر هر ان دانش جي نقد پرکيندڙ ۽ بينش جي سڪي توريندڙ جي نالي، قلم ڪٽڻ ۽ خط لکڻ، سيڪنهن ڪچي جو ڪم ۽ ناتمام جو مقدور نہ آهي!

"سچڻ تنهنجي جي لائق ڳالهہ چئجي،

روا رک عجز ڪان ٿيندي زبان بند."

مگر اهڙو ڪو وقت نہ ٿيو، جنهن ۾ دل جو وڪيل دعائن جي صحيفن رسائڻ ۾ وهڻ اختيار ڪري، يا خاطر جو قاصد، محبت شوق جي مقدمن جي تمهيد ۾ ڪو قصور سان قدم پري - واڌو شوق. والسلام والڪرام.

# 18 - خط عتابي

محبا! اهي دوست ڪٿي جن پاڻ کي بي ريا ظاهر ٿي ڪيو؟ اڃا گهڻي مدت بہ نہ گذري، تہ سچائيءَ جو اثر محو ٿي ويو! نہ ڄاڻان تہ گهڻيءَ مدت ۾ ڇا پيدا ٿيندو، ۽ ڪهڙو نتيجو ڏيندو؟ شايد مٿچري محبت هئي. جا ٿوريءَ فرصت ۾ ساءُ ڇڏي ويئي! يا واٿهڙو دوستي هئي. جا اکين ڪان پاسي ٿيڻ سان لڏي ويئي! هائو. هن زماني ۾ دوست جو نالو سڄي ٿو ۽ پاڻ ڪو نہ پسجي ٿو: سيڪو دوست، دوست چوي ٿو ۽ ڪين ڄاڻي ٿو تہ دوست ڪير آهي ۽ دوستي ڇا آهي؟ فقط والسلام.

هجي! جهانن جو بخشيندڙ سدائين انهيءَ دانش تي رکيوَ! هن ڪان اڳي، ڪن سببن ڪان (جي هينئر وساري ڇڏيم) ڪجهہ شڪر رنجي هئي، جنهنڪري قلم جي مشڪي گهوڙي کي ڪاغذ جي ميدان ۾ نتي ڊُڪايم. هاڻي جڏهن انهيءَ آزادگيءَ ڏي واڳ لڏيوَ ۽ پاڻ نياز جي حوالي ڪيوَ تڏهن اوهان جي خوشخوئيءَ جو نقش دل جي تختي تي ڪڍيم، جو ڪڏهن ناپديد ٿي نہ سگهندو. ۽ هن ڪان پوءِ حياتيءَ تائين هي مخلص ڪڏهن ان رستي ۾ پير نہ رکندو!

"جيڪا گذري سا سڀ وساري مون،
دل مان آزردگي اُتاري مون.
تون سراهي سين يادگيري ڪج،
خوش خبر، دوستن کي دم دم ڏج."

## 20 - خط عتابي

او دوستن جي گلا کي پسند رکندڙ ۽ بي پرواهيءَ ۾ حد لنگهندڙ! ڪئين خط موڪليم، جواب جي نوازش نہ رسيم. شايد ان انتظار ۾ ٿا رهو تہ هن طرفان ڪا گلا هلي! سو آءٌ دوستن جي خواهش جو غلام آهيان: چڱي دستور ان جو سامان پهچائي ڏيندس، دعويٰ ڪين ڇڏيندس!

## جواب

يار پيارا شفقت وارا! اوهان جي گلا بجا آهي، منهنجو ڪم بيجا آهي. جتي هيڏا ڏينهن گذرندا خط نہ ملندو، تتي دوستن جي دل ڪيئن نہ رنج ٿيندي، ڪنهن کي اتي ڪاوڙ نہ ايندي؟ هاڻي گهرجي، تہ بخش ڪجي. خدا ڄاڻندڙ آهي تہ بي پروائي نہ ڪيم، روز مره جي ڪمن وانداڻي نہ ڏنيم، ۽ بيءَ بہ ڪنهن ڪار جي فرصت نہ ٿيم! منهنجي دل تي اک سياريو ڪي نهاريو، تہ هميشه دل ۾ ٿا گذاريو. جتي واءُ ڪي بہ دخل ڪونهي، تتي فراموشيءَ کي ڪهڙي مجال؟ ڪجهہ وقت صبر ڪريو، پوءِ آءٌ ۽ نامہ نگاري، ۽ اوهين ۽ شڪر گذاري! فقط والسلام.

## 21 - خط عتابي

منهنجا مهربان! ڪهڙي مهرباني آهي جا مون لاءِ روا رکي اٿو؟ ڪڏهن ڪاغذ ٽڪر تي پنهنجي خبرچار بہ نہ لکي اٿو! نہ ڄاڻان تہ اها مني

عادت ڪهڙي بيوفا ڪان سکي اٿوَ؟ دوستيءَ جو ناتو بدنام ٿا ڪريو. ۽ پاڻ کي لازم الملام ٿا ڪريو! هن طرفان ڪهڙي ملالت جهڙي ڳالهه هلي، جنهن جي هيءَ سزا ملي؟ انهيءَ جوانمرديءَ تي آفرين هجي، ۽ ان وفاداريءَ تي تحسين هجي: صدقي وڃان انهيءَ سچائي تان، گهوري وڃان انهيءَ صفائيءَ تان، قربان ٿيان انهيءَ دلداري تان، فدا ٿيان انهيءَ غمخواريءَ تان! تو کي دلي دوست سڄاتم ٿي، ۽ جاني يار ڄاتم ٿي، تنهنجي دوستي دين ڪريو سمجهيم ٿي، ۽ دل ڪان ڏيم ٿي: ارڏاين تي ڪين ڪڇيم ٿي، لاغرضيءَ جو سبب ڪين پڇيم ٿي، تنهنجيءَ رضا کي مهند رکيم ٿي، پنهنجي مرضي کي پوءِ ڪيم ٿي- اڄ بہ اها محبت جي پاسداري ياد ٿي رهي، تنهن ۾ ڪا ويسر يا گيسر واٽ نٿي لهي! گهڻي ماٺ ڪيم تہ من پاڻيهي سمجهو، ۽ سوڌي دڳ تي اچو. گهڻو انتظار ڪيم تہ من پاڻيهي سکو. ۽ ڪڏهن خط ڪٿي لکو: گهڻيئي ڪاوڙ ڪاڏم، جنهن آڙي لائي، گهڻيئي غم جي گرمي لڪايم، جنهن اندر آگ مچائي! ڪئين دفعا معافي بہ ڏنيم، پر ڪم نہ آئي، ڪيترا ڀيرا لاحول بہ پڙهي، پر اوهان جي عادت اهائي! جو دشمنن کي خوشي ڏيو ٿا ۽ دوستن کي غم، ۽ اغيارن کي عيد ۽ يارن کي ماتم؟ جيڪر مون ڏي قصور هجي ها، تہ اکين مان پير ڪري اچي بخشايان ها، ۽ هيڏو وڇ وڇان نہ پايان ها. ڪو ڏيانِ ڏاريو، ۽ پٺ ورائي نهاريو تہ اسان جون اکيون هميشه چؤواٽن تي اُڀينيون رهن، ۽ اوهان جي خبرچار لاءِ انتظار جا آزار ٿيون سهن! شايد اوهان جي خاطر انهيءَ ۾ خوش آهي، تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ورچي من آسرو ڪٿي لاهي: سو جي سر ويندو، تہ بہ قلب ۾ اهو خطرو نہ ايندو! هاڻي اها عادت جلد مٽائجو، ۽ وڏيڪ پورهيو پلئي مَ پائجو- فقط والسلام.

## جواب

خط سڳورو عتاب گڏيل ۽ شڪايت ڀريل رسيو. چمي اکين تي رکيم ۽ سيني سان لايم. اهو عتاب جو خطاب دل تي آب زلال کان لذيذ نظر آيم - اهو عتاب ڪهڙو نہ منو آهي، جنهن ۾ دوست ڪلئي منهن ڳالهائي، ۽ ناز ۽ غمزي جي ٻيچ ڪرائي؟ سئو ثوابن ان خط سان نہ پڙي، جنهن جو ڏوراپو يار پاڻ ڏئي - وڏا وڙ، وڏا ٿورا، پر بي حساب، نہ ٿورا! هيءَ ڳالهہ زور عيب

ٿيندي، جي دوستن کي خيال ۾ ايندي، ته منهنجو خط نه موڪلڻ بي وفائيءَ کان هو: يا صفائيءَ ۾ ميرائيءَ کان هو، يا دوستن جي مٿاهين مرتبي ۾خلل پهچائڻ لاءِ، يا دوستيءَ جي رستي گهٽائڻ لاءِ، يا يارن جي يادگيريءَ جي ويسر کان، يا ڪنهن ڪم جي مشغوليءَ ۽ گيسر کان، يا ڪنهن واجبي ڪي ڪُواجبي عذر ۽ اهمال کان، يا ڪنهن لاچاريءَ جهڙي حال کان، يا پرانهين تي صبر سهڻ سببان، يا بي پرواهه ٿيڻ سببان، يا مس ۽ قلم جي سوس سببان، يا ڪاغذ ۽ لفافي تي افسوس ڪرڻ سببان، يا لکڻ ۾ وقت ڪرڻ سببان، يا موڪلڻ ۾ تڪليف ڪرڻ سببان- ڏٺي ڄاڻندڙ آهي ته انهن سببن مان ڪو سبب نه هو! ڄاڻي ٻجهي اها وک کنيم، جنهن ۾ ادب نه هو: هڪڙو خط موڪليم، تنهنجو جواب نه رسيم، تنهنڪري قلم بند ڪيم ۽ پاڻ کي روڪيل رکيم. تنهن ۾ قلب راضي نٿي رهيم، پر مشهور قول تي عمل ڪرڻو پيم-

"در دلِ دوست بهر رنگ رهي بايه کرد:

طاعتي گرنه بر آيد، گنهي بايه کرد."

شوق ۽ آرزومنديءَ جي داستان جو بيان، بناوٽين جو شيوو ٿي سمجهيم، پڌري پٽ محبت جي ذڪر ۾ اظهار جو چپ اُپٽڻ، خود نمائي ۽ تڪلف خيال ٿي ڪيم - اهو ڪن ڪنهنءَ هوشيار ڪرڻ جو شرف اوهان لاءِ ٿي ڇڏيم، سو مقصد مراد موجب حاصل ٿيم! اڄ معافي ملي، اڳتي اهڙو ڪم نه ٿيندو، جنهن جو ڪو ڏک ڏوراپو ايندو. سچ وسهو، ته هر وقت ان مروت ۽ مردميءَ جي دائري جي مرڪز جي يادگيري(جا سچائيءَ جي شيوي اختيار ڪندڙ جي الفت جو محڪم رڪن آهي) خاطر اخلاص ماٿر ۾ هئي ۽ آهي، ۽ ڪنهن ويل ان سڳوري جي مٿاهن مرتبن جي نگهبانيءَ ۾ ڪوتاهي ڪندڙ نه هو، ۽ نه آهي.

"نه تنهنجي ياد کان مون ماٺ ڪو دم،

فراموشي، فراموشي ٿيم ڇڻ."

## 22 - خط خلاصي ڪاغذ نه موڪلڻ جي عتاب ۾

"پرائي خط جي پاسي تي ڪيئي ياد،

نه چاٽان ڪيئن محب بر طرف ٿي!"

دوستا! فلاڻيءَ شخص جي خط جي پاسي تي مون کي ياد ڪيوَ، سمجهيم ته برباد ڪيوَ: ڪاغذ جو ٽڪر ڪو نه ٿيو هو، يا قلم قسم ڪنيو هو، جو

منهنجي نالي ڪاغذ ڪو نہ لکيوَ؟ يا دوستي وڏي پوڻ جي گمان ڪان پاڻ کي گوشي ۾ رکيوَ؟ انهيءَ تي مرڪان تو جو اجان بہ ياد آهيان، ڪجهہ دل شاد آهيان! اڳتي، جي گرميءَ جي رت مان ڪجهہ رهيل آهي تہ اهڙو ظلم م ڪجو: جي نہ تہ معاف رکجو، پرائي خط تي بہ ڪيم لکجو، ڇا ڪان جو دل جو ڳجهہ ٻين جي ڪاغذ ۾ لکڻ، ڇت تان ٿالهہ اڇلڻون آهي! واڌو ڇا لکجي فقط والسلام.

## 23 - خط خوشيءَ جي محفل ۾ نہ ڪوٺڻ جي عتاب ۾

منهنجا نوازش فرمائيندڙ ! ٻڌم تہ خوشيءَ جي مجلس سينگاريوَ، ۽ هن ايري دوست ڏاران، سيني جي طلب ڪيوَ. واه واه! ڪم تمام بجا، مبارڪ ۽ زيبا - تنهن ۾ هن مسڪين کي ياد نہ آڻ، جڏڪڏهن ڪنهن سبب ڪان سواءِ فقط ويسر ڪان آهي تہ ڇٽل * آهيو، ۽ جي ٻي طرح، تہ آگهي فرمايو تہ يا مٿو گريبان سان ڍڪيان، يا اوهان جي اکين تي آستين مهٽيان!

## 24 - خط پر پاسي اچي منهن نہ ڏيکارڻ جي عتاب ۾

دوستا! ٻڌم تہ هن گرد نواحيءَ ۾ اچي مڙيني دوستن کي پنهنجي ملاقات ڪان مسرور ڪيوَ، مگر هن مخلص کي محروم رکي، موٽي دولت خاني ڏي منهن رکيوَ- شايد اسان غريبن وٽ اچڻ عيب لڳو، جو پر هڻ پراڻا اٿئون! هائو، تهيدست کي ڪير ٿو پڇي؟ سيڪو زر واري جو پاسو ٿو وٺي! خير، اها مڙئي هن دوستدار جي قسمت جي ياري ۽ طالع جي مددگاري تي ڏسجي، ۽ ٻئي ڪنهن ڪان گلا ڪا نہ تي ڪجي - فقط والسلام

## جواب

مهربانيءَ ڀريل خط، نيازمند جي قصور خدمت جي شڪايت ۾ وارد ٿيو. ٻانهي کي ملازمت جي شرف اندوزيءَ جي آرزو ڪمال درجي جي هئي، پر ري طلب ۽ ري اجازت دولتخاني ۾ پير پائڻ ادب جي ابتڙ ڄاتي، ياد آوريءَ جو منتظر رهيو. هاڻي جي حياتي باقي آهي، تہ هفتي يا ٻن ۾ پاڻ کي اتي ٿو رسائي! فقط والسلام.

---

* يعني "معاف ڪيم" يعني "جي منهنجو قصور هجي تہ ڦڪو ٿيان." يعني "اوهين پنهنجي پشيمانيءَ تي روئندؤ. تہ آءٌ آستين سان اوهان جون هنجون اگهان"! ٻنهي فقرن جو حاصل نہ "يا آءٌ لڄي ٿيان. يا اوهين ٿيو".

## 25 - خط گلا جي عتاب ۾

مشفق منهنجا! معلوم نہ آهي تہ ڪهڙي قصور سببان هن مهجور ڪان رنجيدگيءِ جو مذڪور اوهان جي حضور ۾ هلي تو؟ محبت جو شرط هيءُ ،جو جيڪڏهن مرضي مبارڪ جي مخالف سوَ حرڪتون سمجهو، تہ بہ چشم پوشي ڪريو! زماني جو ڍول اهو ٿيو آهي، ۽ هو پيارو ڪنهن شڪايت جوڳو نہ آهي: هائو! هي زمانو، ۽ دل جي محبت معاف ڪري؟ ڪهڙو محال خيال آهي!

## جواب

"رهي خوش ڪيس جنهن گلا ساڻ ياد،
ڪيئي دل ڏنل پنهنجو ان ڍول شاد."

جيڪر هن پاسان ڪا گلا نہ هلي ها، تہ هي پنهنجي مقصد يعني اوهان جي يادگيري ڪرڻ کي هرگز نہ ملي ها. خداوند تعاليٰ جو شڪر، جو منهنجي گلا، يادگيريءِ جو نشان بخشيندڙ ٿي! ياد هوندوَ جو هڪڙي ڏينهن زبان سڳوريءِ تي جاري هو تہ "جيڪڏهن انهيءِ طرفان ڪا هاڃ يا ڳالهہ هلندي، جا چينپ جوڳي هوندي، تہ بہ زبان کي گلا جو آشنا نہ ڪندس". هينئر دوستي هڪ پاسي رکي انهيءِ ڳالهہ تي اچي بيٺا آهيو! اززوءِ آزمائش. ڪن روشن(يعني خطن لکڻ) ۾ جي وڪون منهد ڪنيون هيم، تن ۾ جوابن جي دير سببان ڪوتاهي ڪيم ۽ اوهان جي جوابن جي ڊگهي انتظار جي آزار جي گفتار ڪن دوستن وٽ زبان تي آنديم: آخرڪار جڏهين دل کي زبان جو دوست ۽ آشنا نہ ڏٺم، تڏهن ڄاتم تہ هيءَ وات چوڻ جي آهي، نہ هلڻ جي- هن ڪان پوءِ ڪڏهن هن عاجز ڪان اهڙو ڪم نہ ٿيندو، يعني ڪنهن جي قول تي دل کي پروسو نہ ڏيندو- فقط والسلام.

## 26 - خط ڳجهيءَ ڳالهہ جي نہ لڪائڻ جي عتاب ۾

دوستا! ڪيترن ريزالين ڪان درگذر ڪيم. ۽ زبان تي نہ آنديم. ڄاتم تي تہ هوش هٿ ۾ اٿو. انهيءِ روش ڪان ڪڏهن ايپندؤ. بلڪ بيو بہ جيڪو هن ڳجهہ تان پردو ڪڻندو. تنهن کي بند ڪندؤ. پر افسوس جو اوهان پاڻان وک وڌائي، ۽ هن طرف جي ڳالهہ سڀ ڪنهن مجلس ۾ آڪاڻي ڪري

# فصل ڇهون

## پنهنجي يا ٻئي جي پاران تقصير جي عذرن ۽ ان جي جوابن جي خطن ۾

يارن وٽ جهڙي طرح عتاب ڪرڻ دوستيءَ ۽ دل جي اُجائيءَ ڪان آهي، تهڙيءَ طرح عذر ڪرڻ به سچائيءَ ۽ صفائيءَ ڪان آهي. جنهن ڪي پنهنجت تقصيرن جو عذر الله تعاليٰ اڳيان ڪرڻو آهي، سو ٻئي جو عذر به قبول ڪندو. ٻئي کي مهلت ڏيڻ مفت جو فائدو آهي: جيڪو سمجهندس تنهن سندو! توڙي، عذرن جون صورتون ڪيترن نمونن جون ٿينديون، پر هتي تفصيل وقت جي مناسبت تي موقوف رکي، اجمال جي واٽ سان کي طرحون لکجن ٿيون:

### 28 - خط پنهنجي پاران تقصير جي عذر ڪرڻ ۽ عفو گهرڻ بابت

جڏهن، اوهان جهڙن سڳورن ۽ سونهارن ۽ يارن ۽ سچارن جي ڪرم عميم اڳيان هن اَثيم جا ههڙا ڏوهه، ڏسڻ ۽ سارڻ ۽ ڳڻڻ سنيارڻ جهڙا نہ آهن، تڏهن:

"هلي جيڪا حالت، نہ وجهہ تون نظر،
جو اهيان هريل تنهنجي احسان جو.
طمع عفو جي اٿ ڪيئن لاهيان،
وڏو پساند، بخشش ڪ عصيان جو؟"

پر جڏهن خاطر شريف تي انهيءَ ذلت سبب ڳراني معلوم ٿي ٿئي، تڏهن نيازمنديءَ جي دامن ۾ محڪم هٿ وجهيو، عفو ۽ بخشش جو منتظر ٿو رهي.

"ڪا نہ آنديم ميٽ تو وٽ تو سوا،
ميٽ تون منهنجي، ڳميں پڻ تون خطا!
طمع تنهنجي عفو مان ڪيئن لاهيان:
منهنجي ڏوهن ڪان وڏي تنهنجي عطا!"

هن اڳاتي خادم جي ڪنهن ڳناهہ جي صورت سببان، خاطر مبارڪ جي روشن آئيني تي ملال جي وينل غبار کي، جيڪڏهن ڪرم عميم جي آستين سان محو فرمائيندا ۽ "واصفح الصفح الجميل" جي مقتضا موجب، هن ڪميني جي خطائن جي صحيفن ۽ ڏوهن جي دفترن تي عفو جو انگ لڪائيندا، تہ حاڪم ۽ مختيار آهيو!

"مـــون كـــان تقصيــــر پيئـــي خدمـــت ۾،
عـــــذر ان جـــو ســـدا ســـهـئي مـــون.
تـــون كريـــن لطـــف ۽ كريـــن تـــو عـــذر-
اي تـــو ريءَ نـــه كـــم تـئـــي كنهـــن كـــون!
عـــذر مـــون كـــان تـئـي تـــو هـــڏهين كونـــه،
چـــو لـچـي كـــي لـجــي كريـــن تـــو تـــون؟"

## 30 - خط

جنابا! جيڪڏهن ضعف جبليءَ بشريءَ جي بنا تي - جنهن ۾ "وخلق الانسان ضعيفا" وارد آهي - کو گناهه صادر ٿيو. ته هي لطفن ۽ احسانن جو هريل ڊگهي اميد رکي ٿو ته حضور جي عنايتن بي غايتن، ۽ بخشن بي نهايتن سان، بندن شرمندن جا ڏوهه ۽ پاپ محو ٿيڻ قبوليندا!

"دل ڊڄـــي منهنجـــي جنهـــن گناهـــه كـــان،
تنهـــن جـــي بخشـــش كـــي ســـو چـــڏڻ آســـان.
اڻ پڇـــي كـــر معـــاف مـــون كـــي خطـــا-
لطـــف تنهنجـــي جـــو بحـــر بـــي پايـــان!
مـــــون ملامـــــت ســـــوال دم ســـــرندي،
پـــڻ ڦكـــائي جـــواب وقـــت عيـــان.
تنهنجـــي رغبـــت رضـــا، ســـندم مرجـــع:
عـــذر جنهـــن سين وٺـئـي تـــون مجـي، ڏي مـــان!"

## جواب

اوهان جو عذر ڪرڻ، زور عجيب آهي، اهو سڳورو شرف هٿ ڪرڻ به اوهان جو موچارو نصيب آهي! بيشڪ چڱا چڱائي ڪن ۽ ڪين سارين، اَيرا ان وٽ بي ادبي ڪن، تنهن ڏي ڪين نهارين. خطا هن خطاڪار جي هئي، پوءِ به عذر فرمايوَ- انهيءَ صورت سان، هن فقير ڪثيرالتقصير کي خجالت ۽ شرمندگيءَ ۾ وڌيوَ.

"عمـــر كـــان آءٌ پيـــو مهلـــت گهـــران،
شـــكر تنهنجي لطـف جـو، تـان كـي كريـان.

"ڏوهيــن جــا تــون جــڏهن هــٿ تــو ونيــن،
كــر كــرم ســان عــذر منهنجــو پــڻ قبــول.
ميــڙ آنديــم عــاجزي، شــرمندگي،
ميــڙ منهــن كــي م تــون مشــفق عــدول!"

## جواب

فرمان عظيم الشان "فاعفوا واصفحوا" جي سان، گذريل جفا جي نيش كي وفا جي نوش سان كنيوسون، ۽ لنگهيل دل آزاريءَ جي خار كي مهر ۽ هواداريءَ جو گل سمجهيوسون، دوستن جي پاران معذرت كهڙي، جا لذت ڏيكاري تي ۽ دل ۾ وينل وحشت كي اتاري تي؟

"زبان عذر ز ابروي خشم چين ببرد،
كلام چرب- زبانان ز سينه كين ببرد."

## 33 - خط

خبر پهتي تہ كن چغلن جي چيچپائيءَ كان (جن پنهنجي غرضن جي لالچين كري، انصاف جي سوڌي دڳ كان منهن موڙي، سچ جي برخلاف بي حاصل حكايت ۽ سراسر كوڙي روايت عرض ركي آهي)، جناب جي خاطر شريف تي ملال جي لٽ جاءِ لڌي آهي: ممڪن تہ ڳري ساك كٿڻ ڏاران، نہ كجندي. سو، الله تعاليٰ جي بزرگيءَ ۽ وڏائيءَ جو قسم تہ هر گز فكر جي ڳرين، انهيءَ حال ۽ مقال جا اكر هن ناقص جي خيال جي صفحي تي نہ لكيا آهن، ۽ انهيءَ صورت جا مثل بہ هن خاطر تي نہ رسيا آهن!

"اچــي چغــل آن وٽ كئــي ڳالهـــ جـــا،
سا منهنجي چين كان بہ كنهن كن سئي.
نكــي جــپ تــي آئــي، نكــي دل اتــي،
نكــي منجهـــ عقيــدي منهنجـــي هئــي."

## جواب

كن ماڻهن جي ڳالهہ مان (جن تي كجهہ پروسو هو، ۽ حقيقت ۽ نيك خواهيءَ جي صورت ڏيكاريائون تي) ٿوري خدشي منهن بہ كديو، ۽ ان مان غرض

"سو نہ منهنجو ڏوهہ جو دشمن ڪيو،
تان بہ مجيو مون ۽ آندم اعتراف.
هاڻ ڪر تون عفو جيئن اڳ پڻ ڪرين،
بخش تنهنجي ۾ نہ سنيران ڪو خلاف."

## جواب

جن ڪرن ڪي فساد وجهڻ جو قصد تي پانيو. تن پرپٺ ڳالهيون پئي ڪيون، مگر ڪنهن ڪي اها جرات نہ ٿي، جو هن مخلص جي روبرو چپ کولي، ۽ نڪا هن ڪان پوءِ ڪا ٿيندي. هن طرف ڪي هميشه "سَبَكَ مَن بَلَغَكَ"* جي معنيٰ دل جي اکين اڳيان آهي، ۽ "اِن جَاءَ کم فاسق بنباءٍ" جو مضمون هيئن ۾ حل ٿيل آهي. ڪو اسان جي دوستيءَ جو رستو اهڙو جنهن ۾ بدگوئي حاسد جو دخل هجي، يا جنهن کي يقين سان يار عزيز سمجهجي، تنهن کي چغلن جي چيچپائڻ تي ذليل ڪجي- اَستَغفِرُاللّٰهَ العَظِيم!

"دوستيءَ جي پڪي جا آهي پاڙ،
تنهن کي لوڏي حسود ڇا لوڏي!"

## 35 - خط معذرت جو ٻئي جي پاران

جنابا! جيڪي سچ ڪوڙ گڏيندڙن، "فلاڻي" جي بابت خدمت سڳوريءَ ۾ رسايو آهي، سو سڀ بهتان خالص ۽ ڪذب صريح آهي. جيڪڏهن في المثل جناب جي بي نهايت حلم ۽ ڪمال ڪرم جي پروسي تي ڪا خطا واقع ٿي هوندي تہ عفو ۽ عاطفت جوڳي آهي، نہ پاڙو جهاڙو ڪرڻ جي لائق.

"ڪري ڪو نہ عالم ۾ جيڪر خطا
ڪٿي عفو محسن جو ظاهر ٿئي؟"

## جواب

جنهن دستور سان فرمايو اٿوَ. "فلاڻي" جي گناهن جي صحيفي کي (جو آرام جي رڪنن جي ڏبڻ جو سبب ٿيو هو) در گذر ڪرڻ جي پاڻيءَ سان ڌوئي، ڌمرجي ٻاهه کي بخشڻ ۽ ڇڏي ڏين جي ڇنڊي هتن سان ڊرو ڪيو

* يعني گاريون تو کي انهيءَ ڏنيون جنهن تو کي پهچايون.

ڏيانن جي وسوسن وجهڻ ڪري "فلاڻو" لطفن ۽ احسانن کان (جن جو هميشه هريل هو) نااميد ٿي آستان بوسيءَ جي شرف کان ڇانجهجي رهيو آهي، سو هينئر "واعف عنهم" جي "حبل متين" ۾ هٿ وجهي جهجي. پياس، گهٽيءَ اداس مان عفو جي آس رکي ٿو. تنهن ۾ جي "والعافين عن الناس" جي حڪم موجب ان جي خطائن جو بخشائش جي قلم سان تدارڪ فرمائيندؤ ته حاڪم آهيو!

"جـــي ننـــدين کـــان ٿيـــن گناهـــ عظيـــم،
عفـــــو آهـــــي وڏن ســـــندو اعظـــــم."

## جواب

اوهان جي خط مبارڪ جي مطالع کان پوءِ "فلاڻي" جي منن منٿين کي عفو جي پاند سان ڍڪي، ان جي گناهن جي نقش کي خيال جي دفتر مان منهن موڙڻ جي پاڻيءَ سان محو ڪري، اوهان جي شفاعت جي صفحي کي اجابت جي رقم سان ۽ مطلب جي صحيفي کي قبوليت جي عنوان سان مزين ڪيو ويو، ۽ خاطر ۾ جيڪو غبار هو، سو محو ٿيو.

"آهـــ عـــالم ۾ انهـــيءَ کـــي غـــم ڪهـــو،
ٿيـــو ڇـــڏائيندڙ جنهيـــن جـــو تـــو جهـــو!"

## 38 - خط

ڪنهن ٿوري ڏوهه سببان، جو اوهان جي سٽڻ ۾ آيو آهي، "فلاڻي جي احوال جي ٻيڙي ملالت جي گرداب ۾ پيل پشيماني ۽ پريشاني جي موج لڳڻ ڪري اڌ ٻڏل آهي.

"ڪـو لڳـي لطـف جـو، جـي تنهـن کـي واءُ،
تـان ڪنـڌيءَ چوتڪـي جـي سـا رسـندي."

## جواب

موافق مضمون "ڪفي بالله شفيعا للمذنب" جي اڳي ارادو هو ته "فلاڻي" کي عفو جي اشارت ۽ بخش جي بشارت سان شاداب ۽ ڪامياب ڪجي. وري اوهان جي سفارش به ان سان گڏي، تڏهن هر طرح ان جي گناهه کان درگذر ڪري، ان کي معافي ٿي ڏجي.

## 40 - خط سفارش جو پنهنجي لاءِ امير وٽ مقرب ڏانهن

حقيقتون سڃاڻندڙ، دانشمندن جو سردار، سيڪنهن جو مرتبو ڄاڻندڙ، حوصلي بلندن جو مهندار، هر قسم جي جوهرين جي گوهرن جا پاڻيٽ پرکيندڙ، علم ۽ ادب جي ڪمياب وٿن جو خريدار ٿيندڙ، سيڪنهن پلاٽيءَ جي اوج جو تارو، سيڪنهن شرف جي چوٽيءَ جو سٽارو - شال هميشه ان جي خيال جو شهباز بلند پرواز، سيڪنهن فضل ۽ فضيلت جو شڪار ڪندڙهجي، ۽ ان وجود عاقبت مسعود سيڪنهن ڪمال ۾ ڪمال جي درجي کي رسندڙ هجي: آمين!

نياز جا سلام اڳوان ڪريو، دعا جي واديءَ قدس ۾ قدم پريو، اشتياق جا نعل لاهيو، عرض ٿو پهچائي ته جناب جي متاهن مهربانن ۽ اتاهن احسانن - عام خلق تي عام ۽ اخلاص وارن تي خاص ٿيندڙن - ڪان گهڻو بعيد ٿو ڏسجي، جو هن مخلص قديم، اخلاص جي رستي تي مستقيم، جي احوال پر ملال سراپا اختلال ڏي ڪڏهن ويسر مان بہ متوجهہ نہ ٿيؤ ۽ ايترو بہ نہ پڇؤ تہ ڪيئن ٿو گهارين، ۽ ڪم ڪهڙي ۾ ٿو گذارين؟ نجاڻان تہ اوهان جي ڪم التفاتيءَ جي حڪايت ڪريان يا پنهنجي بي طالعيءَ جي شڪايت ڪريان!

"سڄاتو ڪنهن منجم ڪين منهنجي بخت جو تارو،
الاهي! ماءُ زماني جيءَ مان ڄائس ڪهڙي طالع سين!"

الحمدلله، جو بارگاهہ عالم پناہ جا خادم، ۽ قرب جي مرتبي ۾ قبول جي قبوليت ۽ پساهہ جي تاثير ۽ اثرن جي ظهور جا صاحب آهيو، ۽ سيڪنهن کي سندس شايان شان ۾ سڃاڻڻ ۽ ان جي قدر ۽ مرتبي جو ڄاڻڻ تا رکو، پوءِ هن گوشي نشينن جو احوال نہ سنوارڻ، پاڻان گمنامن کي وسارڻ، ٻن سببن مان هڪڙي ڪان هوندو: يا درويش جي حال تي اطلاع نہ هجڻ ڪان، يا ان لاءِ اهڙي ڪوشش نہ ڪرڻ ڪان -

"آهين بي خبر تان بہ آهي، مصيبت،
خبر هوندي هي هي مصيبت تي اعظم!"

عجب مشڪل آڏو آيو: جي پاڻ واڪاڻيندڙن زبان درازن جيئن زبان تي کولجي ۽ پنهنجي فضل ۽ ڪمال جي دعويٰ تي ڪجي، تہ خود نمائي ۽ خود فروشي ٿيو تي پوي، ۽ جي پنهنجي سروساماني ۽ بي سرانجامي ۽ خاطر جي تشويش ۽ حواسن جي تفرقي جو ذڪر ٿو ڪجي، تہ دوستن کي غم ۽ ملامت ۽

دشمنن کي خوشي ۽ راحت تي ڏجي! هر حال، هاڻي هن رت پيئندڙ مضمون سبب مان ڪريو ٿو وهجي، تہ ان نازنينن جي نازڪ دل داد گهرندڙ جي فرياد سڻ ڏي ميل نٿي رکي! ۽ انهيءَ تي عمل ٿو ڪجي، ۽ واڌو ڳالهہ نٿي لکجي. هن نيازنامي جي روانگيءَ بعد اکيون رستي تي رهنديون، تہ اوهان وٽان جواب باصواب نظر جي نور کي ڪڏهن لهنديون!

"بي خبر کي خبر وصال سندي،
جلد پڻ دير جلد زور رسي."

حق تعاليٰ مڙيني تي لطف فرمائي، مرادن کي پهچائي. فقط والسلام.

## جواب

فضيلت پناهہ، ڪمالات دستگاهہ، ميان (فلاڻا) - سلمہ المنان!

سلامن ۽ بندگيءَ ۽ نيازن ۽ سرافگنديءَ بعد عرض تہ جنهن امر کان آگاهہ فرمايو اٿوَ، تنهن جو هن حقير جي خاطر ۾ اڳاٽو خيال هو. پر هن خوف کان تہ متان "اَلقَنَاعَةَ کَنزٌلَايَنفَدُ" جي مقتضا موجب، بي پرواهي ۽ آزادگي ڏيکاريو، مان کي ادب سمجهي، زبان کولي نٿي سگهيو. هينئر جڏهن قديم آرزو سان موافق فرمان مليس، تڏهن دل ۽ جان سان مجهي هزارين احسانن جو ڳهيل ٿيو، ڇا لاءِ، جو اهڙيءَ خدمت کي ابدي سعادت ٿو سمجهي - علي الخصوص جي اوهان جهڙن سڳورن جي هجي - زياده نياز.

## خط - 41

عاجزن تي احسان ڪندڙ، درماندن جا هٿ وٺندڙ، ٽڪن کي ٽوپ ڏيندڙ، ولهن جي واهر ٿيندڙ - شال هميشہ ان جي دستگيري خدم جي سر تي دائم هجي!

نياز جي سلامن کان پوءِ عرض، تہ هن مسڪين تي بيڪاريءَ جي گذران گهڻا رنج اٿاريا آهن، ۽ مشڪلن جي دروازن کلڻ ڏاڍا ڏک ڏيکاريا آهن -- هاڻي جناب جي حضور پرنور ۾ نياز آڻڻ ڏاران ڇارو ڪونهي، ڇا کان، جو هتي عيش ۽ آرام تہ بجاءِ خود، پر پيٽ جو پارو ڪونهي، ۽ پري پسندن جي پروڙ جي بہ چڱي پر هيءَ آهي، جو ڏاتار جي ڏنل عقل جي سونهپ سان انهيءَ آستان فلڪ نشان تي پيشاني گهن، تہ ان جهان روشن ڪندڙ منهن مبارڪ جي ديدار سان. اميدن جو محبوب بغل ۾ اٿي، چوڦيرسن غمن جي ڪشاڪش کان ڇٽل رهن! جڏهن هن وقت ۾ همت ۽ سخا جو سالار، بخش ۽ عطا جو ڏاتار،

ثاني حاتم، اهل الله جو خادم، جناب مستطاب(جو اڪ ڇنيڻ سان پينارن جي پلون کي بادشاهي گنج ڪريو تو سگهي، ۽ ڪو اميدوار نـ آهي جو اميد ڪان واڏو حاصل ڪريو ان وٽان نٽو لنگهي) اوهان صاحبن جي اشارت ڏي ڏسندڙ، ۽ اوهان جي هٿ - ڏس تي هلندڙ آهي، تڏهن هن خاڪسار بہ آسري جي چائنٺ تي چپ رکيو تـ من پراڻيءَ آرزوءَ سان جلد ڪامياب ٿئي!

"واٿ اميد جـيءَ تـــي اڪ سبيم،

تنهنجي اڪ ميل غم گتن ڪافي."

## جواب

سيني پلاٿين کي گڏ ڪندڙ، مڙيني فضيلتن کي ميڙي وٺندڙ، ميان (فلاڻا )- سلامت!

شوق جي سلامن کان پوءِ لکجي ٿو تـ ملاقات جو اشتياق اڳي واڌو هو، هينئر اَلحَمدُ للهِ جو گڏجڻ جو سبب بـ پيدا ٿيو. نوازش فرمائي، تڪلف سهسائي، تشريف آوريءَ سان نيازمند جو مان وڌائيندا. تـ الله تعاليٰ جي مدد سان خاطر خواهہ مقصد ۾ ڪامياب ٿيندا - زياده نياز! فقط والسلام.

## 42 - خط سفارش جو ٻئي جي لاءِ امير سخيءَ ڏانهن

غريب پرور، فيض گستر، حاتم جي همت، متاهين منزلت، نيازمندن تي نعمت وڌائيندڙ، نوڙت ڪندڙن تي نوازش فرمائيندڙ - دام اقبالہ!

بندگيءَ جا سلام، ۽ سرافگندگيءَ جا پيام، عرض رکيو غرض ٿو گذاري تـ جڏهن جناب عالي مقبلن جو قبلو آهي، تنهنڪري طلب جي طريق جا سالڪ "مِن كُلِ فَجٍ عَمِيق وَ مَرميً سَحِيق" انهيءَ طرف جي طواف جا متوجهہ ٿا تين، ۽ "فلاڻي" (جو انهيءَ حرم سڳوري جي طواف ڪندڙن مان هڪڙو آهي) انهيءَ پاسي رخ رکڻ وقت هن ڪميني کان حضور جي ملازمن ڏي سفارش جي آرزو ڏيکاري - دل ۾ ٿو اچي تـ

"ڏس تـ ڪهڙو تيندو، تنهن جو حال بخشائش جي وقت،

جنهن سڀي عالم مان هن عاجز کي آگاهہ ڪيو اچي."

باوجود انهيءَ جي بـ، اميدوار آهي تـ التفات جي نظر سان منظور ۽ عاطفت جي اڪ سان ملحوظ ۽ مسرور ٿي، عرض جي قبوليت ۽ غرض جي حصول

سان، جلد هن طرف ڏي موٽڻ جي اجازت لهندؤ: سوال وارن جي ازدهام سببان ان جي احوال جي چهري تي ملال جو غبار نہ پوندو!

شال دولت هوءِ دائم، لطف پڻ هوءِ مدام،
هٿ َ وٺ هيٺن جا، تو کي رب بخشي دستگاه.
آهہ جو محنت جو درماندو، تون ڪج تنهن جي سنڀال،
تون خدا جي فضل سان، اچ آهين درماندن پناه!

# جواب

دلين جو عزيز، سراپا تميز، محبت پناه، مودت دستگاه - سَلَمَہُ اللہُ تَعالَيٰ!

"اَلسَلاَمُ عَلَيکُم وَعَليٰ مَن لَدَيکُم!
مطيع امر جو آهيان، تون جيڪي فرمائين."

اوهان جي مڪتوب، خوش اسلوب مان ڦلاڻيءَ جي مستحق هجڻ جي حقيقت تي پوري واقفي حاصل ٿي، ۽ جيڪا مقصدن جي رعايت ۽ مهمن جي ڪفايت بابت، ان جي نسبت ۾ اشارت پر بشارت هئي، سا دل ۽ جان سان قبول ڪئي ويئي.

"ساڻ اڪرام جو ڏئين فرمان،
اُن کي اخلاص سان بجا آڻيان."

وقت جي مقدور ۽ وسعت واري زماني جي مقدار موجب، ان کي پنهنجي همت جي ذمي تي لازم ڄاڻي، جيتري قدر قوت ۽ طاقت وفا ڪئي، ان جي مهمن جي انتظام ۽ مقصدن جي سرانجام ڪرڻ ۾ پورو سعيو ۽ ڪامل ڪوشش ڪم ۾ آندا ويا. اڳتي بہ جيڪو ارشاد فرمائيندا، تہ ٻانهي کي تابعدار لهندا!

"ٻَدي صدق ساڻ آءٌ بيٺس ڪمر،
ڪرين حڪم جيڪو، سو آڻيان بجا."

# 43 - خط سفارش جو، وڏي جي پاران عاشق بدران معشوق ڏي

هوشيار، خبردار، سعادت آثار، خوف اطوار، خوش گفتار، نيڪو رفتار... سلامت!

سلامن ۽ دعائن کان پوءِ لکجي ٿو، تہ "فلاڻي" سدا سڪايل، قضا جي گهايل، وس کان ويل، قابو ٿيل، کان تنهنجي بيزاري (جا هن لاءِ بيقراري

۽ تنهنجي ناآزموديگاريءَ جي گهرنڊڙ آهي) معلوم ٿي، تنهنڪري تحرير ڪجي ٿو، تہ توٽي هن جي صحبت ۽ سنگت ۽ هلت چلت تو وٽ ناپسند آهي. پر تو ڪي انهيءَ طرح ڪو مناسب، جڏهن هو ڏوري ۾ بند آهي؟ وٺندڙ هيئن آهي، تہ ان کي پاڻ ڏي تاڻجي، ۽ ڪنهن اوڙاهہ ڏي نہ آڻجي - سپر ٿبو تہ زخم کي ڏهبو، پٺ ڏيئي ڀڄبو، تہ قوي بلا جو ڏک سهبو! لڙيل، پٽ تي پيل گاهہ گهڻو گهڻو تہ بهار تائين بيهي، سوڌي ڪجي خزان ۽ بهار ۾ پائدار رهي: آدمي نرم طبع، ڪليل پيشاني، مٺي تنوار، سلوٽي گفتار، خوش خلق، مرڪندي منهن، غم ڪيندڙ، محنت ڪيندڙ، پنهنجي عاجزي قبول ڪندڙ، اهڙي سيري سان ڪلي گڏجندڙ، نوڙت ۽ نياز جي رسم رکندڙ جتي پير پائيندو، تتي لاڪس اکيون پٽريندا، زبردست شفقت سان پيش ايندا، ۽ زبردست فرمانبرداريءَ ڪان مٿو نہ موڙيندا! تنهن ۾ خيال ڪر تہ جو ساهہ سوڌو ورتل آهي، تنهن سان ڇنڻ ڪيئن پسند ڪيل آهي؟ دوستن کي دشمن سمجهڻ، خود پسندن جي بڇڙي عادت آهي، ۽ پراون کي پنهنجو ڪرڻ دانشمندن جي تدبير ۽ چڱي صفت آهي - تنهن ۾ ڪشادي پيشاني رهڻ ۽ ٽيڻ گهرجي، ۽ فتنت جي باهہ کي ڏڳڻ نہ ڏيڻ گهرجي! شال شفقت ۽ عاطفت حاصل هجيئي. فقط والسلام.

## جواب

عالي جناب، فيض انتساب، سراپا شفقت، سراسر مرحمت - مَدظِلُہ! سهسين سلامن ۽ خدمت جي ادبن کي مثل غلامن ادا ڪرڻ کان پوءِ، عرض تہ خط سڳورو - جو ڪمال نوازش ڪان واجب العمل، نصيحتن فصيحتن مان پريل هو - موچاري وقت ۾ رسيو ۽ ان جو سڀ ڪو حڪم دل جان سان مون مڃيو. نہ ان جي خلاف ۾ دم هڻان ٿو، نہ عدول جي واٽ ۾ پير ڪڍان ٿو - توٽي "فلاڻي" جي خصلت ۽ چال چلت (يعني سيڪنهن کي ڳالهہ جو ذرو پرزو سڻائڻ، ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پنهنجي پرت کي پڌائڻ، ۽ ڳليءَ ڳليءَ ۾ پنهنجي عشق جو ذڪر آڻڻ، ۽ گهر گهر پنهنجي محبت واڪائڻ، ۽ در در دانهن ڏيڻ، ۽ اجائي مٿي ڪائڻ) سببان بيزاري ڪئي هيم - هاڻي جيڪا ان جي ڪم عقليءَ ڪان ڪڙائي پهچندي، سا اوهان جي رضا خاطر، مٺي ۽ فائدي واري دوا سمجهندس، ۽ جيڪا ان جي بي شڪريءَ ۽ صبريءَ ڪان بلا رسندي، تنهن کي

اهڙا دولت ۽ نعمت بہ سو مان ڪنهن کي هٿ ايندي، نہ تہ ڪئين هن جهان مان لڏي ويا، ميڙي ميڙي ڇڏي ويا: نہ ڪنهن جو منجهائڻ ڪم چٽو، نہ غمگين جو غم چٽو، مفت تي مزا اڏايائون، علمن جا دفتر ڪارا ڪرايائون! اهو مال لٽڻ لائق هئڻ، جو هوند همراه تي هلين، نہ اهو مال، جنهن جي پڇاڙيءَ جي آزارن ۾ جيءُ جلين خوشامدي گهڻا هوندا، پر دلسوزيءَ کان نصيحت ڪندڙ ڪو ڏسبو، دغا باز بدخواه ڪئين ليندا. پر سچ چوندڙ خير خواه ڪو پسبو! توٽي اوهين پاڻ بہ ڄاڻو ٿا، تان بہ ايرن جي سنيال بابت ڄاڻايون ٿا، دل ۾ ڳجهيون دعائون ۽ زبان سان پڌريون سڻايون ٿا.

"مال دنيا جو پانهنجو ڄاڻ،
آهي ڪوڙو خيال وهم گمان.
ڪين عاقل ٻڌن انهيءَ تي دل،
جن کي پٽ جو رهي اندر ارمان.
پيٽ پاتو، سو سڀ ڪينئن جو ڪاڄ،
ساڻ نيو، خاڪ ۾ سو مفت زيان.
آهہ جو پٽ-پيو بچيو باقي،
سو تہ جهڳڙي فساد جو سامان.
مال سو تنهنجو، جو تو مهند مڪو،
سڀ بئي مان سري خلل خسران،
مال اڄ پنهنجو هٿ نہ ڪرئين ڇو؟
مفلسي کان سيان تيندين تعبان!"

## 46 - خط نصيحت جو دوست ڏي، جنهن سلوڪ جي طلب ڪري ڇڏي ڏني

معلوم ٿيو تہ اوهان کي ڏينهن مرشد ڪامل جي صحبت ۾ گذاريا، ۽ پنهنجي حوصلي موجب طلب جي وک کڻي، پوءِ مشغوليءَ جا پير بوئتي ورايا. اُميد مان منجي نا اُميدي تي ويٺي ۽ همت ٽڏي تي ٻيٺي! سو عبادت مان مقصود ٻانهپي ظاهر ڪرڻي ۽ خدمت پيش رکڻي آهي، نہ قرب کي پهچڻ، ۽ اجر ۽ مرتبو ثابت ڪرڻ. ڪم جو اجورو مزدوريءَ جي مقدار تي آهي، تنهن جو شرط قبوليت ۽ پسندي آهي، ۽ ٻانهي کي بهرحال پروردگار جي لطف جي اميد ۽ رضامندي آهي. جي مزدوري ڳولين، تہ خدمت

جي شرط جي بجا آوري ڏيکار، جي ٻانهون آهين، تہ پاڻ مولا کي سپار! آخر هن کان ڇا بهتر، جو زبان سندس ذڪر سان سرافراز آهي، ۽ دل سندس تصور سان همراز آهي! مقبولن، دعا جي قبوليت جو بہ آسرو نہ رکيو آهي، ۽ رضا کي لقا کان پيارو ڪيو آهي.

"تنهنجو مقصود مدعا طلبي،
ڪيم دم هڻ ڪڏهن خدا طلبي.
ري رضا جي گهرڻ لقاءُ حرام،
تون رضا لئي ڪرين لقا طلبي؟"

شال الاهي رضا روزي هجيوَ! فقط والسلام.

## 47 - خط، نصيحت جو ننڍي ڏي علم بابت

علم جي بنا بحث ۽ تجربي تي آهي ۽ مطالعو طالبن جي وات جو ڏيو آهي، تنهن ۾ گهرجي تہ رڳو استاد جي پڙهيل تي تڪيو نہ ڪريو، ۽ پاڻ تي خلاصي محنت جو بار بہ ڌريو- ڇا لاءِ تہ جنهن کي اڻ پڙهايل جي پروڙ نہ پيئي، ۽ فرع مان اصل جي سڃاڻپ نہ سري، ۽ ان تي احڪامن جوڙڻ ۽ مثالن آڻڻ ۽ دليلن اپارڻ جي قوت نہ ٿي، سو ڄاڻج تہ چتوڻ جي چانگار ۽ ري حرفن رڳي آواز جي للڪار سکيو آهي. علم ۽ عقل ڪامل ۽ اٽڪل پوري ۽ قياس صحيح ذهن ڪشادو گهرجي، جنهن سان عبارت جي طرز مان سندس معنيٰ پروڙجي، ۽ مشڪل مقام کي قريني مان سمجهجي، ۽ معنيٰ جي حاصل ۽ نتيجي جي نظر رکجي، تنهن لاءِ ڪوشش ڪجو، تہ ڇٽ نہ رهجو - فقط والسلام.

## 48 - خط نصيحت جو دوست ڏي، جنهن استاد سان مخالفت ڪئي

نفعو ضرر ڄاڻيندڙ، سچ ڪوڙ سڃاڻيندڙ، سعادت جو شرف ميڙيندڙ، صلاحيت جي وات کان منهن نہ موڙيندڙ، ڪامل عقل پوري ڏيان وارو، منهنجو يار پيارو - سلامت!

سلامن اسلام جي سنت سونهاري ۽ دعا تهدليءَ ۽ اخلاص واري کان پوءِ لکجي ٿو تہ:

"متو ڪيم موڙج تون هرگز هڏه
خدائن جي خدمت کان کنهن دم ڪڏه."

# 50 - خط نصيحت جو، دغابازن جي صحبت کان منع بابت

عزيزا! چرب زبان، ظاهر ۾ آشنائن جي صفتن، باطن ۾ ذارين جي عادتن وارن سان (جي دوستيءَ جي ويس ۾ دشمنيءَ جي پاڙ محڪم ڪن)، وفا جي چوپڙ ڪيڏڻ، محبت جي مهري کي ششدريءَ جي محنت ۾ وجهڻو آهي، ۽ ساڻن صحبت رکڻ سان عيش جو گهر ويران ڪرڻو آهي - توڻي هو دوستن جو ذڪر، ايتري چوڻ جو به محتاج نه هو، پر زماني جي يارن جي اخلاص آزمايل سبب دو تيءَ جا حرف لکيا ويا.

# 51 - خط نصيحت جو دغاباز جي چئي مان نقصان پهچڻ بابت

دوست منهنجا! ڪيترا پيرا دل چيري قلم کي سپاريم، ته دغاباز حيلي ساز کي پنهنجي مجلس ۾ دخل نه ڏيو، ۽ ان جي چاپلوسيءَ ۽ چرب زبانيءَ تي ويساهه وارا م ٿيو- هڪ مرتبو به مٿو گريبان ۾ نه نيوَ، ۽ سودمند نصيحت تي دل بند نه رکيوَ! انهيءَ چوٽيءَ صفت جي وصف به سُيَـوَ، پوءِ نه چاٽان ته ڪهڙي اميد هيوَ؟ ڪم جي عاقبت ڏنيوَ، ته به ڳناس دل نه ٽنيوَ! اهو ڏنگ هنيائين، جو شريان جي نشتر تي، دشمنن جي دل خوش ۽ دوستن جي حالت ابتر تي. ڪڙي وڻ کي توڻي بهشت جي باغ ۾ وهاربو، ۽ ڪوثر جو پاڻي پياربو، ته به پنهنجو اصل پڌرو ڪندو، ۽ ڪڙو ميوو ڪيندو. وجڻ وقت آگاه ڪريوم ها، ته ڪا نگاه رکان ها- پسند نه ڪيوَ! چا ٿيو، جو درد دل ۾ رهيو ۽ پاڻي چپن تي؟ گهڻو تنگ آيو آهيان، هاڻي مناسب، ته هوش ۾ اَچو، ۽ بيجا هوس کان بچو: خدا جلد موٽائي آڻيوَ، پوءِ آءٌ ۽ اوهان جي بي پرواهي!

"تنهنجي گل جا مون جها بلبل هزار،
ڪٿ نه مون لئي تو جهو اي نوبهار!"

# 52 - خط نصيحت جو راز مخفي رکڻ بابت

"پراگندگيءَ هٿ سپارڻ هنيون،
گهڻو عقل دانش ڪان آهي پري."

جڳائي. هي جڳ ڪو دم آهي، نيٺ مالڪ سان ڪم آهي! مناسب بلڪ فرض واجب آهي تہ مڙني ڪان ڇني، ساڻس ڳنڍجي، ۽ سيني تان دل ڪٽي ساڻس ٻڌجي - فقط.

## 55 - خط نصيحت جو، ڪميني جي عشق کان منع بابت

دوستا! ائين نہ آهي تہ جيڪو صورت جو سهڻو هوندو، سو من موهڻو هوندو- نہ تہ جيڪر اَڪن جا آمان انبن جهڙا سمجهجن، ۽ ٿوهر گدرن جهڙا چئجن - پر سڀ ڪنهن جو قدر جدا، شان جدا، ملهہ جدا، مان جدا: گهوڙن جا هسوار ٻيا آهن، گڏهن جا سوار ٻيا آهن! سيڻهہ * جو ڪم ڦيڪاري ڇا ڪندي، ترار جو دم ڦانگ 7 ڇا هٽندي؟ چور چوڪيدار نہ سونهندو، بگهڙ ڌنار نہ نهندو! باوجود هن جي جو سڪي آلي کي آزمايو بہ اٿوَ، ۽ جهان جي گردش ڇڳيءَ منيءَ جو نتيجو پروڙيو بہ اٿوَ، پوءِ بہ ڪم عقل نا اهل، ڪهڙن جي نسل بد اصل، ننڍي ڄمار، زماني جي ناآزمودگار، نا زيبا نازڪيءَ ۾ رهندڙ، سدا ٻينگهي ۾ وهندڙ کي(جو ماديءَ کا نر نہ سڃاڻي، وينل کان ٻينل نہ ڄاڻي) پنهنجو پيشدست ڪري، سڀ ڪم ڪار مان هٿ ڪَڍِيَوَ، ڪا بہ نظر نہ رکيوَ، تہ آخر ڪم جو انجام ڪهڙيءَ رسوائيءَ رسندو، ۽ ڪيتريءَ تباهيءَ تي پهچندو؟ مرڪ ڪريان، ڪي منهن ڏوڙ سان پريان؟ اجا بہ اک نہ اُپٽيوَ، پنهنجي هٿ سان ڪنيل ڪڌ پاڻيهي نہ لَتيوَ، ڪنن مان ڪپاهہ نہ ڪڍيوَ، ۽ ان ڪنيءَ اگر کي نہ وڍيوَ! پلاجي دل ۾ گهڙيل، جيءَ سان جڙيل، قلب ۾ پينل، اکين ۾ وينل آهي، تہ بہ سندس شان موجب خدمتگار نهي تو، خود مختيار ڪين سونهي تو - خبردار ٿيو، اک کوليو، پاڻان واڌو ڪو دانشمند ڳوليو! فقط.

---

* ترڻ لاءِ ساندارو. ٻليءِ جهڙو جهنگلي جانور. 7 سڪل ٽاري

# باب ٽيون

## فصل پهريون

### موچارن ڪمن جي دعوت ڏيڻ جي خطن ۾

جڏهن، اسلامي ياڻيءَ ۾ موچارن ڪمن جي دعوت ڏيڻ، ۽ خوشيءَ جي مجلس ۾ معززن ۽ عزيزن ۽ دوستن جو ڪوٺڻ پسند ڪيل آهي، تڏهن اختصار جي طرح سان، انهيءَ قسم جا ٻه ڪي نمونا ڏيکارجن ۽ سيکارجن ٿا، ۽ حاجت وقت، مڪتوب اليه جي مرتبي موجب القاب ۽ خطاب هوشيار ڪاتب جي فهم تي موقوف ڇڏجن ٿا.

## 1 - خط دوست ڏانهن حرمين شريفين جي دعوت ۾

دوستا! مدت کان آرزو هئي ته هڪڙو ڀيرو گهر بار کي ڇڏجي، ۽ يار جي ديار ڏي لڏجي، ۽ مطاف آفاق "مَن دخَلَه ڪَانَ آمِناً " جي مصداق جو جسم ۽ جان سان طواف ڪجي، ۽ حضرت حبيب اڪرم صلي الله عليه وسلم جي زيارت مان "مَن زارَ قبري وجَبَت له شفاعتِي" جي بشارت هٿ آڻجي - ته هن اجائيءَ عمر سان انهيءَ سفر با ظفر وارا ڏينهن سجايا ٿين، ۽ واڻ جيون تڪليفون هن گنهگار جي گناهن جي ڪفارت هجن. تنهن ۾ ، هن وقت، الحمدلله، جو عزم بالجزم ۽ سامان مهيا آهي، تنهنڪري هزار اميد سان التجا آهي ته ڪيل وعدي موجب هن طرف ڏي تشريف فرما ٿيندا، ۽ عزيزن ۽ دوستن کان موڪلائي هن مخلص سان رفاقت جي مهرباني ارزاني فرمائيندا - ته سفر اڪيلي، هيون پنتي نه رهندو ۽ اهو اوهان جو احسان بي پايان مون تان ڪڏهين ڪين لهندو.

## 2 - خط قرآن شريف جي ختمي پڙهڻ جي دعوت ۾ حافظ ڏي

سين حافظن جو مهندار، اهلِ قرآت جي جو افتخار، ڪلام مجيد جي اسرارن جو عارف، فرقان حميد جي حڪمتن ۽ حدن جو واقف، عالي شرف، والا مناقب، جناب حافظ ميان (فلان) صاحب - شال ان جي قرات جي روايتن جون برڪتون ۽ تلاوت جي تجويدن واريون بخششون ۽ رحمتون، سين سالن ۾ ماڻهن ۾ ، مڙني مومنن تي عام هجن!

"صدر الحفاظ اهل قرأت جو تون امام،
هر جاءِ حافظن تي سنڌءِ فيض دمبدم،
تون منجهہ فنن قرأت جي آهين مستند،
تون عاصم القواعد، تون نافع الامم."

سلام ۽ دعا جو وظيفو، جنهن جي بزرگيءَ جي پلوءَ تي ريا جو غبار نہ وهي، ۽ صفت ۽ ثنا جو تحفو، جنهن کي بصيرت جي اک وارن سواءِ بيو ڪو نہ لهي - ان ذٽيءَ جي ڏئل، "اهل القران هم اهل الله" جي فضيلت سان مخصوص هئل، جي خدمت لازم البرکة ۾ گذارش ڪريو، ظاهر ٿو ڪري تہ ڪيتري مدت کان ان ذات شريف، مُستغني عن التَوصيف، قرآن جي مجلسن جنسارينڊڙ، تلاوت جي محفلن سينگارينڊڙ جي ملاقات مُنتج البرکات جو اشتياق مالا يطاق هو، پر ڪن ضرورتن ۽ طالع جي نارسائيءَ کان اتفاق نٿي ٿيو. هينئر جو ماه رمضان مبارڪ قريب آهي - جنهن ۾ اوهان جي خادمن جو سيڪنهن سعادت مان پَلو ڀهرو، ۽ سيڪنهن سگورائيءَ مان موچارو نصيب آهي- هزار تمنا ۽ بي نهايت التجا سان عرض، تہ جي هن آرزومند جي حال تي ڀال فرمائي، انهيءَ داٶدي لحن سان تراويحن ۾ هڪڙو ختمو شريف اچي سڻائيندا، ۽ قرآت ۽ تلاوت جي سدا بهاريلن باغن جي سرهيءَ هير سان مشتاقن جي مشام کي معطر ۽ معنبر فرمائيندا، تہ احسان ابدي ڄاڻڻ ۾ ايندو.

## 3 - خط مولد نبوي يعني عرس شريف جي دعوت ۾

جڏهين، آيت شريف "لَقد مَن الله عليکم اِذ بَعَث فيکم رسولاً من اَنفسکُم" جي معنيٰ موجب، حضرت حبيب اکرم شفيع اعظم صلي الله عليہ وسلم جو ظهور ۽ بعثت ۽ نبوت ۽ رسالت، ايمان وارن تي الله تعاليٰ جو وڏو احسان آهي، ۽ انهيءَ احسان جي شڪر گذاريءَ مان آيت "لئن شڪرتم لا زيد نکم" جي شاهديءَ سان نعمت جي واڌاري جو يقين آهي - نہ گمان آهي - ۽ شڪر جي طرز يعني نعمت جو ذڪر ڪرڻ بہ آيت "واَمَا بنعمة ربک فحدث" مان عيان آهي، تڏهن هن بدڪردار، مولد شريف جي محفل ڪرڻ لازم ڄاڻي، ان لاءِ "فلاڻي" تاريخ جي رات مقرر ڪئي. تنهن ۾، اوهان مشفق مڪرمن کي تصديع ڏجي ٿي تہ متئين انجام تي تشريف فرما ٿي، محفل جي بساط تان نبوي انوار نازل ٿيل چوندبيندا، ۽ انهيءَ طرف جي سيني مهربانن - خصوصاً مولود خوانن - کي بہ پاڻ سان آڻيندا.

"مَولد جي آهه محفل اڄ آءُ يار هِت،
آيو ربيع اول پس تيا بهار هت.
جنهن نور سان جهان منور ٿيو سڄو،
تنهن جي جهلڪَ شعاع جي اڄ آهه وار هِت.
تشريف آهي فخر رُسل مصطفيٰ سندي،
تيندا نه ڪيئن ملائڪ خدمگذار هت؟
اڪ ڪول، پس تون پسندڙ! تان ڪيئن ڪري اپ،
خدمت جي ڪاڻ ملاءُ الاعليٰ قطار هت!
جبريل منجهه تياريءَ مجلس جي چست ٿيو،
رحمت جي حاضرن تي ڪري ٿو نثار هت،
آيا نبي، مرسل ۽ اوليا عظام،
وٺندا وتون ڳنان چڱا نابڪار هت.
"مشتاق" تون به آءُ، ثنا خوان آهئين-
ملندءِ سبب ثنا جي صلا هزار هت."

## 4 - خط قرآن جي حافظيءَ جي دعوت ۾

هزار هزار شڪر پروردگار جا، جنهن اها اميد ڏيڪاري، جنهن لاءِ دل سَدايل هئي، ۽ اها آس پوري ڪيائين، جنهن ڪاڻ سدا سڪايل هئي! فرزند عزيز "فلاڻي" جي قرآن پوري ڪرڻ جو "فلاڻيءَ" تاريخ جي ڏينهن انجام آهي. ان جي شڪر گذاريءَ لاءِ خوشيءَ جي محفل جو سامان به انهيءَ ڏينهن سرانجام آهي. دوستن تي ڪمال آرزومنديءَ سان تڪليف رکجي ٿي، ته انهيءَ سرهائيءَ مجلس ۾ تشريف فرما ٿيندا، ۽ ان کي زياده زيب بخشيندا.

## 5 - خط ختني جي دعوت ۾

جڏهن ڪنهن خوشيءَ جي محفل جو دوستن جي حضور ڌاران جنسار ڪونهي، ۽ ڪنهن شاديءَ جي مجلس کي يارن جي هجڻ سوا سينگار ڪونهي، تڏهن ڪمال نيازمنديءَ سان تصديع ڏجي ٿي، ته لطف ۽ نوازش جي واٽ کان، دعوت قبول فرمائي، پنهنجا ضروري نا ضروري ڪم ترسائي، هن غريب خاني ڏي متوجهه ٿيندا، ۽ نورچشمي "فلاڻي" جي ختني جي مجلس ۾ - جا "فلاڻي"

تاريخ جي ڏينهن مقرر ڪيل آهي - حاضر ٿي، انهيءَ سُرور جي محفل جو زيب ۽ رونق وڌائيندا- تہ هميشہ جو احسانمند رهندس.

## 6 - خط شاديءَ جي دعوت ۾

الحمد لله، جو مقصد جي تاري اُميد جي آسمان ۾ طلوع ڪيو، ۽ مراد جو نـَکٽ سرهائيءَ جي شعاع سان اُڀريو، قمر ۽ مشتريءَ جي ويجهائي ويجهي آئي، ۽ قرآن السعدين جي ساعتَ نزديڪي پسائي، يعني فرزند ارجمند ميان "فلان" جي شادي خانہ آباديءَ جو انجام مقرر ڪيو ويو."فلاڻيءَ" تاريخ جي رات حنابندي ۽ ورنديءَ رات زفافُ رٿيو ويو. تنهن ۾، هن عشرت جي ڏينهن ۽ خوشيءَ جي راتين ۾، سرهائيءَ جي مجلس کي رونق بخشڻ ۽ عيش جي محفل ۾ زينت وڌائڻ لاءِ، اوهان پيارن جو تشريف فرما ٿيڻ ڏاڍين ضرورتن مان سمجهيو ويو. تنهنڪري، ادب جي وادي ويڙهي ايڏانهن اچڻ ۽ اوهان کي تصديع ۽ تڪليف ڏيڻ لاءِ هيءَ عاجز تيار ٿيو، پر هتي جي ضروري ڪمن کان فراغت نہ ٿي، تنهنڪري "الضر و رات تبيح المحظورات" تي عمل ڪري، هيءَ دعوت موڪلي ويئي. اُميد تہ اڳي احسانن ۾ گهيل تي احسان وڌائيندا، ۽ ري عذر "فلاڻيءَ "تاريخ تشريف آڻڻ جو لطف فرمائيندا. واڌ و اميد ۽ نياز - فقط.

## 7 - خط دوستن جي مجلس جي دعوت ۾

سڪ جي سوَن سلامن ۽ پرت جي لکن پيامن کان پوءِ مقصد هيءَ تہ:

"پري تو کان ٿي عمر منهنجي وبال،
لُڪن ساڻ لوساٽجي ويو نهال.
وڇوڙو وڏيءَ عمر جو ٿيو سبب،
جو گذري ٿو هڪ ڏينهن، ٿيو مون تي سال."

آرزومنديءَ جي ڪيڏائيءَ ۽ کهڙائيءَ ۽ ڪيترائيءَ کان، ڪي بہ ظاهر نٿو ڪريان: عبارت آرائيءَ ۽ انشا پردازيءَ جي واٽ ۾، استعاري ۽ مضمون طرازيءَ جا پير نٿو پريان - پر ڪيترا ڳچ جيترا ڏينهن گذريا، جو هن هوا خواهہ کي اوهان پيارن وفادارن ملاقات سان مشرف نہ فرمايو، تنهنڪري خاطر وصال جي عادت ڪيل کي هڪ هڪ ڏينهن سال برابر نظر آيو. تنهن ۾، جيڪڏهن شوق ۽ تمنا جي زيادتيءَ سببان، ڪنهن مدعا جي استدعا

ڪندو. تہ البت محبت جي مذهب ۽ صداقت جي مشرب ۾ ايتري جرات ڪان بيڏوهہ رهندو - سا مدعا هيءَ، جو ايندڙ جمع جي ڏينهن، دوستدارن جي مجلس جو عهد ۽ ميثاق ۽ صحبت جي انجام تي اتفاق آهي. تنهن ۾ جيڪڏهن ان مروت ۽ مردميءَ جي بهار جي قدوم مسرت لزوم جي يُمن ۽ برڪت سان، هن دل ڪومايلن جو بيت الاحزان، بهشتي باغ جو غيرت وڌائيندڙ ۽ رضوان جي باغيچي ڪي ريس ڏياريندڙ ٿئي، تہ مخلص نوازيءَ ۽ دوست پروريءَ کان بعيد ۽ عجيب نہ هوندو- فقط.

## 8 - خط حاضر مجلس جي دعوت ۾

"اي صبا ڪر تون گذر بُستان ڏي،
چؤ وڃي ان نازنين شمشاد کي:
'وقت ڪو، پنهنجي اچڻ جي نور سان،
ڪر منور هن خراب آباد کي'."

قلبن جو مشاهدو ۽ روحن جو اتصال اگرچ اصلي محڪم آهي، پر:
"لطف معني جو جي پذرائيءَ ۾ ناهہ،
'رب ارني' چو چوي موسيٰ ڪليم؟"

شوق جي باهہ جون چڻيون ڪمال جي درجي کي پهتيون، تنهنڪري دوستن جون ڪوشيون همتون انهيءَ تي ڪوتاهہ ٿيون، تہ جلد زور تشريف فرما ٿيڻ سان، دوستن جي هن مجلس کي گلشن ۽ مخلصن جي انتظار جي اک کي روشن فرمائيندا.

"حُب ۾ حيران جي ٿيا تو سوا،
ديد ڌاران تن ٿئي ڪيئن خوشدلي؟
ڪينَ مقصد کي رسي سگهياسيون مُور،
لطف سان پرڪي تدم اچ وچ ملي.
ناهہ تو ري مجلس جي روشني،
سڀ سرهائي تو سوا بي حاصلي.
آهہ ڪهڙو ڏينهن چڱو جي تون هجين،
پر پيالا وصل جي تان پيون ڪلي!"

(اشارو: اگرچ هي پويان چار خط، عتابي خطن سان بہ مناسب آهن. پر انهيءَ فصل کان رهجي وڃڻ ۽ کنهن ٿوريءَ ڳالهہ ۾ هن فصل سان مناسب ٿيڻ سبب، هتي لکيا ويا.)

# فصل ٻيو

## دلداريءَ ۽ دلاسي ڏيڻ جي خطن ۾

جڏهن، کنهن بہ فکر واريءَ حالت ۾، هڪ ٻئي کي تسلي ڏيڻ ۽ صبر جي آڇ ڪرڻ اسلام جي سنت آهي، تڏهن انهيءَ قسم جا بہ ڪي نمونا ڏيکارجن ٿا.

## 12 - خط بيماريءَ جي حالت پڇڻ ۾

اوهان جي دشمنن جي طبع جي علالت ۽ ملالت سڻڻ کان نهايت پريشاني آهي - شال شافي حقيقي، شفا ڪامل ۽ صحت عاجل بخشيوَ!

هن دعاگوءَ عيادت لاءِ ايڏانهن اچڻ جو ارادو رکيو، پر ڪهڙي مُنهن ۽ ڪهڙيءَ اک سان ڏسي سگهندو! تنهنڪري، هيءُ خط اڳيندڙ پنهنجو نائب ڪري ٿو موڪلي، تہ اسان جي اکين سان اوهان کي ڏسي اچي.

## 13 - خط

ٻڌم تہ چت تي چڙهندي، چرٽيءَ تان پير ترڪندي، هيٺ اچي پيوٗ، هٿ کي ايذاءُ پهچي ويوٗ! تنهنڪري هٿ هٿ تي مهٽيم، چرٽيءَ وانگر مٿو پٽ تي هنيم - شافي مطلق شفا بخشيوَ، ۽ پنهنجي لطف جو هٿ ڏئيوَ!

"صبح جو چت اُتان ڪرين جو تون،
تي مَ آندو وهگين هر گز يار!
ڪم مردن جو جيئن ڪرڻ آهي،
سيڪنهين جا ايهي نہ سَولا پار."

## 14 - خط

"ٻُڌم ڪَنَ تنهنجو ايذايو - متان ڏک
منهنجي دل جو، اچي ڪَنَ تنهنجي رسيو!"

مَوعُود جي واڳ ڇڪيندڙ. هلاڪيءَ ۽ فوت ڪي رستو ڏيکاريندڙ. مَلڪ الموت ڪي مَتيون سيکاريندڙ. وڏين آفتن جي قافلي جو سالار. لڏتن ڦٽائيندڙ لشڪر جو مهندار - جي ڪنهن جي لاءِ دوا جو نسخو لکي، تہ پهريون حرف مريض جي موت تي دلالت رکي! ان جي دوا، مرضن ڪي مدد ڏيندڙ ۽ آزارن جي همراهہ. ان جي مجلس، هميشہ اَجلن جي گذر گاهہ. اهڙو فنا جو ڪاريگر، جو هڪڙي پساهہ ۾، انساني بدنن جي ڪيترن سالن جي سٽي ڪي نابود ڪري ڏئي، ۽ اهڙو مرڻ جي سببن ۽ نشانن جو ڄاڻو، جنهن جي نيزي قلم جو قطرو، جوتڪي ۽ شفا جي بنياد ڍاهڻ ۾ روحن ڪيندڙن جي سعيي جي حاجت ڪا نہ ڇڏي! سندس راءِ حاذق، ڪُلي قانون آهي مرضن جي نگاهبانيءَ ۽ صحت جي وڃائڻ ۾، ۽ سندس عقل صائب، مقرر دستور آهي. بيمارن جي ڏاڍائيءَ ۽ آزارن جي وڌائڻ ۾. مريض لاءِ سندس ملاقات زهرُ ري ترياق، ۽ بيماري لاءِ سندس ڪيڪار بُحران هَلاڪ. سمجهہ واري ڪي سنديس ديدار جي اهڙي ڇڪ، جهڙي دستن واري ڪي دمدم طَهارتخاني جي سڪ!

شال ان جي جدائيءَ جا سبب - جي ڪن ڏينهن جي بقا جا وسيلا آهن - ميسر هجن!

## 17 - خط روزيءَ جي تنگيءَ ڪان مسافر ٿيل جي دلداريءَ ۾

روزيءَ جي تلاش لاءِ اوهان جو سفر اختيار ڪرڻ، ۽ ڏيهہ ڇڏي پرڏيهہ وڃڻ، معلوم ٿيو. تنهنڪري، هن مخلص جي دل تي ڪمال تاسف منهہ ڪيو. بيشڪ هن ناموافق زماني ۾ - جو ڏينهان ڏينهن گهٽ آهي - روزگار جو قحط پيو: پر جڏهن مڙئي ڪم حڪمت ۽ ٻانهي جي آسايش ڪان خالي نہ آهن، تڏهن يقين تہ البت عُسرت جي ڪيترن ڏينهن تي صابر ٿي، منتظر رهندا تہ الاهي گهُر ڇا تي پيدا ڪري، ۽ دلاسي "اِن مع العُسريُسرا" جي موجب، آسانيءَ جو واءُ تو وري - زياده ڇا لکجي.

## 18 - خط عاشق محبوب جي بيپرواهيءَ ڪان تنگ ٿيل جي دلداريءَ ۾

دوستا! عشق واريءَ دل جي درد بي نهايت ۽ آزار بي غايت جو ڪهڙو ذڪر قلم تي آئجي؟ افسوس جهڙي ڳالهہ آهي جو جنهن ڪي اوهان ناز ۽ نعمت سان

ڪان خالي هٿل دل، وصال جي اميدن مان پريم. بي اختيار ظاهر ٿي پيئي، جا هت چمن جي آرزو دل ۾ ٿي ڏريم.

”مبارڪ هجيئي خاص ۽ عام جي،
بشارت هجئي حج اسلام جي!
وڏو تنهنجو طالع، وڏو بخت تو،
سعادت جو حاصل ٿيو تخت تو.
ڪونهي غم ٿئين جي اسان ڪان جدا،
پنهنجي گهر ڏي تو ڪي هو ڪونيو خدا!
اهو ماڳ بنياد اسلام جو،
اهو هنڌ عطا، لطف، انعام جو.
ڪيو قصد سڀ تنهنجو قادر قبول،
ٿيو رحم سان توتي راضي رسول.
شفاعت جي سريئي بشارت پلي،
پلي آئين مقصد سان مرڪي ملي.
پلي آئين موتي پلا مرحبا،
سدا مرحبا، مرحبا، مرحبا!“

انهيءَ سفر خيريت اثر ڪان سلامت اچڻ جي خوشي بي نهايت ۽ مسرت بي غايت، شال مڙني متعلقن ۽ آرزومندن ۽ محبن ۽ خير خواهن تي مبارڪ هجي! هي هوا خواهه بہ، قاصد پنيان، خدمت شريف ۾ اچيو ٿو پهچي.

## 20- خط سفر ڪان سلامت اچڻ جي مبارڪباديءَ ۾

الحمدلله، جو سعادت ۽ اقبال وڌائيندڙ ۽ مقصودن ۽ مرادن پهچائيندڙ سفر ڪان، ان وفا وارن جي ڏئل ۽ صفا وارن وت وٽيل جو سلامت ۽ عافيت ۽ نعمت ۽ غنيمت سان، پنهنجي وطن پياري ۽ ملڪ موچاري ڏي موٽڻ ٿيو. انهيءَ سلامت جي رسڻ سان دوستن جون اکيون ٺريون. ۽ دشمنن جون دليون ڪڙهيون. شال، مڙني مطلبن ۽ مقصدن جي حصول بعد، هميشه پنهنجي عزيزن ۽ مخلصن سان هيڪاندو ۽ ان لاءِ مبارڪ هجي!

زبان جي قلم، حقيقي سرڪار جي دربار ۾ شڪر گذاري ڪئي تہ الحمد لله، جو سعادت جو هلال، بخت جي آسمان ۾ اڀريو، ۽ اوهان جي خواهش انشاء الله الـمتعال، اهو حسن ۽ جمال ۽ سعادت ۽ صلاحيت جي ڪمال جو هلال، سڀن آفتن ۽ آسيبن ۽ حسدن ۽ نظرن ۽ نقصانن ۽ عيبن کان امن ۾ رهي، دين ۽ دنيا جي ڀلائيءَ ۽ بخت ۽ دولت جي ڪامروائيءَ ۾، چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر هر جا روشن ٿيندو، ۽ هڪ - جيڏن ۽ هڪ - سرتن کان صلاحيت ۽ سعادت جي گوءِ نيندو . خداوند تعالىٰ شال اوهان جون اکيون ۽ هنيون ان سان ٺاري، ۽ دين ۽ دنيا ۾ ان جون مٺيون مرادون ڏيکاري!

"سچڻ هوءِ تو کي مبارڪ مُدام،
مُبارڪ، مبارڪ، سدا والسلام!"

## 24 - خط

اوهان جي فرزند ارجمند جي ڄمڻ جي راحت ڏيندڙ، فرحت بخشيندڙ، خبر رسي. وقت خوش ٿيو، ۽ ساهہ کي آرام سريو. شال الله تعالي برڪت وارو ڪري ڏيوَ، ۽ دين ۽ دنيا جي موچاراين ۾ هڪ - سرتن کان سرسي لهي، ۽ ناز نعمت سان پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڇانءِ هيٺ هميشه رهي!

## 25 - خط مڪتب ۾ وهڻ ۽ بسم الله شروع ڪرڻ جي مبارڪباديءَ ۾

اوهان جي فرزند پياري جي مڪتب ۾ وهڻ ء الف - بي پڙهي بسم الله شروع ڪرڻ جي خوش خبر رسي، ۽ مٺائي موڪليل بہ پهتي ۽ ذائقي ۾ آئي. جيڪر هن مخلص کي اشارت فرمايو ها، تہ خوشيءَ جي محفل ۾ اچي حاضري ڏئي ها، ۽ بروقت روبرو مبارڪباد جي رسم ادا ڪري ها. شال الله تعالىٰ انهيءَ آغاز جو انجام مبارڪ ڪري، ۽ ان برخوردار ڪامگار، سعادت آثار، کي ديني ۽ دنيوي علم مان پلو ڀهرو ء وڏو وانٺو سري! فقط.

## 26 - خط قرآن شريف جي ختمي جي مبارڪباديءَ ۾

مبارڪ خبر، راحت رسائيندڙ، اوهان جي فرزند پياري سعادت واري جي قرآن پوري ڪرڻ جي پهتي دوستن جي دل خوش ۽ خرم ٿي. الله تعالىٰ جل وعلىٰ جا ٻـدمين شڪر، جنهن اوهان کي اها چڱي ساعت پسائي ء مراد جي گل ملڻ

درد غــم شــال كــو نــہ پيــو ٿينــدو،
دل کــي وٽيــو نٿــي، ســو دم گذريــو.“

خدا جو قسم تہ انهيءَ نعمت عظميٰ جي شڪر ادا ڪرڻ ۾ ڇپ عاجز آهي. ۽ انهيءَ عَطيَّت ڪُبريٰ جي عذر بيان ڪرڻ ۾ زبان قاصر آهي، تنهنڪري دعا تي اختصار اوليٰ تو سمجهجي: شال هميشه مزاج ڪثير الابتهاج سلامت سان لڳل، ۽ ذات ڪريم الصفات دردن ۽ بيمارين کان پناهہ ۾ رهيل، هجي! آمين - والسلام.

## 29 - خط

اُن مهربان قدردان جي شفا جي غسل ڪرڻ ۽ صحت جي پاڻي وجهڻ جي خبر سُڻي، خوشي ۽ راحت حاصل ٿي، ۽ باري تعاليٰ جي درگاهہ ۾ شڪر جا سجدا بجاءِ آندا ويا. شال شافي حقيقي، ان ذات بابرڪات کي هميشه صحت ۽ عافيت سان رکي! هي جان نثار جيڪر حضور ۾ هجي ها، تہ جان جي نقد کي گهوري ڏئي ها، پر مجبوريءَ سببان، اها دل جي لڪل تمنا دل ۾ رهي. بالفعل، هيترو مقدار اوهان جي سر مبارڪ تان صدقي ڪرڻ لاءِ هلايو ويو، جو نظر انور ۾ گذر جو شرف لهندو:

”تــون مــُحبن جــو آهيــن دل - گهــُربل،
ڏي ڏکويــن جــو تنهنجــي ذات ســدا.
ڇــا هجــي نقــد هــي جــو گهوريــان تــو،
منهنجــي دل جــان توتــان هــوءِ فــدا!“

## 30 - خط جاءِ اَڏائڻ جي مبارڪباديءَ ۾

سلام - دوستيءَ جي بنياد کي برپا رکندڙ. دعا - محبت جي عمارت کي محڪم ڪندڙ. ان پياري وفا واري جي مجلس جو تحفو عرض تو سينگاري، تہ موچاريءَ اڏاوت سان اوهان جي نئينءَ عمارت نهرائڻ جي سرهائيءَ پريل سُڌ آئي. تنهن دوستن جي دل جان ۾ خوشي، ۽ دشمنن جي هينئن ۾ حسرت وڌائي. سبحان الله، ڪهڙي منزل مبارڪ، جنهن کي سعادت گهيرو ڪندڙ ۽ اقبال هر طرف هنج ۾ رکندڙ اهي! الله تعالي منجهس ان دوستن

گس ڏسي، طبع سگوريء کي مجذوب ۽ بيحال، ۽ زبان کي لال کيو هو. ۽ ناز بي انداز سان وڇوڙي جي راتين کي دراز ڪري، خاطر مبارڪ کي سوز ۽ گداز ۾ رکيو هو. تنهن جي قلب ۾. موچاري اتفاق سان، اوهان جي محبت جي جذبي، سير ڪري، سنديس هينئين جي گهر کي صبر ۽ آرام جي وٿن خالي ڪيو. بي اختيار ان عاشق زار جي مجلس ۾ اچي، صلح ۽ صفا ۽ دوستيءَ ۽ وفا جو گهرندڙ ٿيو. ساڙيل باھ فراق جي کي، وصال جو چندبو هنيائين. ۽ ماريل زار اشتياق جي تان ڳٽيءَ ۽ انتظار جا سپ بار ڪنيائين!

"خدا جو حمد، ٿيو مَهرو بغل ۾،
مُرادن دل جي موجب تنهنجو همدوش!
رکيو ان تنهنجي دل قتيل تي مرهم،
اڳيان آزار هائي ٿيا فراموش!
پريو ڪنهن بخت تنهنجو گُم ٿيل عقل،
وري هٿ آئيو تو کي ويل هوش.
هُجئي لک لک مبارڪ-وات تنهنجو،
هجي ان جي چپن مان شال پُرنوش!"

الله تعاليٰ جي ڪرم عميم ۽ لطف عظيم سان. شال او بئي مشتاق، عشرت جي بُرج ۾ همقران ٿي، مرادن جا مالڪ ۽ شادڪام رهن، ۽ ان سعادتمندن جي خوش وقتيءَ جي برڪت سان، مڙئي دوست مسرور مدام ۽ سڀ رقيب ۽ دشمن مقهور ۽ بدنام رهن!

(اشارو: اگرچ، مبارڪباديءَ جي خطن جا اجا ڪيترا نمونا رهيل آهن- جهڙوڪ، نئين ورهيه ۽ نو روز ۽ نئين چنڊ. علي الخصوص، ماھ رمضان ۽ عيدن ۽ چڱي منصب ملڻ جي مبارڪبادي ۽ بيون- پر ڪتاب جي طوالت ۽ پڙهندڙن جي ملامت جي خوف کان، هن ٿوري قدر تي اڪتفا ڪئي وئي.)

## فصل چوٿون

### تعزيت ۽ غمخواريءَ جي خطن ۾

جڏهن ڪنهن مصيبت هيل جي غمخواري ڪرڻ ۽ ان سان سور ورڻ حديث شريف "من عزيٰ مصاب ڪساه الله حلتين من حلل الجنة لاتقوم بهما

الدنيا"(جنهن مصيبت هَيَلَ سان ڏک اوريو. تنهن کي ڏکائيندو الله تعاليٰ ٻـ وڳڻ بهشتي وڳن مان، جن سان ساري دنيا برابر نہ اُپيندي) موجب اَجر عظيم جو سبب آهي. ۽ اهل اسلام وٽ ٻاءِ مومن کي ڏک لڳل پنهنجو ڏک سمجهڻ اَڳاٽو وتيل ادب آهي، تڏهن ان جا ٻـ کي نمونا لکجن ٿا:

# 33 - خط سيد عالم صوفي سخيءَ جي وفات جي خبر ڏيڻ ۾

هزار تاسف ۽ ڪمال افسوس سان معلوم رهي تہ هتي فلاڻي مهيني جي فلاڻي تاريخ جي ڏينهن(جو مصيبت جي ڏاڍائيءَ ڪري قيامت کي شرمندو ڪندڙ هو) سعادت ۽ سيادت جي سردار، حسب ۽ نسب جي شرف جي سينگار، علمائن ۾ عامل، ولين ۾ ڪامل، حاتم همت، عالي منزلت، زماني کي فيض پهچائيندڙ، محتاجن جي مشڪل مٽائيندڙ، جناب فلاڻي شاهہ صاحب مرحوم هن خراب آباد سُست بنياد ڪان انتقال. ۽ اصلي وطن جنات عدن ڏي ارتحال فرمايو. ۽ اهل عالم تي جهوري ۽ جنجال ۽ منهن ڏيئي ملال ايو (انا لله وانا اليه راجعون) اگرچ سدا سيڪنهن شاهہ ۽ گدا کي اُنهيءَ شاهراه تي اچڻو، ۽ موافق مضمون (ڪل نفس ذائقة الموت) جي مماتـيءَ جو شربت چکڻو، ۽ وفاتيءَ جو لباس ڍڪڻو آهي! پر جڏهن جناب شاهہ صاحب مغفور مبرور جو وجود مسعود عاقبت محمود، علم جي زيور ۽ زينت، ۽ حلم جي لباس ۽ خلعت سان سينگاريل، هن قحط الرجال ۾ وڏي عظمت هو. اهڙن خدا جي مردن، الاهي لقا جي عاشقن، دولت ڪان دل سردن جي لاڏاڻي جو اهل عالم جي تي غم ۽ افسوس ۽ ماتم واجب ۽ لازم ٿيو. تنهنڪري سڀ اورانهان ۽ پرانهان، اعليٰ ۽ اداني فاتح خوانيءَ لاءِ آيا هئا، ۽ اچن پيا: شور برپا اهي، قيامت پيدا آهي! تنهن ۾، هن غم ۾ اوهان جو شامل ٿيڻ ضروري تو سمجهجي. واده حا لکجي! فقط والسلام.

## جواب

تعزيت جو شاهہ صاحب جي اولاد ڏي

سلامن ۽ نيازن، بندگين ۽ ادبن ۽ تعظيمن ۽ سرافگندگين ڪان پوءِ هزار آهہ ۽ زاري، غم ۽ بيقراريءَ جي عرض تہ عالم جي اکين جي نور ۽

روشنائيءِ، جهان جي ساهہ ۽ سگهائيءِ يعني جناب مستطاب سيادتماب معليٰ القاب اوهان جي والد ماجد جي ذات بابرڪات ملڪي صفات جي تعزيت پرسيءَ جي درد پريل، اندوه گڏيل ڳالهہ سان پگهل زبان ڪي پريشان تارونءَ ۾ ڪيئن چوريان. حق جو قسم تہ انهيءَ ساهہ ساڙيندڙ جسم و گهاريندڙ واقعي سببان روحاني پروڙون ۽ جسماني سمجهون( جن جو هميشه ان عالي نسب والا حسب جي جود جي خونچي مان ڪيڻ، ۽ سخا جي چشمي مان پاتي پيئڻ هو، ۽ ان مسيحا دم جي لطف گڏيلن نڪتن ۽ شوق وڌائيندڙن احسانن مان سُرهي حياتيءَ جي لذت ۽ چاشني وني جيئڻ هو) . ميتن جو ويس ڍڪي بي روحن جي صورت ۾ پڌريون تيون. انهيءَ حالت ۾ ان ڳري مصيبت جي لوازمن ۾ روئڻ ۽ زاري ڪبي، ۽ پون ڪان اپ تائين بلڪ ان ڪان متي آهہ نبي. تہ سا سي آسمان جي هوا ۾ مک جي منهن متي پٽڻ ۽ پکن هڻڻ. ۽ ڪون ۽ مڪان جي بار کڻڻ ڪان مهي جي دانهن ڪرڻ جي قسم ڪان ڇٽبي- تڏهن قضا تي رضا رکڻ، ۽ پنهنجي عجز ۽ قصور مڃڻ، ۽ ان تي دليلن ثابت ڪرڻ ڌاران هن غمن جي اوڙاهن مان نڪرڻ جي واٽ ڪا نہ ڏسبي، نہ اها ٻانهن( جا حسرت جي ڪُن ۾ ڪريلن جي دامن وني ٻاهر ڪڍي) هٿ ڪبي، نہ اها پناهہ جي جاءِ(جا حزن ۽ ملال جي مضطربن کي حال موجب آسايش جو هنڌ تئي) ڪٿي ڳولي لهبي. وسون بي وسون صبر جي عاطفت واريءِ دامن جهلڻ ڌاران بي راهہ ڪائهي، ۽ شڪيبائيءِ جي مهربانيءَ پريل بغل ۾ اچڻ سوا واهہ ڪانهي. خدا تعاليٰ جل و عليٰ جي ڪرم ۾ اُميد قوي تہ هن جان جلائيندڙ، روح رلائيندڙ واقعي ۾ مصيبت ڪيندڙن ۽ آزار چکندڙن کي صبر جميل ۽ اَجر جزيل عطا فرمائيندو. ۽ ان سيادت ۽ نجابت جي باغ جي تازن گلن بلڪ هڪ هڪ معرفت جي گلزار ۾ علم ۽ عرفان جي گلدستن جي حياتيءَ جي ٿاري، الاهي فضل جي ڪڪر وسڻ سان سدا سر سبز ۽ ڍيل هوندي، ۽ مغفرت ۽ مرحمت جي نورن جا قنديل ان پاڪ ساهہ جي پاڪ جسم جي مرقد مُطهر ۽ مدفن مقدس ۾ وقت بوقت روشن هٿل هوندا - زياده حد ادب.

## 34 - خط ڪنهن امير جي وفات جي خبر ڏيڻ بابت

"هاري تو سان حسرت ڪاريون هنجون قلم.
ڪاغذ جي تن تي وار غمن ڪان اُدوهيا.

## 35 - خط وفات جي خبر ۾

هتي اَيرن جي اجهي، بيوسن جي وسيلي، جناب مخدوم "فلان"، دستن جي بيماريءَ ۾ هن دار ملال ان عالم لايزال ڏي انتقال فرمايو - افسوس، صد افسوس، جو هھڙي بزرگوار جو پاڇولو، اسان جي مٿن تان کنهن بدبختيءَ کٽايو! جڏهن ڏٺيءَ جي گهر ۾ صبر کرڻ ڏاران چارو کونهي، تڏهن طوعاً وکرهاً ان جي رضا تي راضي رهبو - انا لله وا انا اليه راجعُون.

## جواب

اندوه گڏيل، غم سان پريل خط جناب فيضماب مخدوم "فلان" مرحوم جي وفات جي خبر ڏيندڙ رسيو، ۽ ان سڳوري جي انتقال کان کمال تاسف پيدا ٿيو. لحظي بلحظي ان مغفور مبرور جون شفقتون- جي مخلص جي حال تي هيون- ياد کريو، دليون دردن مان پرجن ٿيون. جڏهن، جزع ۽ فزع مان خدا تعاليٰ جي ناخوشنودي، ۽ وفاتيءَ بعد موٽي حياتي حاصل نه ٿيڻ کان سواءِ، ان مرحوم مغفور جو ڏکوئجڻ آهي، تڏهن لاچار، الاهي قضا تي رضا رکجي ٿي. يقين ته او مشفق به صابر رهندو ۽ "انمايُو في الصابرون" موجب اجر بغير حساب لهندو.

## 36- خط تعزيت جو

کيتريءَ مدت کان بي سببي، بي جمعيتي پاڻ ۾ لڏيم ٿي، هڏي هڏي چور چور، بيمارن واري حالت ڏنيم ٿي. توڻي سير ۽ تماشي لاءِ باغن ڏي نکتس ٿي، ته به راحت ۽ آسائش کا نه ٿيم ٿي. تنهن جي ماهيت دريافت کيم ٿي، ته يا خدا، هي کهڙي سبب کان آهي؟ تان اوچتو چاتي چنندڙ، پساھ پٽيندڙ آواز کن تي پيو ته "والا شان ميان "فلان" بهشت ۾ رسيو!"- بيهوش ٿي کري پيس، ۽ ان بقا جي جهان جي مسافر جي رفاقت لاءِ جلدي کندڙ ٿيس، پر نڏک ساھ پاسو موڙيو ۽، آھ ۽ زاريءَ کجھ کم جوڙيو - آخرکار صبر ري علاج نه آيو. تنهن ۾، مناسب ته اوهين به دل کي هٿ هڻي، ان مرحوم جي يتيمن جي دلداري فرمايو، ۽ ان گذر جي جهان کي تُڏي ڇڏيندڙ لاءِ، مره ۽ مغفرت جي دعا جو هديو هلايو.

## جواب

منهنجا "غمخوار! والا شان مرحوم "فلان" جي وڇوڙي کان سيماب جيئن بيقرار هوس - تو دلدار جو خط آيو. تنهن منهنجي دل کي صبر جي هنج ۾ جهلي ڏسکو بس ڪرايو. تو ڏيڍ ڏيندڙ ڏاران اسان جو ڪير آهي. جو دل مان اندوهه ڪڍي ۽ زخم تي مرهم رکي؟ شال جهانن جا ڪم جوڙيندڙ تنهنجو مبارڪ پاڇويو اسان تي هميشه ڊگهو رکي!

## 37 - خط، مڪتوب اليه جي والد جي تعزيت ۾

افسوس - ڪنهن کي هن جهان ۾ بيداغ نه ڏٺم، جنهن ۾ خزان نه تيو، سو ڪڏهن باغ نه ڏٺم! هر طرف هن آواز مان ڪَنَ پريل اٿم، ته سيڪنهن نقش ۽ نگار جو رنڊ ۽ سيڪنهن باغ ۽ بهار جي بوءِ پرواز ۾ آهي!

"انبيا اولياءَ ۽ عُرفا، خان ذيشان ۽ امير وزير - هن گذر جي گهٽيءَ مان سڀ هليا، ڪا نه تقدير کي رسي تدبير."

دل ۾ چوپاسيون اهي ڳالهيون آيون ۽ وئيون تي، ۽ لاڳاپن جون رسيون ڇنيون ويون تي، تان اوچتو اوهان جي والد ماجد جي وفات خبر کان آگاهه ٿيس. اوندوه ۾ ورونجي ويس! جيڪا ڪم ڪار هٿ ۾ هيم، سا به ڪٿي ڇڏيم - ڇا کان جو بي ثباتيءَ جي تازي شاهد اچڻ سان، اها هاج هئي، جا ڪيم.

اوهين ڪنهن رنج ۽ اندوهه کي پاڻ ڏي واٽ مَ ڏجو. ۽جزع ۽ فزع وارن جي رسم ۾ متان گڏجو: جنهن ڪنهن تي اڏاريءَ حياتيءَ جو وڳو سبيائين، تنهن کان موٽايو جلد تو ڦري - فقط والسلام.

## 38 - خط

سُڻڻ خبر و حشت اثر رحلت والد ماجد ان فيض رسان جي، آهه ۽ زاري اختيار تي ڪيم. پر وري ساڳيءَ مسند کي اوهان جي ذات بابرڪات جي زينت بخشيءَ جو تصور ڪري، سُست خاطر کي تسڪين ڏنيم.

"گل ويو، بلبل تي تنهن جي يادگار،
هيڪڙو هٿ مان نڪيو، بچيو هزار."

غرض ته قادر قدير جي تقدير ۾ صبر سوا علاج ڪونهي، تنهنڪري سنديس رضا تي راضي رهي، متعلقن غم جي ماريلن جي دلجوئي ڪندا.

جڏهن لن مرحوم جي بجاءِ، اوهان جهڙو ڪامگار ۽ يادگار آهي، تڏهين يقين تہ بڏل هٿ جا ڪم - جي نام آوريءَ جا سبب آهن - ظهور لهندا. ۽ ڪارخانا اڳوڻي نقش موافق بحال رهندا - زياده نياز والسلام.

## 39 - خط مڪتوب اليہ جي پيءُ ۽ ماءُ جي تعزيت ۾

اوهان جي والدين شريفين جي هن جهان فانيءَ مان عالم جاودانيءَ ڏي لاڏاڻي ڪرڻ جي خبر وحشت اثر سُڻي، گهڻو افسوس ٿيو - شال الله تعاليٰ انهيءَ مصيبت تي اوهان کي چڱو صبر عطا فرمائي، ۽ مرحوم جي بقَـيي(اولاد) جي بقا سان، اوهان کي تسلي بخشي، اهو ڏک گهٽائي. جن تو جهڙو پيارو فرزند ڇڏيو، سي مري ويا نہ چئبا، ۽ تنهنجي سلامت ۽ حضور ۾ اهي غائب نہ سمجهبا.

## 40- خط مڪتوب اليہ جي پاءُ جي تعزيت ۾

جان جلائيندڙ، ساهہ ساڙيندڙ واقعو، اوهان جي ڀائرن جي زور، دل جي ڏيءِ، هنئين جي ٿنڀ، مرحوم "فلان "جو معلوم ٿيو. انهيءَ خبر زهر اثر کان حياتيءَ جي ذائقي جو ميناج ڪڙو ٿي پيو. ۽ پسڻ تي اونداهيءَ جو سُرمون وڌيو - صبح ان حال جي ڏسڻ کان گريبان چاڪ ڪيو، ۽ شام ان ملال جي پسڻ کان ڪارو لباس ڍڪيو. فلڪ غم ۽ الم جي بار کان بيٺيءَ پُٺ ٿيو، ۽ سج نهايت درد کان رخ - زرد رهيو، ۽ چنڊ ماتم وارن وانگر پِڙَ جي حلقي ۾ وهڻ قبوليو. پاڻيءَ پاڻ تي هيٺ مٽي اچڻ ڪنيو، ۽ خاڪ خشڪيءَ جو بنياد رکيو. ۽ آتش پنهنجي پار کي ساڙي ڇڏيو، ۽ واءَ مجنونءَ وانگر گهٽين ۾ ڦرڻ جو اسباب ميڙيو جڏهن جهان جو ئي اهڙو هال هوندو، تڏهن هن صورت ۽ معنيٰ جي دوستدار جي دردناڪيءَ کي ڪير سڃاڻي نہ سگهندو، ۽ هن غم ۽ الم جي گوشي نشين سان ڏک ونڊ ۽ سُور اورڻ ڪير ڪندو؟

"سچو تن ٿيان رت، اک مان وَهان-
جي جاڻان تہ آهي روئڻ کي اَثر."

غرض تہ هي داستان آتش فشان قلم جي دامان جلائي ٿو، ۽ ڪاغذ جي گريبان ۾ ٽانڊا وسائي ٿو. افسوس جو سيڪنهن شاهہ گدا کي هن شاهراه تي اچڻ تقدير ڪيل، ۽ سيڪنهن خلقيل جو هٿ بقا جي نقد کان ڪوتاه ٿيل آهي. تڏهن، ان ڪارخاني قضا جي معنيٰ ڄاڻندڙ کي ضرور، تہ پهرين پاڻ کي صبر ڏسيندو، پوءِ ڏک ڏکوين کي تسلي ڏيندو - ان الله مع الصابرين.

## 41 - خط مڪتوب اليه جي عورت جي تعزيت ۾

رنج رسائيندڙ. ڏک وڌائيندڙ. افسوس جي وٺ وٺيندڙ، دل پٽيندڙ خبر اوهان جي همراز دمساز جي وفات جي رسي. انا لله و انا اليه راجعون!

الاهي امر پري ۽ خدائي تقدير نہ ٽري، ۽ روئڻ راڙي مان ڪين سري، ويل ڪو نہ وري - تنهنڪري رضا تي راضي رهبو، دل صبر ڪري يا نہ ڪري!

شال الله تعاليٰ ان کي مَهرهي ۽ مَرڪائي، ۽ دارالخُلد ۾ رهڻ جي جاءِ عطا فرمائي - فقط. والسلام.

## 42 - خط مڪتوب اليه جي نياڻيءَ جي تعزيت ۾

اوهان جي جگر جي ٽُڪر جي وفات جي خبر ٻُڌي، دل ٽُڪر ٽُڪر ٿي. ڇا ڪجي، تقدير وٽ تدبير جي جاءِ ڪنهن ڪا نہ ڏني - پر جڏهن قبر جهڙو سَگَيٽو ۽ موت جهڙو مَهر ڪو نہ ٿو ڏسجي، تڏهن "دفن البَنات مِن المُڪرمات" کي اکين آڏو رکي، اوهان کي بہ صبر ٿو ڏسجي: روئڻ ۽ زاريءَ کان سُور گُهٽيو پلو، ۽ مسلمان جو ننگ ۽ سَتر قبر ۾ ڍڪيو پلو - فقط والسلام.

## 43 - خط مڪتوب اليه جي پٽ جي تعزيت ۾

اوهان جي فرزند جي وفات حسرت آيات جي سُڌ سُڻي اکين آڏي انڌ وري، ۽ وني رت سان پَري، جگر ۾ درد ۽ پساهہ سرد پيدا ٿيو. عقل اڏامي ويو، ۽ شعور شيدا ٿيو. آخر صبر جي امر تي نظر ڪيم، ۽ دل کي هن دستور تسلي ڏنيم تہ "اولاد، توڙي انسان وٽ سيڪنهن زماني ۽ مڪان ۾ سين شين کان پيارو آهي، پر ري شڪ، پڪ سان اڏارو آهي: ڏيندڙ جي رضا - جي نئي، يا موٽائي ڏئي، ڪَسي، يا ترسي! ۽ ماءُ پيءُ لاءِ، سيڪنهن قضا تي رضا رکڻ مان چڱاين جو سَتو ٿيڻ ۽ درجن جو وڌڻ آهي. ۽ جڏهن اصل سالم آهي، تڏهن فرع توڙي ويو، تہ بہ ان جو موٽڻ اميد ۾ اچي سگهندو: چڱو وڻ جيستائين ثابت آهي، تيستائين پنهنجي موسم تي مُڪڙيون ۽ ميوا پيو ڪيندو - ۽ ان مشفق جي بقا وڏي نعمت آهي، ۽ مڙني مخلص ۽ مُتعلقن لاءِ غنيمت آهي."

شال الله تعاليٰ اوهان کي صبر بخشيندو ۽ ان جو چڱو نتيجو ڏيندو - فقط.

# 44 - خط مڪتوب اليه جي ٻن ڄاڻن پٽن مان هڪ جي تعزيت ۾

اوهان جي ٻن فرزندن ڇمڻ ۾ انهن مان هڪ جي وفات ڪرڻ جي خبر رسي. زماني جي دورنگي ڏسڻي آهي، جو سوين شعبده بازيءَ سان، شاديءَ جي وچ ۾، غم جي طرح ٿو رکي - تان انهيءَ خوشيءَ ۾ ڪنهن کي پنهنجي مصيبت تي اطلاع نہ رهي، ۽ جگر جي سوزش کان پاڻ کي مطعون نہ ڪري. هي هوا خواه، ان عالم بقا جي واٽ ويندڙ جي انتقال کان، جزع ۽ فزع ڪرڻ کي ويجهو هو، پر ٻئي فرزند ارجمند جي سلامتيءَ جي خوشخبر انهيءَ حال اڳيان آڏي آئي، تڏهن سؤ طرح سان غمگين دل کي تسلي ڏيئي، تسڪين ڪيائين. اُميد تہ ان سڳوري ٻـ هڪ جي سلامتيءَ جي ديدار ڏسڻ سان، ٻئي جو غم وساريو هوندو.

# 45 - خط مڪتوب اليه جي دوست جي تعزيت ۾

جوش ڄاڳائيندڙ واقعو ۽ دردن جي باهہ ڏڪائيندڙ قضيو، يعني بهشت جي وطن گزينن جي همدوش ۽ خلد جي چمن نشينن جي هم آغوش، مرحوم "فلان" جي هن دار ناپائدار کان دارالقرار ڏي سفر اختيار ڪرڻ جي خبر حيرت اثر سڻي، صبر جا ڪوٽ ڀڳا ۽ دل تي تازا داغ لڳا. سيڪنهن آشنا ۽ نا آشنا جي اکين مان هنجن جو چشمو جاري ٿيو - روز روشن نجي رات ڪاري ٿيو. ان ورونهن جي گلزار حسن ۽ سونهن جي بهار جي فراق ۽ بلبل بيدل جي آهہ زاري فلڪ تي پهتي، ۽ نرگس جي اک عاشقن جيئن هاري رهي. سوسن ڪبود پير هن گفتگو کان زبان بَندي، ۽ مُـڪڙيءَ هزار تنگدليءَ سان تعزيت جي ڪُـنبـ ڏاران وهڻ جي جاءِ نہ لڌي.

لالا، حزن جي نهايت کان حسرت جي رت ۾ غرق ٿيو. سُنبل، محبوبن جي زلفن جيئن ويڙهجي ورونجي ويو - غرض تہ حزن ۽ ملال جا دروازا اُپٽجي ويا، ۽ عشرت جي جگر ۾ هزارين حسرت جا خار چيڀجي ويا- انا لله وا انا اليہ راجعون! هائو، دنيا جي حياتيءَ جو لباس مستعار آهي، ۽ هن پراڻي گهر جو عيش ناپائدار آهي. تنهنڪري، صورت ء لباس جي بدلن جي عادت، جزع ۽ فزع

ڪهڙو ڪجي؟ لازم، ته رضا ۽ تسليم جي ”حبل المتين“ ۾ مضبوط هٿ وجهجي: ٺنهنڪري اوهان کي به ٿو لکجي ته انهيءَ واٽ کي اختيار ڪري، فرمان جي آڏيءَ تي مٿو رکندا، ۽ جزع فزع نه ڪندا، ۽ ان عالم محمود جي مسافر جي روح ڏي فاتحه ۽ درود جو تحفو موڪليندا، ۽ دلبريءَ ۽ تسليءَ سان دل ڦٽيلن متعلقن تي مرهم رکي، بي حساب اجر ۾ اميدوار ٿيندا - فقط.

(اشارو: وفات جي تعزيت جا قسم ۽ بين تعزيتن جا نمونا اجا ڪيترا رهيل آهن، پر ڪتاب جي اختصار جي غرض تي ڇڏي ٿا ڏجن.)

## باب چوٿون

هن باب ۾ عشق ۽ شوق ۽ محبت ۽ ذوق جا خط لکجن ٿا، ۽ عشق جي بوالعجبيءَ ۽ عاشقن جي صاف مشربيءَ جا نشان بيان ڪجن ٿا - ۽ ڪتاب جو سينگار بہ اهو باب آهي، ۽ عاشقن جو مُونس ۽ غمخوار بہ اهو باب آهي: محب صادق جو حبيب موافق آهي، ۽ فراق جو قتيل سندس عاشق آهي. هيڪلي جو يار آهي، وساريندڙ جو يادگار آهي، وڇڙيل جو دلدار آهي، ڏڪويل جو غمخوار آهي، ڳالهيار لاءِ قصو آهي، حاسد لاءِ غصو آهي، اڻ‌ڄاڻ غبيءَ لاءِ تنبيهہ ۽ خواري آهي، سمجهہ ذڪيءَ لاءِ واڌو پروڙ جي مددگاري آهي، مغلوب کي غالب ڪندڙ آهي، ۽ ٿهندڙ کي طالب ڪندڙ آهي. منجهس اهي افسون آهن، جي پريءَ کي شيشي ۾ بند رکن، ۽ اهي طلسم جي پٿر کي پاڻي ڪن، مگر جهل مرڪب ۽ ڪَنيل دل ۽ آڏي طبيعت کي اعتبار ڪونهي، ڇا ڪان جو ان جو مروت ۽ فُتوت ۾ ڪٿي شمار ڪونهي. نہ ڄاڻان تہ هن ڳالهہ جو داد ڪير ڏيندو، ۽ سالم طبع سان منصف ڪير ٿيندو؟ ڇا لاءِ، جو سچا عاشق جهان مان لڏي ويا، ۽ ڪنهن ۾ پنهنجو نشان بہ ڪو نہ ڇڏي ويا: ڪنهن ۾ سندن پار ڪونهي، جي نالو ليي ٿو، تہ ناليدار ڪونهي!

يا سچيءَ گفتار منهنجيءَ کي وسهـ،
يا ڪري ڪوڙو ڪٺم هڪڙو پساءِ."

افسوس، افسوس! هن زماني جو ڪوتاه همت - فجر جو عاشق زار، ظهر جو وصل مان پُرڪار، عصر جو عاشق بيزار! هي هي هن وقت جو طالب شهوت! نہ غم ڏنائين، نہ سور چکيائين، اهنج ڏنائين، نہ اهنج لڌائين. جان ميلاپ ٿيس، تان ڪر اَمينن نڪاح وڏو هئس! اهو عشق نہ آهي، نفساني غرض آهي، بلڪ مرضن مان هڪڙو مرض آهي. انهيءَ ۾ وصال کي رَسڻ بہ جهٽ پٽ، وري رُسڻ بہ جهٽ پٽ - بلڪ ڪڏهن آخر عمر تائين منجهانئس عداوت ٿئي ٿي، دنيا جي خواري، آخرت جي شقاوت ٿئي ٿي: خود پسنديءَ ڪان عشق جا ادب ساري بہ ڪين، ٿوري جفا ڏنائين، تہ وري ڪڏهن نهاري بہ ڪين - اهو عشق کي بدنام ڪندڙ بد انجام آهي، جنهن جو پيشاب ڦُڙي هارن سان سڀ ڪم تمام آهي. اهو خبيث ۽ خام آهي، نامرد ۽ ناڪام آهي: تنهنڪري عاشقن ۾ سندس ذڪر بہ حرام آهي!

ڪي الاهي 'تجليون' اک سان دل کي چڙهيندڙون آهن، ۽ ڪي ڪاڪل جي ڪمند ۾ قابو ڪندڙون آهن. تجلين جو ذوق، ۽ رخسار ۽ خال جي جلوي جو تاثير جدا جدا ڪامل محبت سان پروڙجي ٿو. حافظ شيرازيءَ ۽ شيخ فخر الدين عراقيءَ ۽ اوحدالدين ڪرمانيءَ پنهنجي شعرن ۾ جي اصطلاح مقرر ڪيا آهن، سي سڀ تجلين ڏي اشارا ڪيا اٿن. ايءَ ڳالهه درست ۽ برابر آهي تہ جتي دل لُٽيندڙ، حسن جي بيتابيءَ کي سينگاري، تتي يقين سان حقيقي محبوب جي جمال جو جذبو آهي - جو متس پرتوو پايو، پردي اندر ڪڇس پاڻ ٿو ڏيکاري." اتي حضرت جناب مرزا صاحب قدس سره جو ڪلام پورو ٿيو - هاڻي، سيڪو سالم طبع وارو هن باب جي مضمونن جو انڪار نہ ڪندو.

## فصل پهريون

### عشق جي ڄاڻائڻ جي خطن ۾

شيخ دائود انطاڪيءَ، پنهنجي ڪتاب "تزيين الاسواق" ۾، حضرت عقبہ بن عامر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آندي آهي تہ "حضرت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو، "اِن الله لَيَعجب من شاب لا صَبَوة لہ" (تحقيق الله تعاليٰ عجب ڪري ٿو انهيءَ جوان کان، جنهن کي ڪوئي عشق نہ آهي). عجب ڪرڻ جو وجه هيءَ تہ ان کي نفس جي واڳ تي حڪم ڪرڻ، ۽ ان سڌن مان پريل کي سڌن کان تاهڻ جي قدرت آهي. پوءِ قلب جي نرمي - جا رحمت ۽ محبت جي بيخ آهي - جا لاءِ نتي ٿئيس؟ هن مان بہ عشق کان خالي هُئلَ دل جي نہ - پورائي معلوم ٿي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ عشق جي پيوند جو سبب، ڪڏهن هڪ پيري ڏسڻ آهي، ڪڏهن هميشه ملڻ ۽ گڏجڻ کان پوءِ، ڪنهن وقت جي پسنديءَ کان: ڪڏهن اهڙي سبب کان، جو عاشق کي بہ معلوم نہ هوندو، ڪڏهن پريٺ صفت سڻڻ سببان - پوءِ ڪڏهن بي اختيار ٿئي ٿو، جهڙو حضرت يوسف کي ڏسي زالن جا هٿ وڍڻ ۽ بين جو مري پوڻ. ڪڏهن اختيار سان، جهڙو پهرين ڪنهن جي وصف سڻڻ، پوءِ ڏسڻ جي سڌ جاڳڻ، پوءِ ويجهائيءَ جو خيال ٿيڻ، پوءِ گفتار جو شوق ڪرڻ - ان کان متي وڌڻ بي اختياري آهي، ۽ عشق جو ڄاڻائڻ اختياريءَ ۾ نہ گهرجي - ۽ ضطراريءَ ۾، دل دانهن ري نہ رهندي!

## 1 - خط

موچارائيءَ جي باغ ۾ نئينءَ مڪڙيءَ وانگر ٽڙيل محبوبيءَ جي گلزار ۾ تازي گل وانگر ڪڙيل - شال الله تعاليٰ حُسن وڌائيس: آمين!

محبت جي سلامن، پرت جي پيامن ۽ خدمت جي ادبن کي مثل غلامن ادا ڪرڻ بعد، هزار نياز ۽ عجز بي انداز سان، عرض تہ جنهن ڏينهن کان ان نازنين ماه جبين تي هن حزين اندوهگين جي نظر پيئي، تنهن ڏينهن کان عشق جو فراش، هن آفت هَيَل جي پردي فاش ڪرڻ پنيان ٿيو - ۽ عشق- حاڪم، غم جي فوجن کي هي فرمان ڏنو تہ صبر ۽ آرام جو تنبو، هن جي دل جي مُلڪ مان ٻاهر ڪيو، ۽ ڏکن ۽ محنتن جو خيمو هن جي سيني ڪشادي تي، آه جو سرخ وچان اپياري، ڪوڙيو، اک جي اڳيان حيرت جي قنات کُپائي، سندس هوش جي گهر ۾ بيهوشي ۽ سلامت جي گهٽيءَ ۾ وحشت چِڙي ڏيو: راحت جي شڪل مَ ڏيکاريوس، مات جي صورت مَ سيکاريوس!

"اچـــي پرتـــوو بيخـــوديءَ جـــو پيـــو،
اگهـــاڙائيءَ مـــان انـــگَ جـــو اوچـــڻ ٿيـــو،
رهـــي عقـــل جـــي اُت نـــہ بخيـــہ گـــري،
نـــہ مســـتيءَ جـــي هرگـــز ڪـــا پـــرده دري."

تنهن ۾، جيڪڏهن ان ماه تمثال جو جمال بيهر نظر ايندو، تہ هي خيال ڪثيرالاختلال ۽ احوال پرملال ڪنهن ٺوپ ۾ ٿيندو.

"جـــدا تـــو ڪـــان جـــاني جيـــڻ آهـــہ ســـخت،
هجـــي هـــن حيـــاتيءَ ڪـــان موچـــار مـــوت!"

زياده، حسن جي بازار چلادار ۽ محبوبيءَ جو گلزار بهار هجي! والسلام.

## جواب

محبت جي بيان جو پريشان، دوستيءَ جي واديءَ جو حيران، سلامت سلامن کان پوءِ سچائيءَ جي زيادتيءَ ۽ محبت جي واڌ ري جي دعا گهريو، مقصد ٿو لکجي تہ بيوس عشق جي جذبي ٻڌڻ ء بي اختيار شوق جي سوزش سڻڻ کان، هردم دل اوهان جي خيال ۾ رذل آهي. تنهن ۾، وصال جي دولت ملڻ تائين دماغ جو تنقيو ۽ قلب جو تصفيو ضرور ڪيو گهرجي - فقط.

## 2 - خط

آشنائيءَ جي اک کي روشني بخشيندڙ، محبت واري قلب جي محنت وجائيندڙ، دل جو قرار، ساهہ جو سينگار- شال الاهي حفظ ۾ هجي!

نوڙت ۽ نياز ۽ شوق بي انداز جي سلامن کان پوءِ عرض،

”تيـم کـَـنَ تـو مـان پـُـر ۽ اک خـالي،
چگـو جـي کـَـنُ چـڏي، ڏيـن اک تـي پيـر:
ونـي اک جـي آهيـن کـَـنَ جـو نـہ زيـور،
کـَـنن ۾ کيم لـِک، کر اک تـي سـَـير!“

جيتوڻيک، ديدار پوڇيندڙ اک اجان ان زماني جي بيگاني جي رخ زيبا کان بيگاني آهي، مگر جڏهن اوهان جي حسن ۽ جمال ۽ وهم ۽ فهم ۽ فضيلت جي ڪمال جي موچاري وصف ڪنن کي رسيم، تڏهن دل تي ڪم اهڙو تنگ ٿيو، جو ڏينهن جو اشڪباري ۽ رات جو اختر شماري -

”رهـي ديـوان دل تولـَـي سـچو ڏينهـن،
تنهنجي ڳالهين تـي ڪـَـن پـَـرين سڄي رات!“

تنهن ۾، جيڪڏهن ملاقات کان مَـهند، پنهنجي مڪتوب خوش اسلوب سان غلام تي نوازش فرمائيندا، تہ هن آرزوءَ جي آتش سان سڙيل بدن تي ڪو چنڊبو لڳندو- يا خدا، اوڪهڙو وقت ٿيندو، جنهن ۾ ان دل افروز بزم جو پروانو ٿيندس!

## جواب

مشفق مهربان، اخلاص نشان- سلامت!

بعد سلامن جي معلوم هجي، تہ جڏهن باوجود پرانهينءَ مڪان جي، اخلاص جي باغن مان قرب جون سُرهيون بـُويـُون سونگهيو سگهجن ٿيون، تڏهن جاءِ جي پرانهين سارڻ نہ گهرجي، ساهہ جي ويجهائي نهارڻ گهرجي. خلوص ۽ صفا جي ٿارين مان، محبت ۽ وفا ڌاران ٻيو ڪو ميوو مـُنهن نہ ڪيندو، ۽ سچيءَ نيت جي نهال تي، موچاريءَ مراد سوا ڪو ڦر ظهور نہ ڪندو.

”ڇا جي، مڪـان آهي پري تـو ۽ مـون وچـان؟
جسمن جو ٿيندو حائل قلبن جو ڪيـن هـَـڏ.“

## 3 - خط

دلين جو محبوب، ساهن جو مرغوب، سيڪنهن خصلت ۾ خوب، منهنجو مطلوب- شال خدا سلامت رکيس!

هن غلام جا سلام قبول فرمائي، هوش ڪسيل جي حال تي گوش ڏيو- ته جنهن ڏينهن کان هن ڪمتر جو نظر ان ماه مثال جي جمال تي پيو، ۽ دل محبت منزل ۾ شوق پيدا ٿيو، تنهن ڏينهن کان بنهي پاڻ ۾ جهڳڙو شروع ڪيو- دل اکين کي چوي ته اوهان کي مقصد سريو، مرن هڪڙيءَ کي مارڻ ۾ اوهين ٻه ڪوشش چو ٿيون ڪريو؟ هو جواب ڏين ته واه ظالم، پاڻ کي مظلوم چوائي، گونگي تي ڳالهائي؟ حڪم تنهنجو، اسين تابع: اسان کي طمع ۾ تو وڌو- اول تون طامع. تون موڪليندڙ، اسين پيغامي! پوءِ اسان جي ڪهڙي خطا، ڪهڙي خامي؟ تڏهن چيم ته هن جو مثال آنڌي ۽ پيرئي جهڙو آهي- هُن هِن کي ڪنيو، هِن باغ مان ميوو پٽيو - اک کي عتاب ڏيان، يا دل کان خفا ٿيان؟ مون کي جفا بنهي پهچائي. سائين منهنجا، هاڻي ڳالهه اوهان جي هٿ آهي، جي ڪو غور ٿيندو هجي ته باقي ڇا گهرجي! زياده حد ادب، والسلام.

## جواب

سڪايل يا سَڏايل، وسان ويل يا هوس ۾ پيل - سلامت!

سلامن بعد مرقوم ته اسان کي نامعلوم ته ستت ٿوري پنڌ تي، اوهان جي طبع ۾ جوش خروش ڇا کان پيدا ٿيو؟ باوجوديڪ، اها صورت ساهن جي ميلاپ ۽ روحن جي ملاقات کان مانع به نه آهي: جيڪڏهن روح روحَ کان گڏيل هوندو ته پوءِ اکين کان پاسي ٿيڻ ۾ ڪهڙي حرڪت ! شايد هيءُ بيت ياد نه آيو:

"تيو پاسي اکين کان يار اُو، پر
ڪنهين دم قلب کان غائب نه آهه."

## 4 - خط

جيءَ جياپو، جيءَ جيارو، سؤ مرتبا ساهه کان پيارو، سهڻيءَ صورت، سونهاريءَ سيرت - سدا سلامت رهي!

سلام قبول فرمايو، ته وڌو ٿورو لايو. منهنجو حال سراپا اختلال هيءُ آهي، جو يا ته عيش ۽ آرام سوا ڪا ڳالهه دل تي نٿي آئي - يا ته اوهان جي

حُسن ۽ جمال باڪمال جي وصف سٽڻ سان، ڏکن ۽ سورن سا صورت پسائي، جو الحفيظ الامان!

ڪئين مرتبا، ديدار جي اُداس ۽ پسڻ جي پياس ۾ وڏيءَ آس سان آيس، پر طالع جي نارسائيءَ ۽ بخت جي برائيءَ محروم ڪري موٽايس! هاڻي طاقت تمام ۽ قلب بي آرام آهي، ڪا نوازش ٿئي، تہ ڪهڙو جو حُسن انجام آهي!

"اُهو تون شاهہ، جنهن جي ڇت تي هيڪر،
ڪبوتر جي وهي، مَنجي ٿئي باز!
اُپينو در اُتي مسڪين محتاج،
وهي سو، يا وري - ڪيئن ٿو ڇوي ناز؟"

# جواب

سڪ جو سينگار، يا هَوَس جو هوشيار، شوق جو سچو يا قول جو ڪچو - سلامت!

بعد السلام عليڪم جي مطالع ڪجو تہ جي دعوا ۾ سچا هجو، تہ ڏاين ڏنگاين ڏي نہ ڏسجو، نہ تہ رستو وٺجو!

"وهين مَر، جي هجين داناءُ فاضل،
سگهو وستو اسان سان ٿيندين همراز،
پَلو هيئن - جي هجين نادان جاهل،
ڪڙهہ ڪسڪي لنگهج، پَوئي متان باز!"

# فصل ٻيو

بيوفائيءَ ۽ بيپرواهيءَ جي سوز گداز سان بہ نوڙت نياز جي خطن ۾

محبوب، محبن لاءِ توڙي مسيحا آهن، پر علاج ڪرڻ کان عار سمجهن ٿا. پنهنجي بيمار جو نالو نہ وٺين، بيوفا تہ ڪين چئبن، مگر جور ۽ جفا کي پيار سمجهن ٿا. هڪ مرتبو سيني مان دل چورائڻ، ڪم عام اٿن، مگر ٻيهر شڪل پسائڻ پنهنجي مذهب ۾ بلڪل حرام اٿن. جي انتظار جو ڪُنل ڪو ذڪر ڪندو، تہ غمزي سان منهن ڦيرائيندا: حسن جي مغروري سٽڻ نتي ڏئين، پوءِ پلا جواب ڪٿان ڏيندا! ڪاڪل خمدار جي گرفتار جي هيءَ

تمنا، تہ ڪڏهن زيارت نصيب ٿئي تہ سيني مان جان زار ڪدي، نذرانو ڏيئي، جيئڻ جو جهڳڙو چڪائجي. هتي اهو دماغ، تہ جيڪڏهن ديدار ٿو طالب اوچتو منهن سامهون اچي، تہ صورت نہ ڏيڪارجي، ناز جي نقاب سان منهن لڪائجي: جيئن ٿو عاشق پڇي، تيئن هن ڪي مزو ٿو اچي! تڏهن ان ڪي مزي ڏيارڻ لاءِ، سوز ۽ گذار سان بہ نوڙت ۽ نياز جا ڪي نمونا لکجن ٿا.

## 5 - خط

غم-ڪَٺ غمخوار، ڪاري رات وروهيندڙ غمگسار، سڙيل سيني جو ڪافوري مرهم، سڪايل ساهہ جو همراز ۽ همدم عاليجناب، عز ۽ اقبال جي آسمان جو آفتاب، وفا جي بُرج جو روشن ستارو، سدا سچو، سچي دوستيءَ وارو - شال مدام شاد ڪام هجي!

خالص نياز جا سلام اول ڪلام ۾ آڻيو، دوام ۽ بقا جي دعا پاڻ تي فرض ڄاڻيو، عرض ٿو ڪري تہ ڏينهن ۽ رات، غم جي بستر تي، هن ڳالهہ جي ڳڻتيءَ ڳاريو اٿم تہ مفت قضا بدنام ٿيندي. تنهنجي بيپرواهيءَ جي سور ماريو اٿم. قسم عنبرين خال ۽ زلف مسلسل مشڪفام جو - جو دل جي پکيءَ ڦاسائڻ لاءِ هڪ داڻو، ٻيو دام آهي - جيڪڏهن اها رات اهو ڏينهن، تہ هن ناڪام جو ڪم تمام آهي! انهيءَ ارڏائيءَ سان آفت پسائي، جنهن ڪان جان چپن تي آئي. ڏينهن بيقراريءَ ۽ روئڻ زاريءَ ۾ ڪٽجي ٿو، رات جو بيتابيءَ ڪان جگر پڇجي ٿو، سيني ۾ جوش آهي، چپ تي خروش آهي، دل الغرضائيءَ جي ايذاءَ ڪان بيهوش آهي، دنيا وما فيها بلڪل فراموش آهي، ملڪ الموت جو پيغام آهي - افسوس، جو دل جي ميجي وصال جي پاڻيءَ سواءِ بي آب آهي. جگر فراق جي باهہ ۾ جليل ڪباب آهي، نہ دل ۾ طاقت آهي، نہ جگر ۾ تاب آهي - رڳو هڪ ٻن دمن جو حساب آهي. جي وصال ٿيو تہ ڪجهہ آرام ڏسبو، نہ تہ اهو قبر ۾ همراه نبو - پر اُتي بہ فراق جي تپ ڪان ننڊ نہ ايندي، اونداهہ ۽ سوڙهي جاءِ جدائيءَ جي رات جو لطف ڏيندي.

"تيو تہ بلبل ڪي چا ڪندو بهار خزان،
ناهہ جنهن جو چمن ۽ قفس ۾ ماڳ مڪان؟"

## 6 - خط

محبوبيءَ جي تخت جي رونق وڌائيندڙ، حسن جي ڪلنگيءَ سان سلطاني تاجن جي جوت جهَپائيندڙ فڪر ۽ فند سان فارغ قلب کي ڦاسائيندڙ، پاڻ وٽنديءَ پنهنجا حڪم هلائيندڙ، زلف جي ڪمند ۾ هزارين سڪندرن جا هنيان قابو ڪرائيندڙ، حسن جي غرور ڪان ڪنهن مهجور ڏي لوٽو نه ڦيرائيندڙ، ڏکوين جو ڏڍ، بيوسن جو پَرسُير، منهنجو محبوب منور - شال مڙئي مقصود موجود هجنس، آه ۽ زاريءَ جا سلام، اندوهه ۽ اشڪباريءَ جا پيام، شال سلامت پهچنس!

"انهيءَ تو ڏسين، سچي چوَ ڪو بيقرار جئي-
مري، مري نه سگهي، جي جئي، بُهار جئي؟"

نهارَ تنهنجي گل رخسار ۽ مُنهن موچاري ڏي ويم، ۽ سنگين دل تي اٽڪل نه پيم - ڪَيَم، پَريَم، خيال اجايا ٿيا، دل اُڏامي ويئي! ڪنهن جو ڏوهه ڪونهي، مڙئي منهنجي هٿان پيئي -

"اي ڏنو هوم مُنهن، اها عادت،
پاڻهي پاڻ ڪي بلا ۾ وڌم!"

هي، جي مُنهن جهڙي عادت ڌاريو، دِل ڏنلن ڪي ڏمر نه ڏيکاريو.

"مَ موڙ يار تون مُنهن ڪي نياز وارن ڪان،
ته نازنين پلو آهي، جو نه آزاري."

نه ڄاڻان ته ڪهڙي هاڄ ڪيم، جنهن پنيان بي التفاتيءَ جي سزا مليم؟ جگر جليلن سان جاڙ نه ڪجي، پينارن سان پاڙ وجهاڙ نه ڪجي.

"دل تو ڪي ڏنيم - نتي ڄاتم،
دل لُٽي پوءِ شوخ هٿن تينديس!"

انهيءَ جگر جي درد ڪان ڪم اچي تمام ٿيو، مرڻ جو انجام ٿيو - تنهن ۾، ڪا نوازش فرمائيندا ته پنهنجو شان وڌائيندا! واڌو حد ادب.

## 7 - خط

مچ مچائيندڙ، دونهان دُکائيندڙ، ٻاهيون ٻچيندڙ، ڇاهيون چورينڊڙ، آڙاهه ٻاريندڙ، آتشيون اُٿاريندڙ، ڪُورا ڪَپائيندڙ، تپاندبون ڏيندڙ، چوٽيون

چڪائيندڙ، عشق اُجاريندڙ، سِڪ سينگاريندڙ، بي ڪهل، بي ترس، سهڻن سين ڪان سرس - سلامت!

سلامن کان قبوليت سان سينگار، ۽ مون ڏي ڪا نگاهه ڪري نهار، ته ڪهڙي رنج ۾ مبتلا آهيان! تنهنجو غلام سڏايو اٿم، توٽي ڏهه جو نِڪار آهيان. جي ڪا دلداري ٿي ته آرام سان گهاريندس، نه ته پاڻ نيستيءَ کي سپاريندس، پوءِ تون چاڻندين تنهنجو ڪم: تون رهندين، تنهنجو دم!

افسوس، جو جانِ ڪيڏيم، مون کي جانباز نه سڃاتئي، دل جي اخلاص، جگر جي سوز کي تپاس سان نه چاتئي! ڪڏهن نه پڇيئي ته ڪير، ڪٿي جو آهين، ڪهڙو سُرُ تو ڳائين؟ منهنجون ڳالهيون سراسر بيهوديون سمجهيئي، ڪنهن دم زبان سان درد نه پڇيئي-

"روئڻ بيتاب آڏيءَ منهنجو پُڌيئڻ،
چيئي، لوڏيوس، هن ڪيو تلخ ننڊ ڪي!"

اندريون سوز لکيم، جواب نه آيو، مون پيام مُڪو، تو زنجير اُچلايو. مون کي ديوانو خيال ڪيئي، منهنجي پيام کي چرين جو ڪلام سمجهيئي! چا ڪريان، تنگ ٿيل، وس کان ويل آهيان: ڪوئين، جي لوڏين- تنهنجي در تي پيل آهيان!

"وڃايم وس، ڏسي مُنهن تنهنجو موچار،
نه چاتم تان ڪ اهڙو آهيين تون."

## 8 - خط

نازن سان نهوڙيندڙ، ماڻن سان موهيندڙ، ڪيڏ سان دل ڪسيندڙ، سدائين ڏک ڏسيندڙ، فڪر سان ساهه ڦٽيندڙ، ڊول سان جيءَ جهٽيندڙ، دڙڪن سان دٻائيندڙ، متيون منجهائيندڙ- شال سدا سلامت رهي!

نياز جي سلامن کان پوءِ عرض سڻو، مَن ڪي سوَر لهي! جنهن ڏينهن کان نينهن جو نيزو سڃي، معذرت نه مڃي، هن بيقرار کي ڏکي ڏار ڪيو اٿوَ، تنهن ڏينهن کان اِک گريان اٿم، ۽ دل بريان، سينو پريل درد، آه نهايت سرد، گريبان چاڪ در چاڪ، مٿو مٿي خاڪ، ڏينهن جو بيتابي، رات جو بيخوابي -

"رسيو اَي شوخ! توٽي حال هيءَ اِت،
اجا پڻ مهر جون آسون اٿم چت."

تنهنجي بيپرواهيءَ جي جهوريءَ کان اتي رسيس، جتي ڪو نہ رسي. تنهنجي لاڏ ۽ لاغرضيءَ کان اهڙا ڏک ڏنم، جهڙا ڪو نہ ڏسي: ڏينهن اشڪباريءَ سان، رات اختر شماريءَ سان گذارجن ٿا. هردم حياتيءَ جا دم سارجن ٿا.

"اڪين تنهنجو مُنهن جي ڏنو هو نہ، شوخ!
نہ اڄ دشت ڪي هوند دريا ڪيئُون."

جي دوستيءَ جي گلشن کان ڪا سُرهي هير لڳندي، تہ جانِ وجي ٽڪندي، جي نہ، تہ جيڪو حال ٿيندو، سو پاڻيهي سڻِ ۽ ڏسڻ ۾ ايندو! فقط.

## فصل ٽيون

وصل جي ڪوتائيءَ ۽ فراق جي ڊگهائيءَ جي خطن ۾

"**جدائي**" محبوبن جو هڪڙو ناز آهي، تنهن کي ساهہ تي سهندڙ، هڪ **عاشق جانگداز** آهي. **معشوقن** وٽ اهو پيار آهي، ۽ عاشقن وٽ عشق جو وڏو آزار آهي، ۽ 'وصل' نااُميديءَ جي مقام ۾ آيلن عاشقن وٽ ناممڪن الوجود شي جو نالو آهي، جا پاڻ معدوم - ۽ اصل سندس نامعلوم. گو گرد سرخ آهي **يا لعل** سُپيد. ڪنهن حاذق کي هٿ نہ آئي اهڙي شي ناپيد: مگر سندس خيالي **تصوير سان دل** پرپائين ٿا، ۽ ان کي نندي بار وانگر پرچائين ٿا، ۽ يار جي **صورت ڏسڻ لاءِ**، دل جي آئيني ۾ ڪنڌ جهڪائين ٿا، ۽ موهوم شڪل سان پاڻ وندرائين ٿا. ۽ اُميدوارن جو حال تہ نہ چوڻ جهڙو، نہ سڻڻ جهڙو: جي ڏينهن ٿئي، تہ انتظار ۾ **هڪ** هڪ دم قيامت جي ڏينهن کان وڏو. ضعف سبب چُرڻ کان چُور، بلڪ سڪتي جو دستور - پڙڇ تي پيل نہ سجاڻجي، تہ ڪهڙو هي، ڪهڙو تڏو! رات ٿئي، تہ سؤ چند چمڪندڙ ڪاري نقطي جهڙا نظر اچنس، تارا ڳڻي ڳڻي بيتاب ٿي قيامت تائين سمهي، تہ بہ اوجاڳا نہ پَچنس! ۽ جيڪڏهن **طالع** ياري ڪريس، ڪا **ملاقات** سَريس، تہ هزار ورهن جو وقت وچ- چمڪو ٿي گذريس، ۽ **محبوب** جو مشاهدو. ڪڏهن اک کين پَريس- غرض تہ جنهن جو **نالو** آرام، سو **عاشق** لاءِ حرام، پوءِ سدا يار جي تات هونديس. هيءَ وائي وات هونديس!

## 9 - خط

صنوبر جي قد، گل جي خد، لالا جي روءِ، ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ، عنبر موءِ، سنبل گيسوءِ، چمن منهہ مُشڪين خال، خورشيد پيشاني باجمال، محراب

سلامن سهس هزارن، ۽ بندگين بيشمارن بعد، عرض تہ هيءُ بندو شرمندو- وفا جو طالب، صفا جو راغب، اشتياق جي آتش جو ساڙيل، فراق جي مچ جو ٻاريل، آشنائيءَ جي زنجير جو ٻڌل، محبت جي واهولن پيل - جدائيءَ جي دم کان هن دم تائين تهڙي حال ۾ آهي، جهڙو مڇيءَ جو آب سوا، ساقيءَ جو شراب سوا، سپ جو آمل سوا، بلبل جو گل سوا، قُمريءَ جو سَروَ ۽ ان جي شوق سوا، ڳيري جو ڳاني ۽ طوق سوا، ۽ پکيءَ جو داڻي سوا، ۽ وارن جو ڦڻيءَ سوا، پيالي جو شراب سوا، ڳائيندڙ جو رغبت سوا، ۽ فرهاد جو شيرين سوا، يعقوب جو يوسف مه جبين سوا! تنهن ۾، عرض رسائڻ هن کي واجب ۽ اوناڻ اوهان کي واجب.

"صبا! ڪجهہ گذر منزل تي ان جي،
اُيي هن حال کان ڪج تنهن خبردار:
اسان کي هت جلائي تي جدائي،
اوهان کي اِت ويو وسري هي بيمار.
اسان جي موت کان بدتر حياتي،
سوا اَهنجي جئڻ سڀ آهه بيڪار!
ملڻ جي مهر ڪريو، تان اسان تان،
لهي لحظي اندر اندوه آزار!"

## 11 - خط

خوبروئيءَ جي مجلس جي رونق وڌائيندڙ، حسن جي شمع تي هزار ساهه جي پتنگن کي جلائيندڙ، علي الدوام زلف جي دام ۾ دل ۽ روح جي پکيءَ کي ڦاسائيندڙ، ارڏائيءَ ۽ الغرضائيءَ جا آزار عاشقن جي سر تي سهائيندڙ، خود مطلبيءَ جو چالاڪ، اڪنديلن جي اک ڏسڻ کان پاڪ - شال ذوالجلال ان کي وصال جي توفيق ڏئي، تہ جڏي کي حيراني ڇڏي! آمين:

"سَوَ سلامن جا مُنجان تو سوڪڙي،
مانَ ورنديءَ ۾ چوين تون هڪ عليڪ!"

نياز جي هنج کي تنهنجي ناز جا پير چُمايو، ڦتيل دل جي اک کي تنهنجي وصال جي واٽ ۾ انتظار جي غبار سان روشن ڪرايو، عرض تو ڪجي

تہ ڪيتري مدت فراق جي سختيءَ ۽ شدت ۾ گذري، جنهن ۾ ميلاپ جي نعمت تہ ڪا نہ سري، پر ڪڏهن دل جي زخم جو مرهم - اوهان جو خط يا نياپو، جيءَ جو جياپو - بہ نہ آيو! انهيءَ انتظار بہ گهڻو آزار وڌايو.

"نہ تو ري مون حيلو، نہ تو ڪان مون صبر،
نہ تو ري مون سرندي، نہ تو ري ڪا واٽ.
بہ جي قلب هونم - جيان هيڪ سين،
بيو مر اوهان جي سهي اُج اُساٽ!
هزارين ڏسان در ۽ واٽن جا لک،
سوا قلب ڪهڙي گهڙان گهيڙ گهاٽ؟"

تنهن ۾، انهيءَ زلف مشڪين جي صدقي، ۽ ان خال عنبرين جي صدقي، ۽ ان اک سرمگين جي صدقي، ۽ ان نگاهہ نازنين جي صدقي ۽ ان ابروءِ خمدار جي صدقي، ۽ ان نڪ ڪُندي تلوار جي صدقي، ۽ ان رخسار گلابيءَ جي صدقي، ۽ ان منهن مهتابيءَ جي صدقي، ان لب لعل زينتدار جي صدقي، ان ڏندن موتين جي هار جي صدقي - هن بيڪسيءَ تي خيال ڪريو، تنهائيءَ جي ملال تي لطف وصال جو نظر ڌريو! مفت ۾ اسان جي جان تلف ٿئي ٿي، فراق جي رات - ڪاريءَ بلا - جي ڏنگيل ڪين جٽي ٿي، جو چون ٿا تہ دنيا ۾ سيڪنهن شي ڪي هڪڙيءَ حالت تي قرار ڪونهي، خوشيءَ تي پروسو ۽ غم تي اعتبار ڪونهي: ڪڏهن وصال جو صبح اچي، ڪڏهن وڇوڙي جي رات پهچي! واه طالع جي رسائي ۽ بخت جي پلائي، جو انهيءَ قول تي قرار نہ رهيو، ڪنهن طرح جو اعتبار نہ رهيو! يا تہ وصل هو، تنهن مان هڪڙو ئي فصل ٿيو، جاڳندڙ نصيب پير ڏکاري سمهي پيو. تنهن ڪي ايتري وار ٿي، جو جان زار جٽڻ ڪان بيزار ٿي، ڇا ڪان جو حياتي بيڪار ٿي، سا سيني بيقرار مان اڄ ئي نڪرڻ لاءِ تيار ٿي - جي اڄ نہ تہ سڀان، ترسڻ ۾ لاچار ٿي!

اسان جي نحوست جي اثر ڪان فلڪ جي گردش بدلي، وصال بابت ڪا تدبير نہ هلي. اسان جي بيتابيءَ ڪي خلق چريائي ۽ چرچو ٿي ڀانئي، ۽ هي خيال ڪو نہ ٿو وينجهائي تہ هن گردون جي ستايل جو ڪيئن نہ برو حال هوندو.

جنهن کان جدا اوهان جهڙو محبوب خوب خصال، پري تمثال، يوسف جمال هوندو؟ نہ - ملڻ جي اَندوہ کان هٽ، پير، منهن زمين تي هڻجن ٿا، ۽ گهجن ٿا. سور ڪو سورن جهڙو آهي، جنهن کي ساهہ ٿو سهي، پر زبان تاروڻ ۾ بند ٿي رهي! خدا جي سوا ڪنهن بيدرد بندي سان ڳالهہ نٿي ڪجي، دل ۾ سانديو بہ نٿي سگهجي. نٿو ڄاڻان تہ منهنجي ٻاڏائڻ ۽ اوهان جي نہ اوناڻ جي انتها بہ ٿيندي يا نہ؟

"ايندو دل جان ۾ قرار ڪڏهن؟
موڪلائيندو انتظار ڪڏهن؟
گل نہ مکڙي نہ باغ ۾ بلبل،
هن خزان جو ٿيندو بهار ڪڏهن؟
سال ٿيا جنهن کي دل سکي، ساري،
اُو اڱڻ منهنجي ايندو يار ڪڏهن؟"

## جواب محبوب وٽان

ناآزمودگار يار منهنجو - سلامت!

سلامن کان پوءِ مطلب تہ اوهان جي يادگيري ساهہ ۾ آهي. جي هتان خط نہ آيو، تہ بہ اوهان جي موچاريءَ عادت کي جُڳائيندڙ هو، تہ عتاب جي خطاب کي پسند نہ رکو ها - خير اڳتي ڌيان رکجو!

صورت جي فراق ۽ ضرورت جي پرانهيءَ سببان جا حڪايت پرشڪايت ٿئي، تنهن کي قلبن جي ميلاپ ۽ دلين جي سڃاڻپ ۽ روحن جي ڏسڻ ۽ ساهن جي ملاقات ۾ دخل ڪونهي.

"هنئين کي هنيون آهہ ويجهو جڏهن،
ٿئي ڇا تڏهن، جي ٿي منزل پري!"

جيڪر ان تي نظر ڪريو ها، تہ هوند هميشہ وصال جي خيال جي مشاهدي کان محفوظ رهو ها! سمجهو، تہ اها اشارت ڪافي آهي. ڊگهيءَ عبارت جو احتياج ڪونهي.

"توسين جي ناہ صورت، تنهن جو تون يوم َ پانئي،
معنيٰ ۾ جان ۽ دل تو سان گڏ سدا."

اکوڙيندڙ، لغڙ جيئن اکيـن سان لڙندڙ، بيـوس تيلـن سين وڙهندڙ، سدا ماري، هيٺن جو شڪاري، بيپرواهه، بي نياءَ - سلامت هجي!

سلام - سڀ عجز ۽ نياز، ۽ پيام - سارو سوز ۽ گُداز، ۽ دعا - ملڻ جي اُميد ۽ آس، ۽ عرض - مُنهن ڏسڻ جي اُداس ۽ پياس، آهي. اوهان جي مُنهن موڙڻ کان دل جو سڀ ڪم سرنگون ٿيو. سارو حال مَنجي دگرگون ٿيو. نہ رات جو فرحت، نہ ڏينهن جو آرام. ڪاڏو وڃُ، ننڊ حرام. اَٺ ئي پهر غم تي غم. روئڻ پٽڻ سان ڪم. رڳو ايترو پُڇندڙ بہ ڪونهي تہ ڇو ڪلين نٿو، اڳوٺي وانگر ماڻهن سان ملين نٿو؟ ڇا ڪَان روئين ٿو- ڇا ٿو ڪرين؟ هر دم آه زاري ڇگي نہ آهي، بيجا ٿو ڪرين!"

افسوس، هي ڪهڙيون انڌاريون راتيون آهن! ساري رات دل ۾ دلبر جون ڳالهيون آهن - ڪڏهن ديوانن وانگر بَڪٽو، سيڪنهن جو مُنهن تَڪٽو، ڪڏهن سرد دم ڀرٽو، ۽ پاڻيهي پاڻ سان هي ذڪر ڪرٽو:

"نڪي ننڊ اچي ٿي جو سمهي رهان،
نہ ڪو آهہ مونس، ڪريان جنهن سان بات.
وڏي رين ورهن جي ، ڪنهن ڪي ڇوان؟
نڪو صبح جنهن، هيءَ اها آهہ رات!"

هن مصيبتن ڏسڻ کان، جيئڻ کان بيزاري ٿي، پر سخت جانيءَ کان سخت لاچاري ٿي. نہ ڪنهن ميڙ منٽ ڪي مجي اوهان جو اچڻ آهي، نہ هن نڌڪ ساهہ جو نڪرڻ، بلڪ پُورن ۾ پچڻ آهي. خيال جي تصور ۾، سَجَڻن جي صورت سان ڳالهيون ڪندي ڪندي، بي اختيار دانهون نڪيون. جواب نہ مليو. تڏهن در ۽ ديوار سان متو هڻتو پيو. تان بہ مقصد جي دروازي جو طاقُ نہ کُليو. پنهنجو جگر ڪيَٽوُ، دل جو رت پيَٽوُ آهي. مرڻ کان بجڙو جدائيءَ ۾ جيٺو آهي. دل چوي تہ وچڙيل جاسين تائين نہ ملي، تاسين تائين ان جي ڳولا ۾ انتظاري بيقراري لڳي رهي. توٺي شمع جي صورت سر وڃجي وڃي، مگر پرواني جي طرح تات ۽ تاري لڳي رهي! جي انصاف ڪريو، تہ سائين منهنجا، اوهان جو ڇا بگڙيو؟ اسان جي جُڙي جڪي دولت ٿُبجي ويئي - بخت جي نا رسائيءَ ڪان اها عادت پيئي! اوهان ڪان جدا ڪيائين ۽ هيڪلي جان هزار آفتن ۾ گرفتار ڪيائين - خدا ڄاڻي تہ ڪهڙي خطا ٿي، جنهن پنيان فلڪ اسان جي

آهي. آواريءَ دل - تقدير جي چنبي ۾ جهٽيل، ۽ پريشان خاطر - قضا جي ڪمند ۾ گرفتار ٿيل، ڪي سڀ سهڻ ۽ ماٺ ڪري رهڻ ڌاران ڪهڙو علاج ۽ چارو آهي؟

"قدر دل لُٽيل جو جنهن چاتو نہ هڏ،
ريءَ لڱڻ لُٽڪڻ نہ چاڻي سو علاج."

اميد تہ محبت جي ڦاهيءَ جي ڇڪ موتائي خدمت ۾ آڻينديم، ۽ فراق جي بيابان ۾ واڌو سرگردان ٿيڻ نہ ڏينديم.

"خوش اھا ساعت جو ڏينديم جاءِ منجهہ تنهنجي گهٽيءَ،
شوق جو جذبو ڇڪي تو وٽ وٺي ايندو ڪڏهن!"

شال ٻنهي جهانن جون سعادتون روزي هجن!

## 14- خط رخصت جو

يار وفادار، هوت هنئين جو هار، دلبر دلدار، گلبدن گلزار، سروقد، چيلهہ مثل وار، ڪٿوري باس عنبر نار، عطر هبڪار، گل رخسار، خوب گفتار، ڪبڪ رفتار، نيڻن ٺار، قلب قرار، محبوب مُنهنجو، مطلوب تَنَ جو - سدا سلامت رهي!

سلامن ري نهايت، ۽ شوق بي غايت ۽ اخلاص جي دعا کان پوءِ مدعا هيءَ تہ:

"سانگ سنيران ڪين پنهنجي اختيار،
ري ضرورت ڪيئن هيءَ محنت سهان؟"

بي اختياريءَ، جدائيءَ جي ڏاڍائيءَ ۽ بي وسيءَ، وڇوڙي جي ڏکيائيءَ کان هڪوار اختيار جي واڳ ۽ صبر جي مهار هٿ مان نڪري ويئي! نہ دل کي اڳتي هلڻ جي قوت، نہ پيرن کي پوئتي ورڻ جي طاقت، نہ امڪان ۾ هلڻ، نہ وس ۾ وهڻ: دل کي پَٽڻو ۽ قسمت جو قيد ڪٽڻو آهي.

زياده شال ٻنهي جهانن جي دولت ۽ ٻنهي منزلن جي منزلت نصيب هجي!

## 15- خط عاشق مسافر جو

جيءَ جياپو، جيءَ جيارو ، سؤ مرتبا ساهہ کان پيارو، پري پيَلن کي ياد ڪندڙ، درد گڏيلن جي دل شاد ڪندڙ، سدا سنياريندڙ، ڪڏهن نہ وساريندڙ، دوستيءَ جو سچار، سچائيءَ جو سينگار، ٻاجهہ پريو ٻاجهارو، پليريءَ بخش وارو، محبوب منهنجو، مطلوب منهنجو - دامت اقبالہ!

سلام يگانگيءِ ۽ وداد کان خبر ڏيندڙ، ۽ دعا بي نهايت - اتحاد جي نائب ٿيندڙ، پيش ڪريو عرض ٿو سينگارجي:

"نور اکين جي مثل، اي محبوب!
تو کي پاڻان جدا ڏسان ٿو ڪين.
پر ڪهو سُود مون کي، جو هرگز
تو کي اي مه لقا! ڏسان ٿو ڪين؟"

توڙيڪ، جسمن جي جدائي روحن جي ويجهائيءَ کي جهليندڙ بہ نہ آهي، پر

"ڪيئَن خيالن تي اک ٽِڪي قانع؟
ڪيئَن خبر تي ڪري قناعت دل؟"

لطيف جا لطف دلين جي داد کي رسن، ۽ هي پرانهيءَ جا حجاب، جي دم دم عذاب آهن، وڃان ڪجي وڃن، ۽ دل بي سروپا جو سدا مقصود جي دامن ۾ آرزوءَ جو هٿ پيو رهي، ۽ ظالم فراق جي جور جا سور صدما بلڪل نہ سهي!

"چڱو جو تنهنجي طلب ۾ اچا ڪٿان هڪ وک،
پلَئوَ وصال جو هٿ ۾ اچيم ان ساعت."

انتظار آهي، تہ محبت ۽ وداد جي هيرن سان خاطر جي صفحي تان اندوه جا غبار لاهيندا، ۽ مودت ۽ اتحد جي وائَن سان، شوق جا شعلا ھٹندڙ مچ جهَپائيندا.

"سعادت تو واڌو ۽ دولت زيادت،
جيئن سهس سالن بدولت سعادت!"

## 16 - خط

سهسين ساهن کان پيارو، جڏي جيءَ جو جيارو، ڪنلن جي ڪَرَ لهندڙ، سڪابلن جي سنڀال ڪندڙ، خوش خُلق خوش صورت، خوش وضع خوش سيرت، وفا ۽ صفا وارو، لحاظ ۽ حيا وارو، ورهہ وِڇين کي وندرائيندڙ، ڏک ڏڌن کي پرڀائيندڙ، دل جو اڇو، قول جو سچو، بول پاريندڙ، وعدا نہ وساريندڙ، يار منهنجو نہ نہ سردار منهنجو، محبوب منهنجو، من مرغوب منهنجو - حفظہ الله تعالي!

سلامن جي سات هلائڻ، ۽ دعائن جي بار پرائڻ ۽ نيازن جي گلي لڏائڻ، ۽ سڪ جي سامان پهچائڻ بعد، جڳڪ وڇيان حجاب پاسي ڪريو، ۽ پاڻ کي خيال جي مجلس جو جليس ۽ وصال جي محفل جو انيس سمجهيو. يار جي سيني سان سينو لايو، ۽ دل ان جي دل سان ملايو. قلب جي زبان سان ان جي قلب جي ڪَنَ ۾ - نہ نہ عمدن عجيبن، اسرارن جي مخزن ۾ - ڪي اڏيون ابتيون، ڪي سُوڌيون سُبتيون، ڳجهيون پڌريون ڳالهيون، لوڪ جي چال چلت کان نراليون، سُر پُر ڪجن تيون، اڻ واقفن کي عبرتون ڏجن تيون.

يار پيارا، جيءَ جيارا، مون تي وسارڻ جي بدگماني مَ ڪج، پهرين پنهنجي منصف دل کي پڇج! آءٌ پرڏيهہ ۾ پيل، قسمت جو قيد ڪيل، ڏهاين ڪان ڏور، دوستن کان دور - تون شهر ۾ رهندڙ، دل وڻندن ماڳن ۾ وهندڙ، پُورن خيالن ۾، ساراهيلن احوالن ۾، يارن سان ريجهن ۽ رهاڻين ۾، ۽ مجلسن ۽ معرڪن ۾، ڪڏهن ڪنهن طرف سير ڪرين، ڪڏهن ڪنهن پاسي پير پرين، علي الدوام عالي خيال ڏارين، اميد جي باغ م مرادن جا نهال وهارين، روح رڃنديءَ مشغوليءَ ۾، هنئين وڻندڙ هاج جي حصوليءَ ۾، جڏهن ڪا فراغت ٿئي، ساهہ سينباٽن ڪان فرصت ۽ استراحت ٿئي، تڏهن تڪڙ تڪڙ مان خط مختصر - جنهن جو هڪ هڪ حرف مون لاءِ ماڻڪ ۽ گوهر، ۽ هڪ هڪ لفظ جان جو پرسُپر آهي - لکيو ٽپال ۾ اچلائين. پَلو آهين، پاڻ تو پَلائينءِ هاڻ، جي منهنجو بخت يڙائي تہ اها امانت مون کي مولا سلامت ملائي، نہ تہ جي اوهان وٽ سندس جواب نہ آيو، تہ وري ٻئي موڪلڻ جي نوازش نتا فرمايو!

اوهان وٽ اوهان جو حرفي ٿيس، پر گهُر ائين ڪيس. خيال ڪريو! آءٌ مسافر بي رفيق، خدا ۽ خدا جي رسول ري نڪو مهربان نڪو شفيق: نڪو سڏ لهي نڪو سنياري، نڪو پڇي نڪو نهاري، دل ۾ پورن تي پور، سيني ۾ سورن تي سور: جدائي جا جل بي نهايت، وڇوڙي جا ورهہ ري غايت، دوريءَ جا درد آزار اُتاريندڙ، فراق جا ڦَڄَ ڳَڄُ ڳاڙيندڙ، سڪن جا سور، تراڙ جا گهاوَ- جي گهٽ تہ ڪاتيءَ جا ڪهڪاءَ، پر جي ڪندا تہ سي بہ ننڍا نہ - سيلهہ ساهہ ۾ چُبيل آهن. پُسَتَ پَهر نـڱيل آهن: هنيون وڇوڙي ۾ ڳڙهہ وانگر ڏڪندڙ، جيئن لوڻ پاڻيءَ ۾ پَچري تيئن وگهرندڙ! توٽي دل وصال جي دلاسن تي وسهي

سک جي سلامن ۽ پرت جي پيامن بعد، چاپلوسن چرب زبانن واري رسم نہ رکيو، مختصر مقصد لکيو ٿو ٿئي، تہ عتاب جي خطاب سان پريل خط فرحت اثر، اوهان جو موڪيل، رسيو. هي ملاقات جو آرزومند، اوهان جي اچڻ جي انتظار کان، اڳوڻن خطن جو جواب موڪلڻ ۾ ٿي ترسيو - نامعلوم تہ اجا بہ اوهان کي سفر ۾ ڏينهن لڳندا، يا هاڻ سگها وطن ڏي ورندا؟ اسان کي ديدار بهجت آثار جي آرزومندي ۽ وصال فرخنده مال جو شوق تعداد ۽ شمار کان ٻاهر آهي! توڻي، محبت جي رقيمن سان اخلاص وارن جي حال جا صفحا جنسا ريو ٿا، ۽ موڌت جي قلمن سان سدا ساڙيندڙن جي اُميدن جا صحيفا سينگاريو ٿا، پر جي ان تي دل وندري، تہ ملڻ جي سڌ ڪير ڪري؟ شال سعادت جا ڏينهن هميشہ هجن!

## جواب جو جواب

منهنجو محبوب پيارو، سدا سوپارو، احسانن سان دل وڻندڙ، سچائين سان سوگهو ڪندڙ، ڳُڻن سان ڳهندڙ، مهربانين سان مُهندڙ، قدر ڄاڻندڙ، دليون سجاڻندڙ، پاڻ پَلائيندڙ، تَڪن کي تورا لائيندڙ، ڏمر نہ لَڪائيندڙ، محتاجن تي ڪهل فرمائيندڙ، پرچائيندڙ، نہ رُسائيندڙ، پاٽان ڇاٽي ڳنڍيندڙ، دوستي وڌائيندڙ، سوال سٽيندڙ، معذرت مڃيندڙ، ڪامل ۽ عاقل، پوري پروڙ درست ڏيان، سوڌي سمجهہ وارو، منهنجو سوَ ساهن کان پيارو - شال سيڪنهن مقصد ۾ مرام سان شادڪام هجي!

سرها سلام - جن کان ڪٿوري هڳاءُ اُڌاري، ۽ عنبر ان وٽ پاڻ نہ پچاري، شوق جي لباسن ۾ جلوا ڏيندڙ، انهيءَ اشتياق مان پيدا ٿيندڙ، جنهن جان کي جلايو ۽ ننڊ کي ڀڄايو، ۽ جگر جَي دامن کي چيري قلب جي گريبان سين پهچايو، ۽ ان کي محبوب جي زلف سنبل جئن تارون تارون بنايو - خدمت بابرڪت ۾ هديو هلايو، نوازش جي شڪر گذاري ڪجي ٿي.

"تنهجو خط منجهان چاهہ چايو پڙهان ٿو،
تيم ياد، تان پڻ ورايو پڙهان ٿو-
ڏسي اک نہ ڌارين، سُٽي ڪن نہ ڪنهن جو،
روئان ٿو ۽ لوڪان لڪايو پڙهان ٿو."

الحمدلله. جو اُميدوار اک جي ڪارائي، سج جهڙي صاف خط جي اچائيءَ کان منور ٿي، ۽ سدا سِت گڏيل اک جي دوڏي کي ان مُشڪ رسائيندڙ خط جي مطالعي کان روشني ميسر ٿي!

”عجب نـاهي اکيـن جـي روشـني وڏي ان مـان،
مُـکو يعقوب ڏي يوسف نوشتو جو، سو هي آهي.“

ان جي هڪ هڪ لفظ جي مقابلي، لک لک تحيتون قبول پوڻ!

جواب ۾ عرض تہ هن سفر جي نشان - سفر، ۽ ڪُـربت گڏيل غربت ۾، جيڪي هيڪلائيءَ جا ڏولاها ۽ ڏک، ۽ جدائيءَ جا اندوه ۽ اهک، ۽ صحبت کان پري پوڻ جا هَم، ۽ مجلس کان پاسي ٿيڻ جا غم، ڏنم ۽ سَـنم ، تن جو بيان جيڪر ٿي سگهي تہ لکجي، تنهنڪري هيءَ ڇيپ ٻڌي حال جي زبان سان مقال ٿي ڪجي:

”يـا رب ز راهِ لطـف بهـارِ خـودم رسـان،
دسـتم بگيـر و سُـوي ديـارِ خـدوم رسـان.
از گريـہ همچـو ابـرِ بهاريسـت چشـمِ مـن.
رحمـي بکـن، بتـازه بهـارِ خـودم رسـان!“

هاڻي، اُميد تہ بخت همايون جي مرافقت ۽ طالع ميمون جي مُوافِـقت سان، جلد وطن ۾ رسي، دوستن جي ملاقات خجستہ سمات سان پاڻ کي شاداب ۽ ڪامياب ڪندوَ، ڇا کان، جو هن کان واڌو، يارن کان جدا رهڻ جي قوت ۽ وطن کان پري پوڻ جي طاقت نہ رکي.

”وطن ۽ يار جو دل تي جڏهن پوي ٿو خيال،
اکين جي آب کان منزل ٿئي ٿي مالا مال!“

## 18 - خط عاشق جو سفر تي ويندڙ يار کان نہ موڪلائڻ جي عذر ۾

يار وفادار، سونهن جو سينگار، جوت جو جنسار، گُلـرُخ ،گُلرخسار، صبح پيشانيءَ ، شام گيسوئن، نانگ ونگوڙي، بسيهر زلفن،

ڪمان پروئن، ڪان پنبڻين، افسوني چشمن، الماس اکين، عقيق چپن، پن گل جي ڪان نرمن، مصري ماکيءَ کان مٺن، ڏاڙهونءَ ڪڻن جهڙن ڏندن، موتيءَ جڻن جهرڪندڙن، مکڙيءَ جئن مُرڪندڙن، ڪلندي خون ڪندن قُمريءَ مثل بوليندڙ، روح رولبندڙ، خوب گفتار، ڪبڪ رفتار، نيڻن نار، قسب قرار، ڳچيءَ ڳهه، هنئين جو هار، منهنجو محبوب مطلوب - سلامت! نيسانسن پريل سلام، ڏسڪن گڏيل پيغام، عرض ۽ غرض هيءَ ته

"منجهه وچوڙي تنهنجي آهي ساهه سان سهڪو و داع،
موڪلائي تو کان اي محبوب ممڪن ڪين هوءِ!"

اگرچ هي نيازمند موڪلائڻ وقت حاضر نه ٿين سببان تمام شرمسار آهي، پر ساهه نڪرندو اُيي ڏسڻ به هن ناتوان کي نهايت دشوار آهي:

"جي نه ڪيو مون وداع عذر قبول،
ساهه کان ساهہ ٿي سگهي نه وداع."

اُميد ته بخت ۽ اقبال جي مرافقت ۽ اميدن ۽ مرادن جي موافقت سان، صحبت ۽ سلامت جي وقتن ۽ فراغت ۽ عافيت جي زمانن ۾ مقصود جي منزل ۽ مطلوب مقصد کي سگهو رسندؤ.

"جو ويو، ۽ ساهه جا سو قافلا ساٿس هليا -
جت هلي، جت هوءِ، تت سانيم سلامت تون رکينس!"

توقع ۽ طمع، ته موتي اچڻ ۽ وصال جي شرف سان مشرف ڪرڻ تائين، خدمت کان ڏور پيلن ۽ مجلس کان مهجور ٿيلن کي خاطر مڪرمت ماثر کان محو نه فرمائيندا، ۽ وقت بوقت فراق ڦٽيلن جي تسليءَ لاءِ، پنهنجي خبر خيريت اَثر هلائيندا. شال حفظ ايزدي واٽ جو بورائو ۽ همراه، ۽ لطف سرمدي رفيق خير خواه هجيوَ!

## 19 - خط عاشق شهر ۾ رهندڙ جو محبوب مسافر ڏانهن

منهنجي دل جان جو حبيب، برهه جي بيمار جو طبيب، پرت جون پنيون پڏائيندڙ، وصال جو مرهم رکائيندڙ، محبت جي مريضن کي چپن جي چاشني چکائيندڙ، دل ڦٽيلن ديوانن کي ملاقات جون معجونون کارائيندڙ، منهنجو دلدار صادق، يار موافق، هن حال جو حاذق - سلمه الله تعاليٰ!

سلامن کان پوءِ مُـفرحون خدمتون غم وڃائيندڙون، ۽ مسيح جي پساهن وانگر تحيتون ساهه بخشائيندڙون، تحفو موڪليو، عرض ڪجي ٿو تہ آزارَ فراق جي ڏينهن ۾ بحرانَ، افتراق جي زمانن ۾ - جدائيءَ جي مختلف مرضن جي حرارت ۽ وڇوڙي جي بڇڙين بيمارين جي مرارت کان - ناتوان جي جان جي تارونءَ ۽ هنئين جي قلب ۾ اهڙو ڪامل تاثير ڪيو آهي. جنهن جو وصال جي جلاب ۽ اتصال جي مني شربت ڏاران، ڪو ٻَيُ ۽ علاج ڪارگر نٿو ڏسجي، تنهنڪري، ان جي تشخيص ۾ ٻي ڪا تشريح نہ ڪريو، هميشه آه ۽ زاريءَ ۽ اضطراب ۽ بيقراريءَ سان، حضرت حڪيم مطلق جي لطف ۽ احسان جي دارالشفا مان، دُوريءَ جي ڏکن جي دوا ۽ مهجوريءَ جي مرضن کان شفا ڳوليندڙ آهي. اميد تہ حڪمت جي قانون "واذا مرضت فهُـو يشفِـين " سان، مفارقت جي مرض جو دارو، ملي، مباعدت جي رنج کان ڇوٽڪو ڪرامت فرمائيندو. تنهن ۾ عرض تہ فيض بخشيندڙ ملازمت جي زماني اچڻ تائين سدائين مزاج شريف جي چڱيلائيءَ چاٺائڻ ۽ ذات حڪمت سمات جي صحت جي خبرن پهچائڻ سان، مسرور فرمائيندا - جڏهن اخلاص ۽ اختصاص جي مادي جو تنقيو ۽ تصفيو عرض ڪرڻو هو، تڏهن زياده تصديع نہ ڏنائين.

شال هميشه هن سڪايل جي سيني جا سور - جي 'ابن سينا' جي مـَت مُنجهائين، ۽ محبت جي مفتون جا مرض - جي 'افلاطون' جو عقل اُجهائين، تو مسيح دوران، ثانيءَ لقمان جي علاج ۽ دوا سان شفاياب هجن! فقط والسلام.

## 20 - خط

محبوب منهنجا! هن فلڪ ڪجرفتار، مڪار، غدار جي رنگ برنگائيءَ ۽ بيوفائيءَ جو عجب تئي ٿو، جو ڪنهن دور ۾ ڪنهن سان هڪ دم بہ هڪ جهڙو ڪين رهي ٿو! يا تہ اهو وقت هو، جو مرواريد جي داڻن وانگر، خوشيءَ ۽ خرميءَ جي سِپ ۾ هيڪاندا هئاسون، ۽ ٻن جاڙن ٻائرن وانگر ٻي غميءَ جي پينگهي ۾ گڏ تي ويناسون، يا تہ اوچتو فراق جو ڪندو جگر ۾ چُـڀيو ۽ ٽيڙن وانگر هڪ ٻئي کان جدا تي وياسون! جنهن هجر جي لذت ڪڏهن زبان تي نہ آئي، تنهن جان جي دشمن پڌري صورت پسائي. وڇوڙي جا ڏينهن آيا، ڪ ساهہ تي بلائن جا سينهہ آيا، هردم زبان تي اهو مذڪور آهي تہ يا "الاهي، هيءَ ڪا بيماري ڪ ناسور آهي؟ سيني ۾ سَلَ ڪير ڪدي ٿو،

ههڙي زور سان گردن ڪير وڌي ٿو؟ ظاهر ۾ تراڙ آهي نہ خنجر آهي، نہ زخم آهي نہ سندس اثر آهي، جنهن ڪي ڪو مرهم لڳائجي، ڪ ڪنهن حاذق کان پٽي ٻڌائجي، نہ بيماري ثابت ٿئي ٿي، جا ڪنهن حڪيم کي سڏائجي ۽ ان کان پُڇجي دوا کائجي، نہ پريءَ جو گذر آهي نہ جن جو اثر آهي! ڪهڙو پردو پئجي ويو، جو عقل فهم کَسجي ويو؟ پروڙ نہ ٿي پوي تہ ڏينهن آهي يا رات آهي، سانجهي آهي يا پرڀات آهي، نہ بک ٿي پائجي، نہ اڃ ٿي ڄاڻجي، نہ کائڻ پيئڻ کي ٿو سڃاڻجي، نہ پنهنجي پرائي جو سماءُ آهي، نہ ڪنهن مان لاءُ ساءُ آهي: نہ جئڻ جي خوشي نہ مرڻ غم جو آهي، رڳ جهڙي بدن کي ميڻ جو پُتلو پروڙجي ٿو - ڪهڙو جو ستم آهي! غرض تہ اهڙيءَ بلا ۾ مبتلا آهيان، جنهن مان نڪرڻ مشڪل، ۽ اهڙي ء آفت جي گهُمري ۾ پيو وڃان، جنهن مان ورڻ مشڪل! پنهنجي ڏينهن کي روئٽو آهي، ۽ اڪين جي رت سان منهن ڌوئٽو آهي، جيءُ پچي ٿو ۽ وصال جي وقتن جو عوض نظر اچي ٿو - اڳي ڪڏهن اهڙي لاڳ نامعلوم، بدن جلي ٿو ۽ آڳ نامعلوم!

تنهن ۾، جي قتيل قلب کي ۽ جدا ٿيل جسم ۽ جان کي سلام يا پيغام سان راحت ۽ جمعيت بخشيندا، تہ اوهان کي اسان آهي ۽ نسورو احسان آهي، ۽ جي هن اکين کي جمال جي نور سان ٺاريندا ۽ دل کي وصال جي سرور سان سينگاريندا، تہ اوهان جي شفقت جي شان سان شايان آهي ۽ مون وَسان ويل لاءِ عقل ۽ ڏيان آهي.

"وري وصل جو مانَ وارو ڪڏهن،
وَرهيو ورہ جا هي ٿين من تمام!
اچي پاڻهي منهنجو پيهي پرين،
تہ سڀ مَن مرادون پُنيون - والسَلام!"

# جواب

دعا ۽ سلام - صبح جي سرهيءَ هير وانگر دوستن جي سيني بي ڪيني تان غم جو غبار وڃائيندڙ ۽ محبن جي دل، اخلاص منزل، اندوه کان مڪڙيءَ مثل ٻوٽيل، کي گل جي طرح کُلائيندڙ - سچن يارن جي مجلس جو تحفو ڪريو. محبت جي عهدن کي تازگي ٿي ڏجي. ۽ ان صفا ۽ وفاداريءَ جي روشن فڪر تي ظاهر ٿو ڪجي تہ ڪلام مبارڪ پيام ۽ پيام سعادت انجام، يعني خط سڳورو اوهان جو، چڱي وقت ۾ رسيو:

"گلزار ساهه جي کي تازو اچي ڪيائين،
دل اهل شوق جي ۾ ٿيو ذوق ري نهايت."

ان جي اشارتن تي واقف ٿيڻ ۽ عبارتن ۾ تامل ڪرڻ بعد، اوهان جي فڪر انور تي مصور ڪجي ٿو تہ اگرچ مدت مديد ۽ عهد بعيد، سلامن ۽ پيامن ذاران گذري ويو، جنهن ۾ ضروري دُوري شوق جي اک جو حجابُ ٿي پيو- پر

"جڏهن دل منهنجي تو وٽ آهي هردم،
تڏهن تو ڪان پري تن ٿيو، تہ ڇا غم؟"

يقين ڄاڻندا تہ صورت جي جدائيءَ جو پردو، معنوي مشاهدن جي خلوتن ڇپائڻ جو سبب بلڪل نہ ٿيو. ڪا ساعت نہ آئي، جنهن ۾ حال جي زبانَ هي نُڪتو ادا نہ ڪيو:

"منهنجو تو سان جڏهن محبت ڪان،
ٿيو مُيسر وصال روحاني،
ناه اندوه جي ٿيو پاسي،
وقت ڪو اتصال جسماني."

انهيءَ سببان، ظاهري دعا ۽ سلام ۽ خط ۽ پيغام جو بہ اهتمام نہ ٿي سگهيو، تنهن ڪي ويسر يا گيسر تي حملو نہ ڪندا، ۽ بيان ڪيل عذر قبول رکندا - فقط.

## 21 - خط

آزار فراق جي زماني جي ڏاڍائيءَ، ۽ بيماريءَ اشتياق جي ڏينهن ۽ راتين جي ڏکهائيءَ، جو ذڪر ڪجي تہ نوح جي عمر گهرجي، ڪيئن لکان تہ 'هيئن يا ههڙا حال اٿم؟' جو هردم دل جي زبان جو ورد هيءَ مقال اٿم:

"سگهو سفر ڪان سلامت اُو سرو - ناز اچي،
مثال سروَ ملي عمر اُن دراز، اچي."

اُميد تہ مدعا موجب اها دعا اثر ڪندي، ۽ وجہ مرغوب تي ان مطلوب جي اچڻ سان دل راحت کي رسندي.

"سگهو محبوب اچ موٽي، مون ڪي ماري تي تنهائي،
جدائي صبر ڪي ساڙي، اُڏائي تي شڪيبائي.

جو نوازش نامو، آسري جي آڳرين ۾ آئي - تان صورت نٿو ٻڌي. ۽ جيترو ڪيترو شوق ۽ سڪ ۽ هنئين جي ڇڪ ڪان، اُميد جي اک ڇوپاسي اُپٽي ٿو، تہ واءُ ۽ واچوڙي جي وسيلي سان ڪڏهن هي جسم اڏامي دوستن جي منزل ۾ وڃي پوي - تان وقوف ۾ نٿو اچي!

غرض تہ "اَلغريق يتعلق بڪُل حشيش" موجب جن ڪي لفافي ۽ ڪاغذ ۾ ويڙهي رکيو اٿس - ڪنهن قاصد انهيءَ طرف تي منهن نہ رکيو. جنهن ڪي اتحاد جو صحيفو نہ ڏنائين، بلڪ ڪنهن پکيءَ انهيءَ پاسي سامهون ٿي پرواز جي بال نہ کولي. جنهن سين وداد جو ڪتاب همراه نہ ڪيائين:

"ناهہ پکڙانـدي پکـيءَ، جـا منهنجـي خـط کـان رنـج نـاهـہ،
خط ٻَڌم پنبڻن ۾، جي ڪنهن جون اُڏائيون تـي اکيـون."

مگر قسمت جي ياري ۽ طالع جي مددگاري، جو اغيـار جمال مبارڪ سان پُرنور ۽ آءٌ محروم ۽ مهجور! بيشڪ مزاج عاليءَ جو رنگ برنگ ٿيڻ- جو نازڪ طبع سان لازم آهي -- ٻي ڳالهہ آهي، ۽ هيءُ ڪو ٻيو دستور.

"صبـا ! سـاري سـڄڻ کـي منهنجـو هـي پيغـام پهچـائج:
چڱو ٿئي ڪين ري چيڻ اوهان جي، منهنجو هي قَـچ قَـٿ.
هنيون حيرت هنيـم هَـي هَـي پـروڙڻ کـان پـري ٿيـو پنـڌ-
اگهُـرندن سين گهٽي الفت. گهٽو گهُـرندن کان تين منهن مٿ!
ورهيـہ گذريـام ورهـن ۾ مُـڪو تـو ڪـو نـہ پـي پيغـام،
خدا ڄاڻي تـہ انهيءَ بي چتـائيءَ هَـي ڪيـو چِـت چَـٿ!
نـہ ڄاتـان ڪيـڏ کهـڙيءَ سـين ڪيـو تـو جمـع ضـدن جـو:
وفـا ۽ بيوفـائيءَ ۾ ملـي ڪـو تنهنجـو مشـڪل مَـٿ!"

انهيءَ فراموشڪاريءَ کان ايترو آزار پيدا ٿيو، جو هاڻ ڪنهن دم جيئڻ جي آرزو ڪا نہ رکان ٿو. مگر سخت جانيءَ کان سخت لاچار رهان ٿو:

"ڪـهو تنهـن کـي آرام بخشـي جئـڻ،
فرامـوش محبـوب جنهـن کـي ڪـري؟"

تنهن ۾، اُميد تہ ائيندي اُن جي برخلاف -- جو چوندا آهن تہ 'جو اکين کان ڏور، سو دل کان دور' -- ڪيل وعدي کي ياد رکي، مشتاقن جي پاسخاطر فرمائيندا ۽ پريشان دل کي آرام بخشيندا.

”سڙيو سـَـڌ ۾ منهنجـو وجـي سـاهه - ووءِ!
ڪــڏهن ســاڻ پيغــامَ دل شــاد ڪــر.
نــذر تــي نــوازش جــا تــو ٻــول ڪيــا،
اهــي قــول پنهنجــا ســچڻ يــاد ڪــر!“

## جواب

اوهان جو خط، ياد نہ آڻڻ جي شڪايت ۾ رسيو. سو، اوهان جي يادگيري هميشه دل ۾ آهي، ٻئي پاسي ڪا نہ ويئي، جنهن جو آڻڻ درڪار ٿئي. ڳالهين جي ملوڪن ۽ چاپلوسيءَ جي چالاڪن جي روش پسند نہ رکيم، تڏهن گمان ٿئان تہ وسارڻ ڪَيَم- تنهن ۾ جي پروڙ اچي اتي اپيني، تہ خدا حافظ والسلام!

## 26 - خط

مهجوريءَ جي ڏينهن کان التفات جي نورن نہ نازل ٿيڻ، يعني نوازش نامي جي نہ رسڻ ڪري، دل مُتردد ۽ پريشان آهي. باوجود وعدن جي، عنايت عاليءَ کان پري پوڻ جو سبب، عملن جي شامتن يا حاسدن جي حرڪتن سوا ٻيو ڇا چئبو؟

”توڙــي بخشــايش جــو لائــق ناهيــان،
ڪيــم ڏس تــون مــون ڏي ۽ ڏس پــاڻ ڏي!“

جيڪڏهن ان خجالت جي رحمت، رحمت سان وجائيندؤ، تہ اوهان جي چڱن اخلاقن کان ڇا دور، ۽ ڪنهن ڪي عنايت سان قبوليندؤ، تہ شفقت جي شان ۾ ڪهڙو قصور؟

ڪوئي ڏي ڏيندڙ نہ اٿم ۽ خاطر جي ڳنڍين ۾ ڳنڍين پيـَـلن جو کوليندڙ نہ اٿم: جي هٿ وننڌؤ تہ فهُوالمُراد، نا تہ حال برباد! فقط.

## جواب

جا مدعا ڪمال شوق ۽ نهايت بيقراريءَ سان اوهان قلم کان خط کي سُپاري، سا معلوم ٿي تہ زباني عبارت جي بازار ۾، معنائن جا جواهر آندوَ ۽ جيڪا خط ۽ پيغام نہ رسڻ ڪري اوهان تمام افسردگي ڏيکاري، سا تہ ناآزمودگاريءِ ۽ ڪچائيءِ جي علامت اَٿوَ. ڪيئن تا ڄاڻو - خطن ۽ پيغامن مان غرض محض خبرون پهچائڻيون آهن، يا دل کي آرام ڏيڻو ۽ پريشانيءِ کي ٽارڻو؟

متي "مشتاق" سورن کي جذهن سوڙهه،
تذهن توتي دعا ڪُسندي کيائين!"

## جواب

الحمدلله، جو سر سلامت سان اتوَ ۾ جسم عافيت سان - اکين سان ڏسڻ ۾ ڪنن سان سڻڻ ۾ پيرن سان هلڻ ۾ هٿن سان هاجن ڪرڻ ۾ نڪو اَهک اتوَ نڪو نقصان، هنئين مُچيت، قلب قويءَ، دل هٿيڪيءَ، خيال پوُري، عقل ڪامل سان اوهان کي ههڙا مضمون گهَڙڻ آسان!

انصاف ڪريو تہ مون ڇا ڪيو- اوهان جو سڀ اوهان وٽ، مون ڇا نيو، جو مون کي ظالم بنايو تا، ڳليءَ ڳليءَ ڳايو تا؟ واه عقل، واه فضيلت، واه چڱي عادت ۽ خاصي خصلت! مفت ڪنهن کي بد نہ پريو، ڪو ڏيان بہ ڏريو! نڪا چوري ڪيم، نڪو ڪاٺ هنيم، نڪي نيُم، نڪي ڪنيُم- اوهان جي دل راضي رکيم، سا شايد خطا ڪيم: اوهان جي دوستي قبوليم، سا هن بدناميءَ جو سبب ٿيم- جيڪر اصلي ائين نہ ڪريان ها، تہ پاڻ تي هيءُ آزار بہ نہ ڏريان ها! خير اڳي ڪين سمجهيو هوم، هاڻي سمجهندس، اهڙيءَ آفت جي ڦاهيءَ ۾ پاڻ نہ وجهندس! فقط والسلام.

## 28 - خط منظوم

غيرت ۽ عتاب ۽ ڪوڙي خواب جي بابت

منٿي محبوب کي ساري سپيئي،
وجي ڪو ڏئي نياپا منهنجا نيئي.
وڏيءَ ويٺت، گهڻيءَ نوڙت نيازيءَ،
نمائي ڪندڇئي سان عجز آزيءَ:
تہ اي دلدار، دلبر، يار جاني!
ملي مشڪل ڪو تنهنجي سونهن ثاني-
پيَلارا، بخشَ وارا، پيَ پيارا،
نگارا، گلعذارا، جيءَ جيارا!
چمن- مک، چشم نرگس، سرو قامت!
- ڪئي قدَ تنهنجي ڪُنلن تي قيامت!

ملاحت تنهنجي، اي صاحب صباحت!
ڪئي دل آب، ويئي روح راحت!
نپايو ناز کي تو ناز پرور،
سکيا سهڻا تو کان انداز اڪثر.
عجب جا خاصيت منجهه ناز تنهنجي،
ليي هرگز نه سا منجهه ناز ڪنهن جي:
تنهنجو ايءُ ناز ماري پڻ جياري،
ڪڏهن اُج ڏئي، ڪڏهن ڍَو تي پياري!
هجيئي شال ويرا وير وڌ ناز،
نه هرگز هوءِ تنهنجي نازَ انداز!
سلامن بعد، سهڻا دوست دمساز!
عرض عاجز سندو سُڻ، هوت همراز!
نيازي منهنجي ڪرماً تون قبولج،
خدا ڪارڻ، مَ تنهن کي تون عنْد ولج!
وسيلو آئيان ڪهڙو وٺئي؟
پرين ، پرچائيان تو کي ڇا ڏيئي؟
سڄڻ، تو وٽ ڪا ڪنهن شي جي ڪمي آه؟
ڳنا نعمت ۽ دولت بي غمي آه—
وٺان تو، حُسن کي حاصل بهاري،
سبب تو سُونهن آهي فخر واري!
مَنل! تنهنجو ڍَيو مُنهن گلعذاري،
ڪيو سر سبز طالع، ڪامگاري.
بچايو ربَ چمن تنهنجو کان افت،
ذقن جي صوف کي ڏنئين لطافت.
جڳائي تاج محبوبيءِ جو ء تخت
تو کي- روشن ڪيو تو حُسن جو بخت!
نه مون مسڪين وٽ هڙ ۾، نه هج ۾
اها شي جا جڳائي تنهنجي گنج ۾—
مگر سيني ۾ دل سوزش کان بريان،
جدائيءِ جل کان اک خونبار گريان،

روئڻ بيتاب سڀ خون ناب، رخ زرد،
گريبان چاڪ، سرُ سر خاڪ، دم سرد.
سڄو ڏينهن اَشڪَباري، بيقراري،
سراسر رات جو اختر شماري:
گذارڻ ڏينهن، بيتابيءَ جي حالت!
وهائڻ رات بيخوابي جي حالت
- اهو ۽ مثل ان، مون وٽ مڏي مال-
سُنهي مون سان، نہ لائق تو سان ايءُ حال.
مگر جي ايءَ پسي صورتَ سَقيمي،
- ضعيفي، بيڪسي، غربت، يتيمي-
ڪرين ڪا ٻاجهہ، سڏ سائل سڻين تون،
جو سرِ سُنت سَجي، تنهن کي ڏٽين تون،
تہ تنهن کان آهہ اعلىٰ تنهنجو احسان،
نہ ٿيندو ان سبب منجهہ شانَ نقصان!
ڪرين جيڪي سيئي ڪج، هجر ڪج ڪيم،
پين جي ڏوهہ ۾ مون کان رُسج ڪيم!
نہ ڪنهن ڏکَ سورَ منهنجو ماريو من:
ڏئين دل ڏارين، تنهن ڳاريو تَن!
- محبت مان جنهين جي نيٺ محنت،
وفا جي ڪَلَ اتن ۽ مغز فتنت!-
ارادو هو جَڪس تو کي اڳي ائين،
تہ ساڙيان جانِ هِن جي ڪنهن طرح، ڪيئن؟
جدائيءَ جو تَنهين لئہ پهہ پيو تو:
ارادو پانهنجو پورو ڪيو تو!
ڪٿي جي رسم هيءَ، جا هٿ ڪئي تو؟
لُٽي ڌلڙي، ور اک ناڪنئي تو.
نہ مون معلوم آهي ماهيت ايءَ،
تہ توسين آهہ ڪهڙي خاصيت هيءَ؟
سڄي عالمَ منجهان دل هيءَ هنئي تو،
بَڌي ڪنهن قيد ۾ قابو ڪئي تو!

نہ ڪنهن بئي حُسن منهنجو جيءُ جهيو،
نہ ڪنهن جي ناز مون کان داءُ ڪنيو!
خبر ناهي پَرَدس منجهہ ٻانُ ڪهڙي؟
سبب ڇا، جيئَن تيس، هيئَن حال هيڙي؟
- ڪ مُرڪَڻ سانُ تنهنجي، موهيو من،
- ڪ نيڻن جي نظر تابع ڪيو تن.
- ڪ دل، رخسار جي تابش ڪي بيتاب،
ڪري تيئن ڇاهَ غبغب جي ۾، جيئَن آب!
- ڪ زلفن ظلم سان ٻانهون ٻَڌايو،
- ڪ اَبرن تيغ زهريء سين تڇايو.
- ڪ مژگانن هنيس ڪانن متي ڪانَ،
ڇتي ڪيو ڇُور ڇيڻن منجهہ ميدان.
- ڪ ان خنجر - نگہ کان دل فگار آه،
گريبان سينئن دامن تار تار آه!
عجب! تو ڪي ڪي آهن ياد اندازَ-
'ڪيم دل ڇور هڪ'- تيغ نگہ ناز؟
عجب! مون ڪانُ تو وتُ ڪو جو اقرار،
ڪيو جنهن سانُ تو مون ڪي گرفتار؟
پکي، جنهن جا پَڳئي پکڙانديون، پَڪَ،
اُنهيءَ جي تي متئي واجب ڪرڻ رڪَ،
نہ پڪَ پجهن، ڇڏڻ جي هوءِ منظور:
پَجي پَڪ، پوءِ ڇڏڻ جو ناه دستور!
لڳا جي پاند، تن ڪي لوڏئين ٿو،
متي اَيرن سَبر، سهٽا، ٿئين ٿو؟
ويل وس کان متي گس تنهنجا گهايل،
ڪري آسي اکين وينا سَکايل!
برابر سال، جي گذرين ساعت،
وجاين انتظاريء استطاعت!
خوشي ڪَسيَن، جگر تي کو پيَن جوش-
نہ دل طاقت، نہ تن قوت، نہ سر هوش!

دلاسو دوست! تن کي کو نہ ڏنئي،
نماڻن ساڻ نـاتو ڇا کان ڇنئي؟
- ڪ تو کي سُڌ ان آزار جي ناهہ؟
- ڪ دل ۾ ڳالهہ هن بيمار جي ناهہ؟
- ڪ ڍبَ هن درد جي جو تو پرو ناهہ؟
- ڪ ڪنهن تي ڪهل جو توکي ذرو ناهہ؟
تيڻ تو کي نہ گهرجي بيخبر هيئن،
خبر لهہ، هيءُ تيو مون تي حشر ڪيئن؟
سکڻ تنهنجي، عجب جا ڪئي ڪرامت،
قيامَان منهند مون تي تي قيامت!
"يفرُالمرءُ "جا پيدا سيئي پار:
ڪيو مون کي عزيزن پڻ ڏکي ڏار!
پڄي پائر تيا سڀ يار بيزار،
ڪري جهل پل پيا اندوه اغيار!
تئي ڪيئن عشقَ اُن کان رستگاري،
پَدي جنهن پَنڌ 'ذوالقرنين' واري؟
ملامت پاڻ تي مَيچ کي ڏئيندڙ،
سا ناري ڪيئن، جا تي جهوڪ ڏيندڙ؟
سکڻ تنهنجي مون کي سيکاريو جو،
نہ ڪنهن ڏاهي سو گس ڏيکاريو هو؟
سکڻ مان منهنجي نابودي تي نروار،
سکڻ مان مون تي ننگ ناموس تيا عار.
سکڻ مان مون کي سيئي تيا فراموش-
مگر تنهنجي ملڻ لئہ جي اندر جوش.
سکڻ مان مون سَري اُميدواري-
سوا وعدي اچڻ جي انتظاري.
سوا وعدي نهاري کو نہ بلڪل،
ڏيئي وعدو وساري کو نہ بلڪل:
سوا وعدي عجب منهنجو نهارڻ،
عجب وعدي پنيءَ تنهنجو وسارڻ!

هـُـئي، هــَــيهات! راتوكــي عجــب رات،
جنهيـــن ۾ صبـــح ســين وائـــي هيـــم وات-
نـــ دل تـــان درد گهــٽ، تـــن تـــاب نـــاهي،
نـــ ايـــري صبـــح، اکيـــن خـــواب نـــاهي!
وڇـــوڙي مـــان ســجاتم وصـــل جـــو شـــان،
کنـدا دل ۾ چـُـــين، گـُــل- نـــاه ارمـــان!
چڱـا، جـي مـَـحو ٿيـا پهريـن ڏسـڻ سـاڻ،
وڇوڙي وصل جـــي کـــديئون نـــ کـا کـاڻ.
نـ کيـو گهـُـرجي وچـانَ وچُ، دوسـت، هـاڻي،
وَســـان وييـــام دل هـــيءَ رب ڄـــاڻي!
زيـــاده حـــد کـــان گـــذري جدائـــي،
کـرم کـر، حـال پـَـسُ هـيءَ هيکلائـي!
مـرڻ مـون کـي تنهنجـي غـم ۾ سـزاوار-
نـــ هيئـــن لائـــق ٿيـــڻ تـــو کـــي ســتمگار!
مـــري هنپـــر ســـکايل تـــو ســـندو جـــي،
تـــ تنهـــن جـــو خـــون پـــوءِ تحقيـــق توتـــي.
مـرڻ ڏينهـن پـڻ نـــ مـون کـي ورهـ وينـدو،
منـُــهان پـوءِ، دوسـت کنهـن سـانَ دل گـڏيندو؟
ٿيـــن هـــن حـــال جـــي پـــورا پـــسه مـــون،
قبـــر تـــان کيـــم کـــي پيـــرو پـجـــج تـــون-
اتـــم جئـــري اچـــڻ جئـــن تنهنجـــو مطلـــوب،
مـرڻ کـان پـوءِ پـڻ تئـن مـون کـي مرغـوب:
خـدا ڄـاڻي تـــ ڄـڻ پونـدي نئيـن جـانَ،
جـــو ايـنديـــن قبـــر تـــي اي جـــان جانـــان!
مـُــدامي مـــون ســندو وٽ تـــو عـــرض آه،
ملـڻ جـي سـڪ سـوا مـون بيـو مـرض نـاه:
دوا ديـــدار جـــي مـــون لاءِ کـــافي،
شـفا هـٿ حـَـق جـي، اُو آهـ شـافي!
پسـي طـُـومار سـڪ جـي جـي طوالـت،
م َ کـج "مشـتاق "کـان موتـي ملالـت.

- پيو هي شوق پلتي، تنگ ٿيو ظرف،
قصو کوتاه، بس سڻ هيڪڙو حرف:
نہ اڄ هٿ تنهنجي دامن ۾ جي پوندم،
حشر ۾ هٿ تنهنجي دامن ۾ هوندم!
هميشه آهيان تنهنجو دعاگوئي،
ملڻ جو مون پرين پڻ مدعا جوئي.
وڏي دلِ عشق جي دريا ۾ مون آه،
ٻَڌي سندرو "توکلت علي الله"-
وٺيئي وصل جو هٿ ڏيئي تارينم،
ڪ لا غرضيءَ جي لَتَ سان ٻوڙي مارينم!
هجين سهٹا سڄڻ سائين سلامت:
سلامت ٻا ڪرامت تا قيامت!

# فصل ڇهون

## گهٽي درد نہ ٿولڻ ۽ محبوبن جي رضا ڳولڻ جي خطن ۾

ڪڏهن هئن آهي، جو نازنين جي نازڪ مزاجيءَ جي سبب، ڪنهن طومار طويل يا حال جي تفصيل ڪي بي ادبي ڄاڻيو. محبوب جي رضا ڪي مقدم رکيو، تمام ٿوري مطلب تي عاشق رضا ظاهر ڪري ٿو. ان ڪي بہ لطف کان خالي نہ سمجهي، ڪي سندس نمونا ڏيکارجن ٿا:

## خط - 29

جڏهن رضا جي مقام ۾ آرام ونڻ، دوستن محبت ڪيشن جو شيوو ۽ مجڻ جي اڏيءَ تي مٿو رکڻ، دل - ريشن درويشن جي رسم آهي، تڏهن جيتوڻيڪ ان محبوب نازنين، وصال جي ڌاڳي ڇنڻ وقت، انهيءَ آزار آپار جي بلا ۾ گرفتار ٿيڻ جي هن دل- حزين کي آگاهي نہ ڏني، تان بہ هن صورت ۾- جو نااُميديءَ تي اُميد غالب آهي - اُن کي اوهان جي چڱي فڪر ۽ خالص خير کان سمجهيو ويو، ڇا ڪان جو بلا جي ڊپ ۾ اوجهرڻ ڪان، انهيءَ بلا ۾ هجڻ ڀلو آهي - ۽ ائين بہ چيو سگهجي ٿو تہ افسوس جي گهٽائي ۽ حسرت جي ڏاڍائي ڪرڻ، ان جو سبب هوندو:

"قاتل ڪُهڻ جي ساعت اکيون ٻئي ٻـَڌيم،
تان دل ۾ مـُنهنجي پل غم ديدار جو رهـي!"

غرض تہ دل اخلاص پاليل بهرحال اوهان جي رضا ڳوليندڙ آهي.

"آءُ رحمت ظلم تي راضي ٿيس دل جان ڪان،
مون مڙئي مقصد ڇڏيا، تنهنجو ٿئي مقصد تمام."

اُميد تہ ڪڏهن قلم جي لطف سان نوازش فرمائيندا- جو ان ڪي پنهنجي خالص نيت جو نتيجو ڄاڻان ٿو- زياده نياز والسلام.

## خط - 30

ڪيترا نياز ناما هَلايم - الحمدلله، جو ان جي جواب ۾ اڄ سلام آيا! غنيمت سمجهي شڪر گذاري ڪيم، ۽ شڪايت جي حڪايت سان زبان نہ کوليم- ڇا ڪان، جو اوهان سين دعويٰ عجز ۽ نيازيءَ جي آهي، نہ سخن سازيءَ جي، نہ فُقري بازيءَ جي.

خط نہ اچڻ ڪان جيءَ جو پَچڻ، ۽ جواب نہ سَرڻ ڪان ڳڻتين ۾ ڳرڻ، ۽ اڳوڻيءَ مهربانيءَ ۽ لاڳيتيءَ صحبت جي حال جو خيال ڪرڻ، ۽ هينئر هيڪلائيءَ ۾ افسوس ڪائي حيرت جي گريبان تي هٿ ڌرڻ، ۽ غمن ڪان فراغ هئل دماغ آرام ڪان خالي ٿيڻ، ۽ مرڻ ڪان بدتر حياتيءَ ۾ جئڻ- جيڪر مفصل لکان، پر نازڪ مزاج جي ملالت جو خوف ٿو رکان! فقط والسلام.

## خط - 31

دلي سوزش، جي قلم ڪي سپاريم تہ ڄڻڪ خط ڪي آتشبازيءَ جو ڪاغذ ڪيم! لاچار دل ۾ ڌريم، جو "آتش، آتشدان ۾ ڀَلي."

ملازمت ڪان محروميءَ ۽ خدمت ڪان دوريءَ جي حسرت جا وقوع ۾ آئي، سا سراسر آسمان جي ڪج رفتاريءَ ڪان نصيب جي نارسائي آهي! واڌو نٿو لکان: جهڙو سُور، تهڙو دل ۾ ٿو رکان.

نازڪ بدن، جو واءُ صبا ڪان ڏڪوئجي-
پَنَ گُلَ جي مثل جلد هوا ڪان ڏڪوئجي-
اُن جي قدم چمڻ جو ملي مَپُ ڪتان، جو او،
پيرن جي خاڪ بوس گدا ڪان ڏڪوئجي؟"

## 32 - خط

صلح جا وچوڻ به ويا، جي رنلن کي پرچائين، حق چوندڙ هليا، جي ونگيءَ واٽ واري کي سمجهائين! پروڙيم ته ڪن خط ئن جي سزا لوڙيم ۽ مناسب خدمت ڪا نه جوڙيم!

رات جو نکتن ڏي نهاريو، خيال تو ڪجي ته 'هن وقت مان اوهان جو به ڏانهن نظر هجي، ۽ اهي اسان جي نظرن گڏجڻ جو هنڌ هون'- ۽ دولت خاني جي دروازي ڏي ته گهڻد ۽ گهور جي دربان سبب پير نتا پون!

"منجهه گهٽيءَ تنهنجي ملي واٽ نه مون رسوا ڪي،
مرتبا جيڪي اچان، سي سي پشيمان ٿيان!"

## فصل ستون

آزارن کان آزرد ٿيڻ ۽ محبوب کي خار ڏيڻ جي خطن ۾

مخفي نه رهي ته عشق جي خاصيتن ۽ پلاٽين مان آهي، جو ضعيف کي قوي ڪري ۽ قويءَ ضعيف، ۽ هيڻي کي بهادر ۽ بخيل جي تريءَ کي سخي، ۽ ذڪيءَ جي ذهن کي غبي ۽ غبيءَ جي ذهن کي صاف، ۽ گونگي کي بوليار ۽ لڙيل کي ڪڙو، ۽ پيل کي ايو. ايڏيءَ بزرگيءَ وارو آهي، جنهن وٽ بادشاهن جي عزت ذلت سان منجي، ۽ پهلوانن جو دبدبو هٽيائيءَ سان - اهو ادب ڏي سڏيندڙ آهي، ۽ عقلن ذهنن جو پهريون دروازي کي کوليندڙ: سنهن سنهن حيلن ۽ نڪتن جا ور سر سمجهائيندڙ. حيلي سازن جي ڪجهه حالت پروڙائيندڙ. همتن جي استراحت جي انتها آهي، ۽ موچارن اخلاقن جي ابتدا. سندس مجلسي سوپارو، ۽ صحبتي ورونهه وارو. سدائين سندس موچاري عبارت ۽ سلوٽي اشارت ۽ عمدي عدت، ۽ حال لڪائڻ ۽ پرهيز ڪرڻ ۽ صبر جهلڻ سببان، چڱي عبادت، بلڪ سبب شهدت ۽ سعادت. مگر ڪنهن کي سڏن سان ڪين سري، ۽ خشڪ ۽ خالي قلب ۾ - جنهن ۾ ڪوئي فهم نه هجي - جاءِ نه ڪري: سوڙو رستو سندس بيابان آهي، ۽ ميناج سندس تلخي، ۽ ٿڏائي سندس گرمي، ۽ ڏينهن سندس وڏو جڳ. اول سندس آسان، ۽ نهايت جنون جو سبي سامان تعريف سندس نامم‍ڪن ۽ وصف سندس محال: جو چکي سو سڃاڻي، بيو بيگانو ڇا ڄاڻي؟ عاشق صادق منجهانس نه ورچي - جيئن ته "ديوان الصبابة" ۾ ابوالنجاب کان نقل تو لکي ته "هڪڙو جوان، جسم جو ڏبرو، تمام ضعيف اپرو،

طواف ۾ ڏنم، زاري ڪيائين تي ۽ هيءَ دعا گهُـريائين تي تہ اها آرزو اٿم تہ عشق سڀ جمع ٿي منهنجي قلب ۾ پوي، ۽ سينو چيرجي رهي، پوءِ نہ عشق منهنجي قلب مان نڪري، نہ سندس لذت فرحت ڍري - تان تہ عمر پورائي ڪري! ابوالنجاب چيس تہ "هن ماڳ جي تعظيم تو کي هن ڪلام کان نٿي جهلي ڇا؟" چيائين تہ بيشڪ، پر جڏهن عشقَ منهنجو قلب پريو، تڏهن اها تمنا ڪيم! الله تعاليٰ جو قسم، تہ ان وانگر مون کي بادشاهيءَ بہ خوش نہ ڪيو، ۽ دعا پنان تو تہ ساري ڄمار الله تعاليٰ منهنجي پاسي نہ جاءِ ڏئيس، اُتي سندس پروڙ هجيم يا نہ - اها دعا اٿم ۽ ان لاءِ هن ماڳ جو قصد ڪيم، ۽ انهيءَ ۾ رغبت رکيم تہ انهيءَ عطا مان، جا الله تعاليٰ ساريءَ خلق تي فرمائي تو، آءٌ بہ مراد لهندس!"

الحاصل تہ هڪڙن جي اها حالت آهي، "الجنون فنون" موجب بين کي وڃ چمڪي جيترو وقت، ڪڏهن ظاهر ۾ ملامت بہ آهي - سو اتي جو اتي شوق جي حڪايت ڪندو، وري ان جي شڪايت، ۽ پاڻ لاءِ شفا گهرندو، وري جفا! هڪ حال تي نہ رهندو، ٿنهي زمانن مان ڪنهن ۾ فرق نہ ڪندو: يا تہ محبوب وٽ زاري هونديس يا تہ ان کان بيزاري، يا تہ ڳڻن ڳائڻ ۾ هوندو يا تہ عيب لڳائڻ ۾، يا شڪر گذاريءَ ۾ يا تہ احسانن جي انڪاريءَ ۾، يا تہ پنهنجي عاجزيءَ ۽ بيوسائيءَ ۾ يا تہ محبوب کان بيپرواهيءَ ۾! غرض تہ سيڪنهن صورت ۾ - توڙي عجز ۽ نابوديءَ ۾ ايندو، يا ڪا بہ محبوب کي خار ڏياريندو تہ - عذر وارو ڇٽبو، بلڪ بيءِ صورت ۾ پاڻان وڌيڪ قابو سمجهبو، ڇا کان، جو اها ڇـر ڦـر بي اختياري اضطراري اٿس، نہ وس واري.

حضرت فُضيـل بن عياض (رضي الله عنه) فرمائيندو هو تہ "جيڪر الله تعاليٰ قبول پيل دعا مون کي بخشي ها، تہ هوند رڳي عاشقن لاءِ مـره گهُـران ها، ڇا کان جو انهن جي ڇر ڦر اضطراري آهي، نہ اختياري". ۽ ابو سائل مخزومي (رضي الله عنه کي ڪن ڏٺو تہ ڪعبي شريف جي پـڙ ۾ ڇهتو هو، ۽ هئن ٿي چيائين: "خدايا! عاشقن تي رحمت ڪر، ۽ ان جي قلبن کي قوت ڏي، ۽ معشوقن جا قلب مٿن مهربان ڪر". تڏهن پڇيائونس تہ "هي ڇا!" جواب ڏنائين تہ "الله تعالي جو قسم! انهن لاءِ دعا انهيءَ عـُمري، کان بہ زور پلي آهي، جو جعرانة کان هجي!"

جڏهن اهڙيءَ حالت جو آئينو ڏيکارڻ بہ مناسب هو، تڏهن ان جو نمونو بہ لکجي ٿو.

"جـو جڳـائي ڳـُـــجهہ لڪـل پـردن انـدر،
سورُ منَــجهيون، تنهن کي ظاهر تـو ڪـري."

ڪو دم مٿو هٿ تـي رکـان ٿـو، ڪنهن وقت هٿ مٿـي تـي. اجا بہ ڳُجهہ تي ڪجهہ پردو آهي: جي ايندؤ، تہ پردي تي پردو وڌائيندؤ. جي نہ، تہ مون لاءِ رسوائي ۽ ناڪامي ۽ اوهان لاءِ(نہ ڪري خدا) بدنامي! فقط.

## جواب

دوستن جو پيارو - سلامت!

بعد سلامن جي، مطلب تہ صدق ۽ وداد جي صورت ۽ موچاري اتحاد جي صفت - هن مخلص جي خاطر ۾ لڪل - جي معلوميت سان بہ، بار بار ان جي صورت ۽ معنيٰ جي بيان جي تڪرار ڪرائڻ مان، سر کپائڻ، سوا کهڙو نفعو، ۽ مغز کائڻ ڌرن کهڙو سود ۽ بهبود؟ دوستيءَ جي شرطن ۽ محبت جي ادبن جي پاسداري نہ هجي ها تہ ڪامل ملاقات ٿيا، اڌ ملاقات جي رسم بہ نہ رکجي ها! هر طرح رضا رکڻ سان بہ اوهان جي راھ راھ کي روڪ نہ آهي: ڀلا جي اسان جي دل نہ ساري، تہ اوهان جي دل ۾ ان جو اثر ڪٿان پيدا ٿئي؟

"ويــو جــڏهن خلــق مــان اُتــي انصــاف.
مــون تــڏهن هــٿ بــڌا ڪجــوم معــاف!"

## خط - 34

محبت جي اقليم جو بادشاھ، مَـودت جـي ملـڪ جـو شهنشـاھ، دوستيءَ جي ڪرسيءَ کي زيب بخشيندڙ، سچائيءَ جي مجلس کي زينت ڏينـدڙ، عشق جا فرمان فرمائيندڙ، پنهنجي وڻنديءَ پنهنجا حڪم هلائيندڙ، حيا وارو، نيڪ نظر، وڏيءَ پروڙ، گهڻيءَ خبر،حال واقف، دل جو محرم، طبيعت جو کهرو، جسم جو نرم، قلب جو سچيت، اکين ۾ ڳهريل، هنئين جو هشيار، نظر ۾ بيخبريءَ سان ڀريل، ڪڏهن ظاهر ۾ سبتو اندر ۾ اُبتو، ڪڏهن ظاهر ۾ رنل اندر ۾ پرتل، نہ رسڻ جي ريت رکندڙ، نہ پرچڻ جي پر ڪندڙ، عجب جهڙيءَ عادت، حيرت جهڙيءَ حالت، سدا سهڻو، من مهڻو - سلامت هجي!

نياز جي سلامن کان پوءِ، رت جهڙين هنجن مان شوق جو گلدستو بنايو، مجلس شريف جو تحفو تـو رکجي ۽ هيءُ عرض گوش گذار تـو ڪجـي: منهنجا

هڪ خدمت کان دوري ۽ مجلس کان مهجوري، پيو قسمت جي قيد ۾ ڪنڻ ضروري ۽ تقدير جي مجبوري، تيون دل صبر هرگز ڪين سهي ٿي، جهٽ جهٽ ڦاٿيو ڦاٿيو وهي ٿي - آزار ڪو ٿورو آزار، غم ڪو ٿورو غم آهي؟ تنهن ۾، آفت هَنيلن هينيَن جي غمخواري جوانمردن جو ڪم آهي. آءُ ظلم جو زوال ڪيل، مطلوب کان جدا آهيان، خدا ٿو ڄاڻي، جنهن رنج ۾ مبتلا آهيان! رحم جو وقت آهي - ويچارن جي حال کان غفلت نہ ڪپي، ۽ ان جي اُميدن ۽ مرادنجي بساط تي لَتَ نہ ڪپي! هيترو خيال فرمايو تہ مَنهنجي دل جو ڏيِ ڪير آهي؟ اوهان جي پروسي تي پيل آهيان - هجر جي بلا ٽارڻ جي ڪا واٽ ڪيو، وس کان ويل آهيان:

"ڪو نہ هوندس جهان ۾ آءٌ،
ڇا ڪندين دل جا دوست تِهر اچي؟"

## جواب

عاشق زار، بيقرار، دوستيءَ جو سچار، سچائيءَ جو سينگار - سلامت؟

سلامن بعد، مرقوم تہ اوهان جي خط جو مطلب مفهوم ٿيو. جواب ۾ معلوم تہ ساهہ جي پريشانيءَ جو زباني اقرار ناداني آهي، لاچار مدعا جي واٽ ۾ قطره فشاني آهي: اوهان جي شڪايت بجا، ان جو انڪار بيجا- پر ان ۾ ڪهڙو عجب جڏهن سهو ۽ خطا آدميءَ سان خاص آهي، مگر * آدميءَ کي آدميت لازم! محبت ۾ اورانهين ۽ پرانهين ٻئي برابر آهن، تڏهن ههڙي ڳالهہ لکڻ ڪا لائق؟

"اڪين کان پري تون تہ غم ڪومَ ڪر،
جڏهن جاءِ تنهنجي ڪيم ساهہ ۾."

## 35 - خط

دلين جو محبوب، محبوبن جو مطلوب، سهڻن جو مرغوب، خصلتن خوب، نازنين، مہ جبين، ناز پاليندڙ، ناز سينگاريندڙ، نيازمندن کي ناز سين ماريندڙ، ناز سين جياريندڙ، رُسندڙ تہ ڪا معذرت نہ مڃيندڙ، تُسندڙ تہ سو خطابن مان هڪڙي نہ سَڃيندڙ، فراق جي فوج هلائيندڙ، تہ ڪنهن جي ميڙ

* هن ۾ اشارتاً مڪتوب اليہ ڏي سلونو عتاب آهي.

منت سان نـہ ڏنائيندڙ، وصال سان ويل دل ورائيندڙ، تہ ڳڻن ۾ ڳهي قابو ڪرائيندڙ، يا تہ خوشيءَ مان کلائيندڙ، يا تہ ڳوڙهو ڳل نہ سُڪائيندڙ، ڪڏهن وعدا پاريندڙ، ڪڏهن گوشي گذريندڙ، ڪڏهن ڪونيندڙ، ڪڏهن لوڏيندڙ، ڪڏهن ٻاريندڙ، ڪڏهن نـاريندڙ، ڪڏهن ستمگر، ڪڏهن سياڻو، ڪڏهن ڪُليل، ڪڏهن ڪوماڻو، ڪڏهن ياڪي، ڪڏهن يار، ڪڏهن پـَچندڙ، ڪڏهن طلبگار، ڪڏهن مشفق، ڪڏهن مارو، منهنجو محبوب پيارو - زاد لطفه!

"صنوبر نہ تو مثل شمشاد پڻ،
غلامي مجي سروُ آزاد پڻ!
پيشاني تو مهتاب، مُنهن آفتاب،
ڀرون قوس، اک مست صياد پڻ.
ڳنان شوق شيرين گفتار جي،
ڦـَـٽي پاڻ تو لاءِ فرهاد پڻ!
منا تنهنجي مُرڪڻ مني، مون سندو
نيو هوش، ڪيو عقل برباد پڻ.
نہ ڪنهن کن ٻڌو ۽ نہ ڪنهن اک ڏٺو
ڪٿي تو جهو آدمي زاد پڻ!
هٽي سان حرفت هـِـنيان هاتَڪن،
وجين پوءِ نڪري ٿي آزاد پڻ!
ڪڏهن ڪا نہ پَـسجي رتي رحم ري،
ڪڏهن منجهہ اچڻ هوءِ ارشاد پڻ.
وڇوڙي، ڪيـُئي ڪن جو خانو خراب،
وري وصل سان ڪن جو آباد پڻ.
رکين رمز سا، جا نہ ڏسيـَئي ڪنهين،
عجب ۾ پوي تنهنجو استاد پڻ!
سـِـڪي تو ڪي سهنا رنم رت ورن،
ڪيم عشق تنهنجي ۾ فرياد پڻ.
اجـَ پڻ ڪا اٽڪِي جفا جي اُميد؟
ويم بيخ پنجي ۽ بنياد پڻ!

نگــــه كـــر نـــوازش جـــي اي مــــاهرو!
ســــتم جـــان تـــي جـــور بيـــداد پـــڻ.
مَ وڃ آس 'مشـــــتاق' غمنــــاڪ جــــي،
كريــن وصــل وعــدي سـين مـن شـاد پـڻ!

سلام ۽ پيغام، توڙي کهڙي اهتمام سان ۽ رونق ۽ تحسين جي اتمام سان، هديو ڪريو موڪلجن ٿا، پر جيڪي هن محزون جي زبان ان حضور ۾ گوش گذار هوند ڪري، تنهن جي تمام ٿوري حصي کي ڪين پهچن ٿا. قلم، قلب جي حال کان خبردار هجي ها، ته رت روئي ها ۽ لکڻ کان بيزار هجي ها: پر اُو اڃاڻ وَهي ٿو، ۽ مون تي وهيءَ واپريءَ کان بيخبر رهي ٿو!

واه واه! جي وقت هئا- جن ۾ پنهنجي غم ڏاران ڪنهن جو غم نه هوم، ڪنهن جفاڪار جي ناز ۽ غمزي سان ڪم نه هوم: نه شوخ نرگس جي بيمارن جي رخ زرد جي خبر، نه ڪاڪل جي اسير دل پردرد جي سَڌ، نه مکڙيءَ جيئن جان جي نبض ۾ ڪنڊي جي چُپ چُپ، نه بلبل جيئن گلزار ڏسڻ جي سڌ، نه ڪنهن ڏي اداس، نه ڪنهن جي پسڻ جي پساس:

"نــه ڪنهــن ســان دوســتيءَ واريــون ورونهــون،
نــه ڪنهــن جــي دشمنــيءَ کــان دل ۾ دونهــون."

هَــي هَــي ! جي ڏينهن هئا -جن ۾ نه تنهنجي منهن ڏي ڪنهن جو ميل ۽ نهار هئي، نه تو کي شان شوڪت جو غرور: نه تنهنجي حسن جمال جي پچار هئي، نه رخسار جي جهلڪ تي ڪو شيدا هو، نه زلف جي حلقي ۾ ڪو قيد ٿيل، نه نرگس جادوئيءَ کان ڪو زحمت ڪش هو، نه خنجر ابروئيءَ کان ڪو بسمل، نه ڪاڪل خمدار جي ڪشمڪش، نه طُري طرار جي پيچش، نه رخسار جي رونق نه تازگي، نه بدن جْي صفائي نه نازڪي، نه شوخي نه شوخ گفتاري، نه جادو نظري نه جهان آزاري، نه غمزو نه ناز، نه ادا نه انداز:

"نــه منهـن مصحـف کـي ڪنهـن سمجهيـو تـي ايمـان،
نــه تــــرَ ڪــافر تــي عاشــق ڪــو مســلمان!"

افسوس، افسوس! جي زمانا هئا -جن ۾مون ڌاران تنهنجو ڪو يار به نه هو، ڪتي همدم ۽ هم سخن ۽ مونس ۽ غمخوار به نه هو. لطف ۽ شفقت ۽ عنايت جو سزا وار آءَ هوس، اڄوڪا مدعي مجبور هئا. مختار آءٌ هوس: تو کي مون سان ورونهه هئي. آءٌ تنهنجو مائل. غم اندوه ڇا -عالم جي باغ ۾ مڙئي

مرادون حاصل. ٻئي ڪنهن جو تنهنجي ڪن تي نالو نٿي پيو! پيغام پهچڻ ڇا - ڪنهن ڏي مجلس ۾ بہ تنهنجي دل نٿي چيو! ٻئي جو خلوت ۾ اچڻ ڇا- تنهنجي پاڪ دامن سان پليت لـٽَ آگاه نہ هئي. تنهنجي طبيعت ۾ گهٽين گهمڻ جي راه نہ هئي! نہ تو ڪي پيشانيءَ ۾ ور هو. نہ مون سان رنجش جون باتيون هيون - سراسر مهرباني هئي. رات ڏينهن ملاقاتيون هيون! تو ۽ مون وچ. مهر ۽ وفا ۽ صدق ۽ صفا هو. هڪ ٻئي جي اچڻ ۽ وڃڻ سبب. ڪلڻ ۽ روئڻ روا هو. اهو ڪهڙو ڪم. جو سواءِ رضا هو؟ اغيار جو دخل ڇا. "آءٌ" ۽ "تون" بہ بيجا هو! تنهنجو آءٌ طلبگار. تون منهنجو طالب. تون منهنجو مونس. آءٌ توڏي راغب: پنهنجو پاڻ ۾ ڪم. ٻيو اغيار ڪير هو!

سچ چوءُ تہ مون سوا تنهنجو خريدار ڪير هو؟ اها خوب گفتاري ۽ نازڪ رفتاري ڪٿي هُيئي. ۽ اها عالم جي طبع جي طلبگاري ۽ هيتري گرم بازاري ڪٿي هُيئي؟ غمزي ۽ ناز سان اک آشنا ڪيئن ٿيـئي. دلبريءَ جي انداز جي تعليم ڪنهن ڪيـئي؟ بدن جو زيب. هي لباس ڪڏهن ٿيئي. ۽ جسم ۾ گل جي باسَ ڪڏهن ٿيئي؟ ڪهڙيءَ حيران اک آرسي ڏيکاريئي. ڪنهن جي نيازَ هي ناز سيکاريئي؟ ڪنهن جي عاجزيءَ جي عرض تو ڪي پهلوان ڪيو. ڪنهن جي پيشانيءَ گَـهَـڻ جو داغ. تنهنجي گهٽيءَ جي زينت ٿيو؟ ڪنهن جي شيدائيءَ تنهنجي حسن جي شوڪت وڌائي. ڪنهن جي شهرت ۽ رسوائيءَ تنهنجي محبوبيءَ جي مشهوري ڪرائي؟- منهنجي محبت تو ڪي تعليم ڏيئي. تو ۾ اي سڀ نمونا نمودار ڪيا. پوءِ هي ماڪ تي موريل بہ تنهنجي حسن جا طلبگار ٿيا! فراموش نہ هوندو. تنهجي اک سيڪنهن ڪان شرم واري ٿيندي هئي. ڪالهوڻي ڪالهہ تو ڪي ڳالهہ ڪا نہ ايندي هئي!

"تئـي ڪيـن هرگـز عشـق شـيدا.
ڪري ٻيو ڪيـر هنپـر حُـسن پيـدا؟"

غرض تہ اڳي نہ ڪنهن دل ۽ جان جو جلائڻ آيئي ٿي. نہ ڪنهن بگڙيل صورت جو بنائڻ. نہ مُرڪڻ ۽ ماٺن سان ڪنهن جو روح رلائڻ. نہ منهہ ڏيکاري وري لڪائڻ: جڏهن تنهنجي سرو قد جي قُـمري بي صبرو تحمل آءٌ ٿيس. ۽ تنهنجي گل رنگ. گل منهن تي بلبل آءٌ ٿيس تڏهن ڳليءَ ڳليءَ ۾ مون ڪي حيران سرگردان ڏسي. هڪڙن ٻين ڪي سڻايو تہ "هـن . 'فلاڻي'. هٿان دل ۽ دين لُـٽايو" - سَـڏڙيَـن بہ سَـڌ ٿي. منهنجي دل اآڌ ٿي!

"- ڪ اتئـي يـاد سـاڳي، ڏينهـن سـي يـار!
جـڏهن هـڪ هـوس آءٌ مسـت ديـدار؟
ڪ اتئـي يـاد - تنهنجـو هـوس غمخـوار،
سـدائين تـون بـہ مـون ڪـارڻ طلبگـار؟
نـہ هـئن تنهنجي هـُئي ڪـا گـرم بـازاري،
خريداريءَ جـي ڪنهـن تـي ڪـا نـہ ڪـي آر!
نـہ تنهنجـو ميـل دل اغيـار ڏي هـو،
سـدا منهـن دل جـو هـن بيمـار ڏي هـو.
نـہ اڪ خونـيءَ گهريـو تـي منهنجـو آزار،
نـہ چـاتو ظلـم زحمـت تـو سـزا وار.
نہ مون ڪان دل چني، لنئون ٻئي سين لايئـي،
نـہ هـئن مـون لـءِ سَيـَت سـُوري سـنيايئي-
اُهـيَ ڳـُـڻ ڳـالهيون ڳـايو تـو ڳايـان،
معـاذ الله، ڪِ لـڪَ تنهـن مـان لڪايـان!

هـَيهات، هيهات! اُهي واقـات - جن ۾ عـادت خـود فروشـيءَ جـي هـُيئي، نہ خودڪاميءَ جي، ۽ چـال پختہ ڪـاميءَ جي هـُيئي، نـہ خاميءَ جي. عاشق صادق جي ڪهڻ ڪان وفا منع تي ڪيئي، ناحق جي خون ڪان شرم ۽ حيا منع تي ڪيئي. ياد ڪر تہ مون ڪان سواءِ ڪنهن سين ڪا نـہ صحبت هـُيئي، مون سان مجلسَ هـُيئي، مون سان خلوت هـُيئي: مون ذاران باغ جي سير دماغ نتي ڪـُلايئي، ۽ گلشن ۾ عيشُ ڪندو نظـر تـي آيئـي. مـُـڪڙيءَ وانـگر، منهنجي جدائيءَ ڪان تنگ تيو، صبا ڪي قاصد ڪريو هلايئي تـي، ۽ نظـر وانگر، جلد مون ڪي پاڻ وٽ آڻايئي تي. هر ڏس، هر روش ۾ مـون ڪـي همراه نـِيـُئي تي، ڪ پنهنجي هٿ ۾ منهنجو هٿ جهليو، سير ڪيئي تـي، ۽ مجلس مان موڪلائڻ وقت مون ڪان سگهي ورڻ لاءِ انجام گهـُريئي تـي - ۽ جي اتفـاق سان دير تي ويئي، تہ در تي انتظار ۾ اُبيو،تڏو نيساسو پريئي تي، ۽ جي ڪـا شڪررنجي تي تـِي، تہ باسون باسيـُئي تي ۽ مون ڏي ميڙيون مـُڪيـُئي تي!

"وسـاريان، ڪيـن وسـرن سـي سـچايون،
توڙسـي برعڪـس تيـون اڄ اُو صفـايون!"

ڪي وڏندو ڳڻتي ۽ ڳارو. سندس صورت تولاءِ حيرت جي آرسي ۽ حيراني ٿيندي، ۽ زلف پيچان تولاءِ پريشاني، ۽ پيشانيءَ جي جهلڪ تولاءِ پشيماني، ۽ ناز انداز تولاءِ شرم ۽ ناداني! سندس قد نخل هلڻ جو ميل ڪندو. تہ تنهنجو ناز نخرو زلف وانگر سندس قدمن تي ڪرندو! سندس آبرو جنهن جي عشق جي غم ڪان هلال بہ خم هجي - مون لاءِ عيد، تولاءِ محرم هجي! منهنجي ساهہ جو پکي، سندس تير مڙگان جو شڪار ٿئي، ۽ تنهنجي ساهہ جي نبض ۾ نشتر تي لڳي - تو ڪي تنهن جو غم هجي، ۽ سندس رخسار جو خال، عالم جو غارتگر، تنهنجي ونيءَ لاءِ افسوس جو لباس ٿئي - تو ڪي ماتم هجي!

اُهو، ظرافت سان تنهنجي زيبائيءَ ڪي الزام ڏيندو، جي تنهنجي سينگار تي طعنو هنيائين، تہ مجلس ۾ تنهنجي رسوائيءَ جو سبب فاش ٿيندو: ان جي دهن ڪان توتي نازڪيءَ جو وڳو تنگ ٿيندو، ۽ لعل لب وٽ تنهنجو لب گونگو تي وهندو! ان جا ڏند موتين جو هار ڏسي، پنهنجي جگر ۾ ڏند ڏيندين، ۽ گل جي تازي پن زبان وٽ، ان جي غم ڪان، پنهنجو ڳالهائڻ وساريندين، ان جي غبغب جي چاهہ ۾، تنهنجي دل غوطا ڪائي دانهون ڪندي، پر تنهن ڪي آسانيءَ سان نڪرڻ لاءِ زلف جي رسي نہ ملندي، ڳالهائڻ ۾ حرف جي صورت سندس چپ تي ايندي، تہ نڙيءَ مان پڌرو ڏيکاءُ ڏيندي! تنهنجو حسن ۽ نزاڪت سندس هڪ وار مٿي جي ڪي بہ نہ رسندي: ان جي ڪرائي، تنهنجي مُنهن جي حسن ڪي ٻانهن ڪان پڃي وڃهندي، ڪنن جي سهڻائي، تو ڪي حلقي بگوش ڪندي، ۽ گردن جي ڏنگي، تو ڪي مدهوش ڪندي، ۽ سيني جي صفائي، تو ڪي آرسيءَ جيئن حيران ۽ بيهوش ڪندي، ۽ ڪمر جي خيال ۾، تنهنجي دل رت تي، جان جي نبض جوش ڪندي - غرض تہ ان جي پير جي رنگين ترئءَ تي نگاه پوڻ سان، تنهنجو گل جهڙو منهن زردو تي ويندو - افسوس جي تري مهٽيندين تہ 'جيڪر حنا هوس!' پر ان غم مان سود نہ ٿيندو - اهو محبوب اهڙي حسن ۽ خوبيءَ سان مرڪي منهنجي دل تي واڪ ڏيندو، ۽ هڪ ناز جي نظر سان دل ۽ جان ڪي قبضي ۾ ڪندو، ۽ منهنجي صبر ۽ هوش ۽ عقل ۽ طاقت ڪي چلائي ڇڏيندو!

مون سان ان جي مٺين ڳالهين ڪرڻ ڪان، تنهنجي ساهہ جون تارون تلخ ٿيندو! ان جي پڪيڙيلن زلفن وانگر، ان جي ڪنن تي وات رکندس - تنهنجو جگر رشڪ ۾ تارون تارون تي ويندو. ساٿس مجلس سنواري، گرم سخن رهندس - تنهنجي جيءَ ۾ جل ۽ ساڙو ٿيندو، ان ڪي بغل ۾ تنگ جهليندس - تنهنجو جسم

جيئڻ کان تنگ ايندو! منهنجي خاطر نازڪ خوش رهندي، تو کي حسرت ۽ غم رهندو. منهنجي گهر عيد جي شادي رهندي، تنهنجي گهر محرم جو ماتم رهندو.

" - تہ چو هي صيد پنهنجو مون وڃايو،
جو هن صياد جي هٿ آهہ آيو؟
صفت پاڇي، پنيءَ تنهن سڄ پٽڙو،
هتان منهنجي سو نڪري هاڻ وئڙو!
هئو جو ميڻ جيئن مون لاءِ، افسوس!
ٿيو سو سنگدل ڪئن؟ هاءِ، افسوس!
جفا ۽ ظلم جي مون ڪئي خطا جي،
ڪيو ڪيڏانهن ان صبر و رضا ڪي؟
مروت ناهہ انهيءَ مان ڪا پيدا،
ٿئي جئن شوخ عاشق زار شيدا!"

جڏهن انهيءَ غم جو تاثير ڪو نہ پروڙيندين، تڏهن ضرور انهيءَ روئڻ سان، جو پهڻ وگهاري، انهيءَ شعلي تي ڪرم جو پاڻي ڇڙڪيندين، ۽ صلح ٿيڻ ۽ نزاع وڃڻ لاءِ سؤ زاريءَ سان قسم ڏيندين تہ "مجنونءَ جي جگرداريءَ ۽ شررباريءَ جي ڊوهي، ليليٰ جي فسون سازيءَ ۽ ستمگاريءَ جي ڊوهي، زليخا جي تمنا ۽ غم ۽ جانگدازيءَ جي ڊوهي، يوسف جي خدا ترسيءَ ۽ پاڪيزيءَ جي ڊوهي، فرهاد جي جگر ڦٽڻ ۽ جان جي گرفتاريءَ جي ڊوهي، شيرين جي شڪر ريز لب اُپٽڻ ۽ اُن جي طلبگاريءَ جي ڊوهي، گل ۽ ان جي ڪُلڻ ۽ چمن ۽ بستان جي ڊوهي، بلبل ۽ ان جي غم ۽ بيچارگيءَ ۽ فرياد ۽ فغان جي ڊوهي، شمع جي لاٽ ۽ پتنگ جي جگر جي ڊوهي، ديوانيءَ دل جي دانهن جي اثر جي ڊوهي، بلا جي بيابان ۾ ڊوڙندڙن جي پيرن ڦَٽيلن جي ڊوهي، قضا جي پڃري ۾ قيد ٿِيَلن جي ڪنين ڪُٽلن، پکن پَٽيلن جي ڊوهي، جور ۽ جفا جي واٽ ۾ غريبن جي غم ۽ درد جي ڊوهي، وطن کان جدا يتيمن ملولن جي آه سرد جي ڊوهي، رضا ۽ تسليم جي خنجر سان ڪنلن جي ڊوهي، جگر افگار 'مشتاق' جي دردمند تنوار جي مُنلن جي ڊوهي اٿيئي - ان جان جي آفت کي ڇڏ. وري منهنجي دم سان دم گڏ: تو کي مون جهڙو مونس غم خوار ڪونهي، مون کي تو جهڙو عاشق سچار ڪونهي!"

هن کان واڌو، دل شيدا جو حال ڇيو نٿو سگهجي - پر افسوس، جو عشق اهڙي بد بلا آهي، جنهن کي مخفي رکيو نٿو سگهجي! فقط. والسلام.

## فصل اٺون

### عاشق جي حيرت ۾ اچڻ، ۽ سيڪنهن سڄاڻ يا اڄاڻ کان تدبير پڇڻ جي خطن ۾

'عشق' اهو بڇڙو آزار آهي، جنهن جو بگڙيل مسيحا کان بہ جي سنڀالجي، ۽ اهو دريا ناپيداڪنار آهي، جنهن جو ٻڏل قيامت تائين بہ جي ڪنڌيءَ تي اچي! ۽ اهو واٽ ڦُريندڙ آهي، جو دين ۽ ايمان جي لٽڻ لاءِ مست باجرات، ۽ اهو درد ڏکوئيندڙ آهي، جنهن ۾ سيني ۽ سرسٽڻ مان ڪجهہ لذت! ۽ اهو باغ آهي، جنهن ۾ لالا کان سواءِ ڪي بہ سونگهڻ ۾ نہ اچي، ۽ اهو داغ آهي، جو موافق تقدير جي ڌوٻيءَ جي هٿ ڌاران ڪنهن کان نہ لهي! اهو ترياق پُرسم آهي، جو زهر جو اثر پسائي، ۽ اهو آب زمزم آهي، جو تشنہ لبن کي غمن جي ڪوهہ ۾ جهڪائي! ۽ اهو بستان آهي، جنهن ۾ خزان جو نالو بهار آهي، ۽ اهو گلستان آهي، جنهن تي ٻاهہ جي ڪکر جو هميشہ وسڪار آهي! ۽ اهو رئيس ۽ آقا آهي، ملڪ الموت جنهن جو غلام، ۽ اهو رهبر ۽ رهنما آهي، ڪفر جنهن جو اسلام! ۽ اهو آڙاهہ شعلہ فشان آهي، جنهن جي گرميءَ کان پاڻيءَ ۾ بخار پيدا رهي، ۽ اهو درد بي درمان آهي، جنهن جو بيمار قبر جي ڪنڌ ۾ پير ڏگهاڙي سمهي! ۽ اهو الون آهي، جنهن سان جهان جلي، ۽ اهو مرض آهي، جنهن تي ڪنهن جي دوا نہ هلي - مگر عاشق، جو اُميد ۽ نااُميديءَ سان همدم ۽ مراد ۽ نامراديءَ سين هر دم، ۽ زاريءَ ۽ بيزاريءَ سان دمساز، ۽ ويساهہ ۽ ڪُويساهيءَ سان همراز رهي ٿو، سو ڪڏهن محبوب ڏي بہ حال ڪين موڪلي، ۽ پنهنجي سيني ۾ سور سهي ٿو، ۽ ڪڏهين ايندي ويندي وٽ دفتر کولي ٿو، ۽ لڪائڻ جي جاءِ ڪا نہ لهي ٿو - بهرحال، محبوب جي صورت نظر نہ اچڻ سببان، افسوس جي تري مهٽي مهٽي، رت ٽيو، سيڪنهن وٽ قلم وانگي هينئَن وهي ٿو:

## 36 - خط

### عاشق پُر آزار جو ڪنهن حال واقف يار ڏي

مخلص پرور، دوست نواز، حال محرم، همراز، غم ۽ خوشيءَ ۾ دمساز- سلامت!

سلامن ڪان پوءِ مطلب تہ نيڪ روشن هوندو، جو ناز ۽ نعمت سان پرورش لڌي هيم، غم ۽ الم جي ٻولي نہ ٻڌي هيم، درد جي نالي ڪان طبيعت تنگ ٿيندڙ هيم. عاشق ۽ معشوق تي کل ايندي هيم - بلڪ حيران هوس، تہ انسان تي انسان ڪيئن ٿو مري، محبت ۾ ساهہ سوڌو ڏئي ٿو، پر پُڇنتي نٿو وري! جان بہ ڏاڍي پياري اهي، پر عشق ڪا بلا هڇاري آهي - ائين نٿي سمجهيم تہ مون کي پنهنجو چوڻ آڏو ايندو، عشق جو مدرس سنديس معنيٰ پاٺيهي پروڙائيندو:

"ڪرڻ عيب ڪنهن تي چڱو ناهہ مُور،
ڪَيم جو، مٿم سو تہ ڊريو اچي!"

اڄ بہ ڏسو تا، جو الفت جي تير دل جي پڪيءَ کي نيم بسمل بنايو. ۽ محبت جي ساقيءَ ڪنهن جي اِفسون جي دوا کي قاتل زهر ڪري پسايو: زهد ۽ تقويٰ سڀ طاق تي رهيو. ساهہ سڪايل، وصل جي اشتياق تي رهيو. عشق جي باهہ جو بخار مغز تي چڙهيو.دماغ ۾ خلل ايو. مجنون پاڻ کان اڳ قدم مون کي منهند ڏسي، رشڪ ۾ ڪڙهيو - اهڙيءَ آفت ۾ گرفتار آهيان، جو ڳالهہ ڪندي وات مان دونهون ٿو نڪري! ڏاڍو لاچار آهيان: چپ تي پساهہ سرد آهي، دل ۾ هزار طرح جو درد آهي، جان حزين کي پيچ تاب آهي، ان شعلہ روُ جي ساروڻيءَ ۾ سينو ڪباب آهي. ساهہ کي بيقراري اهي، اکين مان رت جاري آهي - هاڻي موت کي خوشخبر ٿو ڏيان تہ "اَءُ بہ محبت جو ٻانهون آهيان، عشق منهنجو مولي آهي. اڄ حياتيءَ جي تاج کان مون کي مماتيءَ جي گودڙي اولي آهي! تنهن ۾، جيڪڏهن مسيحائي فرمايو، ۽ ڪنهن حيلي بهاني مون کي محبوب جي صورت پسايو، تہ مانُ بيقرار کي قرار اچي، ۽ چپن تي اَيل جان موٽي منجهہ وجي! جي نہ، تہ هي يقين اِڳيئي اٿم:

"در رہ عشق دلم شد هدف تير کسي،
زخم من بہ شدني نيست ز تدبير کسي."

## جواب

هوشور، باخبر، زماني جي سردين گرمين جو آزمايل - سلامت!

بعد سلامن جي معلوم تہ اوهان جي ڪاغذ جو مطلب، مفهوم ٿيو. جواب ۾ مرقوم، تہ تون حياتيءَ جي خوشي آهين - تنهن ڪي ٻين تي ناز ڪرڻ گهرجي، ڪ غم جي سختيءَ ڪان پاڻان مرڻ گهرجي؟ تو جهڙا ماڻهو ڪٿان پيدا ٿين ٿا؟ تو جهڙن ڪاڻ، سَوَ مست ۽ شيدائي ٿين ٿا: تو لاءِ غم ٻين کي کائڻ کپي، يا تو کي عاشقن جئن جان جلائڻ؟

"بلبل از گل بگذ رد، گر در چمن بيند تُرا،
بت پرستي ڪَي ڪند، گر برهمن بيند ترا؟"

دل وڏي رکو - اجها وصل جي چاشني تا چکو! انهيءَ عورتن واري روئڻ پٽڻ مان ڇا هٿ ايندوَ؟ مصيبت جي واديءَ ۾، ثابت قدم رهڻ ڏاران، ڪو مقصد نہ ٿيندوَ.

هائي، ڪم همتن جئَن پريشانيءَ کي دل ۾ وات نہ ڏجو، داغ جي دمن رچڻ سان، جنون جي رڻ پٽ مان، مراد جو گنج ملي تہ ڪيم ڇڏجو! پلا، اک ۾ اهو بي سمجهي سُرمون وڌو اٿوَ، جو حسرت جي هنج ڏاران، مراد جي دامن ۾ ڪجهہ نہ ايندو، ۽ عقل جي گلشن ۾ بي پروڙيءَ جو نهال رکيو اٿوَ. پشيمانيءَ جي ميوي سواءِ ڪو ڦر نہ ڏيندو؟ گره گير ڪمند ۾ پنهنجي ڳچي ڦاسائي اٿوَ، پنهنجي هٿن سان پنهنجي مٿي مٿي ۾ مُنهِين تراڙ آزمائي اٿوَ - انالله وَاناالـيـه راجعون"!

اُميد تہ "اِن مع العُسر يُسراً" جو دلاسو دل کي ڏيندا - ۽ سِگهو وَستو، مقصد سان شاد ڪام ٿيندا!

## خط - 37

عاشق جو، راز تان پردي کڻندڙن جي گلا ۾، ڪنهن دوست ڏي

دوستا! خلوت ۽ تنهائيءَ ۽ صحبت ۽ بزم آرائيءَ جو دمسازن ۽ همرازن مان، ڪن عبارت آرائيءَ جي ڏوبي ڏيندڙن، پاڻ کي يڪتائيءَ جي ويس ۾ ڏيکاريندڙن، ڪن بي وقارن اغيارن وٽ، هن لکل حال جيون"حڪايتون" ۽

کهـــو پيـچ پـائي ســاپر يــائجي؟
جـڏهين کيـن محبـوب منصـف تيـن،
تـڏهين پـڻ انهـن وٽ ڪ ڪنـڌ نـائجي!
کنهـن اسـم تـي کيـن راضـي رهـن،
عجيبـن اڳيـان پـاڻ چـا چـائجي؟
ڪجـي قـاتلن کـي بچـا جـي طلـب،
ڪ بـي کهـلَ وٽ پـاڻ مـارائجي؟
ڪجـي کـي اڳيـان يـارَ سـاري سـرس،
ڪ پـاتهي وتـس رانـد هـارائجي؟
اچـي شـوخ جـو کيـن کنهـن دام ۾،
تنهيـن سـان پکـو پيـچ کئـن پـائجي؟
سٽي کيـن ساجن کـڏهين دانهـن درد،
ڳُـجهي ڳالهـ کنهـن وٽ وجـي ڳـائجي؟
ڪجي حال ظـاهر ڪ کنهـن جـي اڳيـان،
ڪ يـل تـو انـدر سـور سـامائجي؟
روئـڻ، رخ جي رونـق - بـئـي چغـل چسـت،
لکـي يـار سـان کيئـن لنئـون لائجـي؟
سـبب دوسـت دلبـر مـَـرَک ميهڻـا
لکيـو لـوک کـان چـو تـو شـرمائجي؟
ڪجـي عـرض کنهـن وقـت دلـدار کـي،
ڪ وٽ لعـل هـو ويـلَ ليلائجـي؟
لـڳن تـير ترکـش تـُـکا، تـن سـندو -
ڪجـي ذکـر، يـا سـور سهسـائجي؟
سـبب بـي نيـازيءَ مناسـب مـُـڙن
ڪ ور ڏيئـي بـيء ويـبل بـاڏائجي؟
نـ زر، زور، حجـت، هلـي وٽ جنهيـن،
کـري رمـز کهـڙي سـو ريجهـائجي؟
مجـي کانـ 'مشـتاق' جـي معـذرت،
رنـي يـار کـي کيئـن پرچـائجي؟"

جو آيو تہ خوش تي پلئہ پائجي!
لڳا ڪانَ ڪاري - پُني من مراد!
چڪي چاڪ مَر پيو - چو چيئائجي؟
پلي جيءُ جلي لعل لا غرض لاءِ،
وٽي ڪين هرگز، تہ وندرائجي!
جا جهلجي نہ أن ري، مبارڪ سا دل،
نہ مت پوري آهي، جي پريائجي!
رکڻ آس انصاف ان کان عجيب،
ڪهو غم انهن، جي نہ ڪنڌ نائجي؟
نہ سونهي سڄڻ وٽ ڪو نالو نشان،
جا نابود پائي تہ ڪي چائجي!
جي ڪُهندا سي ٿيندا بها خون جي،
وجي پاڻ پوءِ چو نہ مارائجي؟
سرس ڪنهن جي ساري نہ ان جي اڳيان،
هميشہ جي هاريلَ جا هارائجي؟
ڪهو دام پائي، پيل دام ۾؟
ڪو هت صيدَ، صيادُ قاسائجي!
سٽي نا سٽي دانهن دردن جي جي،
ڪڏهين ڪين ٻئي وٽ وجي ڳائجي!
ڪهو ذاريں دک سٽائڻ مان سود؟
وڏي پل اندر سور ساماڻجي!
روئڻ، رخ جي رونق - توٽي چغل چست
نہ تہ بہ پاڻ پاڻهي پڌر پائجي!
مَرک ميهٽا توٿي محبوب جا،
ڪ ٻيءَ جنس کان ڪيم شرمائجي!
نہ ڪو ورهہ وڍين سُڄي ويل وقت -
لڳي جهرَ مَپُ تِهرَ ليلائجي!
لڳا تير تدبير سپ تم تي،

سير سُور اي جو نه سهسائجي؟
سدا بي نيازي سڄڻ جي صنت،
هميشه نه مُڙجي، نه ٻاڌائجي!
نه زر، زور، حجت هلي وٺ حبيب،
نه ڪا رمز جنهن سان ريجهائجي
رضا تي رضا مهند سنديس رکي،
ته البت اجا ڪو بلو پائجي
اگهي عذر ڪئن، جو پريل پاڻ مان،
پاٽا پاپ تنهن مان پلئه پائجي؟
پريڻ پَرُ پروڙڻ تي، مشڪل محال،
منجهي مت، سڄڻ ڪيئن سرچائجي؟
رکي پر نه پرچڻ جي هرگز هسڏهين،
رسڻ ريت ناهس جو پرچائجي!
منجهان پاڻَ، 'مشتاق'، اڄ اُڏاءِ،
ته سيڪو عرض تنهنجو اونائجي!"

(اشارو: عشق جي باب ۾ جا ڪيترا نمونا گهرجن، پر ڊگهي ڪتاب ڪرڻ جي اجازت ناهي، ۽ جيڪي لکيو ويو، تنهن ۾ به ڪفايت آهي.)

# باب پنجون

## فصل پهريون

### متفرقن خطن ۾

گذريلن ڇهن بابن ۾ جيڪي خطن جا نمونا لکڻ کان رهجي ويا آهن، فائدي جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪي ان مان، ڪي ٻيا، هن فصل ۾ ٿا لکجن.

## 1 - خط استاد جو شاگرد ڏي املا ۽ انشا جي تعليم بابت

شاگرد پيارو، پوريءَ پروڙ وارو - شال توفيق رفيق هجيس!

بعد سلامن جي، ترقيءَ علم ۽ توفيق عمل جي دعا، مدعا هيءَ ته جي لکڻ ۽ انشا سکڻ جو شوق اٿئي، ته پهرين ڪنهن به ڪتاب جي عبارت ٻئي جي زبان کان ٻڌي لکج، اصل سان ڀيٽڻ بعد جا غلطي منجهانئس نڪري، سا سارج ۽ ياد رکج - جاسين تائين، نقل اصل سان برابر اچي ۽ رسم الخط صحيح ٿئي. پوءِ ڪنهن به فارسي عبارت جوسنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، وري منجهانئس فارسي جملا ڪج، پوءِ اصل سان ڀيٽي، ترڪيب ۽ لفظن جي تفاوت ۽ ان جي موچارائيءَ ۽ نه موچارائيءَ تي نظر رکي، اصلاح جو فرق سمجهج - تان ته تو کي مهارت سري، وجي ساڳي عبارت يا جهڙيس نڪري. پر پهرين ڪا سولي عبارت ونج، پوءِ پنهنجي استعداد پٽاندڙ وڌائيندو وڃج، ۽ ڪوشش هن ۾ ڪج، ته هڪڙيءَ عبارت جون مختلف معنائون نهن، يا هڪ معنيٰ ۾ مختلف عبارتون اچن: عبارت جي قسمن مٽائڻ ۽ زبان ڦيرائڻ مان پوري قوت حاصل ٿيندي ۽ تحرير تقرير کان واڌو فائدو ڏيندي - فقط.

## 2 - خط عتابي، برابر ڏي

دوستا! "انما المؤمنون" واريءَ ياٿيءَ ۾ "فاصلحوا بين اخويکم" جي امر سان صلح جو ارشاد ٿيل، ۽ "لاتتخذوا بطانة من دونکم" جي فرمودي سان پاڻ ۾ دلي دوستيءَ جو بنياد پيل آهي، پوءِ ان محبت جو واڌو ٿيڻ - يا "امش اميالاً و زراخاً في الله" سان آهي، يا "المکتوب نصف الملاقات" جي رعايت ۽ نگاه سان. افسوس! جو ڪيتريءَ مدت ڪان، ان ڪان به ڪم التفاتي رتي اٿوَ - شايد هاڻ طبيعت بي ٿي اٿوَ! فقط، والسلام.

"جدا ڪنهين ڪان ڪنهين جو ڪڏهين حبيب نہ هوءِ،
سو درد آهہ جو دشمن بہ شل نصيب نہ هوءِ!"

ڏسجي تہ هن هيڪلائيءَ جي رات جي حجاب ۽ جدائيءَ جي ڏينهن جي پردي کي 'جامع المتفرقين'، وصال جي منهن تان ڪڏهين پاسي ڪندو، ۽ تون ۽ آءٌ گڏ، هن جهان جي باغ ۾، ري تامل بلبل وانگر، کهڙي وقت چهچٽا ڪندڙ ٿينداسون، ۽ دل وساٽل - جا ڦل وانگر ڪوماٽل آهي - اميد جي شراب سان، ڪلندڙ گل وانگر، ڪڏهين ڪُلندي، ۽ عشرت جي عندليب، هستيءَ جي گلشن ۾ تمنا جي ٿاريءَ تي خوشيءَ سان ڪڏهين ڪِلندي؟

جيڪڏهين، خُدانخواستہ، تو ۽ مون وچان اهو جدائيءَ جو ويڇو ائين رهندو، تہ هنج وسائيندڙ اک ڪڪر وانگي وسي، دشت مان درياءَ وهائي، طوفان برپا ڪندي! - ۽ اهو يقين، تہ جنون جو چمن زار منهنجي دل جي ڌرتيءَ ۾ وحشت جي چمن بندي ڪري، نااُميديءَ ۽ حر مان جا نهال رکندو، تہ ڏاڍي بُري حالت رهندي!

"آئي هوا ڪا غيب ڪان، سڙيو چمن سُرورَ،
غم جي ٿڌي جي شاخَ هري منهنجي دل رهي."

## 6 - خط منظوم

شهر ۾ رهندڙ جو - سفر تي ويل يار ڏي

"صبا، سچڻن سئائج وره وائي،
ڳنان پُر درد دل، جا ڀهر آئي.
اندر خدمت انهيءَ جيءَ جي جياري،
جلائي جان کي جنهن جي جدائي.
پلارو بخش وارو، پيءُ پيارو،
عجب عادت سنديس سهڻي سيائي.
تئي اُن جيئن جڳ م ڪو وفادار،
ڪري اُن مثل ساري ڪو سچائي!
ڪيو ڪلتار نوري نام اُن جو،
عطا تي آهہ اُن سيڪا پلائي.

سُڄڻ سنسار ۾ صاحب وفا، پر
اپر اخلاص جي اُن وک وڌائي.
سدا تنهن کي رکي سائين سلامت،
کري حاصل مرادون تنهن جي لائي!
صبا! ساري سٽائج تنهن سڄڻ کي،
سلامن بعد هيءَ حالت مڙائي:
"اسان ڏي خير آهي - پر کهو خير؟
اچي کش کين اُن ري کار کائي!
اوهان جي عافيت دائم گهرون تا،
ملڻ جي تا مڱون رب کان سگهائي!
وڇوڙي جي سهڻ جي ناهه کا سگهه،
جدائيءَ جان جند جهوري جلائي!
سفر ساڃن سداريو اُن، اسان کي
ڏني تنهن ڏينهن مرڻ کان وڌ ڏيکائي!
سوين سختيون سريون جئن، سخت ٿيو ساهه،
اچڻ آ نهنجي پُنيءَ، اُن مت نه آئي!
جدائيءَ جي جيئڻ کان تنگ تي دل-
کبو ڇا عمر کي، جا تي اجائي
سعادت - موکلائڻ ڏينهن مرڻ، آهه،
جيئڻ جالڻ جدا، کهڙي چڱائي؟
نکت کهڙو نگيو؟ کي بخت بازي،
سڄڻ سانگيءَ جي سُڌ پڻ کا نه آئي!"
چئج ساري صبا تن دوستن کي،
ڏکن ڏسکا پري، غم درد کائي:
ته "اي جيءَ جا جيارا، پيي پيارا!
جهڄائي تنهنجي سکندڙ کي جدائي!
نه گهربو هو وسارڻ هينئن هرگز،
تنهين کي، جو جهڄي توتنهنجي لائي!

سڄڻ! ساري تو تنهنجي وصل ويسُرون،
اوهي ريجهون، رهاڻيون ۽ سچائي:
اوهي ڏينهن راتيون، او پهر او پل،
اوهي ڳجهه ڳالهيون، راحت رسائي،
اوها دلدار دلداري ۽ ياري،
اوها صحبت، محبت ۽ صفائي!
پرين، پريي نه تو ري دل جيتوڻي،
ورونهن دل کي وِندر تي تنهنجي وائي!
هنئين ۾ هور کو آيو وري اڄ،
اندر کي تي اُڪنڊ تو دوست لائي:
اچي تي اوچتي کا يادگيري،
نئين کَرنِينهن جي تي اڄ ڪڙائي!
اکين جي انتظاري آهه اُن ڏي -
اچي کا مانَ انهن جي سُڌ سڻائي!
سياڻل! تون سچو محبوب مشفق،
منلَ! موجود سڀ تو ۾ سچائي -
وسارڻ وڙ نه تنهنجو هوت هرگز،
تئي پر مون هتان جيکس ڪچائي
ڪچائي کين سارڻ کم اوهان جو،
اُها 'مشتاق' جي ميٺج مدائي!
جنين جو وڙ، جُڙي تن ساڻ سوئي،
يلن پاران هجي خالص يلائي!
کيم خط ختم، ساڄن! سر سلامن،
قبولج، جا کيم تو کان گدائي!"

## جواب منظوم

صبا سهڻي خبر آڻي سڻائي،
جا دل پر درد کان تي بهر آئي.
سڻي سڀ حال، چاتو مون ته آهي،

پاڻا اڳيـن تـي اڳـرا سـامهان سـور،
اڇـي تيـا - ناهـ توتـي کـا ڳجهـائي!
اوهـان جـي پـار جـو پـرزو جـو آيـو،
برهـ جـي باهـ تنهـن آڻـي مچـائي:
ڏسي جهـوريءَ جهچـڻ اَهنجـي جـو احـوال،
نئيـن نينهـن جـي نظـاري کـي کڙائـي!
کريـن تهمـت وسـارڻ جـي متـم کيئَـن؟
ڪ ڏاڍا! تـو کـي ڏاڍائـي سـُـهائي؟
وسـاريان کيئـن؟ وسـارڻ تـون نـ لائـق-
وسـارڻ سـاهـ کـي، مـت تـي اجـائي!
تيـس هـت قيـدَ قسـمت جـي ۾ قيـدي،
سـڪان پرڏيهـ ۾ سـاريو ڏهـائي!
نـ کَـو مونـس، نـ کـو غمخـوار منهنجـو،
سنگت سُـورن پـَـکي مـون سـان پچـائي!
انـدر جـو حـال کريـان کنهـن سـين ظـاهر،
نـ آهـ، رب ري کـو حـال پـائي!
اهـو ئـي ’جـامع المتفرقيـن‘، آهـ،
کـري سـِـکندن سـندي حـاجت روائـي:
محبـن جـو کنـدو ميلـو سـو مولـي،
وڇـان وينـدي سـگهي هـيءَ سـي جدائـي!
اچـڻ جـي اوڏڙي آهيـم اُميـد،
کنـدو پـوري، کـري ’بـاري‘ پلائـي!
ويـوڙي جـي خـدا شـل پـاڙ سـاڙي،
تـ سـڪ منهنجـي تئـي سـرهي سـجائي!
متـي ’آميـن‘ کيـو مـون ختـم خـط کـي،
اوهيـن پـڻ وار جـو انهـي جـي وائـي!“

## 7 - خط عتابي محبوب نازنين جو عاشق حزين ڏي

عاشق جان نثار، مونس غمگسار، ابروءَ جي تيغ جو گهايل، جادوءَ اک جو نمايل - شال خدا عشق زياده کريس!

پـــَـــريان جـــو پســـــي کيـــــن ســــگهندو غبـــار،
چـــوان کيئـــــن تنهيـــــن کــــــي ’ڦلــــي آءُ هـــــت‘ ؟“

## 8- خط خبر چار نہ موڪلڻ جي عتاب جي جواب ۾

منهنجا ساهہ پيارا! ڏکھو داستان ڪاغذ کي سپارڻو، درياءَ جي پاڻيءَ کي مُٺين سان ماپڻو ۽ بيابان جي واريءَ کي آڱرين سان ڳڻڻو آهي. اُهو کو ڏينهن ٿئي، جو روبرو ڳالھہ ڪجي، پر اها بہ جي طاقت رکجي. ڇا ڪان، جو اشتياق جو شرح نکي عقلي علمن جي معضلاتن جي جنس کان آهي، نکي نقلي فنن جي مشڪلاتن جي قسم کان آهي، جو فڪر عميق جي مدد يا فهم دقيق جي همراهيءَ سان حل ٿيڻ جي صورت قبولي ۽ پڌري ٿيڻ جي صفت وٺي.

منهنجو قلم زبان وڍيل، هميشہ انهيءَ لکڻ جي امڪان ۾ نہ ايندڙ امرجي ظاهر ڪرڻ جي هيبت کان، مٿي چيريل آهي، ۽ زبان بيان کان عاجز، انهيءَ تقرير جي گهيري ۾ مشڪل ٿيندڙ رمز جي ذڪر ۾ حيرت کان گونگي هئل آهي:

”قلـــم، زبـــان، نـــہ طـــاقت رکـــن بيـــان فـــراق،
ڪـري ســگهان، تـــہ ڪريـــان شـرح داســتان فــراق!“

## 9- خط ان دوست جي دلداريءَ ۾ جنهن جي گهر بہ جاڙيون نياڻيون ڄايون

انهيءَ پاسي کان خبرون آيون، تن مان معلوم ٿيو تہ ان مشفق جي گهر بہ جاڙيون نياڻيون ڄايون، تنهنڪري طرحين طرحين ترددن ۽ قسمين قسمين تفڪرن پنهنجيون صورتون پسايون.

پر جڏهين جهان ۾ شادي ۽ رنج، ۽ ننگ ۽ گنج گڏ آهن، ۽ آيت ”وَمِـن ڪُـل خَلَـقنَـا زَوجَـينِ “جي معنيٰ موجب نياڻيون پٽن وانگر ضرور گهرجن، تڏهين ”فِـعلُ الحَـڪيمِ لا يَخلُـوا عـن الحِـڪمـة “جي دلاسي سان، اِنَ مَـع العُـسرِ يُسراً “۾ اُميدوار رهندا. تہ ان صبر جي موچاريءَ جزا ۾ فرزند ارجمند جي تولد سان سَدَ ڪان واڌو سُرور لهندا! فقط.

## 10- خط عقيقي جي دعوت ۾

شوق جي سلامن بعد معلوم ته فرزند پياري "فلان" اَطَال الله عمرهٗ جي كير ڇڏائڻ ۽ عقيقي كرڻ جي لاءِ هن سال جي رجب جي ٻارهين، جمعي جو ڏينهن، مقرر كيو ويو آهي. تنهن ۾ اُميد ته ذكر كيل تاريخ تي، هن غريب خاني ۾ قدم رنج فرمائي، طعام واپرائڻ بعد خوشي. جي محفل ۾ شريك ٿيندا. ۽ هن مخلص كي ممنون ۽ احسان جو مرهون فرما ٿيندا- فقط.

## جواب

اتحاد جو خط فرحت نمط رسيو. هي هوا خواه ان اشارت موجب جيكر خوشيءَ جي محفل ۾ اچي داخل ٿئي ها، ۽ روبرو مباركباد جي رسم ادا كندڙن ۾ شامل ٿئي ها، پر سركاري ضروري كمن جي اڳ پوءِ هجڻ كري مجبور آهي، تنهنكري مباركباديءَ جا ٻه حرف لکيا ويا. ضرورت وقت، وضوءَ بدران تيمم جو به دستور آهي. تنهن سان ٻه، بشرط فرصت جي، ۽ ملڻ رخصت جي، ان مسرت جي مجلس ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ وس كندس - فقط.

## 11- خط روزي ركڻ جي مباركباديءَ ۾

اوهان جي برخوردار كامگار جي روزي ركڻ جي خبر بهجت اثر ٻڌڻ كان خوشي ۽ سرهائي حد كان واڌو سري. ذٽي پاك پنهنجي محبت بخشيش، ۽ سندس ٻانهپ جو شوق ۽ ان مان ذوق ڏئيس، ۽ موچارائين ۾ مشغول كري، ۽ مَنَن ۽ مَنين كان امن ۽ پناه ۾ ركيس!

## 12- خط كنهن دوست تي كم جي تكليف ركڻ بابت

مدت كان فرزند پياري، سعادت واري، "فلان "جي سڱَ كرڻ لاءِ، دل وٽندڙ هئا - جنهن كان دل جي مُكڙي كُلي - هٿ نٿي لڳو. هينئر كن اتي جن ماڻهن، ڳالهه جي محبوب كي بيان جي زيور سان سينگاريو ته سڳورن جي ڏئل، پلاٽين ۾ بالا هئل، ميان "فلان"(سلمه المنان)جي سڳورائيءَ جي گهر ۾ نياڻي آهي - خوبيءَ جي برج جو ستارو، محبوبيءَ جي سونگي جو گوهر زيب وارو. حسين، مه جبين. سرو جي قد، خورشيد جي خد: لب شكر. موئي

ڪمر، خوش رفتار، شيرين گفتار، خوش خوءِ عطر بوءِ، مرهم دل مجروح، ۽ قوت ۽ قوت روح، حسن ۽ جمال واري نهايت، ۽ زيب ۽ ڪمال ۾ بي غايت! تنهنڪري، پنهنجي رسم موافق، هدين ۽ تحفن سميت، پنهنجو معتمد(فلاڻو) روانو ڪجي ٿو، اُميد تہ توجهہ فرمائي ساڻس گڏجي هن جي دولتخاني تي رسي، اسان جي فرزند جي حسن ۽ جمال، ۽ فضل ۽ ڪمال ، ۽ جوانمرديءَ ۽ دلاوريءَ، ۽ مروت ۽ فتوت، ۽ دانائيءَ ۽ سچائيءَ، ۽ خوشخوبيءَ ۽ مهر جوئيءَ جي وصفن ۽ صفتن ڪي ظهور جي ميدان ۾ رسائي، اُن مشفق موصوف ڪان، هن زهره سڪل ساڻ هن مشتريءَ صورت جي اقتران جو التماس ڪندا.

جيڪڏهن ان معنيٰ جي صورت قبوليت جي وڳي سان سينگارجي، تہ جلد احوال لکندا تہ شاديءَ جي ضروري اسباب جو تدارڪ ڪجي، ۽ جي گهرڻ جي سيني تي رد جو هٿ، تہ بہ قلم جي منهن تي آٽيندا - زياده ڪهڙي تصديع ڏجي.

## جواب

مون ڪان وڏيڪ مون تي مهربان! نوازش نامو هر غم ٽار، اڪين ٺار، عين انتظار ۾ رسيو. عالي قدر امر - هن ڪان سواءِ، جو ان جي پاسي ذاران نظر ڪنهن پاسي ميل ڪري - اڳيان رڪيل آهي.

هميشہ آرزو رهندي هئي تہ منهنجي ڪوشش ڪنهن دل گهربل دوست جي مشڪل جي ڳنڍ کولي ۽ مون هٿان ڪم ٿئي، جنهن مان ڪنهن دوست سان محبت جي واٽ وڌي. هاڻي جلدي نہ ڪجو، ڪجهہ مهلت ڏجو: ڪنهن وقت ڪان پوءِ بخت مراد ۾ ٿو اَچيوَ ۽ مراد موجب مقصد حاصل ٿو ٿئيوَ! فقط والسلام.

## 13- خط دوست ڏي، ڪنهن وعدي ڪان قرندڙ کي نصيحت ڪرڻ بابت

نيڪ روشن هوندو جو اوهان جي مخلص (فلاڻي) جي گهر اسان جي دوست (فلاڻي) جي فرزند جي شاديءَ جي نسبت، رسم موجب، ٻن ورهين ڪان ٿيل اهي. ٻوءِ نامعلوم تہ ڪهڙيءَ شوم طبعيءَ ڪان، ٻئي (فلاڻي) کي مالدار سمجهي، اُن جي دامادي اختيار ڪريو، دوست مذڪور مان مسڪينيءَ جو عيب ڪڍيو. تيل سنگ ڪان جواب ٿو ڏئي؟- اي ڇا مناسب، ڪهڙو لائق!

## 18- خط جنهن ۾ سنڌيءَ ۽ فارسيءَ سواءِ ٻيو لفظ ڪونهي

منهنجا نوازش فرما - شال هميشه خوش هجو!

سلامن ڪان پوءِ سالن جي لکل سڌ هيءَ، ته ڪڏهين گڏ ويهي شادماني جا گل چونديون: تنهنڪري اڪيون چوٽن تي وينيون. پر اوهان جي اچڻ نه ٿيو! هاڻي جي دوست نوازي ٿئي ته کهڙو جو مزو، جي نه، ته ڪڏهن وڃ واري دشت ڪي دريا ڏسندؤ!

## 19- خط "الف" ڪان خالي

دلين جو ڏئل دوست، هميشه خوش خرم هجي!

تسليم، تڪريم، بيحد تعظيم بعد عرض ته جگر وچوڙي جي شعلي جو جليل، ملڻ ري، ڪنهن خط ڪ خبر تي نٿو وندري: چوي ته جڏهن سڄڻ سيني تي هٿ ڌري، تڏهين 'دوري جي درد جي تڪليف ۾ تخفيف به سري، ڪجهه مچ به ڍري!' سو دوستن جي محبت. سچن جي شفقت م عجب ڪينهي - من منهنجو ويل بخت به ڪڏهين وري! وڌيڪ شوق - فقط.

## 20- خط جنهن ۾ "ب" جو حرف ڪو نه ٿو اچي

منهنجا پيارا يار، هنئين جا هار - سلامت هجين!

شوق جي سلامن ڪان پوءِ، مقصد هيءُ ته ديدار ڪان دوريءَ ۽ مجلس ڪان مهجوريءَ جي حسرت ڪي، وصال جي مسرت ڏاران، ٻيو ڪو وجائيندڙ نظر نٿو اچي، تنهنڪري ان جو حصول خدا جي فضل تي رکيو، ظاهر ٿو ڪجي ته هن سفر جو مذڪور ۽ هن ملڪ جو دستور جيڪي نظر آيو ۽ ايندو، سو انشاءَ الله تعالي ڪجهه خطن ۾. ڪجهه ملاقات وقت، عرض ڪيو ويندو: هينئر ڪم ڪان فراغت ۽ قاصد جي نڪرڻ ۾ فرصت نه هئي، تنهنڪري هيتري تي اڪتفا ڪئي ويئي.

(نوٽ: انشائن ۾ 'حرفن ڇڏڻ جي صنعت' جا سيني حرفن جا خط لکن ٿا، پر هتي نموني لاءِ ٻه لکيا ويا.)

"دَرِدَ دل زار آهـــــــــ آزاري،
اڄ وري وار وک ورڻ واري."

## 29- خط جنهن ۾ سيڪنهن ڪلمي پڙهڻ سان چپ چپ سان لڳي

محب مهربان، مشفق مخلصان، پائرن کان پلارو، پنهنجن کان پيارو، ميان سوپارو - سلامت!

محبت جا سلام، پرت جا پيام پهچن. مڪتوب مرغوب موچاريءَ مهل پهتو، فراق جو ڦٽ وري وچڙي پيو: پَـرَوَسُ ڦاهيءَ ۾ ڦاٿل ڪي موڪل ملڻ نہ ممڪن، پاڻ ڏي پسي، ملڻ جي مهرباني فرمايو تہ مدام ممنون هوندس! فقط، واسلام.

## 30- خط جنهن ۾ ڪنهن بہ لفظ پڙهڻ ۾ چپ چپ تي نہ لڳي

دلدار دلقرار، سچار سچائيءَ جو سينگار - سدا سرهو هجي!

تحيت ۽ دعا جو هديو هلايو، اطلاع تو ڏئي تہ ديدار جي سڪ، گڏجڻ جي شوق ان تي آندس، تہ ساعت کان اڳ اتي رسان، ٿيون ڏينهن ريل تان لهي اڄ هتي آيس- ڪرايو ڏيان ٿو، تہ سُواري هٿ نٿي لڳي! هاٿي جي اچڻ جي اجازت ٿئي ۽ سواري اچي، تہ ڪهڙي جانوازش ڪان نازش سرندي! اطلاع لاءِ هي تورا اکر لکيا ٿيا.

## 31- خط جنهن ڪي نظم ۽ نثر ٻنهي ۾ برابر پڙهي سگهجي

منهنجـــا دلـــدار، حـــال جـــا همـــراز،
منهنجـــا بيچـــارگيءَ جـــا چـــاره ســـاز!
بعـــد لک لک ســـلام ۽ تعظيـــم.
ڪروڙيـــن نيـــاز ۽ تڪريـــم.
هـــيءَ گـــذارش تـــہ نتهنجـــي لاءِ، ســـدا.
رات ۽ ڏينهـــن منهنجـــو ورد دعـــا.
۽ هميشـــہ فـــراق ۾ مرٿـــو.

## 33- شوقيو، پوک ۽ ڪري جي تلازمي ۾

خوبيءَ جي 'پرڳڻي' جي رئيس محبوبيءَ جي 'ديهہ' جي سردار جي خدمت ۾، بيقراريءَ جي گهٽيءَ وهندڙ، خاڪساريءَ جي ڪنڊ ڏئندڙ پاران عرض تہ، حضور جي غمزي جي 'دفتر سنڀاليندڙن' ۽ گهنڊ ۽ گهور جي 'ڪم هلائيندڙن'، هن 'فقير' کي محبت جي 'ڪري'، مان لياقت جي 'داڻن' 'پني اچڻ'، لاءِ 'حسن آباد' ۾ موڪليو. اچا ويجهو آيس، تان 'رئيس' حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ جي 'سپاهہ' سوڌو اچي همراهہ ٿيو. وڃي پور ۾ 'منزل' وڃي سون، اتي معلوم ٿيو تہ مٿين 'ڪامورن' ۽ 'ڪارائن'، سڪايلن جي اُميد جي پوک پوکيل کي لاغرضيءَ جي 'ڏانٽي' سان 'لٽي'، بيپرواهيءَ جي 'ڳاهہ' سان 'ڳاهي'، 'غرور' جي 'واءُ' سان منجهانئس شفقت جي 'بوهي' وائري ڪڍي، شوق جي 'سچ' تي سڪائي، اهو اداس ۽ اخلاص وارو 'اَن'، سونهن جي 'شاهوڪار' هٿان وڪڻي چڏيو ۽ 'ناڻو' ناز جي 'خزانچيءَ' کي 'سپاريائون'، تنهن بي انصافيءَ جي 'گهَر' ۾ آڻي رکيو!

هينئر 'بانهي' کي 'ڪوٺار' (شوخيءَ) هٿان ڪجهہ 'تنخواهہ' بہ ملي ٿي: ڪڏهين يگانگيءَ جو 'نقد' آڻي ٿو، ڪڏهين بيوفائيءَ جي 'جنس' ڏيکاري ٿو، جنهن کي آشنائيءَ جي 'بازار' ۾ هڪڙي 'جَوَ' بہ نٿا سڃاڻن! تنهن ۾، جيڪڏهن هن فراق جي 'فاقن' ڪاٽيندر، وصال جي 'آب' ڏران اچ مرندڙ لاءِ، 'گذر جو وجه'، ڪاريءَ اک جي گوشي نگاهہ مان حڪم ٿئي، تہ ڪهڙو چڱو- جو بلڪل بي خرچ ۽ نهايت 'بيروزگار' آهيان! واڌونياز.

## 34- شوقيو، ٻيڙيءَ ٻڏڻ جي تلازمي ۾

انهيءَ وقت کان، جو ڪَنَ ان محبوب بيمثال جي حسن ۽ جمال باڪمال جا آشنا ٿيا آهن، بي اختيار، محبت جي 'درياءَ' اهڙو 'جوش' ڪيو، جو عقل جي 'ٻيڙي' بيقراريءَ جي 'مخالف طوفان' پوڻ سببان حيرت جي 'ڪُن' ۾ اچي پيئي، ۽ پريشانيءَ جي 'واڪوڻن' 'ڦرهڻ ڦرهڻ' ڪري وڌي: صبر جو 'سڙهہ' ليڙون ليڙون ٿيو ۽ شڪيبائيءَ جو 'لنگر' بہ ٽٽي پيو، ۽ پنجن حواسن جا 'رسا' ۽ 'واجهہ' دماغ جي 'ڪوهي' مان ڇڄي ڪري پيا. تنهنڪري آرام جا 'ونجهہ' بہ ڪنهن 'گهُمري' ۾ گمنام ٿي ويا! ناخدا- عشق جي

مشورت سان، بيخوديءَ جي ’لهرين‘ ۾ ’لذّن‘ ۽ مستيءَ جي ’چولين‘ ۾ ’ڇلڻ‘ آهي، تنهنڪري هٿ پير ساڻا ۽ حيلا وسيلا ڪم. خوف ۽ اميد جي ’تختي‘ تي ’تلڻ آهي! هاڻي، جي وصال جي دلاسي جو ’تُرهو‘ ملندو ۽ دوستن جي يادگيريءَ واري ’اُتر هير‘ ايندي، ته البت سلامت جي ’ڪنار‘ تي رسڻ جو آسرو رکجي ٿو، ۽ جي ملامت جون ’ٽيبون‘ ۽ بي مهريءَ جا ’غوطا‘ کائبا، ته نامراديءَ جي ’ڪُن عميق‘ ۾ ٻڏي مرڻ ڏسجي ٿو!

## 35- شوقيو، عمارت ۽ اذاوت جي تلازمي ۾

”دوستيءَ جي ڪئي ’بِنا‘ معمور تو،
تنهنجي حب جي جي ”قصر“ ۾ ڪونهي قصور.
ڏس دسن سوري ۽ سڪ تنهنجي سبب،
صبر ”گهر منهنجي ۾ جو پئڙو فتور.“

’گرچ، صبر ۽ آرام جي ’اذاوت‘ ۽ سڳهه ۽ طاقت جي ’عمارت‘ جي ’بنا‘ ۾، جدائيءَ ۽ وڇوڙي جي ڏينهن گذرڻ ۽ وصل ۽ ميلاپ جي ’مرمت‘ نه ٿيڻ ڪان پورو خلل پئي، ڪجهه منجهانئس ’ڍهي‘ به ويو آهي، پر الحمدلله، جو دوستيءَ ۽ محبت جي ’گهر‘ جي ’پاڙ‘ ’پائدار‘ ۽ سچائيءَ جي ۽ مودت جي ’حويليءَ‘ جو ’بنياد‘ ’محڪم‘ ۽ ’استوار‘ آهي:

”’جاءِ‘، جوڙي جيءَ ۾ جاني تنهنجي حب،
هينئَن هنئين ڪان ڪيم تي پريم پري.
دل جي ’منزل‘ توسوا ’ويران‘ آهي،
جي اچين تان تنهن کي ’آبادي‘ سري!“

اُميد ته احسانن بي پايانن سان وصال جي ’منزلن‘ ۾ اچي ’مسڪن‘ فرمائيندا، ۽ زور موچاري دستور سان ويجهڙائيءَ جي سراءِ ۾ ويهي وفا ۽ صفا جي ’شمع‘ روشن فرمائيندا: شال هميشه محبت ۽ صحبت جي ’ماڙي ڍهڻ‘ ۽ ’ويران رهڻ‘ کان پناهه ۾ هجي! آمين.

## 36- شوقو بازداري ڏي، پکين جي تلازمي ۾

”فراق - ’باز‘ جي ’چنبن‘ اچي ’اسير‘ ڪيو،
طلب ۾ حال جي ”داڻي“ جي هو ”پکي“ دل جو!“

دل جو 'ڪبوتر'، محبت جي 'آکيري' جونپنل، فراق ۽ انتظاريءَ جي عذاب - 'شاهين' جي 'چنبي' ۽ وڇوڙي ۽ بيقراريءَ جي شديد العقاب 'عقاب' جي 'چنگال' ۾ اهڙو هلڪو قيدي ۽ تورو گرفتار نہ آهي، جنهن ڪي بدن جي 'پنجري' مان روح جي 'مرغ' اڏامڻ جي وقت تائين،انهيءَ گرفتاريءَ مان خلاصيءَ ۽ رستگاريءَ جي ڪا اميد هجي:

"منجهہ 'ڪمند' انتظار ائين قاتس،
جاسين 'صياد' ايندو، ويندم ساهہ!"

انهيءَ سبب انبيان جي 'طوطيءَ'، ان جي تبيان ۾ 'ڳيري' وانگر عجز ۽ قصور جو 'ڳانو' ساهہ جي ڳچيءَ ۾ پاتو، ۽ زبان جي 'بلبل' انهيءَ مقال ۾ بلڪل ماٺ جهڙو ڪو حيلو نہ سجاتو. هاڻي، هيڪلائيءَ جي 'آکيري' ۾ شوق جي 'پاريل' سان - جو آشنائيءَ جو خط آڻيندڙ آهي - هجران جي حڪايت ۽ جدائيءَ جي شڪايت جي گفتگو ۾ گذاريان ٿو. اميد تہ وصال جو فرخنده فال 'پکي'، يعني اتصال جو همايون بال 'هما'، جلد زور، هن 'عقاب' جي چونڊيءَ تي ويچي ۽ انفصال جو پاڇو پکيڙيندڙ ٿئي!

زياده ڇا لکي، چاچوي: شال هميشہ سعادت 'شهباز' اعزاز جي اوج تي 'پرواز' ۾ هجي! فقط والسلام.

## 37- شوقيہ گرميءَ اونهاري جي تلازمي ۾

"هجر جي واديءَ ۾ آيس ۽ ويم 'وڳهري' وجود،
واءِ! 'ڪوسي واءُ' واري آهہ هيءَ منزل خراب!"

فراق جي بيابان جي ساهہ ڪي ساڙيندڙ 'لُڪَ'، ۽ اشتياق جي واديءَ جو جسم ڪي وڳهاريندڙ 'جهولو'، ايتري قدر آهي، جو جيڪڏهين فڪر جو اڏامندڙ سندس هوا مان لنگهي، تہ پرواني وانگر پڪڙاندين ۽ پک 'سڙي وڃنس'، ۽ جيڪڏهين وهم جو پکي مٿانئس پرواز ڪري، تہ ڪوري ۾ پيل ميڇيءَ وانگر 'ڪامي'، 'ٻـجَ' بہ نہ بچنس.

هميشہ هجر جي 'ڪام' ڪان، هڏن جي مِنجُ، شمع جي وٽ وانگر سوز ۽ گداز ۾ اٿم، ۽ پرانهينءَ جي 'باهہ' ڪان، سيني جو 'ڪُل'، آتشين - آه سان همدم ۽ همساز. هاءِ افسوس:

"انهـ 'ميچ' کان جو سک تنهنجي مچايو،
نـ آهي منهنجو چارو کو 'سڙڻ' تي!"

آسرو اٿم تـ وصال جي ڇهري تان وڇوڙي جا حجاب ٽرندا. ۽ جدائيءَ ۽ فراق جي 'باهہ' پريلن هنجن جا 'نار' نرندا. ۽ لطف جا 'ککر' ورندا. ۽ شوق جي واديءَ ۾ سڙيلن کي ان جا پاڇويا سرندا! فقط.

## 38- شوقيو سانوڻ ۽ وسڪاري جي تلازمي ۾

" 'مينهن وسندي' مون ٿئي 'پاٽي وسائڻ' کان حيا.
مونکي تنهنکري رت وهائڻ اڄ اکين مان ٿيوضرور.
سڄ 'ککر' جوسيگهہ سان عالم اتي ٿيندو عيان.
منهنجي سڄ کي مَيل ناهي تان کري کنهن دَمُ ظهور!"

انهيءَ وقت کان، جو فراق جو 'سحاب' ان آفتاب عالمتاب جي منهن مبارک جو حجاب ٿيو، هن ساعت سينئن، اکين جي 'ککر' مان ڏک جي 'مينهن وسنڌ' ۽ رت جي 'نئن' آنِ جي 'چشمي' مان اٿلندڙ آهي:

"سهڻي صورت تنهنجي غائب ٿي جڏهانکر کان نظر،
هيکدم هرگز هنجن کان آهہ اک آرام تان نـ.
اِي عجب، هنج اک جو وڇڙڻ کان اڳي ۽ پوءِ اِي:
جڻ سوا هنج اک هئي ٿي، هاڻ هنج،اک آهہ کا نـ."

نـ دل کي ايترو صبر، جا وڇوڙي ۾اکين جي 'سيلاب' جي نگاهہ رکي، نـ پيرن کي ايتري قوت، جو اندوه جي 'گپ' مان نکري مطلوب جي پاسي وک کڻي:

"بخت اُو کٿ، جو تون گل جٺن منهن مٿان کولين نقاب،
اي کرم جي تي اچي، سڄ جٺن پسائين عام نور!"

شال رحمت ۽ احسان جو 'مينهن' مخلصن جي اميدن جي 'پوکن' تي هميشہ وسندڙ هجي!

## 39- خط شوقيو، سرديءَ ۽ سياري جي تلازمي ۾

"آن ري ٿيم خزان سندو عمرنوبهار،
هردم اوهان کان پوءِ کٿان ٿو پساهہ سرد!"

جدائيءَ جي 'زمهرير' * جي ڏاڍيءَ تذائيءَ کان، عُنصري** 'آتش' بدن مان اجهامي ويئي، ۽ نااميديءَ جي 'صرصر'*** جي 'تذن پساهن' کان، طبعي 'گرمي' وسامي ويئي:

"جُسي مان سمورو ويو رت سُکي،
بدن ۾ رهيو روح ڪُومائجي!"

نہ افسردگيءَ سببان آتشين آھ ڪي سيني کان ظاهر ٿيڻ جي مجال ۽ طاقت، ۽ نہ بيجان رهجڻ ڪري رت گڏيل هنج ڪي منهن تان لنگهڻ جي سگهہ ۽ قوت: خوشيءَ جا 'پن ڇڻي پيا'، ۽ اميدن جا وڻ مقصودن جي لباسن کان خالي رهجي ويا! واڌو ڇا لکان ۽ ڪهڙو عرض رکان؟ شال مرادن جا هٿ ۽ ٻانهون عروسن آرزو جي ڪنڌن ۾ هجن ۽ اهي هم - بغل، ۽ عيش ۽ فراغت جي ڏهلي ۾ ماڳ ۽ منزل هجي!

## 40- خط شوقيہ، خزان جي تلازمي ۾

"پسي 'خزان'، ٿيم سرس سور سيني جو،
تہ هاءِ! حال منهنجي جي هيءَ بہ اهل ڪري!
ڪِهو 'خزان' ڪي غم، جنهن جي پٺ 'بهار' اچي؟
خبر نہ آھ، سري مون 'بهار' يا نہ سري!ء

اگرچ هن 'خزان' ۽ 'بهار' جي 'موسم' ۾ باغن جي قسما قسم ورقن جو ملاحظو ۽ رنگا رنگي صفحن جو مطالعو، ڏکويلن خاطرن جي خوشيءَ ۽ غمگينن دلين جي سرهائيءَ جو سبب آهي، پر فراق ڏنل اک ڪي، ان جي ڏسڻ کان، خزاني رخسار تي هنج ارغواني هارڻ ذاران ٻيو ڪي نتو اچهي، ۽ وڇوڙي ماريل دل زعفرانيءَ منهن تي، اکين جي رت وسائڻ سوا، ٻئي ڪنهن ۾ ريجهي نتي رهي:

"ٿيو 'خزان' واءِ رت روئڻ سببان،
منهنجو منهن آهہ 'لالہ زار' اجا!
پڻ وڇوڙي جي ورهہ کان ساڳي،
دل قتيل ۾ خار خار اجا."

---

* سياري جي سختي
** اصلي چئن عناصرن واري
*** سخت واءُ

جڏهين سيڪنهن 'خزان' پنيان 'بهار' آهي ۽ سيڪنهن ڏک پنيان سک، تڏهين اميد تہ وصل جي 'بهار' جي 'نسيم' لڳندي، ۽ 'خزان - فراق' جي 'ڪومائجڻ' مان منجهي 'ڪڙن' ۽ 'ٽڙڻ' ۽ 'تازگيءَ' جي 'مند' منهن ڪيندي!

"هجي مجلس خوشيءَ جي تنهنجو مسڪن،
هجي عشرت جي تو وٽ شمع روشن:
"چمن" ۾ حسن جي تنهنجو سنئون قد،
سدائين سرو جيئن آفت کان آيمن!"

## 41- شوقيہ بهار جي تلازمي ۾

"'بهار'، عالمَ منهنجي اکين ڏسڻ تيو بار،
'خزان' عمر تيو منهنجو ڇا ڪندوم 'بهار'!"

جيتوڻيڪ، سلطان- بهار جي عدالت جي اثرن سان، اميدن جي "مکڙين ڪلڻ" ۽ مرادن جي "گلن ڪڙڻ" سبب سارو عالم "باغ" آهي، پر ان کي کهڙو سود، جنهن جي رت پريل دل ۾ وڇوڙي جي "ڪنڊن" چيڻ جو سور، ۽ قتيل جگر ۾ "لالا" وانگر دوديءَ جي دردن جو "داغ تي داغ" آهي:

"گل ڪليا"، "مکڙيون ٽڙيون"، "بستان" سڀ سينگاريو،
"مکڙي" ڪومائل ٽڙي جا ڪين، سا هئي منهنجي دل!"

نڪو اک ڏک ڏٺل کي "گلن" ۽ "بوٽن" ڏي نهارڻ جو نور آهي، نڪو دل اندوه منزل کي "گلزار" جي تماشي مان سرور آهي:

"جنهن جي دل ۾ لڳو 'ڪنڊو' هڏ ڪو نہ،
سير "باغن" سندا ڪري سو ڇو نہ؟
مون کي بس يار جي گِلي تي پلي،
دل قتيل "باغ" ڏي سگهان نہ هلي!"

آس اٿم تہ اک اميدوار، جا "نرگس" وانگر اڃي ٿيل آهي، جمال جي مشاهدي مان روشني حاصل ڪندي. شال هميشہ اوهان جي مراد جا 'باغ' 'تازا' ۽ 'بهاريل' هجن!

## 52- شوقيو بهاري

اگرچ، 'بهار' جي پير پائن سان، دل ڪشادي ڪندڙ جهان جو 'ميدان' قسمين قسمين 'گلن' موچارن ۽ طرحين طرحين 'سبزن' وزن وارن ڪان باغ - ارم جو ثاني آهي، پر جنهن جي دل رت پريل تي 'لالا' وانگر فراق جو 'داغ' لڳل هوندو، تنهن کي ان جو ديدار کهڙو 'خط' ۽ 'راحت' رسائيندو:

"گل - رخ' کان جو جدا، سو ڪندو ڇا 'بهار' کي؟
دل ۾ اتس سي 'داغ'، نه جي 'لاله زار' کي!"

اُميد تہ دوستن 'جي اميدن' جو ' باغ،' جو وڇوڙي جي 'گرم هوائن' ۽ فراق جي 'ڪوسين لُڪن' لڳڻ ڪري سڪل ۽ ڪومايل آهي، وصال جي 'نسيم' 'عنبرشميم' سان 'سرسبز' ۽ 'تازو' ٿيندو - شال اقبال جو 'نهال' سدا پاڇو پکيڙيندڙ هجي!

## 43- شوقيو بهاري

"ههڙي 'بهار' ۾ هئي هجرانءُ ٿيو نصيب!
ورتم نہ 'گل' هٿن ۾ 'ڪنڊا' پير ۾ لڳم!"

هنن ڏينهن موچارن، آسايش وارن ۾ 'جهان' جي چمن جو ميدان، قسما قسم مکڙن ۽ رنگا رنگ 'گلن' جي گهڻائيءَ کان، توڻي، 'بهشتي باغ'، جو نمونو بلڪ 'رضوان جي باغيچي' کي رشڪ ڏياريندڙ آهي، پر جنهن کي 'مکڙيءَ' مثل 'گل' جي فراق جو 'ڪنڊو' دل جي پير ۾ لڳل هوندو، تنهن کي ان جي تماشي مان ڪهڙي ڪشايش ۽ آسائش سرندي؟ جي انصاف، تہ پاڻ اڳوٽي کان اڳري حسرت جي آفت مٿس ڍرندي.

"يار جي رخ سوا هي 'فصل بهار'،
تو رهي شرمسار، ڇا ڪلندو!
ناهہ 'گل - رخ' جي منهنجي مجلس ۾،
'باغ - دل' جو 'بهار' ڇا ڪلندو!"

اميد تہ وصال جي هير سان اميدن جي مکڙي ڪلندي. فقط.

## 44- ٿ قيو بهاري جوابي محبوب ڪان

بعد گذارش ڪرڻ سهسين سلام، هزارين تحيتن جي، جن جي محبت جي 'ڪڪر' جو 'وسڻ' اخلاص جي 'باغ' کي 'تازگي' بخشي - ۽ لکين پدمين ثنائن، جن جي مودت جو 'مينهن' اختصاص جي 'گلبن' کي رونق ڏني، فکر منور ۽ دل انور تي ظاهر تو ڪري، "الحمدلله والمنة له. جو مرحارن وقتن ۾ سڳورين ساعتن ۾، دوستيءَ جي 'گلزار' مان 'سرهيءَ' 'هير' لڳڻ سان اميد جي 'مکڙيءَ' جو کلڻ ٿيو، ۽ راحت وارن 'وائن' ورڻ سان تن ۾ 'تازائيءَ' جو پرتوو پيو:

"مون ڏي قاصدَ آندو خط 'گل - پيرهن'،
يا 'صبا' آندو 'چمن' مان 'پنُ سمن'!"

نتو ڄاڻان تہ اهو مُشڪ وسائيندڙ خط، 'بنفشو' هو 'سمن' جي صفحي مان اُپريل، يا 'سنبل' هو 'گل' جي 'ورق' ۾ ويڙهيل؟

"معطر ڪيو منهنجو قاصد دماغ،
ڏنائينم خط، پر سہ بيڙو "ختن":
نہ سو خط، تحفو سندو 'باغبان'،
'بنفشو' هئو ويڙهيل منجهہ سمن!"

ان جي رسڻ ڪان وصال جي 'گلشن' جو شوق واڌو ٿيو، ۽ دل جي 'مکڙين' ۾ ويڇوڙي جي 'ڪنڊي' چپيل زياده سور ڪيو. انشاءَالله تعاليٰ، انهيءَ مراد جو 'گلشن'، 'کلڻ' ۽ 'شگفتگيءَ' ۾ ايندو، ۽ انهيءَ آرزو جو 'چمن' 'سرسبزي' ۽ 'تازگي' قبوليندو! جڏهين مدعا فقط دعا هئي، تڏهين ان تي اڪتفا ٿئي:

"تو مٿي ڪو غبار غم وارو،
شال اي 'سرو' نوجوان مَ رسي!
حسن تنهنجي جو هيءُ جو آهہ 'بهار'،
تنهن تي ڪڏهين 'بلاخزان' مَ رسي!
اي 'بنفشو' جو تنهنجو 'خط سبز' آهي،
تنهن تي 'ڪومائجڻ' گمان مَ رسي.
تنهنجو منهن 'لالہ زار' آهي جو،
تنهن مٿي 'رنگ زعفران' مَ رسي!"

## 46- شوقيو عيد جي تلازمي ۾

منجهان دل منهنجي، تنهنجو غم، وڃڻ هن عيد ۾ مشڪل، ڀلا هڪ ڏينهن ۾ سالن سندا سَوَ سور ڪئن ويندا؟

جنهن 'عيد' ۾ 'ماهرو'، 'هلال ابرو' جي فراق جي تکي تلوار جي غمن کان دل آزاد نہ هوندي، ۽ يارن جي 'مبارڪباد' جي اميد تي بہ شاد نہ هوندي، تنهن مان ڪهڙي خوشي ۽ فرحت پيشاني پسائيندي: بلڪ ڪهڙا جي غم ۽ اندوہ اُها عيد اچي وڌائيندي:

"تــي عيــد، دل جــا درد وڌي پــان ٿيــا وڏا،
مــاتم - منن کي عيــد مــان مــاتم بيــو ٿئـي!"

اميد تہ وصال جو 'هلال'. اتصال جي پاسان سگهو پيدا ٿيندو، ۽ او حسن ۽ جمال ۽ فضل ۽ ڪمال جي آسمان جو 'چنڊ'، 'مبارڪ' جي مــہ تي تشريف فرمائيندو:

"تو سوا ٻي ڪا نہ اڃهي عيد مون کي اي پرين،
عيد اِيءَ آهيم، جو تو کي پسان اي ماهہ رو."

زياده، اطناب جي طناب کي 'دعا' جي تيغ سان وڍڻ اولي سمجهيو ويو - شال هميشہ تنهنجي خوشيءَ جا سڀ روزنو روز هجن، ۽ تنهنجي سرهائيءَ جي سيڪا عيد سعيد ۽ فيروز هجي:

"عيــد هــردم هجيــم تنهنجــي ڏِسـي،
تــو بنــا عيــد پــڻ محــرم هــوءِ!" *

(التماس: جڏهين سڀ طرح سان سيڪنهن جي سيڪا رٿ پوري ٿيڻ لاچار آهي، بلڪ اختصار سان ڪنهن بہ فن جي ڪليات ۽ جزئيات جو جمع ڪرڻ بہ دشوار آهي، تڏهن اهو هوس ڦٽو ڪريو، باقين رٿيلن نمونن جي ذڪر سان ڪلام جو طول نتو ڪجي، ۽ بنا ڪان جيڪو مختصر ڪتاب ڪرڻ جو حڪم آهي، تنهن کان عدول نتو ڪجي. فهم ۽ درايت واري لاءِ هيترو قدر بہ ڪفايت آهي.)

* نوٽ: هيٺيون تلازمن جي خطن ۾ مرحوم بلبل سچو ڪتاب "بهار عشق" لکيو آهي.

# فصل چوٿون

## واجب التعليم قانونن جي بيان ۾

كتاب جي اول ۾ به كجهه انشا جا ادب لکيا ويا آهن. انهن کان سواءِ کي قانون، جن جو سکڻ واجب ٿو ڄاڻجي، اختصار سان هتي به لکجن ٿا ته فائدو عام هجي. انهن قانونن سکڻ سان به کاتب هشيار گهرجي جو علمن ۽ ادبن ۽ ڪلام جي سهڻي ترکيب ۽ ڳالهه جي موچاريءَ ترتيب سان موصوف هجڻ کان سواءِ به، سڀ ڪنهن فريق جي احوالن کان ڄاڻندڙ ۽ سيڪنهن طبقي جي هڪ هڪ جي مرتبي کي سڃاڻندڙ هجي - تان "اَنزِلِ النَّاسَ مَنَازِلَهُم" جي حڪم سان، سڀ ڪنهن جي حال سان مناسب تعريف کي ادا ڪري، ۽ عبارت جي گهٽائڻ ۽ وڌائڻ جي جاءِ جي نگاهه رکي، ته حال جي مقتضا تي ڳالهه برابر اچي، ۽ ڪڏهين نابليغن، غير فصيحن سان بلاغت ۽ فصاحت جي رسم نه رکي، ۽ اديبن ۽ فضيلت وارن ڏي غير فصيح عبارتون ۽ الفاظ نه لکي- ته "كَلِمُوا النَّاسَ عَلىٰ قَدرِ عُقُولِهِم" جي وات جي رعايت به ٿئي، ۽ ڪنهن جي به شان ۾ گهٽ وڌ وک کڻڻ کان به بچي، ۽ ڪنهن به اهل ادب جي طعن ۽ ملامت هيٺ به نه اچي - يلا اک جي ڦلڙي ک ٻيہر جي ٻور کي جي گل بنائيندا، سي ملامت هيٺ چونہ ايندا!

قانون پهريون: خط جي ابتدا ۾، مضمون سان موافق، الله تعاليٰ جي ڪنهن به اسم سان تبرڪ ڳولڻ گهرجي - جهڙو عفو جي طلب ۾ "هُوَ الغَفُور"، ۽ وفات جي خبر ڪ تعزيت ۾ "هُوَ الحَيُّ القَيُّوم"، ۽ بيمار کي پڇڻ ۾ "هُوَ الشَافِي"، يا ان ۾ مکتوب اليه جي نالي يا مرتبن ۽ صفتن جو ملاحظو ڪجي - جهڙو "هُوَ المُحسِن"، "هُوَ العَزِيز" انهن نالن وارن جي نسبت، يا "هوالعليم"، "هوالحفيظ"، "هوالحڪيم" عالمن ۽ حافظن ۽ حڪيمن ڏي - ۽ اهڙا تصرف ڪاتب جي ذهن سان تعلق رکن ٿا.

قانون ٻيو: خط جي شروع جي هڪڙي وات مُعيَن تيل ڪانهي، سيڪنهن طبيعت جي گهُر سان. "كُلُ حِزبٍ بِمَا لَدَيهِم فَرِحُونَ : جي حڪم سان وات ڏٺي آهي، ۽ جدا جدا قسم ڏي ميل رکيو آهي: ڪن مکتوب اليه جي منصب سان مناسب دعا سان، ۽ ڪن محض القابن سان، ۽ ڪن اجا ٻين طرحن سان شروع ڪرڻ پسند ڪيو آهي - جهڙو، دعا سين شروع:

سيد پاڳاري ڏي - "متاهين قدر واري نقابت جي مسند ۽ اتاهينءَ عزت وارو!

"سيادت ۽ نجابت جو تخت سڳورو، ذات ڪريم الصفات جناب والا خطاب حضرت شاه صاحب جي سان سينگاريل ۽ تعظيم ڪيل هجي، ۽ سڳورن ڏينهن ۽ پلن ماڻهن جي دلين جيون آرسيون، ان حضور جي الطافن ۽ اعطافن جي صيقل سان روشن ۽ صاف ٿيلون هجن"!

قانون ٽيون: ڪن وقتن ۾، مڪتوب اليه جي تعريف جي عنايت ۽ توصيف جي نهايت ڪي وصفن ۽ لقبن جي اختصار سان آڻين ٿا. يا ڪماحقه وصفن ادا ڪرڻ ۾، عقلن ۽ فهمن جي لاچاري ڏيکارڻ سان، يا ان جي مشهوريءَ تي اڪتفا ڪرڻ ۽ تعريف جي محتاج نه هجڻ سان، يا ڪماليت جي وصفن جي گهڻائيءَ ۽ حساب جي حد ۾ نه اچڻ سان، يا انهن جي ذڪر ۾ پنهنجي عجز ۽ قصور مڃڻ سان - جهڙوڪ:

نهايت متانهين ڏي - "شيرين ادا ناطق زبان ڪي جناب جي متانهين صفتن مان ڪنهن پڪي جي بيان ۾ گفتار جي قوت ڪانهي، ۽ فلڪ ماپيندڙ فڪر جي پير ڪي ان جي سڳورين ساراهن مان ڪنهن نڪتي جي تحقيق جي واٽ ۾ رفتار جي طاقت ڪانهي، " پوءِ بي قوت زبان ڇا ستايش ڪندي ۽ فڪر جي منڊي پير ڪي ان جي ادا ميدان ۾ ڇا مجال رهندي":

"واٽ ناهس، سو ڪٿين شروع ڪجي"؟ يا: "جناب جي مناقبن جي گهڻائيءَ ۽ مراتبن جي ظهور، نهايت مشهوريءَ ڪان، جڏهين جهان جي پاسن ڪي گهيريو، ۽ فضيلت ۽ شرف وارن جي زبانن ان جي ڪمال جي هوڪي ۽ جمال جي دبدبي سان اورين پرين جي ڪنن ڪي پريوآهي، تڏهين ان جو ذڪر ڪرڻ - جو تحصيل حاصل جو آهي - لائق نٿو ڄاڻي."

يا : "جناب جي ذات فائض البرڪات جون برڪتون ۽ موچاريون صفتون ايڏي مرتبي آهن، جو عبارتن جي واسطي ۽ استعارن جي وسيلي سان، ان جي ادا ڪرڻ جي حرم جي آسپاس ڦرڻ بہ مشڪل ۽ لاچار. سو ان جي ٿوري حصي مان ٿوري حصي جو پورو بيان ڪرڻ تہ نهايت دشوار آهي."

يا: "جڏهين روشن ضمير وارا فاضل ۽ اگس تدبير وارا عاقل، جناب جي وصفن جي بيان ۾، عجز ڪي تقصير جو وسيل ڪن ٿا، تڏهين ٻانهو همت

جي فتور ۽ فهم جي قصور سان ان ۾ خوض ڪرڻ لائق نٿو ڄاڻي". - "عليٰ هـٰذا القياس."

بلاغتَ وارا ان کي "افتتاح مقبول" چون ٿا: پر خاص مٿانهين مرتبي وارن سوا، ٻئي ڪنهن ڏي لکڻ ۾ نہ ايندو، جي لکبو تہ عيب ٿيندو.

قانون چوٿون: ڪڏهين، سلامن ۽ تحيتن کان پوءِ، اختصاص جي صفت ۽ اخلاص جي صورت کي مڪتوب اليہ جي روشن دل جي آئيني تي جلوو ڏياريو. ان جي چٽائيءَ ۽ بيان ۾ خوض نہ ڪريو، ڳالهہ مختصر بنايو، مطلب شروع ڪن ٿا: ۽ انهيءَ لطافت واريءَ شروع کي "احوال جو سپارڻ" چون ٿا، ۽ گهڻو پسند رکن ٿا - ڪڏهين، مڪانن جي پراهينءَ ۽ جسمن جي ويڇي کي قلبي ويجهڙائيءَ ۽ روحاني گڏجڻ جو منع نہ ڪندڙ ڏيکاريو، مڪتوب اليہ کي حقيقت ۾ حاضر ڄاڻيو، شوق جي بيان سان شروع نہ ڪريو، مطلب لکن ٿا: ۽ انهي موچاريءَ ۽ دلپسند ترتيب کي "قربِ معنويءَ سان شروع" چون ٿا - ڪڏهين، مڪتوب اليہ جي ذڪر ۽ يادگيريءَ جي هميشگي ثابت ڪريو، ان مان مَن اَحَبَ شيــئاً اَڪثَـرَ ذِڪرهٗ" موجب محبت جي گهڻائيءَ جو دليل وٺيو، مطلب ڏي ورن ٿا، علم ۽ فضيلت وارا ان کي گهڻو پسند رکن ٿا - انهن چٽني نمونن جا مثال، ڳوليندڙن کي، هن انشا مان ٻہ هٿ ايندا.

قانون پنجون: شوق جو ذڪر، دوسن ۽ هڪ جيڏن جي خطن ۾ جهڙي مناسبت رکي ٿو، تهڙي ٻئي ڪنهن قسم ۾ نہ اٿس، ۽ اهو مضمون، ڪڏهين اشتياق جي بيان ڪرڻ، ڪڏهين فراق جي ذڪر عيان ڪرڻ سان ٿئي ٿو - پر اهڙيءَ طرح، جو منجهانئس گڏجڻ جي آرزوءَ جي بوءِ اچي، ۽ ملاقات جي دعا، ڪ انهيءَ مثال ڪنهن فقري تي ڳالهہ پوري ٿئي - ۽ اشتياق جي بيان ۾ عجز ظاهر ڪرڻ، ۽ فراق جي ذڪر ۾ زمانن جي ڏاڍائيءَ ۽ ڏکن جي گهڻائيءَ ۽ محنت جي آزار جي جهجهائيءَ جو مذڪور آڻڻ، موچارائين مان آهي، ان کان پوءِ دعا جو لکڻ بہ ضروري آهي.

قانون ڇهون: سيڪنهن قسم جي خطن جي اخير ۾، دعا کان اڳي مضمون جي ڊگهي ڪرڻ ۽ دعا جي بنا ٻڌڻ کان عذر ظاهر ڪرڻ کي پورانيءَ جي موچارائين مان ڳڻيو اٿن، پوءِ يا اختصار ۽ دعا ٻئي هجن، يا فقط اختصار، جو دعا ڏي بہ اشارو ڪري.

قانون ستون: گهڻو ڪري ڪاتب جو نالو، جڏهن جاين مان هڪڙيءَ ۾ ذڪر ٿئي ٿو: اول، القابن کان پوءِ - جهڙو "نيازمند(يا دعاگو) فلاڻو هن طرح عرض رکي ٿو" - اهو وڏن ڏي عريضن ۾ زور مناسب آهي، ٻيو، پڇاڙيءَ واريءَ سٽ هيٺان، پر نياز ۽ هيٺاهينءَ سان - جهڙو "باهو" يا "دعا ڪندڙ" يا "محبت" يا "مخلص" (فلاڻو)- ايءَ صورت به شرف وارن ڏي مڪتوبن لکڻ ۾ پوري مناسبت رکي ٿي، ٽيون، خط جي ڪنار تي ساڄي پاسي کان، ۽ اهو محبت ۽ ياريءَ ۽ شوق ۽ هواداريءَ جي صفت سان گڏ گهرجي - جهڙو "محبت مشتاق" يا "مخلص هوا خواه" (فلاڻو)- اها صورت دوستن ۽ هڪ جيڏن ۾ لائق ٿئي ٿي، چوٿون، خط جي پٺ تي، ۽ ان ۾ نهايت ادب جي رعايت آهي، توڙي ڪاغذ جي ڪٻي پاسي لکڻ به نوڙت کي نزديڪ آهي، ۽ اتي به ڪاتب جي حال مناسب، نالي سان گڏ ڪا وصف لکڻ گهرجي - هي سڀ تڏهين آهي، جڏهين ڪاغذ هڪ طرفو لکيل هوندو ۽ پلاند (ڪنارا) به صاف هوندس.

قانون انون: ڪاغذ جي پڇاڙيءَ ۾، تاريخ ۽ مهيني ۽ ورهيه ۽ جنهن هنڌان لکيو، تنهن مڪان جو ذڪر آڻڻ هميشه وٺيل ۽ تاڪيد ڪيل آهي، ۽ ان جي ڇڏڻ سان ڪيترا فائدا تلف ٿين ٿا.

قانون ناٺون: جوابي خطن ۾، الله تعاليٰ جي ڪنهن اسم سان تبرڪ ڳولڻ - جهڙوڪ "هُوَ المُجِيبِ"، يا "وهُوَ مُنزلُ الكتابِ"، يا "وَ هُوَ الَّذي اَنزَلَ الكِتابَ." - ۽ پوءِ خط پهچڻ جي ذڪر ۾ ڪو بيت لکڻ گهرجي، ۽ جيڪڏهين خط جي پهچ جي ذڪر لکڻ وقت، ڪو بيت مناسب لکبو ته به پسند ٿيندو.

قانون ڏهون: خط جي پهچ لکڻ ۾، پهرين مڪتوب اليه جي حال مناسب تعريف جا ڪلما آڻي، پوءِ خط جي جُزئي يعني اجمالي وصف يا ڪلي تعريف لکڻ گهرجي - جهڙو:

"ان جناب جلالت ماب جو والا خطاب لازم الاتباع، ۽ سڳورو ڪتاب واجب الاستماع خاطر خطين جي التفات سان سينگاريل، ۽ ضمير منير جي اهتمام سان سنواريل رسيو، ۽ بيهر جان کي تازو ڪيائين."

يا: "ان محبوب القلوب جو مڪتوب، محبن جو مرغوب، باغ جي هير وانگر دل ڪلائيندڙ، ۽ دوستن جي وصال وانگر خوشي وڌائيندڙ، برڪت وارن وقتن ۾ وارد ٿيو."

يا: "ان پياري وفا واري جي گوهربار قلمن جي قطرن جا آثار، ۽ دُر نثار ڪلام جي برڪتن جا انوار، التفات ۽ انعام جي جنسن تي مشتمل، مبارڪ ساعت ۽ سڀوري وقت ۾ رسيا، ساهه جي اک کي روشني بخشيائون."

قانون يارهون: جڏهين مڪتوب جي تعريف، حقيقت ۾ ڪاتب جي تعريف آهي، تڏهين ان ۾جيترو مبالغو ڪبو، تہ تعظيم جو اثر زور ظاهر ٿيندو: ۽ اها تعريف ڪڏهين اکرن جي سهڻيءَ صورت جي، ڪڏهين ترڪيب جي لطافت جي ٿئي ٿي، ۽ ڪڏهن لفظن جي سلاست ۽ فصاحت ۽ بلاغت جي رعايت جي، ۽ اها اميرن ڏي جوابن ۾ لائق نٿي ٿئي، ڇو جو ان جي ڪاتب ۽ منشيءَ ڏي موٽندڙ آهي، باقي دوستن جي خطن ۾ ڪمال مناسبت اٿس- جهڙو:

"مقصدن جي دفتر جو عنوان، ۽ مرادن جي حصول جو نشان، يعني خط فرحت نمط - جنهن جا اکر سهڻن جي ڪاڪلن جيئن مسلسل پر دلڪشا، ۽ لفظ آب حيات وانگر سياهيءَ ۽ ظلمت ۾، پر روشن ۽ جانفزا هئا - موچارين ساعتن ۽ سڀورن وقتن ۾، اکين جي نور ۽ سيني جي سرور جو سبب ٿيو."

يا: "ان دلا رام فرخنده فرجام جو ڪلام مبارڪ پيام، ۽ پيام سعادت انجام، جنهن جو لفظ لفظ صبح جي وقت جيئن معنائن جي سج ايرڻ کي بغل ۾ رکندڙ، ۽ حرف حرف سحور جي هير جئن راحت ۽ ڪامرانيءَ جي هُڳاءَ اٿيڻ کي ڪڇ ۾ ڪندڙ هو، اوچتيءَ نعمت ۽ بي گمانيءَ لذت وانگر ظاهر ٿيو."

يا: "ڪامرانيءَ جي سببن جي موافق ٿيڻ جو مجموعو، ۽ شادمانيءَ جي اثرن جي پيلهه پڌڻ جو ديباچو، يعني نوازش نامو، عنبر شمامو، جنهن جي روشن اڄائي، ڪرامت جي سُونگي مان موتيءَ جي جهلڪ جئن جهرڪندڙ هئي، ۽ لفظن جي روشنائي بلاغت جي برج مان سج جي شعاع جئن چمڪندڙ - موچاري التفات جو پرتوو پائيندڙ ٿيو، ۽ دوستن جي اکين جي روشنائي وڌائيندڙ."

يا: "مڪتوب مرغوب، جنهن جي لفظن جي ابتدا ۾ ڪامل فصاحت جا اثر پيدا، ۽ ڪلمن جي انتها مان بلاغت جا نور هويدا هئا، موچارن وقتن ۽ سڀورين ساعتن ۾ رنجورن جي هيڪلائيءَ جو وورونهيندڙ ۽ مهجورن کي جدائيءَ ۾ ڏڍ ڏيندڙ ٿيو."

يا: " سڀورو ڪتاب، محبت جو خطاب، جنهن جي اڄائي آفتاب عالم تاب جي شعاع وانگر نور بخشيندڙ ۽ جهان سينگاريندڙ، ۽ ڪارائي، مشڪين

نقاب رات جي حجاب وانگر آرام ڏيندڙ. ۽ خوشي وڌائيندڙ. بلڪ اک جي ڪارائي ان جي اڇائيءَ ۾ حيران، ۽ دوڏي جي اڇائي ان جي ڪارائيءَ ڏي نگران— مقصدن ۽ معنائن جي اکين لاءِ "ڪحل الجواهر" سنديس، ۽ مطلبن ۽ اميدن جي منهن لاءِ پيشانيءَ جي روشني سنديس اڇائي: سندس سيڪو نقطو سخنوريءَ جي رخسار تي خال زيبا ۽ سيڪو حرف هنر گستريءَ جي صفحي تي نقش دل آرا. ڪ سندس اکر، سهڻن جي خال جي نقطي وانگر مشڪين، ۽ نقط. شڪر - لبن جي لعلن وانگر نهايت شيرين، ان جي عبارتن وڃان سحر حلال پيدا. ۽ موجارين اشارتن ۾ بشارتون هويدا. دل آويزن لفظن جي سلاست کان، ، داناءِ عقل کي تعجب جي آگر جو مٿو ڏندن ۾ ۽ حيراني، ۽ لطف آميزن ڪلمن جي ميناج کان، پري پسندڙ فڪر کي تحير جي وادين ۾ سرگرداني آهي - آب حيات وانگر ساهه بخشيندڙ. ۽ هميشگيءَ جي عمر جي لذت ڏيندڙ ٿيو."

قانون ٻارهون: وڏن جي مڪتوب جي تعظيم ڪرڻ واجب آهي ۽ هڪ جيڏن جي خطن جي مناسب. ۽ ان جي جاءِ مڪتوب جي تعريف ڪان پوءِ چون ٿا -- جهڙو:

"طاقت جي اندازي ۽ قدرت جي مقدار موجب، خدمت جا لوازم ۽ عبوديت جا مراسم پيش ڪري، عجز ۽ نياز جي هٿن ۾ جهلي، فخر ۽ مَـرَڪ جي چوٽيءَ تي رکيائين، ۽ اکي کي چُمائي، بغل ۾ وني، جان جي آرسيءَ کي روشن ڪيائين."

يا: "ان احسان جي فرمان ۽ سعادت جي نشان کي فخر جي ٻانهن جي قوت جو تعويذ. ۽ عزت جي چوٽيءَ جو ڇٽ ڪيائين."

يا: "ان جي ورود سان "اِنـي اُلقِـي اِليَ ڪتابَ ڪريم"، پڙهيو ويو، ۽ "الحمد لله الذي انزل علي عبده الڪتاب" دل جي زبان تي جاري ٿيو. ان جي اچڻ تان ساهن جو نقد گهورجي، يا دلين جي موڙي پيشڪش ڪجي، تـ بـ تعظيم اعلي اتس".

يا: "ان ڪتاب ڪريم ۽ خطاب عظيم جي ورود ۾. تڪريم جي دقيقن مان ڪو دقيقو ۽ تعظيم جي وظيفن سان ڪو وظيفو. ري رعايت، نہ ڇڏيو ويو" *

يا: "ان وارد غيبيءَ ۽ وافد لاريبيءَ جو سچيءَ نيت جي منهن کان. اخلاص جي قدم سان استقبال ڪيو ويو".

---

* هي هڪ جيڏن دوستن سان لاڳو آهي.

يا: "ان جي اچائيءَ ۽ ڪارائيءَ کي. اکين جي اچائيءَ ۽ ڪارائيءَ تي مهٽي، ان جي ورود مسعود سان "نصف الملاقات" جو مقصود حاصل ڪيائين".

يا: "ان مبارڪ خط جي ڪارائي "ڪجل الجواهر. سمجهي، ساهه جي اک جي روشنائي حاصل ڪيائين، ۽ ان جي اچائيءَ کي جهان تاب آفتاب خيال ڪري، اخلاص واري دل روشن رکيائين".

قانون تيرهون: مڪتوب جي تعريف ۽ تعظيم ڪڏهين اهڙيءَ طرز سان ڪن ٿا، جنهن ۾ ان جي اچڻ جا صوري ۽ معنوي فائدا بيان ٿين ٿا. ايءَ به وڏن جي نسبت مخصوص آهي، ۽ هڪ جيڏن وچ به لائق ٿئي ٿي - جهڙو:

"ان ڪامگاريءَ جي صبح جو طلوع ۽ ان بختياريءَ جي نور جو ظهور، قديمي چاڪرن جي نالي وڏڻ ۽ مٿاهين مرتبي ٿيڻ جو سبب ٿيو".

يا: "قلم فيض رقم جا نوازش فرمائي، سا سرفرازيءَ جي مرتبن جو سبب، ۽ سعادت ۽ ڪارسازيءَ جو وسيلو ٿي".

يا: "ان عالي خطاب جي ڪڪر جي قطرن کان - جي ارادت جي چائنٽ جي خاڪ نشينن جي دل جي زمين تي نازل ٿيا- مرادن جا نهال سعادت ۽ اقبال جي پنن سان سينگارجي ويا".

يا: " پسڻ جو نور، جو جدائي جي ڏينهن جي سٽَ کان، "ظُلمات بعضها فَوقَ بعض" جي پردي ۾ لڪل هو، ان نوراني ڪتاب جي شعاع جي پرتوي کان - جنهن جي صفت " يَڪادُ سَنَا بَرقه يَذهبُ باالابصار" هئي "نورٌ عليٰ نُور" جي وصف کي رسيو". *

يا "اميدن جي وڻ ۽ حياتيءَ جي نهال تي جيڪو جدائيءَ جي همن جي گرم وائن لڳڻ کان سڪڻ ۽ ڪومائجڻ هو، سو خضر خاصيت قلم جي قطرن سان دفع ٿي ويو، ۽ بيهر تازگي حاصل ٿين".

يا "قسما قسم الطافن ۽ اعطافن سببان - جي ڪمال مهربانيءَ کان، ان معنائن جي جواهرن جي سونگي ۾درج هيون - فخر جو مٿو، آسمان جي اوج کان مٿي لنگهايان ٿو".

قانون چوڏهون: لازم آهي تہ خط جو مقابلو "دعا" يا "عذر" سان ڪجي - جهڙو:

---

* هي هڪ جيڏن سان لاڳو آهي.

وڏن ڏي - "ذره پروريءَ جي قسمن ۽ مرحمت گستريءَ جي فنن جو، عرش پهچندڙن دعائن ۽ جهان ماپيندڙ ثنائن سان مقابلو ڪجي ٿو". يا "هڪ هڪ حرف مقابل، هزار خذمت ۽ دعا، ۽ هڪ هڪ ڪلمي برابر، سؤ هزار مدح ۽ ثنا جي روز شب سان مُهات ڪري ٿو".

يا "قديمي خادم کي انهن لطفن سان سرافراز فرمايو اٿوَ، جي تقريرجي گهيري ۽ تحرير جي حد کان خارج آهن: ٻوءِ ان بنده نوازين جي شڪر جي ذڪر کان قلم جي زبان ڪيئن نه قاصر هجي، ۽ چاڪر پروريءَ جي ذڪرجي شڪر ۾ زبان جي قلم ڪيئن نه عاجز رهي!"

هڪ جيڏي ڏي - "ادب جي موچارائيءَ، ان مخلص نوازيءَ جي برابريءَ ۾ - دعا جي وظيفن ۽ مدح ثنا جي روايتن ڌارن - رخصت نه ڏني". يا "ان لطيف عميم جي عيوض، قادر ڪريم اوهان تي لطف عظيم فرمائي". يا "اڳاٽن دلي دوستن جو احوال پڇڻ ۽ قديمن خير خواهن جي يادگيري ڪرڻ، تو مخلص نواز جي موچارن اخلاقن کان عجيب نه آهي، ۽ راقم آثم کان، محض اخلاص جي دعائن سوا، هڪ حُرف جو شڪريو ادا ٿيو نٿو سگهي".

قانون پندرهون: ڪڏهين، مڪتوب جي مضمون مان صحت ۽ سلامت ۽ ڪاتب جي احوال جي سعادت سمجهي، مڪتوب اليه بدران شڪر ادا ڪجي ٿو - جهڙو:

وڏي ڏي - "جناب جي سلامت جي دليلن جي گهڻائيءَ ۽ متانهن مرتبن جي پذرائيءَ تي، الاهي شڪر ۽ حضور جي ثنا دمادم نيازمندن تي واجب آهي". يا "ان عالي خطاب جو مضمون پروڙ ۾ آيو، ته سبحاني فيض جا اثر، مرادن جي صفحن تي پڌرا، ۽ رباني فضل جا نور، اقبال ۽ ڪامرانيءَ جي پيشانيءَ تي پيدا آهن، تڏهين الاهي شڪر جو سجدو بجا آندو ويو."

هڪ جيڏي ڏي - "دوستن جي صحت ۽ سُرور ۽ جميعت ۽ حضور جو احوال معلوم ڪري، حمد جيون رسمون ء شڪر جا لوازم مهند ڪيا ويا". يا "خط جو مضمون، بشارت جي نوعن تي مشتمل ء سعدت جي قسمن تي متڪفل هو، تنهن جي مطالبي، ۽ ان تي اطلاع سبب، بالغدو والا صال حضرت ذوالجلال جو حمد لاڳيتو آهي".

قانون سورهون: مڪتوب جي جواب ڪان عاجزيءَ جو اظهار، پهرئين ڪاتبَ جي تعريفَ تمام آهي، ۽ انهيءَ جوابي مڪتوب ۾ اول عجز جو بيان لکي، دعا تي اختصار ڪري، سگهو ئي احوال جي بيان تي اچڻ گهرجي، ۽ عجز کي مڪتوب جي پچاڙيءَ ۾ آڻڻ بہ جُڳائيندڙ تو ٿئي - مثلاً:

"فضل ۽ ڪرم جا جواهر، جي سعادت رقم قلم جي واسطي سان، اظهار جي ... ۽ اشتهار جي قطار ۾ پوتل هئا، ان جي برابر ۾، بي مقدار نکر ۽ اعتبار جي درجي ڪان ڪريل ڪوڏيءَ ڪي، جواب ڏيڻ جي طبق تي رکڻ، عين جهل ۽ محض بي ادبي آهي". يا "قلم کي ان عالي خطاب ... ي مقابلي ۾، عجز جي مقام ڪان، چرڻ جي مجال ڪانهي ۽ خط کي ان سگورائيءَ جي ڪتاب جي برابريءَ ۾، دعا جي وظيفي سان ويڙهجڻ ڪونهي."

اهڙيءَ طرح بيا قانون گهڻا آهن، پر دانشمندن ڪاتبن کي ڪا بہ حاجت نہ آهي، ۽ سکندڙن لاءِ هيتري ۾ ڪفايت آهي.

جي لکڻ مان غرض رنگين عبارت آهي، سا عوام سمجهائڻ کان سواءِ ڪٿان سمجهي سگهندا! سراسري مضمونَ سوَ هزار پيا لکن. ۽ انهن ۾ هن کان اڳ بہ انشائون ڇپيلون بہ ٿيون ڏسجن: تنهنڪري سليس عبارت جي سيکارڻ جو ضرور بہ نہ آهي، ۽ اڳ حاصل ٿيل جو حاصل ڪرائڻ منظور بہ نہ آهي.

ٻيو، تہ انشا جو فن اهڙو نہ آهي، جو استاد جي سيکارڻ سواءِ، ڪنهن عقل يا علمء جي زور تي ڪنهن کان برابر اچي سگهي: فارس ۽ عرب ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو سڀيئي، جاسين تائين استاد کان تعليم نٿا وٺن، تاسين تائين پنهنجي ملڪ جي زبان ۾ انشائن نهيلن مان پورو مطلب نٿا سمجهن. اهو خيال ڪنهن جو نٿو نهي تہ جنهن ٻوليءَ ۾ عبارت شناسي ٿيِس، تنهن ۾، جنهن فن جو ڪتاب هوندو تنهن مان، احسان ڏاران، مڙيئي مطلب سمجهي سگهندو - ڪنهن ڪي اها دعوا هرگز نہ رسندي:

"هرآن ڪاري ڪه بي استاد باشد،
يقين دانسي ڪه بي بنياد باشد!"

تنهن ۾، سيڪنهن فائدي وٺندڙ تي لازم، تہ هن انشا جا مضمون سبق سبق ڪري استاد وٽان پڙهن - تہ متان، پنهنجي بي سمجهيءَ کان، پاڻ ڪي ڏوهہ نہ ڏيئي نلها سکڻا اعتراض پيا ڪن:

"نہ پوءِ بي سمجهہ جي باتين جو هرگز،
ڪري پڌري جو پنهنجي ناقصائي:
انڌو چمڙو اهو چئبو جو بلڪل،
پسي تو ڪين سورج جي سهائي!"

الحمد للّٰہ! جو سڀوري وقت، مهني ذوالحج جي پهرئين ڏهي ۾، سال 1312 هجريءَ ۾، هي ڪتاب لاجواب "هداية الانشا" نهي، سراپا گناہ ٻانهي هدايت اللّٰہ، تخلص "مشتاق" جي قلم ساده رقم سان لکجي، شائقين جي خذمت ۾ هديو ٿيو!

تاريخ "هدايت الانشا" جي پوري ٿيڻ جي، مصنف جي جوڙيل

"آهہ هيءَ "مشتاق" جي انشا عجيب"، - 1312
"اهل انشا جي جو فخر آهي بجا" — 1312
"سنڌ جو سينگار انشا نقش نو" — 1312
ناهي انهيءَ ۾ ڪو مُنهن دعوا وَڌا.

جـــو ڏســـي، وه "خـــط فرحـــت" جـــ چـــوي،- 1312
"وه جـــا ان جـــي طـــرز زيبـــا خـــوش نمـــا"،- 1312
"اِجِ ادا ڪـــُـــل جـــو وڌائـــي ذوق شـــوق"، - 1312
"عشـــق وارن ڪـــانءِ تحفـــو بـــي بهـــا"، - 1312
چـــو نـــ عاشـــق چـــوء "تسليـــة الفـــراق"،- 1312
"ســـڪ جـــي ســـڪيـــَن جـــو نســـخو دلڪشـــا"،- 1312
سـچ سـخن منهنجـي ۾ نـاهي ڪـا "ڪچـي"،- (33)
"عاشقي معشوق کي لاڪس روا" - 1345 -(33) - 1312
واه جا تاريخ تنهنجي دل چئي:
"ڏيِ ڏَڌل جـــا شـــوقيا "مشـــتاق" جـــا"! - 1312

<u>ٻي تاريخ</u>

آهـــ اِجِ انشـــا جـــو تـــازو ٿيـــو بهـــار،
خـــوب خطـــن جـــا ڪليـــا گـــلزار گـــل،
چـــوَ چمـــن بنـــدي ڪـــري، "مشـــتاق": "واهـــ" - (12)
"زيـب جـي دامـن جـا خوشـبودار گـل!" - (1300 + 12) - 1312

مصنفن پنهنجي جوڙيلن ڪتابن ڪي عام فائدي پهچائڻ جي مد نظر تي، "نسخہ انشا مفيد عام" نالو ڏيئي، ڪٿي تـُحفي طريق ڪنهن يار دوست ڏي موڪليو هجي، تہ بہ هن "تحفجات هدايت" جهڙي "بي بها ارمغان" ڪٿي آهي! هن انشا جي هر هڪ خط پڙهڻ کان اهڙو مزو ۽ اهڙي فرحت تي اچي، جو سندس سين خطن کي اصلي "خطوط فرحت" ڪٿي نالو ڏجي تہ شايان آهي، ۽ جي هر هڪ جي ظرافت ۽ حرفت ڏسي، "خطوط حرفت" سڏجين تہ بہ بيشڪ سزاوار آهي! جنهن مهل هن قانونن ۽ ادبن جي جامع، "رسم الخطي انشا" ڪي- جنهن کي پهرين ڏسڻ سان ادنيٰ خواه اعليٰ، عجب ۾ اچيو چوي ٿو تہ "بلي، انشا" سنڌي سخن ساز آهي" - زماني جي عام شائقن جي مجلس جو هديو ڪري هلائجي، تنهن مهل پل تہ سندس پيشانيءَ تي لکي ڇڏجي تہ "سنڌي انشا پلي هديہ عصر تي"، ۽ جي وري ڪيس اميرن سردارن جي دربار جي زينت ڪري چاڻجي، تہ بيشڪ سندس اچي رو پهري پني جي سري تي سونهري اکرن ۾ لکجي تہ "سنڌي انشا" پلي زيب دربار تي" -- غرض تہ، عيش ۽ عشرت وارا نوجوان هڪ ٻئي ڏانهن ديداري ۽ مزيداري ڇهر بهر جا خط لکي، خط وٺي، ڪيس پنهنجي لاءِ ڪٿي "ڪعبہ مراد عشرت" ڪندا، تہ انهيءَ لاءِ بہ هيءَ انشا اڻ ڳس آهي.

جهڙو ساءُ سندس عبارت آرائيءَ ۽ نثر مان اچي ٿو، تهڙو مزو سندس رنگين نويسيءَ ۽ نظم مان ملي ٿو، جهڙي مصنف جي قابليت خطن جي نمونن ۽ ترتيب مان ڏسجي ٿي، تهڙي سندس علميت خطن جي صنعتن ۽ تلازمن جي ترڪيب مان پسجي تي - پر افسوس، جو ههڙن قابلن ۽ فائقن لاءِ، قدردان سردارن ۽ منعم اميرن جو قحط الرجال پڪڙي ويو آهي، جنهنڪري سندن قابليت عام خاص کان ڍَڪي، سندن اندر ۾ رهي پيئي آهي!... شال اهڙين سڄاين محنتن جو صلو ۽ اهڙين مفيد عام نيتن جو پلو پاڙو، ڏيهن جي ڏاتار کان عطا ٿين! فقط والسلام.

-- احقر محمد صلاح الدين عفي عنہ

# تاريخ (فارسي)

جناب ميان محمد صلاح الدين صاحب، تخلص "احقر"

زهي انشاي سندهي شد هويدا
کہ گرديده است بروي قلب شيدا
براي راحت روح است ريحان

چه ريحان بلک زو صد چند بالا
چه نثرش نثر هر يک جمله دلکش
چه نظمش نظم پروين چون ثريا
مضامينش لطافت خيز بوده است
کلامش پرظرافت وه چه زيبا
فَلِلّه دَرُ قائل چون نوشته ست
کلامي جامه از کلفت معرا
براي رسم خط قانونها نيز
بقيد کلک آورده ست هرجا
خطوطِ پر صنايع هم بدايع
گواهِ قابليت داد حقا
زتصنيفاتِ قاضي، زبدة الحاج
هدايت الله "مشتاق" است "انشا
چه گونه پس نه باشد قابل وصف
مصنف چونکه باشد مرد دانا
بعلم و فضل گوي سبق برده ست
بتقوي کرد خود را زيبِ دنيا
تعالي الله باوصافِ حميده
خهي معمور محبور ست طوبيٰ
چو پرسيد "احقر" از هاتف سن انشا
"رنائم سندهي "مشتاق" گفتا

1312

## بي تاريخ (فارسي)

نه اين انشا ست بل آشوب دلها
مضامينش همه محبوب دلها
چو پرسيدم ز دل تاريخ تصنيف
بگفتا: هديه مرغوب دلها"

1312

# تاريخ (سنڌي)

جوڙيل وڏي ڀاءُ، پيءُ جي جاءِ

قاضي محمد عنايت الله صاحب، تخلص "اضعف"

تعــالي الله، زهــي، عمــده تريــن انشـــا آهــي ڇــاپي!
هجــي هــن فــن جــي شــوقينن كــي لک لک وار واڌائــي!
"ظهـوري" نثـر تنهنجـي تـان ڌو گهـوري نثـر پنهنجـي كـي،
بلاغــت نظــم جــي ۾ ڇــو نــہ ٿئــي حيـران صهبـائي!
ورهيہ ڇاپڻ سندو هاتف چيو "اضعف" كي "كـِـل" ڏاران: (50)
"عجـائب دلپســند انشـا آهــي مخــدوم ڇاپــاي!"

1312 - (50) - 1362 هـ

الحمد الله! هيءُ كتاب انشا جي فن جو جنسار، بلك سنڌي زبان جو سينگار، بلاغت جو زوق وڌائيندڙ، سحر حلال سان معشوقن كي بہ پنهنجو عاشق بنائيندر، انشا سكندڙ لاءِ استاد شفيق، عشق آزاريل لاءِ وروهينـدڙ رفيق، ڳالهہ جي موڙيءَ كي رونق ڏياريندڙ، پراڻن مضمونن كي جياريندڙ - جنهن جي ڇپڻ جي تاريخ ۾ جناب والا خطاب، بليغن جي مدار، فصيحن جي افتخار، زماني جي جنسار، سُحبان جي يادگار، اعجاز بيان، نازك خيال، عالي فكر، عديم المثال، حضرت سيد حاجي غلام محمد صاحب "گدا" ادامه الله تعاليٰ بالفضل والندي، پنهنجي قلم جادو رقم سان تحرير فرمايو:

بــــارك اللہجــــاپجي تيــــار ٿــــي،
هــيءَ هدايــت بخــش انشــا بــي نظيــر!
نثــر تــي ان جــي نگارســتان نثــار،
محــو فقــرن تــي ســندس مــُـلا منيــر!
ان جــا طــالب علــم جــا طــالب تمــام،
ان جــا شــائق جــا ٻجــا برنــاۋ پيــر.
ان جــي ڇپجــن جــي ســگهو تــاريخ خــوب،
اي "گــدا" لک: "وه چــه انشــا دلپذيــر!"

1312

ءِ نکتہ سنج، سخندان، شيرين بيان جناب حافظ عبدالحميد صاحب "شائق" فارسيءَ ۾ چيو:

حمــــد آن منشــــئ حقيقـــــي را
شــد بانشــاي او امكــان و مكيــن.
طبــع شــد ايــن "هدايــت الانشــا"
بزمـــانِ ســـعيد وحســـين بهيـــن
نسخـــهٔ نـــادر زمانـــه نجيـــب
فرحـــت افـــزاي نـــاظرين ســـهين
بعبـــارات نثـــر دُر منشـــور
بمضـــامين نظـــم دُرِ ثميـــن
خوبـــئ دلربـــائئ صفحـــاتش
چـــون رخ گلرخـــان هســـت حسـين
همچـــو گيســـوي عنبريـــن نگـــار
هـــر يكـــي ســـطره اش بزينــت و زيـن
چـــون بـــود خـــال برعـــذار حبيـــب
همچنـــان بـــر حـــروف نقطـــه ببيـــن
بـــاهزاران عيـــن خلـــق نـــه ديـــد
در چنيـــن نثـــر نامـــهٔ رنگيـــن
از پـــئ نفـــه و فيـــض خلـــق جهـــان
كـــرد "مشـــتاق" بسكـــه ســـعي هميـــن
حـــق دهـــادش بفضـــل خيـــر جـــزا
رحمـــت رب دائمـــاش قريـــن
چـــون پـــئ ســـال طبـــع و تصنيفـــش
گشـــت "شـــائق" بخـــوض و فكـــر چنيـــن
هاتف غيـــب گفـــت: گـــو وه واه!- (23)
دلكشـــ گلشـــن مكـــاتب يـــن"

1289 + (23) - 1312 هـ

# ڪتاب ۾ ڪم آيل عربي، پارسي فقرن ۽ بيتن جي معنيٰ

ص 11 : بسم الله الرحمٰن الرحيم = شروع الله جي نالي سان، جو بخشيندڙ مهربان آهي.

ص 19 : سلمه الله تعاليٰ = شل متاهون ڌڻي ڪيس سلامت رکي.

ص 21 : سبحان ذي الملک و الملکوت = پاڪ آهي اهو ڌڻي، جو ملڪ ۽ ڪائنات جو مالڪ آهي.

ص 22 : يحبهم و يحبونه = هو انهن سان ته محبت رکي، ۽ اهي سائس تا محبت رکن.

" " : يفعل الله ... الخ = الله جيڪي ته چاهي سو تو ڪري، ۽ جيڪو ارادو ته ڪري تنهن جو حڪم ته ڏئي.

ص 23 : عليکم ... الخ = اوهان تي سلامتيون ۽ تعظيمون هجن.

ص 24 : سلمه المنان = شل احسان ڪندڙ ڌڻي ڪيس سلامت رکي.

ص 24 : والقيت ... الخ = مون توتي پنهنجي طرفان محبت وڌي.

" " : رب ارني = خدايا! مون کي پاڻ پساءِ.

ص 34 : دام الله اقباله = شل الله سندس اقبال هميشه رکي.

ص 35 : دام اشفاقه = سندس شفقتون سدا هجن.

ص 35 : واحسنوا... الخ = چڱائي ڪريو. بيشڪ الله چڱائي ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو.

ص 36 : دامت فيوضاته = شل سندس فيض هميشه هجن.

ص 42 : المامور معذور = حڪم ڪيل لاچار آهي.

" " : ادام الله... الخ = شل الله سندس پلايون مخلوقن تي هميشه رکي.

ص 43 والسلام ... الخ = سنئين واٽ تي هلندڙ لاءِ سلامتي آهي.

ص 44 : فاسئلوا.... الخ = جي نه ڄاڻو ته ڄاڻپ وارن کان پڇو.

ص 47 : خذبيدک... الخ = ٻهارو هٿ ۾ ڪٺي ڏک هٽينس ۽ قسم نه پڄ.

ص 47 : اللهم ارنا... الخ = خدايا! تون اسان کي حق، حق ڪري ڏيکار ۽ ان جي تابعداري نصيب ڪر، ۽ باطل، باطل ڪري ڏيکار، ۽ ان کان پاسو نصيب ڪر.

ص 94 : ادخلوها بسلام = هن ۾ سلامتيءَ سان گهڙو.
ص 97 : الحمد لله والمنة له = ڏٿيءَ جون تعريفون ۽ ان جا احسان
ص 99 : الحمدلله الذي اذهب عنا الحزن = ڏٿيءَ جون واڪاڻون، جنهن اسان تان غم تاريو.
ص 102 : اخذنا... الخ = سمنڊ کان ورتوسون ۽ ان ۾ پکيڙيوسون.
ص 103 : واوفو... الخ = پنهنجا انجام پاڙيو، بيشڪ انجامن جو بہ پُڇاڻو ٿيندو.
ص 104 : لازم الملام = ڇينڀ جوڳو.
ص 104 : والموفون... الخ = هو، پنهنجن انجامن کي ٻڌڻ بعد پاڙين ٿا.
ص 104 : اذا وعد خلف = جڏهين وعدو ڪري تہ ٽوڙي.
" " : الكريم اذا وعدوفا = سخي اهو آهي جو جڏهين وعدو ڪري تہ پاڙي.
ص 106 : العدة دين = وعدو قرض آهي.
" " : خلاف العياد ... الخ = دوستن سان وعدو ٽوڙڻ دشمن جي لچڻ مان آهي.
ص 110 : لله في الله: خدا ڪارڻ
" " : در دل ..... الخ = دوست جي دل ۾ هر ڪنهن رنگ سان واٿ ڪرڻ گهرجي، بندگي نہ پڇي تہ گناهہ ئي ڪرڻ جڳائي.
ص 116 : پاي گدا... الخ = فقير جا پير منڊا ناهن ۽ خدا جو ملڪ سوڙهو ناهي.
ص 117 : واصفح الصفح الجميل = سهڻيءَ طرح سان معاف ڪر.
ص 119 : وخلق الانسان ضعيفا = انسان خلقيل ئي ضعيف آهي.
ص 120 : ظلمات بعضها فوق بعض = اونداهين تي اونداهيون.
ص 121 : فاعفوا واصفحوا = درگذر ڪريو ۽ بخش ڪريو.
ص 121 : زبان عذر .. الخ = عذر جي زبان ڪاوڙيل پروئن کان آرام وجايو، ۽ سٺيءَ زبان وارن جي گفتي سيني مان ڪينو ڪڍي ڇڏيو.
ص 122 : ان الظن... الخ = گمان، حق کان هرگز بي نياز نٿو ڪري.
ص 123 : ان جاءُ ڪم فاسق بنبا = جڏهين اوهان وٽ ڪو بدڪار ڪا خبر آڻي ( تہ ان جي جاچ ڪريو ).
ص 123 : استغفرالله العظيم = عظمت واري ڏٿيءَ کان بخشش ٿو گهران.

ص 124 : العفو عند القدره = بخشش، سندس قدر موافق.
" " :والكاظمين الغيظ = (چڱا ماڻهو) ڪاوڙ ڪٺيندا آهن.
ص 124 : خذالعفو = در گذر اختيار ڪر.
" " : ومن عفا واصلح = ۽ جنهن معاف ڪيو ۽ سدارو ڪيو (ان جو اجر خدا تي آهي).
" " : واعف عنهم = ڪين معاف ڪر.
" " : حبل متين = سگوري رسي.
" " : والعافين عن الناس = (چڱا ماڻهو) ماڻهن کي معاف ڪندڙ آهن.
ص 125 : كفيٰ باالله شفيع للمذنب = گنهگار لاءِ خدا وٽ پارت ڪندڙ ڪافي آهي.
ص 128 : القناعة كنزلا ينفد = قناعت اڪٽ خزانو آهي.
ص 129 : من كل.... الخ = پر انهن رستن ۾ ڏکين پيچرن کان اچن ٿا.
ص 130 : السلام عليكم وعلي من الديكم = اوهان خواه اوهان وٽ وينلن تي سلام.
ص 133 : التائب من... الخ = گناهن کان توبه ڪندڙ اهڙو آهي جو ڄڻ مٿس گناه ئي ڪونهي.
ص 140 : من دخله كان امنا = جيڪو منجهس گهڙيو سو امن وارو ٿيو.
" " : من زار قبري... الخ = جنهن منهنجي قبر جي زيارت ڪئي ان لاءِ شفاعت واجب ٿي.
ص 141 : لقد من... الخ = بيشڪ الله اوهان تي احسان ڪيو. جڏهين اوهان جي جنس مان اوهان ۾ رسول مقرر ڪيائين.
ص 141 : لئن شكرتم... الخ = جيڪڏهين اوهين شڪر ڪندؤ تہ ضرور آءٌ بہ اوهان کي وڌائيندس.
" " : واما... الخ = ۽ تنهنجي رب جي نعمت کي بيان ڪر.
ص 143 : الضرورات... الخ = ضرورتون ڪوتاهين کي بہ جائز ڪن ٿيون.
ص 145 : لله في الله= خدا ڪارڻ.
ص 149 : ان مع العسر يسرا = مشڪلن سان گڏ آسانيون بہ آهن.
ص 154 : تنزل... الخ = قران جي وسيلي اهو موڪليائين. جو مومنن لاءِ شفا ۽ رحمت آهي.
ص 156 : انما يعمر ... الخ = خدا جون مسجدون فقط اهو آڏائيندو. جو خدا کي مڃيندو.

" " : التي لم... الخ = جنهن جهڙو ملڪن ۾ نہ نهيو.
" " : والبيت... الخ = اڏيل جاءِ ۽ اتاهين ڇت.
ص 156 : من بني ... الخ = جنهن الله لاءِ مسجد ناهي، تنهن لاءِ الله بہ بهشت ۾ گهر ناهيندو.
ص 156 : انا لله ... الخ = اسين الله جا آهيون ۽ ان ڏي ئي موٽنداسون.
" " : كل نفس... الخ = هر شخص موت چکندو.
ص 161 : انما... الخ = صابرن کي بي حساب اجر ملندو.
ص 163 : ان الله ... الخ = الله صبر وارن ساڻ آهي.
ص 164 : دفن ... الخ = نياڻيون پُورڻ بہ يلارو ڪم آهي.
ص 183 : جوابِ تلخ ... الخ = مناڻ چپاڙيندڙ ڳاڙهن چپن کي، ڪڙو جواب ٺو سونهي.
ص 188 : حفظ الله تعاليٰ = ڌڻي سنڀال ڪريس.
ص 193 : يا رب ز راه... الخ = يا خدا ! تون مهربانيءَ جي واٽ سان، مون کي پنهنجي بهار وٽ رساءِ، منهنجو هٿ وٺ، ۽ مون کي پنهنجي وطن طرف رساءِ! منهنجيون اکيون روئڻ سبب بهار جي ڪڪر وانگر آهن: مون تي ڪو رحم ڪر، منهنجي تازيءَ بهاريءِ وٽ رسائينم!
ص 195 : واذا... الخ = ۽ جڏهين آءٌ بيمار ٿو ٿيان، تڏهين هوئي مون کي شفا ٿو ڏئي.
ص 200 : الفريق... الخ = ٻڏندڙ هر ٻوڙي سان لٽڪي.
ص 201 : فهو المراد = تہ اها ئي مراد!
ص 210 : توكلت علي الله = الله تي ڀروسو ڪيَمَ.
ص 213 : الجنون فنون = چريائي بہ هڪ هنر اهي.
ص 228 : در رهِ ... الخ = عشق جي واٽ ۾ منهنجي دل ڪنهن جي تير جو نشانو بني، منهنجو زخم ڪنهن جي بہ تدبير سان ڇاڪ ٿيڻو ناهي.
ص 229 : بلبل از... الخ = بلبل جيڪڏهن تو کي باغ ۾ ڏسي تہ جيڪر گل کي ڇڏي ڏئي، جيڪڏهين برهمڻ تو کي ڏسي تہ جيڪر بت پرستي ڪئن ڪري؟
ص 235 : انما المومنون (اخوة)= مومن تہ پاڻ ۾ ڀائر آهن.
ص 235 : فاصلحوا... الخ = پوءِ پنهنجي ڀائرن ۾ صلح ڪرو.

" " : لا تتخذوا ... الخ = پنهنجن بنا ٻيا دلي دوست نہ بڻايو.
ص 243 : ومن ... الخ = اسان هر ڪنهن جنس مان جوڙا بنايا آهن.
" " : فعل... الخ = ڏاهپ واري جو ڪو بہ ڪم ڏاهپ کان خالي نہ آهي.
" " : ان مع ... الخ = سختين سان گڏ آسانيون بہ اهن.
ص 246 : من كثر... الخ = جنهن بہ ڪنهن قوم جي ٽولي کي وڌايو، سو انهن مان اهي.
ص 262 : الحمد لله والمنة لہ = الله جون واکاڻون ۽ سندس احسان.
ص 265 :انزل ... الخ = ماڻهن وٽ سندن حال موافق پهچايو.
" " : كلموا ... الخ = ماڻهن سان سندن عقل موافق ڳالهايو.
" " : هوالغفور = هو ئي بخشيندڙ آهي.
" " : هو الحي القيوم = هو ئي سدا جيئرو ۽ قائم رهندڙ آهي.
" " : هوالشافي = هوئي شفا ڏيندڙ آهي.
" " : هوالمحسن = اهو ئي احسان ڪندڙ آهي.
ص 265 : هوالعزيز = هوئي عزت وارو آهي.
" " : هوالعليم = هو ئي علم وارو آهي.
" " : هوالحفيظ = هو ئي سنڀاليندڙ آهي.
" " : هوالحكيم = هو ئي ڏاهو آهي.
" " : كل حزب.... الخ = هر جماعت وٽ جيڪي آهي ان تي خوش آهي.
ص 267 : من احب = جڪو ڪنهن کي وڏيڪ پسند ڪري ٿو، ان جو ذڪر گهڻو ڪري ٿو.
ص 268 : هوالمجيب = هو ئي جواب ڏيندڙ آهي.
" " : وهو ... الخ = هوئي ڪتاب موڪليندڙ آهي.
" " : وَهوالذي..... الخ = هوئي اهو آهي جنهن ڪتاب موڪليو.
ص 270 : اني ...الخ = مون ڏانهن سڳورو خط اچلايو ويو آهي.
" " : الحمد ... الخ = خدا جا شڪرانا، جنهن پنهنجي ٻانهي تي ڪتاب لاٿو.
ص 271 : ظلمات ... الخ = اونداهين تي اونداهيون.
ص 274 : كرم ... الخ = الله سندس منهن سڳورو ڪيو اهي ۽ الله ڪانئس راضي ٿيو.

جڏهن انشا جو اصل، محفل جي ادبن ۽ روز مره جي محاوري تي قائم ٿيو، تڏهن خيال ڪرڻ گهرجي ته جي خبر ڏجي ونجي ٿي، ته پوءِ ٻيون ڳالهيون ٿين ٿيون. سو خط ۾ به خطاب جي بجاءِ القاب يعني تعريف جا اهڙا ڪلما، جي مڪتوب اليه جي مرتبن سان موافق هجن ۽ اُن جي صفتن ڪي پڌرو ڪن، ۽ سلام جي بجاءِ ادب، يعني اُهي ڪلما ۽ فقرا، جن مان تعظيمون ۽ نياز لين، يا دعا يا شوق جا مضمون ۽ سلام جا لفظ پروڙجن، ۽ ڪيڪار جي بجاءِ طرفين جي خير عافيت ۽ ڪي لفظ يا فقرا لکجن، پوءِ به دعا جا لفظ لکڻ گهرجن. پر جي دعا يا شوق يا ڪنهن ٻئي مطلب سان موافق مضمون ۾ ڪو بيت خط جي اول يا آخر يا وچ ۾ لکبو، ته ڳالهه جو زيب ٻيو ٿيندو، ۽ نظم نثر ڪي پوريءَ زينت جو دل وٽندڙ وڳو ڏڪائيندو: اگرچ نثر جمال جي منهن ڪان سون وانگر آهي ۽ نظم حسن ۾ گوهر وانگر، ۽ سون ۽ گوهر ڏار به زينت ڪن ٿا، پر جڏهن پاڻ ۾ گڏبا، تڏهن ڪهڙو نه جنسار ڪندا!

هدايت الله -

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.